
هک نظر هيڏانهن بِ

(مضمون)



احمد شاکر

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هک نظر هیڈانھن بِ

(مضمون)

احمد شاکر

کنول پبلیکیشن قنبر

BOOK NO: (262)

حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: **هڪ نظر هيڏانهن ۾**

موضوع: مضمون

ليکڪ: **احمد شاکر**

پهريون چاپو: ڊسمبر **2019** ع

ڇپيندڙ: **ڪنول پبليڪيشن، قنبر**

ڪمپوزنگ: سيپتا پبليڪيشن، حيدرآباد

ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

سمباره/ڪنول بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو- حيدرآباد.

پتائي بڪ اسٽور، ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد.

ڪويتا ڪتاب گهر، حيدرآباد، ڪائيواڙ بڪ شاپ، اردو بزار ڪراچي

رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو. المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ

سليمان برادرس، نواب شاهه. مدني بڪ اسٽور، دادو

سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر، سارنگ ڪتاب گهر، سکر

ٽر ڪتاب گهر، مٹي. سراج بڪ اسٽور، قنبر

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پياري ڪومل

علي آڪاش

رحمت سومرو

۽

پنهنجي پڙهندڙن

جي نانءَ

سٿاءُ

سِلو انگوران پلو — ذوالفقار گاڏهي — 09

پنهنجي پاران — احمد شاڪر — 47

- ڏاهيُون ڏڪ ڏِسن — 51
- سنڌ جو سائين، سائين جي ايم سيد — 59
- آجپي جي اجري صبح جو تمنائي — 63
- سنڌ جا شهيد — 65
- بلبل جي نشاني افسوس — 70
- ماڻهو مٽياندار، سيد علي اڪبر شاهہ — 74
- سنڌوءَ جي سير، علي بابا — 77
- موهن جو درد، ورهاڱي جو درد آهي — 80
- هي ڪرشن جو ڪمال آهي — 85
- خوبين واري ڪاڻ — 91
- ماڻڪ مُٺ سندوم — 95
- اڪبر جسڪاٽي، ٻاراٽي ادب جو نرالو نانءُ — 101
- سو هِي آهي علي — 106
- خود رنگ شاعر گلزار — 133
- اسان جو احمد — 142
- ڪرٽو ـ اميد جو ڪرٽو — 146
- اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا — 149
- محبت معجزو آهي — 155
- دل جي حضور مان — 160

- ٽي شاندار ليکڪ 165
- راتين جو رولاڪ 172
- شاعر ۽ شاعري 178
- هينئڙو ٽنگ پروڙ 183
- جدائي جيءُ جهوري ٽي 186
- منهنجي مطالعي هيٺ آيل ڪتاب 190
- ريشمي احساس 202
- شعور جو سرچشمو ڪتاب هوندا آهن 207
- هڪ نظر هيڏانهن ٻي 217
- وصل جو ڪاڄ 221
- هيءَ شميم آهي ۽ هيءَ شاعري آهي 225
- بارش کان بارش تائين 229
- سوجهري جو سفير 233
- لک ڪلڪ تون لک 242
- شاندار- جئي پرڪاش 250
- نيٺ مون ڏي ڇو ڪٽي ٽي شاعري 262
- ڪارائتو ڪم 268
- نئون نياپو ۽ لکيل ٽي خط 271
- آڳم اڪڙين ۾ 276
- ڪيهر جيءَ جي ڪيڄ ۾ 282
- ڳالهه ٻولهه 298

مهاڳ

سِلو انگوران پلو

'هڪ نظر هيڏانهن ٻِ'۔ هي احمد شاڪر جي مضمونن جو گلدستو آهي، جنهن ۾ احمد پنهنجي نظر ئي کي، پنهنجي مطالعي کي هڪ عالم جيان وچائي ڇڏيو آهي۔ مطالعو ايئن ڪبو آهي۔ احساس ايئن سهيڙيا آهن۔ هن ڪتاب ۾ احمد جو مطالعو سر چڙهي ڳالهائي ٿو۔ توهان سندس عمر ۾ مطالعي جو تجزيو ڪندا۔ توهان کي حيرت ٿيندي۔ هي هن جي عمر کان مٿي جون ڳالهيون آهن۔ پر هي قدرت طرفان دين آهي۔ اها دين جنهن جي نصيب ۾ اچي۔ احمد پاڳوند آهي. جنهن کي اهڙي ذات دين ٿي آهي۔ هن جي پهرين سجاٽ ته هڪ شاعر جي آهي۔ ۽ بعد ۾ هُو نثر نگار آهي۔ سنڌيڪار آهي۔ پبلشر آهي۔ اها بي ڳالهه آهي ته هن پنهنجو ڪو شاعريءَ جو پورهيو سامهون ناهي آندو۔ ان ۾ هن جو ڪو خوف شامل آهي ته اها بي ڳالهه آهي. جڏهن ته هو شاعر۔ ڏسڻ جهڙو شاعر آهي۔ اسان سندس شاعريءَ کي ڪٿي به پيش ڪري سگهون ٿا۔ اها پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ هڪ مڪمل ۽ سگهاري نظر ايندي۔ اها هن جي فڪري سگهه ئي آهي جو هن، هن وقت تائين جيڪي به ڪتاب اسان جي هٿن ۾ ڏنا آهن، اهي ڏاڍا سگهارا آهن۔ پوءِ اهي هن جا ترجمو ڪيل ڪتاب هجن يا وري ڪتابي سلسلي اباڻيل جا پرچا هجن۔ اهي توهان کٽي ڏسو. اهي توهان کي هلڪا ڦلڪا يا سطحي ڪونه لڳندا۔ ۽ اهو موجوده ڪتاب جو اوهان جي هٿ ۾ آهي۔ هن جو ڪوبه مضمون اوهان کي مايوس نه ڪندو.

هن ۾ الاهي سارا مضمون آهن۔ اهي سياسي آهن۔ سماجي آهن۔ علمي آهن۔ ادبي آهن۔ حشو ڪيولراماڻي، سائين جي ايم سيد، عبدالواحد آريسر۔ اهي سنڌي سياست توڙي ادب جا تمام وڏي ڪئليبر جا نالا آهن۔ ۽ هن، انهن تي ايڏا ئي وڏا مقالا لکيا آهن۔ هي انهن کي ايئن ڄاڻي ٿو ڄڻ هي انهن سان گڏ اٿيو ويٺو هجي، کاڏو پيتو هجي۔ ۽ اهو سڀ تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن انهن جو گهرو مطالعو هجي يا وري واقعي به اٿي ويٺي هجي ۽ گڏ کاڏو پيتو

هجي. تڏهن ئي اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏئي سگهجي ٿو- ۽ هن اهو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو آهي- ظاهر آهي اهو هن جي مطالعي جو ئي ڪمال آهي. ان لاءِ جو هن جو انهن مٿين هستين سان ڪائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ جو تصور به نه ٿو جڙي.

پر اهو مطالعو ته ٻيا به ڪندا آهن؟ پر ٻين وٽ اها محبت شايد نه هجي- جيڪا احمد وٽ آهي- ۽ اهڙا ڪم محبت کان سواءِ نه ٿا ڪري سگهجن.-

هن ڪتاب جو پهريون مضمون 'ڏاهيون ڏک ڏسن'-

هي مضمون هن حشو ڪيولراماڻيءَ تي لکيو آهي- حشو ڪيولراماڻيءَ کي سائين جي ايم سيد جو استاد سڏيو ويندو آهي. اها ڳالهه احمد جي هن مضمون ۾ به آهي ته اها ساڳي ڳالهه اسان جي شاعر پريم تنواڻي به پنهنجي هڪ نظم ۾ ڪئي آهي- اهو نظم حشوءَ کي پيٽا آهي. نظم ۾ فني فڪري ڪچايون آهن- مان ان ڳالهه کي نظر انداز ڪندي پنهنجي ڳالهه جي ثابتي لاءِ اهي سٽون هت ڏيڻ چاهيان ٿو- جيڪي منهنجي ڳالهه کي- احمد جي ڳالهه کي ٽيڪو ڏين ٿيون.

ديس گرو-
جي ايم سيد جو هئين
تون گرو.
تو جي ايم سيد کي،
ڪٽر مسلمان مان
ٻڌايو انسان.

هي مضمون جيڪو احمد لکيو آهي- اهو مدد علي سنڌيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب 'حشو ڪيولراماڻي - نه وسرندڙ شخصيت' ۽ محترمه پارس نواز طرفان ترتيب ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب 'سنڌي سرويج - حشو ڪيولراماڻي' تي سير طلب بحث آهي. ان ايڏي ڏاهي ماڻهوءَ سان ڇا وهيو واپريو اهو سڄو ان بحث هيٺ آندو ويو آهي ۽ نه رڳو هي به ڪتاب ان بحث جو حصو آهن- پر هن حشو تي لکيل ٻين ڪتابن کي به ان بحث ۾ شامل ڪيو آهي.

'سنڌ جو سائين، سائين جي ايم سيد'- هي هن ڪتاب جو ٻيو مضمون آهي- ۽ هن سائين جي ايم سيد جهڙي ڳوڙهي، مدبر، مفڪر تي پنهنجي محبت جا گل نڇاور ڪيا آهن-

هن سائين- جي شروعاتي جدوجهد کان وٺي پاڪستان جي قرارداد منظور ڪرائڻ تائين ۽ پوءِ ان جي مخالفت جو جواز ۽ ڄاڻايو آهي ته پاڪستان ٺهي وڃڻ کان پوءِ سائين ڏٺو ته پاڪستان جا ڪرتا ڌرتا سنڌ سان ماڻيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهيا آهن تڏهن سائين اهو فيصلو ڪيو ته هاڻي سنڌ - پاڪستان جو وڌيڪ بار نه ٿي برداشت ڪري سگهي ۽ ان پاداش ۾ هن جيڪي صعوبتون برداشت ڪيون ان جو به پورو وچور احمد پيش ڪيو آهي.

هن مضمون ۾ احمد- سائين جي سياسي ۽ علمي جدوجهد سان گڏ قلمي پورهئي تي به ڳالهه ڪئي آهي.- ۽ سائين جي ڪتابن تي به راءِ ڏني آهي.- ۽ جڏهن هن سائين جي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي ته هن اهي پڙهيا به هوندا- ۽ جيڪڏهن هن اهي سڀ جا سڀ نه به پڙهيا هوندا ته انهن جا اڌيا چوٿائي ته ضرور پڙهيا هوندا. جن مان هن ڪيترن جا نالا ڪٽي انهن تي پنهنجا ويچار به وندڀيا آهن. مثال هو چوي ٿو: جيڪڏهن سائين جي ايم سيد- 'سنڌ جا سورما' نه لکي ها ته اسان پنهنجي سچن موتين جهڙن هيرن کان ناواقف هجون ها ۽ پنهنجي دشمنن کي پنهنجا نجات ڏيندڙ سمجهي انهن جا ڳڙ ڳايون ها وينا. جنهن طرف اسان کي ڌڪڻ جون ڪوششون ٿيندڀيون رهيون به آهن ۽ ٿيندڀيون رهن به ٿيون- پر اها سائين جي ايم سيد جي مهرباني چئجي جنهن اسان جون اکيون کوليون ته انڌا نه ٿيو. پنهنجا دوست ۽ دشمن سڃاڻو- پنهنجن ۽ پراون ۾ پرک ڪريو- احمد جيڪا ڳالهه ان ڪتاب جو حوالو ڏئي سمجهائڻ چاهي آهي- ان جو اهو وچور آهي. لفظ منهنجا آهن- ڳالهه احمد جي آهي. ان لاءِ جو مان احمد جي سڃي جي سڃي ڪوٽيشن ڪٽندس ته ڳالهه طول پڪڙي ويندي- جڏهن ته مون کي احمد جون سائين جي ايم سيد جي حوالي سان گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن جيڪي هن سائين جي ايم سيد جي حوالي سان ڪيون آهن- هو چئي ٿو ته جيڪڏهن سائين جي ايم سيد 'پيغامِ لطيف' نه لکي ها ته اڄ اسان شاهه لطيف کي قومي شاعر بجاءِ هڪ پير ۽ مرشد طور ڄاڻون ها- ۽ اها صحيح ۽ تز راءِ ته آهي.- ۽ ٿورو اڳتي هو سائين جي ايم سيد جي ڪتاب 'سنڌو ديش جو ۽ ڇا لاءِ؟' تي پنهنجي راءِ ڪجهه هن طرح وندي ٿو- جيڪڏهن سائين اهو ڪتاب نه لکي ها ته اڄ اسان سنڌ کي الڳ ملڪ ۽

سنڌي قوم جي الڳ قوم تان هٽ ئي ڪٽي حڪا هجون ها۔ ۽ جي سائين 'سنڌي ڪلچر' نہ لکي ها تہ اسان پنهنجي ڪلچر کان بہ روشناس نہ ٿي سگهون ها۔

۽ ان کان سواءِ هن ٻين بہ ڪيترن ئي ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي۔ جيئن: 'جديد سياست جا نَوَ رَتن'، 'جيئن ڏٺو آهي مون'، 'سنڌوءَ جي ساڃاهہ'، 'ديارِ دل داستانِ محبت'، 'نئين سنڌ لاءِ جدوجهد' وغيره.

۽ هي اهي ڪتاب آهن، جن احمد جي ناهہ ٿوهہ ۽ گهاڙ گهٽ ڪري هن کي نو عمريءَ ۾ ئي بالغ نظري ڏئي ڇڏي آهي۔ ۽ انهي مطالعي کان سواءِ ڪو ماڻهو صحيح ماڻهو نہ ٿو ٻڌجي سگهي۔ اهي ڪتاب ئي آهن، جيڪي ماڻهوءَ کي ماڻهو ٿاهن ٿا۔ ۽ ماڻهو ماڻهو تڏهن ٻڌبو آهي جڏهن اهو ڏاهپ سان روشناس ٿيندو آهي۔ ۽ ڏاهپ سان روشناس ڪرڻ وارا ڪتاب هوندا آهن۔ ۽ هن اهڙن دقيق ۽ ڳوڙهن ڪتابن جو وڏي باريڪ بيني ۽ ڳوڙهائپ سان مطالعو ڪري انهن جو اپياس بہ پيش ڪيو آهي. جن کي ڪچا ذهن هضم ناهن ڪري سگهندا۔ ۽ هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. اهو ان جو گواهہ آهي.

'آڇي جي اجري صبح جو تمنائي' ۔ سنڌ جي قومي اڳواڻ۔ سائين جي ايم سيد جي سچي ساٿي عبدالواحد آريسر جي مرتئي تي تاثراتي نوٽ آهي۔ جيڪو پنهنجي ڀرپور تاثر سان عبدالواحد آريسر جي موت کي محسوس بہ ڪرائي ٿو تہ ان جي ڏک ۾ شامل بہ ڪري ڇڏي ٿو. ۽ اسان کي اهو احساس ڏياري ٿو تہ اسان پنهنجو ڪيڏو وڏو ۽ اهم ماڻهو وڃايو آهي.

'سنڌ جا شهيد'۔ هن مضمون ۾ احمد۔ ميهڙ جي ٻن شهيدن کي گڏائي انهن جو ماتم ڪيو آهي۔ انهن جا نوحا پڙهيا آهن. انهن جا مرثيا چيا آهن۔ پر اهي ميهڙ جا چو آهن؟ اهي تہ پوري سنڌ جا شهيد آهن۔ انهن مان هڪڙو سميع الله ڪلهوڙو آهي جنهن کي عبدالواحد آريسر۔ سنڌ جي آزاديءَ جو منگل پانڊي سڏيو آهي۔ ۽ ٻيو ڪردار آهي حليم چنہ۔ حليم چنہ کي مان سنڌ جو سياس چندر بوس سڏيان؟

هي مان نہ پيو ڳالهايان هي منهنجي محبت آهي. پنهنجي شهيدن سان۔ منگل پانڊي بہ پنهنجو آهي. راجا سياش چندر بوس بہ پنهنجو آهي تہ هيمون

ڪالاڻي ۾ پنهنجو آهي. ته ايئن سک ديوَ راج گُرو ۽ پگت سنگھ ۾ پنهجا آهن- انهن جي قرباني اسان کي انگريز جي سرڪڙ ڦاهي مان ڪڍيو ۽ سميع الله، حليم چنہ، ٽوڙهيءَ جي شهيدن جي قرباني يا اهي سڀ جيڪي ۾ تاريڪ راهن ۾ ماريا ويا آهن يا وري جن جو وارو ايجا اڇڻو آهي- اهي ئي اسان کي هن گنگهر مان آڇيي ڏيارڻ جو سبب ٻڌجڻا آهن.

احمد جي هي تحرير اسان کي پنهنجي شهيدن جي آگاهي سان گڏ انهن جي مان ۽ مريادا جو ٻڌائي ٿي- ۽ ٻڌائي ٿي ته پنهنجي ماڻهن سان ڪيئن محبت ڪبي آهي؟ - خاص ڪري اهي جيڪي شهيد ۾ هجن ته....

'بلبل جي نشاني افسوس-' ۽ 'ماڻهو مڙيادار- سيد علي اڪبر شاهہ'- هي ۾ مضمون آهن- پهرين ۾ هن شمس الدين بلبل جي علمي، ادبي ۽ سياسي ڪم تي بحث ڪيو آهي ۽ ٻئي ۾ سيد علي اڪبر شاهہ جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي ڪم جي اوک ڏوک ڪئي آهي.

هي ٻئي، ميهڙ جا بلڪ هندستان جا ۽ ان کان پوءِ پاڪستان جا، پهريان سياستدان هيا ۽ بعد ۾ ٻيو ڪجهہ، شاعر، اديب، مذهبي عالم وغيره- انهن ٻنهي گڏجي محمد علي جناح سان پاڪستان حاصل ڪرڻ ۾ حصو ورتو ۽ هي پاڪستان ان جو ٿمر آهي- پر جڏهن ان ميوي کائڻ جو ويلو آيو ته کين کير مان مک جيان ۽ مکڙ مان وار جيان ڪڍي ڦٽو ڪيو ويو. اڄ پاڪستان جي تاريخ ۾ کين ڪٽي ۾ ياد نہ ٿو ڪيو وڃي. اڄ پاڪستان جا مالڪ ٻيا ٿي ويا آهن ۽ ان جا حاصل ڪندڙ ٽيان ٿي ويا آهن- هي سڀ نا انصافي تي ٻڌل تاريخ جو ڪارو چنو آهن ۽ ايئن ٽيڙو ۾ هيو جڏهن ملڪ غلط طريقن ۽ غلط هٿ ڪنڊن ذريعي حاصل ڪبا آهن ته ان ۾ غلط ئي ٽيندو آهي-

محمد علي جناح سان يا فاطمہ جناح سان صحيح ٽيو؟

هي سوال آهي-

۽ جڏهن ان سوال جو صحيح جواب هٿ چڙهي، تڏهن هي ملڪ ۾ سنئين دڳ تي اچي سگهي ٿو- نہ ته اونداهہ ۾ هٿوراڙيون ته ڏئي رهيو آهي- ۽ خبر ناهي اهي هٿوراڙيون هن جي مقدر ۾ ڪيترو وقت رهنديون- اها ئي اونداهہ آهي جيڪا هن ملڪ جي قيادت کي ڳڙڪائي وئي آهي ۽ هي ملڪ

دنيا ڏانهن چوري ٻار جيان ڏسي رهيو آهي. جنهن جي سر تي ڪوهٽ رکڻ لاءِ تيار ناهي.

سيد علي اڪبر شاهہ يا بلبل- انهن ٻنهي جيڪا سياست ڪئي، مان انهن جي سياست جو طرفدار ناهيان- البتہ هنن جو جيڪو علمي، ادبي ۽ سماجي ڪم آهي مان ان کي قدر جي نظر سان ڏسان ٿو- ۽ اها ئي قدر جي نگاهہ احمد جي بہ ڪم آئي آهي.

'سنڌوءَ جي سير- علي بابا' - هي قلندرانہ جاه و جلال جي مالڪ اسان جي ليکڪ علي بابا جي فڪري ناول 'موهن جو دڙو' جو پرپور تجزيو بہ آهي تہ علي جي ناقدريءَ تي افسوس جا هٿ بہ ملي ٿي هي تحرير-

هي ٽڪرو پڙهو:

'جيئن سنڌ ۽ سنڌو علي کان ڏور ٽيندا ٿا وڃن- ايئن علي اسان توهان کان ڏور ٽيندو ٿو وڃي- پر اسان جڏهن ان جا ابتا پيرا ڪٽون ٿا تہ علي اسان کان نہ پر اسان علي کان ڏور ٿي ويا آهيون.'

ايئن هي تحرير علي جي احساسِ محرومي جي ڏکن تي ٽڪور جو ڪم ڪري ٿي پر بقول وسعت الله خان جي 'جنهن سماج جو ظرف جاچڻو هجي تہ ان جي تخليقڪار ۽ فن ڪار جو احوال ۽ ان سان ٽيندڙ انفرادي ۽ اجتماعي ورتاءِ ۽ خيالن کي ڏسي ونو جهٽ خبر پئجي ويندي تہ سماج اندر ڪيتري زندگي باقي آهي يا اهو ڪيترو مري چڪو آهي.' سو اسان کي پنهنجي سماج جي خبر آهي تنهن ڪري اسان ان تي ڪهڙي ميار رکي سگهون ٿا؟- ۽ ظاهر آهي اها علي جهڙي ڏاهي ماڻهوءَ کي خبر نہ هوندي چا؟- تنهن ڪري هو اهڙين ڳالهين کان مٿانهون ٿي پنهنجي منهن ويهي جيڪو شاندار ڪم ڪري ويو آهي. اهو ئي هن کي ياد رکندو- ماڻهن جي بي قدري جو چا؟-

هن جيڪو ڪم ڪيو هُو ان کي ڪيش نہ ڪرائي سگهيو. جيڪڏهن هُو ڪيش ڪرائي ها تہ اڄ لکن ۾ هجي ها- هن جي ڊرامن ۽ ڪتابن مان پبلشر ۽ پروڊيوسر تہ اڏجي ويا پر هي تنگ حال ئي رهيو- اهو سڀ هن جي قلندرانہ طبيعت جي ڪري ئي ٿيو-

'موهن جي دڙي' کان اڳ هن اسان کي 'ڏرتي ڏکاٽا' ۽ ڏنو کهاڻين جي روپ ۾ هن جي ڊرامي 'ڏُنگي منجهه درياهه' کي جيڪا پذيرائي ملي. اهڙي پذيرائي اڄ تائين ڪنهن ۽ سندي ڊرامي جي نصيب ۾ ناهي آئي- ۽ جڏهن هُو شاعري ڪري ٿو تہ اهڙو سهڻو سدا بهار گيت اسان جي سماعتن جي نظر ٿئي ٿو.

اسين ماڻهو لاڙ جا
دريا جي پاڇاڙ جا
واسرو ٿو لڳي
اترڻو ٿو لڳي.

'خوبين واري کاڻ'- هي احمد جو نارايڻ شيام تي لکيل مضمون آهي- جنهن کي هن ڏاڍي پيار پنهنجائپ ۽ محبت کان پوءِ لکيو آهي- ۽ ڪوبہ ڪم پيار پنهنجائپ ۽ محبت کان خالي هوندو ئي ڪونهي- ۽ جنهن ۽ ڪم ۾ اهي ٽئي عنصر ڏسڻ ۾ نہ اچن تہ اهو ڪم ڪوڏي ۽ نہ لهندو آهي- ۽ جو ڪم ڪوڏيءَ جو نہ هجي، ان جو ملهہ ڪٽ ڪرڻ فضول آهي.

نارايڻ شيام تي لکڻ وقت هن پاڻ ان درد کي محسوس ڪيو آهي جنهن درد کي نارايڻ شيام محسوس ڪيو.

الا! ائين مر هوءِ!

۽ الا! مر هوءِ کان اڳتي مان ان ڪرب کي نہ ٿو لکي سگهان. اها نارايڻ شيام جي دانهن هئي. پر اها نارايڻ شيام اڪيلي جي رڳو دانهن نہ هئي، ان ۾ انهن سڀني ديس ڌڻين جي دانهن هئي جن کان زوري ديس ڇڏايو پئي ويو- ۽ ڇڏايو ويو. ۽ هاڻ تہ اها دانهن اسان جي دلين ۾ ۽ واسو ڪري وئي آهي. جيڪي هتي رهي رهيا آهيون- آهستي آهستي ڏرتي اسان جي پيرن مان کسڪندي پئي وڃي. ۽ اسان ان کي پٽرايل نظرن سان ڏسي ئي رهيا آهيون.

هن مضمون جو سرو- نارايڻ شيام جي ان مشهور شعر-

هجي جا کاڻ خوبين جي ۽ خامين کان بنهہ آجي،
نہ پنهنجي زندگي اهڙي، نہ پنهنجي شاعري اهڙي!

تان کنيو ويو آهي- نارايڻ شيام متعلق جڏهن اسان ڳالهون ٿا ۽ ان جي شاعريءَ جو ۽ مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان کي سندس زندگي توڙي شاعريءَ ۾

ڪٽي ٻه ڪاڻ نظر نه ٿي اچي. اها خوبين جي ڪاڻ آهي- پوءِ اها سندس زندگي هجي يا وري سندس شاعري- ۽ نارايڻ شيام ان شعر ۾ جيڪو ڪسرِ نفسي کان ڪم ورتو آهي- اها ئي هن جي پل مانسي جي نشاني آهي. توڙي جو هي مضمون نارايڻ شيام جي شاعريءَ جو اپياس ڪونهي پر تڏهن ٻه هن نارايڻ شيام جي شاعريءَ جو جائزو ورتو آهي ۽ اهڙو پرپور ورتو آهي، جهڙو ڪوبه سنو ۽ گهڻ پڙهيو قاري ونڊي سگهيو پئي- جيڪا ڳالهه سندس مطالعي ۽ سندس ڪم کي ظاهر ڪري ٿي. ۽ جڏهن اسان احمد جي عمر ڏسون ٿا ته اسان حيرت ۾ ونجي وجون ٿا. هُو پنهنجي عمر کان گهڻو گهڻو ۽ گهڻو اڳتي نظر اچي ٿو. جيڪو هن جي محنت، جفا ڪشي ۽ هن جي علم ادب سان لڳاءُ جو سبب ۽ ثمر آهي ۽ اسان چئي سگهون ٿا ته هُو بنا لشڪر خزاني جي سالار ناهي بڻيو. هن جو مطالعو ئي هن جو خزانو آهي- ۽ ان مطالعي هيٺ آيل زخيرو هن جو لشڪر آهي.

'ماٽڪ مُٺ سندوم'- هن جو هي مضمون آهي. جيڪو هن ماٽڪ تي لکيو آهي- ماٽڪ اهو جنهن اسان کي 'ساهه مُٺ ۾' ڏنو جنهن اسان کي 'لڙهندڙ نسل' متعلق ٻڌايو 'حويلي جا راز' ڏسيا، 'رُڄ ۽ پڙاڏا' پويان پگهو 'پاتال ۾ بغاوت' ڪئي- ۽ ان کان پوءِ 'ماٽڪ جي بريف ڪيس مان' آهي. جنهن کي منور سراج سندس وفات کان پوءِ کوليو آهي. جڏهن اسان انهن سيني‌ءَ جو ڪليل اکين ۽ دل جي سچائي سان مطالعو ڪريون ٿا ته اسان کي اها خبر پوي ٿي ته هو ته واقعي 'ماٽڪن مُٺ' هو- هن وٽ سنڌي ڪهاڻي. ناول توڙي ڊراموا وچي پد تي بيٺا آهن، هن جڏهن پنهنجي مُٺ کولي پئي ته ڪو نه ڪو ناول، ڪا نه ڪا ڪهاڻي، ڪو نه ڪو ڊراموان مان موتيءَ جي صورت ڪريو پئي- جيڪو اسان لاءِ ڪنهن ٻه دولت کان گهٽ ڪونه هو. پر هن جو پنهنجو ساهه مُٺ ۾ هو. جنهن کي بي ڏياني‌ءَ ۾ هلڪي پڪوڙ اچي وئي ته پکي پرواز ٿي ويا ۽ حويلي‌ءَ ۾ هُل نه رهيو. جڏهن ته حويلي‌ءَ ۾ چا ٿي رهيو هو. هن ان تان ٻه پردو کڻي ورتو هو.

احمد هي مضمون ماٽڪ جي موت کي محسوس ڪرائڻ لاءِ لکيو آهي ۽ هن ان کي محسوس ڪرايو ٻه آهي. اسان ان ڪڪ کي پنهنجي دل ۾ لهندي محسوس ٻه ڪريون ٿا- هن پنهنجي ان پيڙ کي پنهنجي بدران علي بابا جي

زباني اظهاريو آهي- 'ماڻڪ بدران جي علي مري وڃي ها تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها!'- ماڻڪ بدران علي؟- ڪٿي عليءَ جي جاءِ تي احمد پاڻ کي تہ ڪونہ پيو ڏسي؟-

ڀ ماڻڪ سان محبت ڪندڙ ڪوبہ اها ڳالھ چئي سگھي ٿو. پاڻ احمد جي وڏي عمر جا دعاگو آھيون. ھن جي ڦرڻ ڀ ڦولڻ جي وھي ايجا اچٽي آھي.

بھرحال احمد ان دڪدائڪ موت کي محسوس ڪيو آھي ڀ بعد ۾ ھن اسان کي بہ ان سوڳ ۾ شامل ڪري ڇڏيو آھي.

اصل ۾ اھڙي قسم جون لکٹيون پنھنجي ماڻھن جي نشاندھي ڪرڻ ڀ انھن سان محبت جو پيش خيمو ھوندیون آھن.

ماڻڪ جي مرتئي تي ھي دانھن آھي، موھن ڪلپنا جي. 'ماڻڪ! تون اسان کي ماري ڇڏين ھا، پر سنڊ کي نہ مارين ھا!'

يعني ماڻڪ جو موت رڳو ماڻڪ جو موت نہ ھو- پوري سنڊ جو موت ھو- ظاھر آھي جڏھن ڪو سوچيندڙ ذھن ڏيھ ڇڏي ٿو / برقعو متي ٿو تہ ڏرتي ڪارو ويس ڪندي آھي. ان لاءِ جو سوچيندڙ ذھن صدين پڇاڙا مشڪل سان جنم ونندا آھن. تنھن ڪري اھڙي ماڻھوءَ جي موت تي ڪوبہ اھا دانھن ڪري پئي سگھيو. جيڪو ان سان محبت ڪندڙ ھجي.

جيئن ماءُ پنھنجي ٻچي جي موت تي دانھن ڪندي آھي 'ائي! مان تہ مئيس'.

اڪبر جسڪاٽي، ٻاراڻي ادب جو نرالو نانءُ- اڪبر جسڪاٽي اسان جي پنھنجي ضلع جو ليکڪ ھو- ھونئين تہ سڄي سنڊ اسان جي پنھنجي آھي. پر پنھنجي ضلع، پنھنجي شھر جي ماڻھوءَ جي انسيت پنھنجي گھر جي ياتيءَ واري ھوندي آھي. ڀ پنھنجي گھر جي ياتيءَ سان جيڪا محبت ھڪ گھرجي اھا ئي محبت، اڪبر سان احمد جي بہ آھي. اڪبر جڏھن ھي ڏيھ ڇڏيو يا ڪيس ڇڏايو ويو- تڏھن احمد جي عمر بہ سال ھئي ڀ جڏھن احمد ان عمر کي پھتو جنھن عمر ۾ ماڻھو پنھنجي ماڻھن کي سڃاڻڻ لڳندو آھي. تڏھن احمد جي اکين اڪبر کي سڃاتو- ھن اڪبر جون ڪھاڻيون پڙھيون، ناوليٽ پڙھيو. تہ ھن ان جي پيار کي محسوس ڪيو. اھو پيار جيڪو اڪبر جو

پنهنجي ماڻهن سان هو. پنهنجي ٻارن سان هو. ۽ انهن ماڻهن ۽ انهن ٻارن ۽ هڪڙو احمد به ته هو. ۽ ظاهر آهي ته پيار جي موٽ پيار ئي هوندو آهي. ـ توهان جيڪو پنهنجي ٻار کي پيار ڏيندا ٻار جي طرفان ان جي موٽ ان کان وڌيڪ هوندي. ـ هن ٻارن لاءِ لکيو آهي ته احمد به هن کي ٻار ٻڌجي ئي پڙهيو آهي ۽ هن کي سمجهيو به آهي. تنهن ڪري هن جي وڪالت به ڪئي آهي. ۽ هن کي سندس جيڪي ڪتاب مليا آهن. ۽ هن انهن تي پنهنجا ويچار ونڊيا آهن. ۽ احمد پل انهن کي هڪ ٻار جي دل سان پڙهيو ۽ پروڙيو آهي. يا ڪري رهيو آهي پر هن ان جي ڪٽ هڪ بالغ نظر سان ڪئي آهي. ۽ اها بالغ نظري وقت ۽ حالتن جي تڦيڙن. وقت کان اڳ ئي هن تائين پهچائي ڇڏي آهي. ـ جڏهن هو بتين واري ناني جي ڳالهه ڪري ٿو ته چئي ٿو ته اها ته اصل ۾ منهنجي ئي ڪهاڻي آهي. ـ فرق رڳو اهو آهي ته اڪبر جي ڪردار ۾ اها ناني آهي جڏهن ته منهنجي ڪردار ۾ اها ڏاڏي آهي. ـ جڏهن ته هن 'گلڙن جهڙا گهاءُ' ۽ 'رمون پيٽي' جو به صحيح ۽ تز جائزو ورتو آهي. جنهن کي توهان سندس اپياس ۾ پڙهي سگهو ٿا.

'سو هي آهي علي' ـ هي علي دوست عاجز تي هن جو پرپور مقالو آهي. ـ علي دوست هن جي گهر جو پاتي آهي ۽ گهر جي پاتيءَ تي گهر جو پاتي ئي سڏو ڳالهائي سگهي ٿو. ۽ هن سڏو ئي ڳالهايو آهي. علي دوست متعلق جيترو تفصيل سان احمد اسان کي ڏسيو آهي. ايترو تفصيل سان اسان کي شايد ئي کو ٻڌائي سگهيو پئي. ـ ان جي ذاتي زندگيءَ کان ان جي ڪتابن جي وچور تائين. هو هڪ هڪ شيءِ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. ـ جيڪڏهن علي دوست عاجز کي عبدالرحمان شاهه ۽ استاد بخاريءَ جي دشتِ شفقت نصيب نه ٿئي ها ته شايد علي دوست جيڪو اڄ آهي، اهو علي نه هجي ها. ـ باقي علي ته ڪيترن ئي ڳوڻن ۾ ڪيترائي آهن. هي به انهن جيان. هي به انهن مان. گمنامي ۽ جي غفا مان نڪري. گمنامي ۽ جي غفا ۾ ئي گم ٿي وڃي ها ۽ ڪنهن کي به خبر ڪانه پوي ها. ـ تنهن ڪري ئي علي دوست پنهنجي پهرين ڪتاب جو مهاڳ استاد بخاريءَ کي پاڻ ۾ ويهاري لکيو. ـ هي اها محبت هئي ۽ هي ان محبت جو احسان هيو جنهن جو پوراءُ علي ايئن ڪيو ۽ هي آهي علي جي زباني. ـ استاد

جا لفظ'... هي علي دوست عاجز آهي- شاعر به سنڌو آهي. ۽ اڪر به سنا اٿس- هي ڪاڇي جو آهي ۽ آءُ ڪڇي جو آهيان- ٻنهيءَ کي محبت ڪٽي ملايو آهي- ماڻهو سڏو آهي ۽ اسان به هن تي ڪٽي بار رکيو آهي- هن جوان شاعر سان منهنجون ڪئي، ذاتي، قومي اميدون وابستہ آهن.' هي جيڪو ٽکرو آهي، علي- استاد بٽجي لکيو آهي ۽ علي ان تي پورو به لٿو آهي- جڏهن رابطو دل جو دل سان هوندو آهي تڏهن دل جي ڳالهہ دل تائين آسانيءَ سان پهچي ۽ ويندي آهي ۽ اها ورنائي به ويندي آهي- علي- استاد جي ڳالهہ دل سان ٻڌي، دل ۾ هنڌائي ۽ ان تي عمل به ڪيو- ۽ هن جيڪو ڪجهہ استاد لاءِ ڪيو. اهو 'پير نہ هٽن پوئتي'، 'گوندر منهنجي گود ۾' کان 'آديسي استاد' تائين اسان جي سامهون آهي- هن جو ٻيو ڪتاب 'جهڙا تارا جرڪڻا' آهي جنهن جو مهاڳ عبدالرحمان شاهہ ئي لکيو- جنهن لاءِ اسان جي هن هونهار لکاري لکيو آهي: 'هن ڪتاب جو مهاڳ ان انسان لکيو آهي، جنهن جو نالو عبدلرحمان شاهہ آهي- سندس ٻاجهہ ٻريو هٿ جڏهن عاجز جي مٿي تي آيو تہ علي دوست جي جيون ۾ روشنيءَ جي لاٽ ٻري ٻئي.'

هي ڪا ننڍڙي راءِ ناهي- هي هڪڙي عالماڻہ راءِ آهي- جيڪا ڏسي ٻئي تہ احمد جي ذهني بلوغت ڪيتري آهي. هُو پنهنجي عمر کان ڪيترو اڳتي نڪري راءِ ڏئي ٿو. اها راءِ علي دوست لاءِ به آهي تہ عبدالرحمان شاهہ لاءِ به آهي- ايئن هڪ هڪ ڪتاب تي هن جيڪا راءِ ڏني آهي، اها ڪا اتاچري يا هلڪي ڦلڪي نہ آهي- هي سڀ عالماڻہ ۽ مدبراڻہ رايا آهن جيڪي مٿاڇرا مٿاڇرا پڙهڻ جا ناهن- ۽ هن به تہ کين مٿاڇرو مٿاڇرو ناهي ورتو-

ايئن سندس آهي، سندس ڪيڙڙي لهجي جو ذڪر آهي. ايئن سيني تي هڪڙي غائرانہ نظر وڌل آهي. جيڪا اوهين مقالي ۾ ڏسي سگهو ٿا.

'باهہ جو سمنڊ'- هي سندس گلزار تي لکيل مضمون جو سرو آهي. ۽ حقيقت ۾ گلزار جي شاعري به تہ باهہ جو سمنڊ جهاڳڻو آهي- هن جي شاعريءَ جا جيڪي موضوع آهن، انهن لاءِ وڏي دل گردو کپي- جيڪو گلزار وٽ آهي- گلزار جيڪو منهنجو هاڙهي به آهي تہ پيڇي به- گلزار جي جي ڪار منهنجي جي جي ڪار آهي- سنڌي ادبي سنگت خيرپور ناٿن شاهہ اسان ٻنهي جي ادبي

آبياري ڪئي آهي ۽ اسان ٻنهيءَ جي دوستيءَ کي ڳنڍيون منجهه ڳنڍيير جيان پيوست ٻه ڪيو آهي.

هن جو اهو نظم 'اسان رول ماڻهو'، جيئن ئي آوازن جي دوش ماڻهن جي ڪنن تائين پهتو ته دنيا چاتو ـ ته ها گلزار آهي. جڏهن ته مون کي خبر هئي ته گلزار آهي. بس رڳو ان جو آواز ماڻهن تائين پهچي. ۽ جڏهن اهو ماڻهن تائين پڳو ته هاڻ گلزار گلزار لڳ پئي آهي. ۽ فنڪار کي گهرجي ٻه چا؟ ـ سندس ناماچاري ـ سندس ڪم جو قدر ـ ۽ جڏهن ڪم جو قدر ٿئي ٿو ته تڏهن ماڻهو جڙ جي پوي ٿو. ۽ هي جيڪو ڪنهن جي ڪم تي لکت جي صورت ۾ ڪم ٿئي پيو. اهو ئي اصل ۾ ان جي ڪم جو صحيح اجورو آهي. ـ هي احمد شاڪر جو گلزار سان هڪ حوالي سان پنهنجي محبت جو اقرار نامو ٻه آهي ته ان جي فن جي سهڻي تور تڪ ٻه ـ ۽ مان احمد شاڪر جي عمر ڏسي ۽ وري هن جي شين تي گرپ ڏسي حيرت ۾ پئجي ٿو وڃان ته هي نوجوان پنهنجي عمر کان ڪيڏا وڏا ۽ پائيدار تجربا پيو ڪري ـ هن جي شين کي پرکڻ جي جيڪا سگهه آهي. اها اتاهين پد تي بيني آهي ـ شاعريءَ جي چونڊ ٻه چيدا چيدا ڪري ٿو. هروپرو جا خانه پوريءَ جا شعر هي پنهنجي اپياس ۾ نه ٿو آٽي ـ

بهرحال گلزار هڪ اهڙو شاعر آهي، جنهن جي سڃاڻ نظم بڻجي وئي آهي. پر گلزار هر صنف جو شاعر آهي، جنهن جي ڄاڻ احمد ڏني آهي.

'اسان جو احمد' ـ احمد سولنگيءَ تي احمد شاڪر جو لکيل مضمون آهي ـ احمد اسان جي دور جو يا اسان جي ٿهيءَ جو اهو خوش بخت شاعر آهي. جنهن سان ڪنهن کي ٻه ريس ٿي سگهي ٿي ـ هُو اچانڪ ادب جي اُپ تي نمودار ٿيو ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ڇائنجي ٻه ويو ـ هن سان شهرت جي ديوي ايترو پيار ڪيو جنهن جو ڪو تصور ٻه نه ٿو ڪري سگهي. هُو اڄ جي دور جو پڪو پختو ۽ نظر جو جاندار شاعر آهي. 'خواب آوارا پکي' ـ هن جو پهريون ڪتاب آهي ـ ۽ هن جو پهريون ئي ڪتاب، هڪ ئي ڏڪ ۾، هن کي شهرتن جا ست سمنڊ گهمايا آهن ـ

'خواب آوارا پکي' ـ هي اهو ڪتاب آهي جنهن جو مهاڳ اسان جي هند سنڌ جي نامياري ڪوي ۽ بي باڪ اديب لچمڻ ڪومل لکيو آهي. هن ان

مقدمي ۾ پنهنجي علم کي ايئن پلٽيو آهي، جيئن سانوڻ مينهن برسي سڀ پٽ جل ٽل ڪري ڇڏيندو آهي. ـ ۽ اها به خواب آوارا پکيءَ جي ڪمائي آهي. جو 'شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص' جهڙو ضخيم ڪتاب ترتيب ڏئي اسان جو رکيل مورائي ادبي بورڊ وارن جي هٿان، اسان جي هٿن ۾ پکڙايو آهي. ـ جيڪڏهن 'خواب آوارا پکي' سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي وارا اسان جي هٿن ۾ نه پکڙائين ها ته هي 'شاعريءَ ۾ جيئندڙ شخص' به اسان جي هٿن تائين نه پهچي ها ـ ۽ نه ئي هي اسان جو احمد، اسان جو شاڪر اسان جي هٿن ۾ ڏئي سگهي ها. ـ جنهن ۾ هن احمد سان پنهنجي محبت ۽ سندس شاعريءَ سان عشق جو ڪلي دل سان اظهار ڪيو آهي ۽ پنهنجي نموني سان ان جي پرک به ڪئي آهي. ـ هي آهي احمد تي هن جي راءِ:

"احمد سولنگي بلاشبہ هڪ البيلو شاعر آهي ـ سندس نظمن جا موضوع نوان ۽ نرالا آهن ـ هن جي هر نظم جي اٽت ڪمال جي آهي. ان جي ڪلائميڪس ۽ اينٽي ڪلائميڪس جا حصا حيرت ۾ وجهندڙ آهن. سندس تشبيهون، ترڪيبون ڪمال جون آهن."

ايئن هڪ عالم ڄاڻو نقاد ئي راءِ ڏئي سگهي ٿو. نه ڪي عام قاري.

احمد سولنگيءَ کان پوءِ جو مضمون آهي. اهو احمد شاڪر جو مون تي لکيل مضمون آهي ـ 'ڪرٽو ـ اميد جو ڪرٽو' ـ مان پاڻ تي لکيل مضمون تي پنهنجي راءِ ڏيڻ کان بهتر آهي ته احمد جي ٿورن سان، جو هن پنهنجي محبتن ۾ مون کي شامل رکيو آهي ـ اڳئين مضمون تي اچان ٿو ـ ۽ هي مضمون آهي ـ

'اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا' ـ احمد جو هي رحمت سومري تي لکيل پيار جو پورهيو آهي. ـ احمد ۽ رحمت پاڻ ۾ جوڙيوال آهن ۽ اها اهڙي جوڙي آهي جنهن ۾ هڪڙي کي ٻئي کان جدا نه ٿو ڪري سگهجي. ـ اهڙيءَ جوڙي ۾ اوهان ادل سومري ۽ ايار گل کي ڏسي سگهو ٿا ـ مون کي ۽ گلزار کي ڏسي سگهو ٿا ـ اهڙيون ڪيتريون ئي جوڙيون جيڪڏهن اوهان جي نظر ۾ آهن ناهي سگهو ٿا ـ جيئن قاضي مقصود گل ۽ مختيار گهمرو جي جوڙي آهي ۽ هئي ـ ايئن ئي احمد ۽ رحمت جي جوڙي آهي. هي ٻئي پاڻ ۾ ٿوري فرق سان هم عمر به آهن ته همعصر به ۽ وري هڪ ئي شهر ـ ميهڙ جا. ـ ميهڙ جي ميندي‌ءَ جهڙا

ڳاڙهو ۽ مائي جهڙو منو. ان ڪري هر رنگ ۾ سهڻو ۽ ڪنهن به گفتي گهٽ ناهن. تنهن ڪري اهي جو چون اهو ٻڌڻ جهڙو ۽ جو ڏسن اهو ڏسڻ جهڙو هوندو آهي. ۔ چا نظر ته چا نثر۔ ۽ نظر جون جيڪي به شڪليون آهن سڀ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ۔ چا غزل، چا نظم، چا گيت۔ ۽ هنن ٻنهي يارن احمد ۽ رحمت انهن شين کي ايترو جلدي سکي ۽ سمجهي ورتو آهي، جنهن تي حيرت پئي ٿئي. ان لاءِ جو اڃ مسيت تي چاڙهڻ ته سولو آهي پر اکرن سان پيچ اڙائڻ اوکو ۽ اهنجو آهي. ان ۾ عمريون کپي وڃن ٿيون پر رستو هٿ نه ٿو اچي.

مان ٻنهيءَ تي گڏائي ان ڪري پيو لکان جو هي ٻئي به ڪٿي آهن؟ ۔ اهي هڪ ته آهن۔ منهنجي لاءِ رحمت۔ احمد آهي ۽ احمد۔ رحمت۔ ۽ هي جو مان رحمت تي ڳالهايان پيو اهو به ته احمد جي معرفت ڳالهايان پيو جو احمد ۔ رحمت تي ڳالهائڻ يا هي سٽون لکڻ جو موقعو ڏنو آهي.

ڳالهه کي مڪمل ڪريان ته هي احمد جو رحمت تي نہ بلڪ احمد جو احمد تي پيار پريو پورهيو آهي۔ ظاهر آهي پاڻ تي ڳالهائڻ کيڏو اوکو آهي ۽ اهو جوکم جو ڪم احمد ڪري ويو آهي۔ ۔ جنهن لاءِ احمد کيرون لهٽي.

'دل جي حضور مان'۔ هي محبوب جانوري جي ڪتاب 'ڪامن ڦُنيون ڪُنيون'۔ تي احمد جو لکيل اپياس آهي۔ ۽ ڪتاب اندر لکيل اپياس اصل ۾ مهاڳ ئي هوندا آهن پوءِ جيڪو مهڙ ۾ آيو اهو مهاڳ ٻڌجي ويو ۽ بعد ۾ جيڪي آيا اپياس ٻڌجي ويا۔ احمد هن اپياس کي به مهاڳ وانگيان ئي لکيو آهي ۽ جيئن مهاڳ سامهون رکي لکيا ويندا آهن تيئن هي مضمون لکيو ويو آهي. ڪتاب جي اندر واري مضمون جي گهرج هڪڙي هوندي آهي ۽ ڪتاب کان ٻاهر جي مضمون جي گهرج ٻي هوندي آهي مهاڳ اصل ۾ ڪتاب جي شهه سرخي هوندا آهن ۽ شهه سرخيءَ جي پڙهڻ کان پوءِ سموري خبر پئجي ويندي آهي ته اندر چا آهي يا اندر چا هوندو؟ هن مضمون پڙهڻ سان توهان محبوب جي شاعريءَ جي تهه تائين ضرور پهچي ويندا ته وٽس چا آهي؟۔ توڙي جو توهان وٽ سندس ڪتاب موجود نه هجي.

'ڪي شاندار ليکڪ'۔ هن مضمون ۾ هن ٽن مختلف ٻولين جي ليکڪن جي زندگي ۽ سندن ڪم جو احاطو ڪيو آهي. جنهن ۾ هڪڙو ڏکڻ امريڪا ۽ به اسان جي پنهنجي برصغير جا بلڪ اسان جا پنهنجا ڏيهي آهن. جنهن ۾

هڪڙو اردو تہ هڪڙو اسان جي پنهنجي ماءُ ٻولي جو ليکڪ آهي- جو ڏکڻ امريڪا جو آهي- ان جو نالو پائلو ڪوئلهو آهي. ان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪهڙيون هيٺ مٿانهيون ڏٺيون. سندس پيءُ چا ٻڌائڻ پئي چاهيو ۽ هُو چا ٻڌجي ويو- ان جي شروعات جي ناڪام لکڻين کان ڪامياب لکڻين تائين جي شاندار سفر کي هن ڏاڍي سليقي سان بيان ڪيو آهي. هن ان جي پهرين ٻن ڪتابن Hell Archives ۽ Practical Manual of Vampirism جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ هُو ٻڌائي ٿو تہ پوئين ڪتاب کي غير معياري ڄاڻائي مارڪيٽ مان کڻايو ويو. پر هو مايوس ڪونہ ٿيو. هُو پنهنجي ڪرت سان لڳو رهيو ۽ ايئن هن جا هڪ ئي سال ۾ ڪتاب اڇي وڇن ٿا. The Pilgrimage ۽ The Alchemist- ۽ اهي ٻئي ڪتاب هلي پيا. ۽ جنهن مان الڪيميسٽ بين الاقوامي پذيرائي پاتي- The Alchemist کي 'ڪيمياگر' جي نالي سان سنڌيءَ جو ويس احرار يوسف ڏنو آهي- ان کان سواءِ هن جا ٻہ ٻيا ڪتاب ۽ هن تبصري ۾ آهن- Manuscript Foundin Accra جنهن کي سنڌيءَ ۾ فهيم ميمڻ 'عڪرا مان مليل مسودو' جو نالو ڏئي اسان جي هٿن ۾ ڏنو آهي. جڏهن ٽيون ناول آهي Eleven Miuntes جنهن کي 'يارنهن منٽ' جي نالي سان نواز خان زنئور سنڌي ويس ڏکايو آهي. ۽ هن انهن ٽن ئي ڪتابن کي پنهنجي ايپاس هيٺ آندو آهي- جڏهن تہ ان ايپاس ۾ هن جي ٻين ڪتابن جو هلڪو ڦلڪو ذڪر ڪيو ويو آهي. مان جيڪڏهن سيني جو تفصيل سان ذڪر ڪندس تہ منهنجو هي مضمون ٻہ طول پڪڙي ويندو.

بهرحال ڳالهہ ڪٽائي احمد، پائلو ڪوئلهو جي انهن ناولن جو ايڏي تہ باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪري انهن متعلق جيڪا ڄاڻ ڏني آهي. ان سان اسان مستقبل جو هڪ سنو نقاد احمد جي روپ ۾ ڏسي رهيا آهيون.

پائلو ڪوئلهو کان پوءِ ٻئي نمبر تي جنهن شاندار ليکڪ جو احمد ذڪر ڪيو آهي. اهو آهي اسان جو رسول ميمڻ- رسول ميمڻ ٻہ اصل ۾ ناول جو ليکاري آهي. هن ڪيترائي ناول اسان کي ڏئي سنڌيءَ ۾ جيڪا ناول جي کوٽ آهي ان کي پوري ڪرڻ جي پنهنجي طرفان پرپور ڪوشش ڪئي آهي. ۽ سنڌيءَ ۾ ڪنهن حد تائين سهل پسنديءَ واري عنصر کي ڏڪ رسايو آهي.

هن جا ناول۔ 'قالو بلا'، 'نجومي' ۽ 'اٺويهه عورتون' سنڌي ادب ۾ ناول جي کوٽ جو نہ رڳو پوراءُ ڪن ٿا. پر هي انتهائي وڏي پد جا ناول آهن. جيڪڏهن اهي ناول بين الاقوامي زبان ۾ ترجمو ٿي دنيا تائين پهچن تہ هوند دنيا ڏسندي رهجي وڃي۔ ۽ هي به اها ئي ڳالهہ ٿو ڪري تہ اهڙا ناول مون گارشيا مارڪيز جي ناولن کان پوءِ سنڌ ۾ رسول ميمڻ وٽ ڏٺا آهن۔ ۽ ظاهر آهي اها ڳالهہ هن ايئن هوائي توائي تہ ڪانہ چئي هوندي۔ ضرور هن انهن جو تفصيلي جائزو به ورتو هوندو۔ ۽ ماٺهو حوالا يا پيٽ تڏهن ئي ڪري سگهندو آهي. جڏهن اهي شيون نظرن مان گذريل هونديون آهن.

رسول جي ناول 'اٺويهہ عورتون'۔ تي سندس راءِ آهي تہ "هن ناول کي پڙهندي وقت جي ڊپيل صدا سٽي سگهجي ٿي." ۔ هن ناول۔ جيڪو اسان جي تاريخ سان ناروا سلوڪ ڪيو ويو آهي. هي انهن حقيقتن تان پردو کڻي ٿو۔ هي ناول غاصب محمد بن قاسم جي سنڌ تي هلان ۽ سنڌ مان جيڪو ڪجهہ هنن لٽيو ڦريو. ان جو پيرائتو بيان آهي۔ پر هن تاريخي موضوع ۾ فڪشن جي مينا ڪاري ڪري هن کي رسول ميمڻ اهڙو سهڻو ويس ڏيکايو آهي جو ان مان تاريخ واري دقيقيت ۽ بي رخي دور ٿي وئي آهي. اوهان پنهنجي تاريخ سان ملي بہ سگهو ٿا ۽ ان مان لطف بہ وٺي سگهو ٿا. توهان جا هيرا، توهان جا دشمن توهان جي آڏو چٽا بہ ٿيندا وڃن ٿا. ۽ ليڪ هن کان وڌ بي ڪهڙي لٽ هٽي سگهي ٿو. توهان جي دشمن کي ڪن کان پڪڙي توهان جي آڏو پيش ڪرڻ جي. تہ هي آهي اهو سورمو!

اهو ڪم رسول ميمڻ وڏي آسانيءَ سان ڪري ڏيکاريو آهي. توڙي جو ان ۾ رسول ميمڻ کي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو هوندو. پر هن اسان لاءِ ۽ پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ آساني پيدا ڪري ڇڏي آهي۔ هڪڙي ناڪاري ڪردار کي هاڪاري ڪري پيش ڪيو ٻئي ويو جنهن ڏرتيءَ جي ماٺهن کي لٽو ڦريو ماريو اڄ بہ ان ڏرتيءَ تي ان ماٺهوءَ جي نالي سان ادارا آهن، چوڪ آهن، پورٽ آهن. اهو ان ڏرتي جي ماٺهن سان ظلم آهي يا ناهي؟۔ اهو سپ اسان کي اونداهہ ۾ رکي ڪيو پيو وڃي. ۽ جڏهن ان اونداهہ جو تهہ لهندو. تڏهن اهو سپ ڪجهہ رهندو؟ ۔ ۽ آهستي آهستي اها اونداهہ هٽي رهي آهي ۽ مطلع صاف ٿي رهيو آهي. جنهن ۾ اهڙين لکٽين جو گهڻو حصو پتي آهي.

هڪ نظر هيڏانهن ۾

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بهرحال، جيتري تائين رسول ميمڻ تي احمد جي لکيل مضمون جو تعلق آهي تہ احمد- رسول کي ڏاڍي باريڪ بينيءَ سان پڙهيو آهي. ايسيتائين جو نہ رڳو مٿيان ڪتاب- پر هن ان جي ڪهاڻين جي ٽنهي ڪتابن 'سونو ڏند'، 'فونو'، 'حليمان' سان گڏ فلسفي جهڙي زود هضم 'خدا روح ۽ سائنس' جهڙي دقيق ڪتاب جو گهرائي سان مطالعو ڪيو آهي. ۽ انهن تي دل کولي لکيو به آهي. - ناولن، ڪهاڻين ۽ فلسفي کان ويندي، هن رسول جي شروعاتي شاعراڻي ڪتاب 'اوشا جي آشا' کي به پنهنجي مطالعي ۾ آندو آهي. ايئن جيڪي ماڻهو رسول جي ان پاسي کان نا آشنا هيا. هن کين اهو پاسو به ڏيکاري ڇڏيو آهي. -

۽ ٽيون جيڪو ليکڪ آهي- اهو آهي انتظار حسين- اردو ادب مان انتظار حسين جو نالو ڪڍي ڇڏيو اردو ادب جي تاريخ مڪمل ڪانہ ٿيندي هي مضمون هن انتظار حسين جي وچوڙي تي ڪيس هديہ طور لفظن جي پيٽا ڏني آهي. ۽ انتهائي سهڻي پيٽا آهي.

پهريان تہ هُو چوي ٿو تخليقڪار هر قوم جو فرد آهي- ۽ اها حقيقت آهي. اسان تخليقڪارن جي وچ ۾ قلم جو رشتو آهي نہ ڪي رت جو. ۽ قلم جو رشتو رت جي رشتي کان ڳوڙهو هوندو آهي، جيڪو اسان کي بين الاقواميت سان ڳنڍيو ٿو.

انتظار حسين لاءِ هن جي راءِ آهي: "انتظار حسين کي اهو ئي بهتر ڄاڻي سجاڻي سگهي ٿو جيڪو هن جا افسانا، ناول، غور ۽ گهرائي سان ايئن پڙهي، جيئن ڪنهن محبوب جو خط پڙهبو آهي." ان کان وڌ سهڻي ۽ محبت پري راءِ بي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

۽ جڏهن هُو انتظار حسين جي فن ۽ فڪر تي ڳالهائي ٿو تہ ڪيس سعادت حسن منٽو کان پوءِ سندس ئي ذڪر ڪري ٿو. هُو چوي ٿو "جتي منٽوءَ جي ناول 'ٺهڻا گوشت' کي پڙهندي جسم مان سسراٽ نڪري وڃن ٿا. اتي انتظار جي 'بستي' پڙهندي ساڳي ڪيفيت مان گذرڻو پوي ٿو. (انتظار هي ناول بنگلاديش جي پسمنظر ۾ لکيو آهي.)

۽ هي احمد جي مطالعي جو وچور آهي. "انتظار حسين ڪيئي ڪتاب لکيا- جهڙوڪ 'شهزادي کے نام'، 'خيمے سے دور'، 'آخری آدمی'، 'نيا گهر'، 'کنکری'، 'کچهوی'، 'چراغوں کا دهوان'، 'قطری میں دریا'، 'جستجو کیا

هي'، 'آگي سمندر هي' ۽ ٻيا ڪيئي ڪالمن جا ڪتاب آهن، جيڪي هن لکيا. ۽ هن لڳاتار ۽ گهڻ جلدي- جيون ڪٿا به لکي- افسوس ته هن پنهنجو نئون ڪتاب 'خوابون کے مسافر' نه ڏسي سگهيو."

۽ هي سڀ هن ايئن نالا ڪونه ڳڻايا آهن. اهو هن جو مطالعو ڳالهائي ٿو.

'راتين جو رولاڪ'- سليم جماليءَ جي ٻن اهم ڪتابن 'سري گهاٽ کان هيرا منڊي' ۽ 'ڪدڙن جي دنيا' جو تجزيو آهي. اهم ان لاءِ لکيو آهي جو هي ٻئي اهڙا موضوع آهن جن تي ڪوبه لکڻ وقت، سو پيرا سوچيندو. ڇو ته گهٽ ۾ گهٽ ان پاسي ڏسڻ، واجهائڻ هڪ جرئت منداڻو عمل آهي- ۽ سليم جمالي اهو جوکم پريو قدم کڻي، اسان کي انهن ڳالهين کان، آگاهي ڏني آهي- اردو ادب ۾ اهي ٻئي موضوع نوان نه آهن. انهن جي ڪيترن وڏن اديبن جو ته هي مرغوب موضوع رهيو آهي. جهڙوڪ شفقت رسول جو 'پارليامينٽ سے بازار حسن تک' يا 'اس بازار سے' جهڙا ڪتاب به آساني سان ملي وڃن ٿا. هي پوبون ڪتاب شورش ڪاشميري جو آهي. جنهن کي جهانگير عباسي 'حسن جي بازار' جي نالي سنڌيءَ ۾ لاٿو آهي- ايئن ٽين جنس جي موضوع تي نسيم انجم جو ناول 'نرڪ' آهي. جو هڪ شاندار ناول آهي. جيڪو خواجه سرائن جي زندگيءَ جو مڪمل احاطو ڪري ٿو. اهي ڪيئن ملن ٿا، ڳالهائن ٿا، اٿن ٿا، ويهن ٿا، گهمن ٿا، ڦرن ٿا. انهن جي زندگيءَ ۾ اهم ڇا آهي. هڪڙو مڪمل جهان آهي. جنهن کي هن اسان جي شاندار ليکڪ جاندار انداز ۾ پيش ڪيو آهي. انهن جا ڏک، انهن جون خوشيون، انهن جو موت، فوت هُو پنهنجي پيارن جي ڏک کي ڪيئن برداشت ڪن ٿا. هڪ هڪ شيءِ کي وڏي تحقيق کان پوءِ فڪشن جو روپ ڏنو ويو آهي- جڏهن ته اهو ساڳيو جهان آهي سليم جي 'ڪدڙن جي دنيا' جو. پر هن ۾ فڪشن جي چاشني ڪانهي. رکا مضمون آهن. پر اسان انهن کي ايئن رُکا مضمون چئي نظرانداز نه ٿا ڪري سگهون. ان لاءِ جو اها موضوع جي انوڪائپ ئي هن جي ڪتابن جي ڪاميابي جي ضامن آهي.

'شاعر ۽ شاعري'- احمد جو معصوم بخاريءَ جي شاعريءَ جو اپياس آهي. جنهن ۾ هن پهريان ته شاعريءَ جي تشريح ڪئي آهي. ۽ ان کان پوءِ معصوم بخاريءَ جي شاعريءَ تي پنهنجي راءِ مرڪوز ڪئي آهي. ۽ ٻئي رايا تکي توري ڏنا آهن.

شاعريءَ لاءِ هو چوي ٿو تہ "اها خوبصورتيءَ جو ڪنڌ آهي." ۽ شاعر لاءِ سنڌس راءِ آهي تہ "هو ان ڪنڌ جو بادشاهہ آهي." اهڙي سهڻي راءِ هن ڪان اڳ مون نہ شاعريءَ لاءِ پڙهي آهي نہ شاعر لاءِ.

هن معصوم تي جيڪا راءِ ڏني آهي، اها سنڌس ڪتاب ۾ موجود آهي. مان رڳو اهو چوندس تہ معصوم هڪ برجستجو ليکڪ آهي هن جو نثر هجي يا نظم ڏاڍو وٽندڙ آهي. ۔ پر هُو پنهنجي شين ڏانهن شايد سيريس ڪونهي. ان لاءِ هن کي پهريان پنهنجي شين ڏانهن سيريس ٽيٽو پوندو. ۔ هُو پهريان شاعر آهي۔ ان کان پوءِ پل هو ڪهاڻيڪار هجي، مضمون نگار هجي، ڊراما نگار هجي، صحافي ٿئي۔ هُو پهريان شاعر آهي. پر هُو انهن سيني ڳالهين تان جهڙوڪ دستبردار ٿي ويو آهي. هن وٽ جيڪو ڪجهہ بہ آهي. اهو نوي جي ڏهاڪي وارو آهي. هي منهنجي ذاتي راءِ آهي. ۔ ٿي سگهي مان غلط هجان.

'هينئڙو ٽُنگ پروڙ'۔ سعيد ميمڻ جي مرتئي تي تعزيتي نوٽ آهي. جنهن ۾ هي دل کولي رُنو آهي. ۽ ان سان گڏ سنڌس شاعريءَ جو هن جنهن ڪاريگريءَ سان تجزيو ڪيو آهي اهو هن کي هڪ سٺو ۽ پختو تخليقڪار ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. هن سعيد جي تقريبا سيني ڪتابن جو جنهن طريقي سان ذڪر ڪيو آهي، انهن سان ڪتابن جا هن رڳو نالا ناهن ڳڻايا پر ڪتابن جي راين ۾ پنهنجي راءِ پروئي آهي.

هي آهن اهي ٽڪرا:

هن جي تن جي طور سينا تي دردن جون آيتون لهنديون آهن.

ازل جو آڏاڻو اندر ۾ هوندو آهي شاعر جي.

خواب چارا، آءٌ لهر سموند جي، دل دنبورو سعيد جي تخليق جا تخت آهن.

هن جا نيٺ سفر ۾ هئا۔ وغيره

ايئن **'جدائي جيءُ جهوري ٿي'** ۔ ۾ وري هن اياز جانيءَ جو تڏو وڃايو آهي. ان لاءِ جو هن کي خبر آهي تہ انهن ٻنهيءَ جي ويجهہ سان سنڌي ادب جو جيڪو نقصان ٿيو آهي۔ اهو پورجهڻ جو ڪونهي.

'منهنجي مطالعي هيٺ آيل ڪتاب'۔ هن سري هيٺ هڪ ئي وقت ڪيترن ڪتابن جو اپياس ڏنو ويو آهي. اها هڪ سٺي پڙهندڙ جي سٺي خوبي چئجي جو هو جيڪو ڪجهہ پڙهي ٿو ان تي پنهنجا ويچار وندي ٿو۔ ۽

هونئين عام ماڻهو يا اديب بہ اهو ئي ڪجهہ پڙهندو آهي. جيڪو هن جو من پسند موضوع هوندو. پر احمد وٽ هتي پانت پانت جا موضوع آهن. ۽ ظاهر آهي تہ اهي پانت پانت جا موضوع احمد جا دل پسند ئي آهن. ۔ چا ڪهاڻيون، چا ناول، چا مضمون، چا شاعري ۽ هن مطالعي هيٺ هن جي جيڪي جيڪي ڪتاب ايندا ويا آهن. هي انهن تي پنهنجي راءِ سهيڙيندو ويو آهي. ۽ هي ڪتاب ان مطالعي جو ثمر آهي. ۔ انهي مطالعي جي ثمر مان گهڻو ڪجهہ نہ مان اوهان سان وندي چڪو آهيان. ايجا گهڻو ڪجهہ وندڻو آهي.

هن متين سري هيٺ آيل ڪتابن جي ذائقي کي احمد چکيو۔ چپن ورد ڪيو۔ قلم ان کي محفوظ ڪيو۔ ان مان پهريون عبدالقادر جوٽيجي جو آهي۔ 'درد وندي۽ جو ديس'۔ عبدالقادر اسان جي سنڌي ادب جو جاتل سجاتل ۽ مضبوط لکاري آهي. جنهن جي هر شيءِ نوٽ ڪئي ويندي آهي. چا تہ سندس ڪهاڻيون آهن، چا تہ ڊراما، چا تہ ناول، چا تہ بين الاقوامي ادب جو مطالعو۔ سينيءَ تي رشڪ ايندڙ۔ سڀ هنيئن ۾ هنڌائيندڙ۔ هي سندس لکڻين جو وچور آهي. 'واٽون راتون رول'، 'شڪليون'، 'ويندڙ وهي لهندڙ سج'، 'وڏا اديب وڏيون ڳالهيون'، 'سونو روپو سج'، 'ايوريسٽ تي چڙهائي'، چو چا ۽ ڪيئن'، پانت پانت جا موضوع، پانت پانت جون ڳالهيون. جن ۾ سياسي سماجي شعور سمنڊ جيان ڪٽي سانت تہ ڪٽي چوليون هٽندڙ ويرون تان، توهان جيئن ان جي گهرائي ۾ لهندا، اهي توهان کي پائي ويندا ۔ انت بحر دي خبر نہ ڪائي۔ ۔ احمد هن جي ڪتاب 'درد وندي۽ جو ديس' جي اپياس ۾ جيڪا ڳالهہ ڪئي. اها تہ هر ايئن ڪانہ ڪئي آهي. هو سمنڊ آهي۔ تنهن ڪري احمد جي اها ڳالهہ تہ "هي ڪتاب پڙهي ڪيترن ئي ڪتابن جو مطالعو ٿي ويجي ٿو." ٻيو ڪتاب نور احمد جنجهي جو آهي اياز متعلق 'ڪارونجهر تي باهڙي'۔ اياز جي عاشقن کي هي ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي. ٽر متعلق جيڪا نور احمد جنجهي کي جاڻ آهي ۽ جيڪي مون هن جون تحريرون مختلف اخبارن، رسالن ۾ پڙهيون آهن. اهو ساڳيو ڪم آهي. جيڪو هن شيخ اياز تي ڪيو آهي. هي هڪ محنت طلب ڪم آهي. جنهن کي هن جي محنت آسان ڪري ڇڏيو آهي. ۽ هونئين بہ محنت سان هر ڪم آسان ٿي پوندو آهي. هن جو اهو پورهيو شيخ اياز جي ٽر معلق ڪيل شاعريءَ کي گهڻو آسان ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ نظر هيڏانهن ۾

ڀ ٽيون ڪتاب آهي- 'جديد تنقيد هولي ڀ ادب'- هي ڪتاب اسان جي مبارڪ علي لاشاريءَ جو انتهائي ڳوڙهو ڀ مفيد ڪتاب آهي. نہ رڳو اهو پر مبارڪ جا ٻيا جيڪي ڪتاب آهن- جيئن: 'جديدت پڃاڻا ڀ بينڪيت پڃاڻا'، 'جديد ادبي تنقيدي نظريا'، 'ڪُنيس ڪويجن'- سڀ ئي هڪ ئي لڙي جا ڀ هڪ ئي تسلسل جا ڪتاب آهن. جن کي گڏائي پڙهڻ سان وڌيڪ آساني ٿيندي ڀ مبارڪ سنڌي ادب ۾ هڪ نعمت ٻڌجي آيو آهي.

هي اهڙا موضوع آهن. جيڪي هن کان اڳ سنڌي ادب ۾ ڪي ورلي ئي ملندا. مبارڪ ان کوٽ کي محسوس ڪيو ڀ پنهنجي محنت ڀ تند هي سان ان جو پورائو ٻه ڪري ڏنو آهي.-

'اروڙ کان رهجي ويل محبت'- وفا صالح راڄپر جي ڪهاڻين جو ڳُنڍو آهي- وفا نہ رڳو ڪها ٽيڪار آهي. پر هي هڪڙو شاعر ٻه آهي- 'دردن ڦولاريا ڦول'- هن جي نثري نظمن جو ڪتاب آهي. جيڪو هن ڪتاب کان پهريان وفا اسان جي هٿن ۾ ڏنو آهي. هن ڪهاڻي ڪتاب کان پوءِ وفا پنهنجي مضمونن جو ڪتاب ٻه اسان جي هٿن ۾ ڏنو آهي.- 'مون سارينديِ سُپرين'- هن ان مضمونن جي ڪتاب ۾ اصل ۾ پنهنجي همعصر دوستن جي ڪم يا پنهنجي ويجهن دوستن تي محبت ناما لکيا آهن.- جيسيتائين ڪو ليکڪ پنهنجي راءِ نہ ٿو رکي تسيتائين ان کي مڪمل ليکڪ ٻه نہ سمجهڻ گهرجي.- وفا جو هي مضمونن جو ڪتاب اهو ڏسي ٿو ته هُو شين تي پنهنجي راءِ رکي ٿو. ڀ اها راءِ ئي ڪنهن جي، مضبوط ڀ مڪمل ليکڪ هٿڻ جو دليل ٻه آهي.- احمد جو اپياس هن جي ڪهاڻين تي مربوط آهي ته ڳالهه هن جي ڪهاڻين تي ڪبي ڀ مون ٻه احمد جي راءِ جي روشنيءَ ۾ پنهنجي راءِ وندي آهي. ڀ محبت مان ڏنل راءِ ڪيئن هوندي آهي.

اجهو هينئن هوندي. وفا جي ڪهاڻين جو هي مجموعو پڙهي ڪري مون کي اهو احساس ٿيو ته. سنڌي ڪهاڻي واقعي سگهاري آهي. هي موجوده وقت ۾ هڪ سٺي ڪهاڻيڪار جي سچاڻپ طور پاڻ مڃائي چڪو آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪيئي ڪهاڻيون ور ور پڙهڻ جهڙيون آهن.

هن کان وڌ پيار ڀ محبت ۾ ڏنل راءِ ٻي ٿي نہ ٿي سگهي.

'آلا نيڻ آڪاش جا'۔ وسيم آڪاش جو اصل ۾ ٽيون شعري مجموعو آهي. هن کان اڳ ۾ 'هوائن چير چمڪائي' ۽ 'هڪ گڏيل شعري مجموعو 'ڏهر منجهه ڏيئا'۔ هن اسان جي هٿن ۾ ڏنا آهن ۽ هن پوئين ڪتاب ۾ وسيم سيتائي تقريبا سورنهن شاعرن کي دريافت ڪيو آهي. جن ۾ ڪجهه ڄاتل سڃاتل ۽ نوجوان چهرن سان گڏ، اڻ ڄاتل ۽ گمنام شاعرن کي به هن دريافت ڪيو آهي. جيڪو ڪم سندس محنت، جذبي جي سچائي ۽ جاکوڙي طبيعت کي ظاهر ڪري ٿو۔ ۽ اهو هن جي جذبي جي سچائي جو ثمر آهي جو اڄ هو پوري سنڌ ۾ ڄاتو سڃاتو ويجي ٿو۔ ۽ جڏهن ته مون کي وسيم تي پنهنجي طرفان الڳ راءِ ڏيڻ جي هي مضمون اجازت نه ٿو ڏئي. تنهن ڪري مان احمد شاڪر جي راءِ جي روشنيءَ ۾ پنهنجي راءِ کي ڪنورٽ ڪريان ٿو۔ احمد ٻڌائي ٿو ته وسيم جو درد قومي به آهي ته قديمي به. جنهن لاءِ هُو اسان جي قومي هيري مهاراجا ڏاهر جي سنڌ تي غاصب محمد بن قاسم جي هلان جو حوالو ڏئي ٿو. جنهن کي دنيا جو ڪوبه باضمير ذهن جهٽلائي نه ٿو سگهي ۽ اها ڳالهه احمد جي ذهني ۽ سياسي شعور جو پتو ڏئي ٿي. ان سان گڏ هن اها ڳالهه به وڌي چئي چڏي آهي ته آڪاش۔ پيرل پرديسي ۽ بشير سيتائي جو خال پُر ڪيو آهي۔ سندس ان ڳالهه کان به نظر نه ٿي چورائي سگهجي. ۽ اها نظر ان ڪري به نه ٿي چورائي سگهجي جو هو پنهنجي بزرگن جو تسلسل ئي ته آهي.

مضمون جو حجم ننڍڙو ضرور آهي. پر سندس راءِ جي جسامت ان کان گهڻي وڌي آهي. هن ننڍڙي پر با مقصد ۽ با معنيٰ مضمون جي پويان جو جذبو ڪارفرما آهي۔ اهو آهي پنهنجي پيارن، يارن ۽ دوستن سان پنهنجي محبت وندڻ، ورچڻ۔ ۽ احمد اهو ئي ڪيو آهي ته هن پنهنجي دوستن سان پنهنجي محبت وندي ۽ ورچي آهي.

'نئين ڪوتا جو بحث ۽ ٻيا مضمون'۔ هن سري هيٺ احمد۔ علي آڪاش جي ان مٿئين ڪتاب کان سواءِ هيٺ 'شاعريءَ جي بچاءُ ۾' ۽ 'پڪا رَڇ ڪنيار جا'۔ ڪتاب تي ويچار وندبيا آهن. مون کي احمد جي اها خوبي وٹي ٿي جو هن جي مطالعي ۾ جيڪي ڪارائتا ۽ لاپائتا ڪتاب آيا آهن. هن انهن تي پنهنجي ويچارن کي ڪمپوز ڪيو آهي.

'شاعريءَ جي بچاءُ ۾' ۽ 'پڪا رڇ ڪنيار جا'۔ ڪان پهريان ٻه اسان علي آڪاش سان 'هينئڙو اوٽي وڃ جيئن' ۽ ان ڪان گهڙو اڳ 'ڪاڪ ڪناري شام' ۾ ملي چڪا آهيون. 'ڪاڪ ڪناري شام' هن جي پهرين اُٽڪ آهي۔ ۽ پهرين وکن ۾ ظاهر آهي. ٻارڙو ٽاپڙبو ٻه آهي ۽ ظاهر آهي اهو ٽاپڙجڻ ان جي هلڻ جي مشق جو حصو هوندو آهي. مان ان ڪتاب تي پنهنجي طرفان ڪابه راءِ ڪونه پيو ڏيان. عليءَ جي راءِ جي روشنيءَ ۾ هي ٻه لفظ چيا آهن جو هن پنهنجي ان شروعاتي ڪتاب کي سڏاري سنواري ٻيهر آڻڻ جي ڀالهه ڪئي آهي.

۽ ان پهرين وک کان پوءِ هن جيڪا وک 'هينئڙو اوٽي وڃ جيئن' ۽ 'پڪا رڇ ڪنيار جا' جي صورت ۾ کنئي آهي، انتهائي شاندار آهي. ان ڪري اهي شاندار وکون ثابت ٿيون آهن. جو هن هلڻ وقت اکيون هوٽي پنڌ ناهي ڪيو. هن چوطرف ڏسي واسي، شين کي پرکي پرجهي پوءِ وک کنئي آهي. انهي پرک ۽ پرجهه جا نشان اوهان سندس ڪتاب 'شاعريءَ جي بچاءُ ۾'۔ پڙ ڏسي سگهو ٿا. جنهن ۾ هُو ٻڌائي ٿو ته شاعري ڪيئن هئڻ گهرجي؟۔ ۽ جيئن هئڻ گهرجي اها اسان هن جي مٿين ٻنهي ڪتابن ۾ ڏسي سگهون ٿا. مان ان تي تفصيلي بحث ان ڪري ٻه نه ٿو ڪري سگهان جو هتي احمد مون کي ٻڌي ڇڏيو آهي ته منهنجي ٻيانئي تي ڀالهاءِ، تنهن ڪري ڀالهه احمد جي ٻيانئي سان ڪبي.

احمد پنهنجي ٻيانئي ۾ چئي ٿو ته "تخليقي ادب سرجڻ ايڏو سولو ڪونهي. ان ۾ هن امداد حسينيءَ جي شعر کي ڪوٽ ڪيو آهي۔ "لُڙڪ کي لفظ ڪرڻ ايترو سولو نه آهي؟۔ ان پيڙاءُ مان گذرڻ کان پوءِ ئي تخليقڪار تخليق جو تاج محل کڙو ڪري ٿو. ۽ هن ٻه ته تخليق جا تاج محل کڙا ڪيا آهن. هڪڙو نه ڪيئي. نثري ادب توڙي نظماٽي ادب ۾۔ نثري ادب ۾ هن جو اهم مٿيون ڪتاب 'نئين ڪوتا / نثري نظم تي فيس بڪ تي اسان جي هڪ معتبر شاعر ۽ ٻين طرفان اٽاريل بحث کي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪيو آهي. جيڪو ڏاڍو ڪم جو ڪتاب آهي. جنهن کي ادب جي هر قاري کي هڪڙو پيرو ضرور نظر مان ڪيڻ گهرجي. خاص ڪري نثري نظم کي سمجهڻ لاءِ ضرور پڙهڻ گهرجي.

'شاعريءَ جي بچاءُ ۾' ـ واري ڪتاب ۾ احمد جي مضمون جي روشنيءَ ۾ مان پنهنجي راءِ کي محفوظ ڪندس. ان لاءِ جو مون کي ڳالهائڻ ۾ احمد تي ئي گهرجي پر احمد جن جو ذڪر ڪيو آهي انهن جو ذڪر ۾ اوس اچڻو آهي. ۽ اچڻ ۾ گهرجي. ـ احمد هن ڪتاب جي هر مضمون کي پڙهڻ وٽان ڄاڻائيندي. شيخ ايياز جي شاعري ۽ ان تي عام راءِ جڙڻ واري پاسي بابت ٽئين مضمون کارائتا ڄاڻايا آهن ۽ ان سان گڏ هو اهو ۾ ٻڌائي ٿو ته منجهس غزل تي ۾ ڪيتري ئي ڇاڻ مهيا ڪيل آهي. ۽ اها احمد جي راءِ فضول ۾ ڪانهي ۽ فضول راين مان اهڙا ڪتاب ناهن جُڙندا. جهڙو هي ڪتاب احمد اسان جي هٿن ۾ ڏنو آهي. احمد جي اها راءِ ۾ گهٽي وزندار آهي. 'اهڙا ڪتاب تيسيتائين ناهن جڙندا جڏهن شاعريءَ سان دشمني ناهي ڪئي ويندي. شاعريءَ سان دشمني ٽئي پئي تڏهن ئي ته هي ڪتاب 'شاعريءَ جي بچاءُ ۾' جي روپ ۾ ظاهر ٿيو آهي. ـ جڏهن ته **'پڪا رچ ڪنيار جا'** علي جو تخليقي پورهيو آهي. جيڪو ئي اصل ۾ علي جي سچاڻ ۾ آهي ۽ اهڙي سچاڻ تي علي کي رشڪ ڪرڻ گهرجي ۽ علي کي ان تي رشڪ آهي ۾.

هتي مان پنهنجي راءِ کي احمد جي راءِ سان گڏائي پيش ڪريان ٿو: اُها اِها ته هن ڪتاب جي پڙهڻ کان پوءِ اهو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته شاعري پنهنجي منزل ماڻي چڪي آهي.

ٿوري اضافي سان مان پنهنجي راءِ مڪمل ڪريان. هن ڪتاب 'هينئڙو اوٽي وڳ جيئن' ـ کي گڏائي پڙهڻ سان جيڪو لاپ ۽ لطف ملي ٿو. ان جو سواد ئي ڪو ٻيو آهي. جنهن جو لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهجي.

'رنگين تنهائي' ـ منصور سيتائي جو ڪتاب آهي. جنهن تي احمد پنهنجي راءِ مختصر پر پُر مغز راءِ ڏني آهي. ان راءِ جي روشنيءَ ۾ مان پنهنجي راءِ اوهان سان ضرور وڊيندس ۽ مون کي ان راءِ جي روشنيءَ ۾ پنهنجي راءِ ڪنورٽ ڪرڻي آهي. پر ان کان پهريان مان هن يار تي ٿورو پنهنجي طرفان ڳالهائڻ چاهيندس.

منصور منهنجو همعصر آهي. دوست آهي. پاڙيسري آهي. منصور سيتا جو آهي ۽ مان خيرپور ناٿن شاهه جو. ـ خيرپور ناٿن شاهه ۽ سيتا ۾ ته ڪوٺ

آهن. سيتا پنهنجي الڳ سچاٽپ پيدا ڪري ورتي آهي ۽ اهو سيتا جي الڳ سچاٽپ جو سهرو سيتائي شاعرن ڏانهن وڃي ٿو. ۽ سيتا جي ان الڳ سچاٽپ تي پاڻ ارها ڪونہ آهيون. ان لاءِ جو سيتا سنڌ کان ٻاهر تہ ڪونہ آهي. ايئن هي سموري سنڌ، منهنجي لاءِ منهنجو خيرپور ناٿن شاهہ ئي تہ آهي. ـ ايئن سنڌ جي ڪنهن بہ ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪوبہ روشنيءَ جو ترورو نظر اچي ٿو اهو منهنجو آهي ـ ۽ جيڪا شيءِ منهنجي آهي. اها مون کي ڪيڏي پياري هوندي. ان جو اندازو رڳو مان ئي لڳائي سگهان ٿو.

جيتري تائين احمد جي راءِ جي روشنيءَ سان ڳالهہ جو تعلق آهي تہ هُو منصور جي شاعري لاءِ چئي ٿو تہ اها احساس جي اڌمي جهڙي آهي. منهنجي راءِ آهي تہ جيڪا اڌمي مان جنم ونڊي اها پائيدار هوندي آهي. ان ۾ حسن بہ هوندو آهي تہ اها بامقصد بہ هوندي آهي. ۽ سندس اها راءِ تہ هن ڪتاب ۾ ڪيتريون ئي دل لپائيندڙ ۽ من پرپائيندڙ شيون آهن. تہ هن اها ڳالهہ ايئن ڪانہ چئي آهي. جڏهن هو ان جي واين جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ اهي ڪيترن ئي سگهارن شاعرن جي شاعريءَ کان سگهاريون آهن تہ اها ڳالهہ اياز گل بہ ڪئي آهي تہ ساڳي ڳالهہ سرمد چانڊئي بہ ڪئي آهي جو اسان جو گيت جي دنيا جو سدا بهار شاعر آهي. جنهن جهڙا لوڪ گيت تہ مان چوندس سنڌ ۾ ڪنهن بہ ناهن چيا ۽ منهنجي ان راءِ سان ڪنهن کي اختلاف آهي تہ اهو ان جو صوابديد آهي مون کي ان تي ڪو اعتراض ڪونهي. جڏهن تہ اياز گل بہ اسان جو مانائتو ۽ شانائتو شاعر آهي. جنهن جي راءِ کي ٻڌو ۽ ٻڌو نہ ٿو ڪري سگهجي. ـ ۽ اها ئي راءِ اسان جي احمد شاڪر جي بہ آهي تہ اها ئي راءِ منهنجي بہ آهي تہ هن جون جنهن بہ وايون پڙهيون تہ اهو هن کي وائي جو شاعر مجيو جڏهن تہ سندس سچاٽپ غزل جي شاعر طور بہ مصمم آهي.

'ريشمي احساس' ـ بالا بلوچ جي شاعريءَ جو اپياس آهي، جنهن ۾ هن سندس غزل کي وفا ناٿن شاهي جي لهجي جا غزل چئي ٿو. ـ ۽ ان سان گڏ ان ڳالهہ تي حيرت جو اظهار بہ ڪري ٿو تہ موري جهڙي شاعر خيز شهر ۾ رهندي اهڙو سهڻو ۽ سيبتو شاعر ائين گمنام ڪيئن رهيو آهي.

نہ رڳو احمد پر مون پڻ هن شاعر کي پهريون پيرو هن ئي ڪتاب ۾ پڙهي رضا لانگاهہ کي فون ڪئي هئي تہ يار هي تہ ڏاڍو سٺو شاعر آهي. پو هي ايترو

عرصو هيو ڪتي؟ ـ رضا ٻڌايو: بالا هڪ مائيٽو تن تنها ۽ پورالي طبيعت جو مالڪ آهي. هُو اسان جي ان ادبي ماحول ۾ پاڻ کي فٽ محسوس نہ ٿو ڪري. تنهن ڪري پري گذاري ٿو.

ان مائيٽي ۽ هڪ حوالي سان گمنام پر جاٽو شاعر کي پنهنجي اپياس هيٺ آڻي. احمد ـ بالا تي احسان ناهي ڪيو پر هڪ حوالي سان پنهنجي ادب پروريءَ جو مظاهرو ضرور ڪيو آهي. جيڪا هن جي ادبي ديانتداري ۽ سچائيءَ جو ثبوت آهي. نہ تہ هن دور ۾ ڪير پنهنجي واسطي وارن، يارن، پيارن تي زباني ۽ ڪلامي خرچ ڪرڻ کان بہ عاذر آهن. اتي احمد هڪ اهڙي شاعر جنهن کي هن ڏنو بہ ڪونهي. نہ ئي وري کا فون تي عليڪ سليڪ آهي. ان تي دل کولي راءِ ڏئي ٿو. سا بہ لکت ۾ تہ اها هن جي ادب پروري سان گڏ فراخ دلي بہ آهي. مان ڪيس اهڙي ادب پروري تي هن کي جس ئي ڏئي سگهان ٿو.

'شعور جو سرچشمو ڪتاب هوندا آهن' ـ منور بُٽ جي ڪل ملائي پندرنهن ڪتابن جو اپياس آهي. جيڪي سڀ جو سڀ ترجمو آهن. ـ ترجمي کي اسان پنهنجو پورهيو تہ شامل نہ ٿا ڪريون پر ترجمي کي نظر انداز بہ نہ ٿا ڪري سگهون. اهو بہ هڪڙو ڪم آهي. ۽ ساراهہ جوڳو ڪم آهي. جنهن جي ساراهہ ٽيڙ گهرجي ۽ ٽئي پئي ـ ۽ احمد جي ان راءِ کي ڪير بہ نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهي تہ "سنڌ ـ ڪثرت سان اهڙا ڏاها ۽ عظيم انسان پيدا ڪيا آهن، جن علمي ادبي پورهيو پنهنجي منهن، گهر جي ڪنڊ ۾ بنا لوڀ لالچ جي ڪيو آهي."

احمد جي هي راءِ منور بُٽ لاءِ آهي. پر اها راءِ اڪيلي منور بُٽ لاءِ ناهي. بلڪ انهن سڀني لاءِ آهي جن اهو ڪم ڪيو ـ منور جي هڪ هڪ ڪتاب تي احمد تفصيلي ڳالهايو آهي. منهنجي لاءِ هي ڳالهہ حيرت جي آهي تہ احمد اهي پندرنهن ئي ڪتاب پڙهيا بہ آهن ۽ انهن پندرنهن ڪتابن تي تفصيلي ڳالهايو بہ آهي. جيڪو ڪم هڪ جينيئس ئي ڪري سگهي ٿو. ۽ احمد جي اندر هڪ جينيئس آهي. جنهن کي اڳتي هلي ثابت ٽيڙو آهي.

'هڪ نظر هيڏانهن ۾' ـ هي رحمت پيرزادي جي ڪتاب 'ساحل متان هوائون' تي احمد جو نندڙو پر پُر تاثر ۽ وٽندڙ اپياس آهي. جنهن ۾ احمد جي هر جملي مان رحمت لاءِ محبت ٽپڪي رهي آهي. ۽ پنهنجي دوستن لاءِ محبت

فطري بہ آهي. ۽ وري اهي دوست جيڪي تخليقي بہ هجن. تعميري بہ هجن. رحمت تہ آهي ئي تخليقي ۽ تعميري هن جي لکڻين ۾ هروپيرو کا بي ترتيبي بہ ڪانهي تہ پوءِ انهن تي ڪلي لکڻ ۾ ڪهڙي قباحت. ۽ هي سڀ ڪجهہ ان محبت جو صلو آهي.

'هڪ نظر هيڏانهن ٻي'۔ هي عنوان ڪنهن جو بہ ڏيان ڇڪرائڻ لاءِ ڪافي آهي۔ ۽ ايئن ڪري احمد اسان جو رحمت ڏانهن ڏيان ڇڪرائڻ ۾ سرخرو ضرور ٿيو آهي.

رحمت جو هي اڪيلو يا ڇڙو ڪتاب ڪونہ آهي۔ رحمت تہ علم ادب جو ڏڻي آهي. هن سنڌي ادب ۾ ڪتابن جي هڪڙي بهار آندي آهي.

۽ هي آهي اها بهار۔ 'خمار گيت چاندني'، 'دلين جا داخلي رستا'، 'هوا جو رنگ ناسي آ'، 'ڪليسا جي دري مان'، 'خالي ڪئنواس'، 'ڪينڊل لائيٽ'۔ اهو هن جو سڄو تخليقي عمل آهي۔ ۽ هي 'صليب جاڳ اسان جي' ۽ 'محبت جو ردِ عمل' سندس تعميري عمل آهي۔ پهريان ست ڪتاب سندس ذاتي ۽ پويان بہ سندس سهيڙ آهن. ٽيٽ تہ ايئن ڪپندو هو تہ احمد سيني ڪتابن تي گڏائي هڪ پرپور اپياس آڻي ها تہ ان جو مزو ئي ڪجهہ ٻيو هجي ها۔ نہ رڳو رحمت پر اسان جي پاڃائي سنڌوءَ جي 'اداسي' کي بہ جي احمد جاچي ها تہ اهو سون تي سهاڳو ٿي پوي ها. ان لاءِ جو رحمت، سنڌوءَ ۾ آهي ۽ سنڌو رحمت سان. اهي هڪ ٻئي کان جدا ڪٿي آهن؟ ۔ اهي بہ نانءُ اصل ۾ هڪ نانءُ جو پرتوَ آهي. جڏهن اسين هڪ جو ذڪر ڪنداسين تہ ٻئي جو ازخود ذڪر اچي ويڙهو آهي. جي نہ ٿو اچي تہ اها هڪ نظر ڇڪ سمجهڻ گهرجي. سو احمد جي نظر ڇڪ جو هتي مان پوراءُ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو۔ جي اسان سنڌوءَ جي ان 'اداسيءَ' جو وزن بہ ان ۾ شامل ٿا ڪريون تہ ان جو وزن اڃا وڌي وڃي ٿو۔ اها سنڌو آهي جنهن شاعريءَ جي سمنڊ ڏي هڪ ڊگهو ۽ شاندار سفر ڪيو. جنهن جي وهڪري مان اسان گيتن، غزلن، واين، نظمن ۽ سانيٽ جهڙي ڏکئي پيرائي کي آساني سان پاتو آهي. پر اسان جو ذڪر وري بہ رحمت آهي. تنهن ڪري رحمت ڏانهن موٽ ڪائون ٿا۔ احمد چئي ٿو: "رحمت جو شعري سفر صنفي اعتبار کان ڏاڍو شانائتو آهي. اوهان هن کي هڪ مڪمل شاعر

سڏي سگھو ٿا." ـ ۽ مان ان راءِ کي ٽيڪو ونرائيندي اهو چوندس ته، ان جي ثبوت لاءِ اوهان رحمت جا اهي مٿان سيئي ڪتاب جن جو مون ذڪر ڪيو آهي، ڏسي سگھو ٿا.

'وصل جو ڪاڄ' ـ عمر تيوٽي جي شعري مجموعي 'دراوڙ ميرڙو آهيان' ـ جو اپياس آهي.

عمر شاعر سان گڏ قومي ڪارڪن به رهيو آهي. ـ جيلون ريلون هن جون ڏٺل آهن. پر هُو پنهنجي شاعريءَ ۾ نماڻو بردبار ۽ نهٺو آهي. هُو عام قومي شاعر وانگر بڙ بڙو نه آهي. هن کي خبر آهي ته شاعري ڇا آهي ۽ پڙڪي ڇا آهي. ـ تنهن ڪري هن ويهي شاعري ڪئي آهي. پڙڪيون ڪونه ڪاڏيون آهن. ـ هن کي خبر آهي ته پڙڪيءَ جي عمر ڇا آهي. ۽ ان جي اهميت ڪيتري آهي. ـ اهو ئي سبب آهي جو عمر جو پهريون ئي ڪتاب اڪين تي ڪنيو ويو آهي. ۽ هن جي شخصيت هڪڙي قومي ڪارڪن بجاءِ هڪ معتبر ۽ سوبر شاعر طور چٽي ٽيڙ لڳي آهي. بلڪ چٽي ٽي. بيٺي آهي. ـ ۽ خاص ڪري نظم کي هن جيڪي زاويا ڏنا آهن، اهي ڏاڍا موهيندڙ آهن. ـ

احمد جي راءِ آهي ته "عمر جي شاعريءَ ۾ قوميت جو عنصر نمايان آهي." ـ مان چوندس ته اهو مڏم آهي، ڏيمو آهي، ان ۾ نعري جو اپار ڪونهي. اهو وٽندڙ آهي. تنهن ڪري اهو ڪم جو آهي. ان جي ضرورت به آهي.

احمد جي هي راءِ ته: "عمر جي شاعري نج ڳوناٽي زندگي جو هڪ حسين پورٽريٽ آهي، جنهن ۾ سارين، ڪٽڪن، گلن، پوٽن ۽ پکين جا ولر پينٽ ٽيل آهن." ـ ان راءِ ته، عمر جي شاعريءَ جو سڄو سارو عرق ڪولي اسان آڏو رکيو آهي. ۽ پنهنجي تجزيي جو حق ادا ڪري ڇڏيو آهي. ته تجزيا ايئن ڪبا آهن. ـ هي اتاچرا ۽ سطحي رايا نه آهن. اهڙي راءِ کي پکو پختو اديب ئي ڏئي سگھي ٿو. ـ ۽ اسان کي اتي احمد جي عمر بجاءِ ان جي ذهني پختگي جي خبر پوي ٿي ته هن پنهنجي تجربن ۾ پنهنجي عمر کان گھٽو گھٽو اڳتي نظر اچي ٿو.

'هي شميم آهي ۽ هي آهي شاعري' ـ شميم مريءَ جي ڪتاب 'پھٽن جي پرئين پاسي' ـ جو مختصر جائزو آهي. شميم هڪڙي سماجي ڪارڪن آهي. پر هن جي ٻي جيڪا سڃاڻپ آهي. اها ئي هن جي اصل سڃاڻ اهي. ـ اها سڃاڻ آهي هن جي ڪهاڻيڪاره جي، هن جي شاعره جي.

ڪهاڻيڪار طور هو 'ميران جوڳڙ' ۽ اسان جي هٿن ۾ ڏئي چڪي آهي.
احمد چئي ٿو: ته اتي شاعره طور اسان کي 'پهٽن جي پرئين پاسي' وٺي آئي آهي.

ڀ اڄ اسان پهاڻن جي پرئين پاسي جو ئي سير ڪنداسين. ان لاءِ جو هيءَ احمد جي خواهش آهي. ۽ جي احمد ميران جوڳڙ جي مڪ تان ٿورو ٻه پردو کڻي ها. ته اسان ان جو ٻه ديدار ڪري وٺون ها ڀ توهان سان ٻه ان تي پنهنجا ويچار وندي سگهڙ جي قابل ٿي سگهون ها. پر هاڻ اسان احمد جي پيرن جي ڪيڙ هلنداسين.

احمد چئي ٿو: "مون کي سنڌس شاعريءَ تي لکڻو هو. پر شاعريءَ تي لکڻ وقت هن جي شخصيت اپري آئي آهي." ۽ ته ظاهر آهي هن جي شخصيت جاذب نظر آهي. ان جو اپري اڇڻ فطري آهي. ۽ اها هن جي نالي جي خوشبو آهي. جنهن کي احمد جي ساهن محسوس ڪيو آهي. تنهن ڪري هُو چوي ٿو ته "اها هر وقت هير تي سوار رهندي آهي."

شميم يعني خوشبو۔ خوشبو ڀ هير جو چولي دامن جو ساٿ هوندو آهي. هير ئي خوشبو کي کٽي سڄي ماحول کي معطر ڪري ڇڏيندي آهي. تنهن ڪري اهو فطري آهي ان جو هير تي سوار رهڻ.

ڀ احمد جڏهن شميم جي ڪم تي راءِ ڏئي ٿو ته اتي معتدل ٿي وڃي ٿو. نه ته اتي اچي تجزيا نگار گهڻو چلڪي ويندا آهن.

احمد جي راءِ آهي: "شميم جيڪڏهن ڪهاڻي يا شاعريءَ۔ مان ڪنهن هڪ تي ڏيان ڏئي ته ڏاڍي سٺي ڪهاڻيڪاره يا شاعره ٿي سگهي ٿي."

هي راءِ اها آهي. جنهن ۾ احمد، پنهنجي ليکڪ جي محبت ۾ لڙهي، نه وڏي چڙهي تعريف ڪري ٿو ڀ نه ئي وري رد ئي ڪري ٿو.

هوءَ ليکڪ آهي. اها ئي هن جي مصمم حيثيت آهي. پر هن پاڻ کي مختلف اکاين ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ۽ جنهن ڪري اها ورهايل نظر اچي ٿي.

هتي احمد کيس صلاح ڏئي ٿو ته هُوءَ ڪنهن هڪ طرف ٿي وڃي. ۽ ان تي احمد جي پسند سنڌس شاعري آهي. جنهن لاءِ هو چئي ٿو ته کيس شعر جو ڏاڻ آهي. ڀ وڏيڪ ته هُو سنڌس ڪتاب کي خوشي خوشي جديد سنڌي شاعري جي خاني ۾ رکڻ جو ساهس ساري ٿو.

ان کان وڌيڪ مجتا ۽ محبت ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

'سوجهري جا سفير' - خليل عارف جي ڪتاب 'روشني آهيون اسين' - 'لِک ڪِلڪ تون لِک' - صابر سيدپوريءَ جي ڪتاب 'چنڊ جهڙا پرين' - 'شاندار جئي پرڪاش' - جئي پرڪاش ساگر جي ڪتاب 'رڪجانءِ چمي سنيالي' - 'نيٺ مون ڏي چو ڪٽي ٿي شاعري' - منصور حمزه جي ڪتاب 'گل تي چمي' هي چارئي مضمون: مٿين ڪتابن جا مهاڳ آهن. جن مان آخري ڪتاب کي ايجا پرده غيب مان پرده شهود ۾ اڇٽو آهي.

هي چارئي مضمون احمد وڌي باريڪ بينيءَ سان لکيا آهن، جن ۾ احمد هڪ سڄي نقاد يا تجزيا ڪاري جي صورت ۾ اسان جي سامهون پاڻ کي پيش ڪيو آهي. نه رڳي اهي مٿان چارئي مضمون پر هن کان پهريان جن جن مان ذڪر ڪري آيو آهيان. اهي سڀ ان ڏمري ۾ اچن ٿا.

انهن چئن شاعرن مان پهريان به شاعر ته اسان جا چاتل سڃاتل آهن. جڏهن ته هينيان به. انهن کي ايجا پنهنجي سڃاڻ لاءِ گهٽي پٽ کوهه ڪرٽي آهي. جنهن مان جئي پرڪاش ته پنهنجي انٽرنيٽ ڏئي چڪو آهي. جڏهن ته منصور حمزه کي ايجا انٽرنيٽ ڏيٽي آهي.

خليل - پنهنجي هن مٿين ڪتاب 'روشني آهيون اسين' - کان پهريان بن ٻارائٽن ڪتابن جي صورت ۾ پنهنجي انٽرنيٽ ڏئي چڪو آهي. پهريون 'مهڪار' ۽ ان کان پوءِ 'موتي ۽ مڪڙيون'' جي صورت ۾. - انهن مان پهريون ڪتاب 1987ع ۾ ٻيو 2010ع ۾ ادبي بورڊ جي توسط سان اسان جي هٿن تائين پهتا آهن. ان هوندي ته خليل جي سڃاڻ اسان آڏو ٻارائٽي شاعر طور ناهي جڙي سگهي. ان جو سبب اهو آهي جو هو اصل ۾ وڌن جو ئي شاعر آهي. پر تڏهن به هن ٻارن لاءِ لکيو ۽ اهو هڪ نيڪ فال آهي. ۽ ايئن جيڪڏهن خليل جيان اسان جو هر شاعر ٻارن لاءِ لکي ته هوند سنڌي ادب ۾ ٻارائٽي ادب جو جيڪو خال آهي اهو پرجي سگهي ٿو. جنهن لاءِ خليل کيرون لهٽي. - ۽ مان هتي خليل جي لاءِ پنهنجي راءِ کي احمد جي راءِ سان گڏائي پيش ڪريان ته "خليل جي گودڙيءَ ۾ ڪيئي گل آهن. جن جي خوشبو مختلف به آهي ته وٽندڙ به" - ٿوري اضافي سان ته هن وٽ اها گل ڪاري نه رڳو نظم جي صورت ۾ آهي پر اها نثر جي صورت ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پوءِ اهي ڪهاڻيون هجن - يا اپياسي

پيپر، يا وري اسٽيج ناٽڪ ۽ ٽيلي فلمون- ۽ اها اسٽيج ناٽڪن ۽ ٽيلي فلمن جي پوري جهنڪار آهي. جن سان اسان اڪيون نہ ٽا چورائي سگهون. ۽ ان کان علاوه هن انهن ڊرامن توڙي فلمن ۾ جيڪي رول پلي ڪيا آهن اهو الڳ موضوع آهي. جن تي به سير طلب بحث ڪري سگهجي ٿو. پر هي پيپر ان جي اجازت نہ ٿو ڏئي. تنهن ڪري ان کي اسان اتي ئي ڇڏيون ٿا. ـ پاڻ صابر سيدپوريءَ تي ڳالهائينداسين- صابر جي هن ڪتاب کان اڳ ۾ اسان 'ڪڏهن ورندين' ۾ هن سان ملي چڪا آهيون ۽ مون ان ڪتاب ۾ صابر لاءِ لکيو هو تہ 'صابر اسان کان پوءِ ايندڙ ٽهيءَ ۾ هڪڙي چلانگ آهي. ـ منهنجي اها اڳ ڪٿي ڪيتري درست ثابت ٿي آهي؟ ـ ان تي پنهنجي راءِ کي گهمائڻ کان بهتر آهي تہ احمد جي مهاڳ تي اچان. چو تہ منهنجو موضوع احمد جا مضمون آهن. جڏهن مان احمد جي مضمونن ڏانهن اچان ٿو تہ احمد مون کي بيحد ڳوڙهو ۽ گهڻ پڙهيو ليکڪ نظر اچي ٿو. سندس راءِ عام مطالعاتي اپياس ڪارن وانگر هوائي توائي يا وائڙي ڪانهي. ۽ منهنجي ان ڳالهہ جي تصديق توهان هن ڪتاب جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي مان ڪري سگهو ٿا. تنهن هوندي به مان هڪڙو ٽڪرو توهان کي هن مضمون مان پڙهائڻ جي جسارت ڪريان ٿو:

"ادب آرٽ جو اهو شعبو آهي، جنهن جي اپ تي سهسين چنڊ، ستارا جڳمڳائي رهيا آهن. ڪنهن ڪنڊ ۾ڪهاڙي چمڪي پنهنجو ڏيان ڇڪائي رهي هوندي آهي ۽ ڪٽان ناول اک ڀيڙي پاڻ ڏي سڏي رهيو هوندو آهي. تہ ڪٽان جيوٽيون، ڊراما، سفر ناما پيا تڪيندا آهن تہ ڪنهن ڪنڊ مان شاعريءَ جا ٽيڙو ڪتيون ۽ تارا پيا اشارا ڏيندا آهن."

راءِ پڙهو ۽ هوليءَ جي بيهڪ جو اندازو به لڳايو ۽ اها ڪنهن ننڍي عمر جي ليکڪ جي هولي تہ ڪونہ آهي. ۽ اها ان ڪري ناهي جو هن جو شوق، هن جي چاهہ ۽ هن جي سماجي حالتن هن کي ڏونگر ڏس پرينءَ جا ڏسيا. جنهن تي ڪو تيز ۽ طرار ئي هلي سگهي ٿو. ۽ هي تيز ۽ طرار بٽجي ويو. ٻي صورت ۾ هي اها سگهہ نہ ساري سگهي ها.

هن مضمون ۾ اهڙا ڪيترائي پيراگراف آهن جيڪي مون اندر لائين به ڪيا پر سپ جا سپ تہ نہ ٽا کٽي سگهجن. تنهن ڪري هڪ وک اڳتي وڌي هلون ٿا.

'شاندار جئي پرڪاش' ۽ مان هڪ ٽڪرو ڪٽون ٿا.

"هن وقت سنڌي شاعريءَ جي سفر ۾ جيڪو نوجوان شاعرن جو لڏو شامل ٿيو آهي. سندن شاعري پڙهي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته اڄ جو نوجوان شاعر مستقبل ۾ سنڌي شاعريءَ جي باغ کي اهڙو ته سائو ڇهڇ ٻٽائي ڇڏيندو جو اهو باغ ڪڏهن به ڪنهن به صورت ۾ سُڪي نٿو نه ٿيندو."

اها ڳالهه رڳي پرڪاش لاءِ ڪانهي. اها ساڳي راءِ منصور حمزه تي به صادر اچي ٿي ته اهڙن ٻين ليکارين تي به آٿي سگهجي ٿي. جيڪي هن ڪتاب جو حصو ناهن. جئي پرڪاش نئين پود آهي. ۽ مان هن سان پهريون پيرو هن ئي ڪتاب ۾ مليو آهيان. هي ڏاڍو سچيت، حساس ۽ ويچار ڏارڪ شاعر آهي. هن جيڪا شاعري ڪئي آهي. اها گهٽي ياڳي واقعاتي شاعري آهي. ۽ اسان جي احمد به گهٽي ياڳي هن جي واقعاتي شاعريءَ کي ئي پنهنجي اپياس ۾ آندو آهي. خاص ڪري هن وقت جيڪي سنڌ جا اپريل مسئلا آهن. جن تي اسان جون مائرون، پينرون ۽ ڏيئرون سراپا احتجاج آهن. ۽ هن انهن کي پنهنجي نظمن ۾ پوئي. محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. اها ئي هن جي جذبي جي سچائي هن جي، جَي جَي جو سبب بڻبي ۽ هڪ ڏينهن پرڪاش ڏور تائين سُجهائي ڏيندو. ۽ پر ان ۾ اڃا ڪجهه وقت لڳندو.

بهرحال، احمد جي هي نئين دريافت نظر انداز ڪرڻ جهڙي به ناهي. ۽ مون دريافت لفظ ان ڪري استعمال ڪيو آهي، جو پهريون دفعو احمد ئي اسان کي پنهنجي 'سيپتا پبليڪيشن' ذريعي هن سان متعارف ڪرايو آهي.

۽ منصور حمزه تي بهتر آهي ته مان پنهنجي راءِ رکڻ بجاءِ احمد جي راءِ رکان. ۽ احمد جي راءِ آهي "منصور حمزه جي شاعراڻي عمر ڪيتري آهي، منهنجي لاءِ اهو سوال اهميت جوڳو نه آهي. منهنجي لاءِ اهميت جوڳي منصور جي شاعري آهي. جيڪا معياري آهي. ڪارائتي آهي."

۽ جڏهن اپياس هيٺ آيل شيون پڙهجن ٿيون ته ان جي تصديق خودبخود ٿي وڃي ٿي. ۽ گڏ احمد جي علمي پختگي جي سند به پوي ٿي. ۽ گڏ حيرت به ته ايڏي سهڻي شاعري ته هن عمر ۾ هٿ ڪانه ايندي آهي. اها ته عمرن جي ڪاپي ڪان پوءِ ئي ڪنهن پاڻ واري جي حصي ايندي آهي.

'ڪارائتو ڪم' هي احمد جو انور جي ايندڙ ڪتاب تي هڪ ڀرپور سھڻي ۽ ڪارائتي راءِ آهي.

انور ٿوري عرصي ۾ سنڌي ادب، ادبي سياست ۽ صحافت ۾ جيڪا ناماچاري ڪمائي آهي. اها به ڏسڻ وٺان آهي. جنهن سان ڪنهن کي به ريس ٿي سگهي ٿي. هي 1990ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ميهڙ جو حصو ٿئي ٿو ۽ جلد ئي مرڪزي ڏاڙا جو حصو بڻجي وڃي ٿو. ايئن هو چئن سالن جي قليل عرصي ۾ مرڪزي آڊيٽر بڻجي وڃي ٿو ۽ ان کان جلد ئي هُو مرڪزي خزانچي جو عهدو به پنهنجي حصي ڪري وٺي ٿو.

۽ جڏهن هن جي ادبي ڪم تي نظر وجهون ٿا تہ هڪڙي حيرت گاڏڙ خوشي محسوس ٿئي ٿي. جو هي پنهنجي عمر کان گهٽو ڪم ڪري ويو آهي. ايترو ڪم، جو ڪو عمر ڀاري چڏڻ کان پوءِ به مشڪل ڪري سگهي. پورا پندرنهن ڪتاب هُو هن وقت تائين اسان جي هٿن ۾ ڏئي چڪو آهي. ان کان سواءِ هن جا ڪافي ڪتاب مختلف ادارن وٽ ڇپائي هيٺ آهن. ۽ ان کان علاوه ٻيا به ڪيترا ئي ڪتاب هن وٽ سهيڑيا پيا آهن. ۽ اهي سڀ جا سڀ ڪتاب يڪ موضوعاتي نہ آهن. انهن ۾ ادب آهي. سياست آهي. سماجيات آهي. مطلب اهڙو ڪهڙو موضوع آهي جنهن کان هن ڪني ڪترائي ڪجي؟

هن ميهڙ جي تاريخ سهيڑي آهي. علمي، ادبي، جاگرافي تاريخ. پنهنجي شاعرن، اديبن، عالمن، ڏاهن، مدبرن، مصورن کي محفوظ ڪيو آهي. پوءِ اهي ميهڙ جا هجن يا ميهڙ کان ٻاهر جا. سنڌي ٻوليءَ تي هن جو ڪم الڳ آهي. سياست تہ هن جو مرغوب موضوع آهي. پوءِ اها سنڌي ادبي سنگت جي سياست هجي، ملڪي، قومي سياست هجي. هن ايم آر ڊي جي شهيدن تي به ڪتاب آندو. 'ايم آر ڊي'. ايئن هن بشير خان قريشي، مقصود قريشي، سلمان وڏو ۽ سميع الله ڪلهوڙو کي به ناهي وساريو تہ اتي هن اعجاز جتوئي کي 'محب وطن سياستدان' جو تحفو ڏئي چڏيو آهي. بشير خان قريشيءَ کي هن 'شهيدِ سنڌ بشير خان قريشي' ۾ محفوظ ڪري چڏيو آهي تہ 'مقصود قريشي ۽ سلمان وڏو کي هن 'هُو سڙيا سنڌ جي سلسلي ۾ هيا' ۾ گڏ رکي چڏيو آهي. جڏهن تہ

'ڏرتيءَ جو شهيد' ۾ پاڻ سميع الله ڪلهوڙو براجمان آهي. ـ اها ڏميواري آهي. جيڪا انور نياڻي آهي. تہ پنهنجي شهيدن کي. پنهنجي پيارن کي ايئن محفوظ ڪبو آهي، ڪتاب لکي. ڪتاب سهيڙي ڪري ـ اهو ئي ڪم تاريخ محفوظ ڪندڙ ڪم آهي. جيڪو انور ڪري پيو. جنهن کي ساراهڙ گهرجي ۽ هي منهنجا ۽ اکر سندس ان پورهئي جي پيٽا سمجهڙ گهرجن ـ ۽ ساراهه پڻ. ۽ جيتري تائين هن ڪتاب تي احمد جي اپياسي پيپر جو تعلق آهي. اهو ۽ ائين سمجهو تہ ميهڙ جي علمي، ادبي شاهه پارن جي تاريخ آهي.

احمد جي راءِ جي روشنيءَ ۾ ڳالهايون ٿا. "هي ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي، ميهڙ تعلقي جي علمي، ادبي تاريخ کي سهيڙڻ جو پهريون ۽ شاندار قدم آهي."

احمد جا هي لفظ انور جي ڪم جي قدرداني لاءِ ڪافي آهن. ـ ۽ هونئن ۽ پورهيو ڪنهن جو ۽ رائيگان ويڙو ناهي. توهان ڪم ڪيو. توهان کي ان جو لاڀ ملندو.

انور پنهنجي ليکي علم، ادب جي تاريخ سهيڙي آهي. احمد ان سهيڙ تي جيڪا مينا ڪاري ڪئي آهي ۽ جيڪي ڇڻيا آهن، هي اپياس ان جو سڌو نمونو آهي. جيڪو انور جي پورهئي جو مزو دوبالا ڪري ڇڏيو آهي. هي بظاهر انور جي ڪم جو اپياس آهي. ـ پر اهو اپياسُ علم ۽ شعور جو خزانو آهي. ـ هن سڄي مضمون ۾ اهڙيون ڪم جون ۽ ڪارائتيون ڳالهيون آهن هن جو سڄو مضمون ورهاڻي تي دل چوي ٿي. پر اهو ممڪن ناهي. تڏهن ۽ هن مضمون مان هڪ ننڍڙو ٽڪرو اوهان کي پڙهايان ٿو: "دنيا اندر جيڪي ۽ قومون آباد آهن، انهن جي سڀاڻپ جو وٽندڙ حوالو اتان جو ادب آهي ۽ اهو ادب ئي آهي جيڪو قومن جي مزاج ۽ ماڻهپي کي ظاهر ڪندو آهي."

ان راءِ کان عقل جو جڏو ئي روءِ گرداني ڪري تہ ڪري ٿو سگهي. ـ ادب جي اهميت ۽ افاديت متعلق ان کان وڌ ٻي راءِ نہ ٿي ٿي سگهي. ـ هيءَ راءِ منڊيءَ تي جڙاءُ جيان لڳي ٿي. جيڪا سهڻي ۽ آهي ـ سڄي ۽ آهي تہ وٽندڙ ۽ ڪري ۽

۽ مٿين راءِ آسان جي هن نوجوان ليکڪ کي ڪيترو سالڪ ۽ ڏاهو ثابت ڪري ٿي. ان جو فيصلو عوام کان ونڻون ٿا. ۽ اهو فيصلو عوام تي رکي ڇڏيو آهي.

'نئون نياپو ۽ لکيل ٿي خط' ـ هي نالي ۾ ته ٿي خط آهن. پر اهي اصل ۾ ٿي تبصرا آهن، تجزيا آهن، تنقيد آهي ـ موجوده دور ۾ چپچپي آيل ناولن تي ـ پهرين خط ۾ هن منير چانڊئي جي ٽن ناولن تي گڏائي راءِ ڏني آهي. ۽ اها راءِ ڏني ته ڀرپور آهي جنهن کي ڪوبہ جهٽلائي نہ ٿو سگهي. نہ رڳو اهي پر هيٺ جن ناولن تي هن پنهنجا ويچار ونڊيا آهن، اهي بہ ايڏائي سگهارا ۽ جاندار آهن.

بہ وکون اڳتي ـ "تهڙي لفظ جو اضافي ورجاءُ، نڙيءَ ۾ جهڙو ٿوهر ڏٽي ٿا پون ـ باب انين ۾ چوڪري ريجهان، عبدالله کي پڃائي ٿي ويچي ـ چا ڪا چوڪري مرد کي پڃائي ويندي آهي؟" ـ

هُو ان راءِ کي اتي چڏي ٿو ڏئي ـ هاڻ پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن ته تجزيو ڪيترو ٺُڙ آهي. اهڙا تجزيا عام قاري جي وس کان ٻاهر آهن. اهڙي راءِ کو جاڻو سچو ڪرو سنو پاڙهو ۽ مدبر ئي ڏئي سگهي ٿو.

'مري جيءِ ڏنوسين' ـ ايوب کوسي جي هن ناول کي هو ناول بجاءِ، اخباري رپورتاز سڏي ٿو. هو چئي ٿو ته ليکڪ جي چوڻ مطابق هي ناول حشو ڪيولراماٽي تي لکيل آهي ـ ۽ ناول ۾ تخليق جو تارو ڪٽي بہ ٽمڪو نہ ٿو پري ـ هن ناول جو هيرو سنڌي قوم جو هيرو آهي. جنهن سان اسان جي محبت فطري آهي ـ جيڪڏهن ان ڪردار کي صحيح طريقي پيش نہ ڪري سگهو ته نہ ڪريو پي صورت ۾ ردِ عمل فطري آهي.

هن ناول ۾ جيڪي شاهہ سائين جا بيت ڏنل آهن، هي ان ڳالهہ کي سنو سوڙ نہ ٿو سڏي. سندس چوڻ آهي "ناول هڪ نج تخليق آهي. جنهن ۾ ناول نگار جون ڳالهيون سنيون لڳن ٿيون."

ٽئين خط ۾ هو بن ناولن جي ڳالهہ ڪري ٿو. 'طوائف' ۽ 'پيراڊائيز پوائنٽ تي شام' ـ پهرين ناول ۾ هُو پنهنجي راءِ اهو چئي محفوظ رکي ٿو ته "مان ان ٻُڌتر ۾ آهيان ته اهو ناول آهي بہ يا نہ ۽ جڏهن مان ان گرداب مان نڪتس ته پنهنجي راءِ ضرور ڏيندس." باقي 'پيراڊائيز پوائنٽ تي شام' لاءِ چئي ٿو ته "ان کي پڙهندي ايئن لڳي رهيو هو جڻ نظمن جو ڳٽڪو پڙهي رهيو آهيان."

۽ هن پنهنجي ان خط ۾ ڪيترن ئي ناولن جو ذڪر ڪري پنهنجي ان راءِ کي محفوظ ڪيو آهي ۽ ان اهي ناول رڳو نالي طور ناهن ڳٽايا. بلڪ پڙهيا

آهن ۾ انهن تي بحث بہ ڪيو آهي، جيڪو عمل هن جي ذوقِ سليم سان ڏَڏ گهڙ مطالعاتي فهم ۾ فڪر کي بہ ظاهر ڪري ٿو.

'آگم اکڑين ۾'- هي سنڌس مختصر آتم ڪٿا آهي. هي آتم ڪٿا ناهي - هي سنڌس والد جي مرتئي جو ماتم آهي- سنڌس غربت جو نوحو آهي- ۾ هن وقت تائين هن جيڪا پيڙاءَ ۾ پوڳنا پوڳي آهي، هي ان جو مرثيو آهي - ڇورا ٻار ڪيئن زندگي گذارينداآهن، هي ان جو بيانيو آهي.

احمد جنهن عمر ۾ آهي - ان عمر ۾ آتم ڪٿائون ناهن لکيون - آتم ڪٿائون عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي چوڙيل، نپوڙيل عمر جو ڪچو چٽو هوندو آهي. ان ۾ ليکڪ پنهنجي جنسي محرومين کي ڏاڍا مرچ مصالحہ ملائي گهڙو ٽيستي بڻائي وڏا چسڪا وٺي بيان ڪندا آهن.

پر هن آتم ڪٿا ۾ اهڙو ڪجهہ بہ ڪونهي. اهو ان ڪري جو هي ايڏا ان عمر کي پهتو ڪونهي.

پر ڇا هن جي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪجهہ بہ ڪونہ هوندو. جنهن مان هوچسڪا وٺي اسان کي ٻڌائي- ضرور هوندو. پر هي هن جي سوپرائپ جو ثبوت آهي. جو هن اهڙو ڪجهہ بہ ناهي ڏسيو. نہ تہ اها ئي تہ عمر آهي، اصل ۾ پيار جي- عشق جي- فشق جي- وغيره وغيره

انهي دل ڇڄائيندڙ تحرير مان هڪ ٽڪرو:

"مون کي ياد ناهي تہ هن جو چهرو ڪهڙو هو. ۾ هُو پنهنجي قد بُت ۾ ڪيئن هو ۾ پنهنجي طبيعت ۾ ڪهڙي مزاج جو مالڪ هو ۾ مون کي اها ڄاڻ بہ ناهي تہ سنڌس علم ۾ اکرن جي ڄاڻ هئي بہ يا نہ. ڇاڪاڻ تہ هُو هن دنيا مان تڏهن هليو ويو هو جڏهن مان ايڏا ۾ ايڏائي سالن جو مس هيس. هن جون مون وٽ ڪي يادون، ڪو خاڪو ڪونہ آهي ۾ نہ ئي ڪا هن جي ڇڏيل نشاني - بس هن جو هڪڙو فريم ٿيل فوٽو ۾ ڪجهہ پاسپورٽ، جيڪي پنهنجو مدو ڪائي چڪا آهن. سنياڻي رکيا آهن."

هن کان وڌيڪ ڪو دک ناتڪ ٿي سگهي ٿو؟ -

۾ اهو ڏک ئي آهي، جنهن هن کي زبان ڏني، جنهن هن کي قلم پکڙايو ۾ جنهن هن کي وقت کان اڳ بلوغت جي سرحد تي رسائي ڇڏيو.

هي کا مڪمل آتم ڪٿا ڪونہ آهي۔ احمد بہ هن کي مختصر ئي سڏيو آهي. جڏهن تہ ڪٿائون پنهنجي مڪملتا چاهيندیون آهن۔ توهان هن کي احمد جي آتم ڪٿا جو پهريون پاڳو چئي سگهو ٿا۔ ۽ هي آتم ڪٿائي تحرير جو هڪڙو باب ئي آهي. ۽ انهيءَ ئي تحرير کي اڳتي هلي آتم ڪٿائي ڪتاب جو روپ ڏارڻو آهي. پر ان لاءِ هڪ طويل انتظار جو بن ڪانڊو پوندو. ان لاءِ جو آتم ڪٿائون جنهن عمر ۾ مڪملتا پائيندیون آهن احمد جي اها عمر اڃا گهڻو پري آهي.

'ڪيهرجي جي ڪڇ ۾'۔ هي هڪ سفرنامو آهي. جيڪو هڪ سڃيت سياح جون سڪون لاهي ٿو. جنهن کي اسان جي هن نوجوان بہ هڪ سياح جي نظر سان ئي ڏٺو آهي. هي هڪ ڏکيو ۽ ٽڪائيندڙ سفر آهي. ۽ اها هڪ جاکوڙي ۽ محنتي سيلاني جي خوبي آهي تہ اهو ڏکين ۽ اٽانگن پيچرن جي چونڊ ڪندو آهي. احمد بہ هڪ ڏکئي ۽ اٽانگي پنڌ جي چونڊ ڪئي آهي. ۽ اسان کي پهريون دفعو هڪ نئين دنيا کان متعارف ڪرايو آهي.

هڪ مختصر، ننڍڙو ۽ معلوماتي سفرنامو آهي. هڪ اهڙي دنيا، جيڪا اسان کي ويجهو هڻڻ باوجود اسان کان پري آهي. تنهن ڪري اسان انهن جي رهڻي ڪهڻي کان بي خبر آهيون. احمد هڪ نئين دنيا سان اسان کي متعارف ڪرايو آهي.

انهن جي اٿي ويٺي ڪيئن آهي۔ اهي زندگي ڪيئن گذارين ٿا۔ انهن جي اوليت ڇا آهي۔ انهن جي هوليءَ جو لهجو ڪهڙو آهي.

احمد انهن جي هڪ هڪ شيءِ کي ڏاڍي سهڻي ۽ سليقي سان ريز ڪيو آهي.

آخر ۾ ڳالهہ هولهہ آهي۔ جيڪا اسان جي انور ڪاندڙي، احمد سان ڪئي آهي۔ هي هڪ قسم جو انٽرويو آهي۔ ۽ انٽرويو ۾ اسان جو هي هونهار دوست، هڪڙي مدبر عالم جون سڪون لاهي ٿو. هو پنهنجي جوابن ۾ گهڻو سڃيت نظر اچي ٿو.

مثال۔ انٽرويو ونندڙ هن کان تحقيق متعلق هڪ سوال ڪري ٿو۔ ان متعلق هن جيڪو جواب ڏنو آهي، اهو هن جي عمر جي ليول کان گهڻو مٿي آهي. جيڪا ڳالهہ هن جي نوجوان عالم هڻڻ واري حيثيت تي مهر ثبت ڪري

چڏي آهي. جواب آهي، "منهنجي خيال ۾ جنهن ليول جو تحقيقي ۽ تاريخي ڪم مولائي شيدائي ڪيو آهي، اهو ڏاڍو شاندار آهي. ڪجھ ٻيا ب ان سلسلي ۾ نالا کڻي سگھجن ٿا. مثال طور ٻوليءَ تي سراج جو ڪم. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ آهي ۽ ٻيا ب گھڻا ئي آهن. پر گھٽي ياڳي سنڌ ۾ جيڪو ب تحقيقي ڪم ٿيو آهي. اهو فردي ۽ شوق جي بنياد تي ٿيو آهي. ڪنهن خاص پراجيڪٽ کي کڻي ناهي ڪيو ويو. جيڪڏهن علمي، ادبي ۽ ٻوليءَ جا ادارا چاهين ته تحقيق جي ڪم کي تحريڪي صورت ڏئي سگھن ٿا ۽ انهن ادارن جو اصل ڪم ب اهو آهي."

ذوالفقار گاڏهي
03063250132
خيرپور ناٿن شاھ

لکڻ ذات ۽ پڙهڻ فن آهي. بنا ڪنهن شڪ شبهي جي لکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي پر اها به هڪ حقيقت آهي ته جيئن لکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي ۽ ايئن ئي پڙهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. لکڻ هڪ ويهڪ آهي ۽ پڙهڻ هڪ مسلسل صبر آهي. مون جيترو پڙهڻ وقت ڪرب محسوس ڪيو آهي، اوترو ئي وري لکڻ وقت پاڻ کي هلڪو محسوس ڪيو آهي. هڪ واڌو ڳالهه اوهان کي اها به ٻڌائيندو هلان ته آئون جنهن ماحول ۾ جيون جا پَل گهاري رهيو آهيان. جيڪڏهن اتي مون لاءِ ڪتابن جي ڪائنات جي دري کليل نه هجي سچ ته اهو آهي مان چريو ٿي وڃان ها يا خودڪشي جي اُونهيءَ غار ۾ غرق ٿي وڃان ها ۽ اها ساڳي راءِ پنهنجي لکڻ سان به لاڳو ڪرڻ چاهيان ٿو.

مون جڏهن به ڪتاب پڙهيو آهي ۽ پڙهڻ بعد ان جي آخري اڇي پني تي پنهنجي راءِ ضرور لکي ڇڏي آهي. ان عمل مون کي پهريان شاعر ۽ پوءِ هڪ نثر نويس بڻائي ڇڏيو ۽ اڄ ڏينهن تائين جيڪو به ڪتاب پڙهندو آهيان ته اهو ڪم ازخود عمل ۾ اچي ويندو آهي. آئون سمجهان ٿو ته جيڪڏهن هڪ پڙهندڙ وٽان ڪتاب تي جيڪڏهن لکت ۾ راءِ ملي ٿي ته ان ۾ ليکڪ جي ڪم جي ساراهه سان گڏ اتساهه ۽ آڻت جو احرام به اڀجي ٿو. مون پنهنجي مطالعي کي ڪڏهن به وجائڻ ناهي ڏنو ۽ پنهنجي راءِ عام پڙهندڙن تائين پهچائي آهي ۽ ان جو ثمر هيءُ ڪتاب اوهان اڳيان آهي.

مون جڏهن به شاعري ڪئي آهي يا مضمون لکيو آهي ان کي لکڻ وقت ۽ ڇپرائڻ وقت ٻيهر لکڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي آهي. هاڻي اها منهنجي عادت بڻجي وئي آهي، جنهن جي ڪري تخليقون گهٽ ئي ظاهر ڪندو رهندو آهيان. شاعري رت جي مزدوري گهرندي آهي ۽ نثر پگهر جي مزدوري گهرندو آهي ۽ مون انهن ٻنهي شعبن ۾ ڏينهن، رات ڏاهپ جي ڏيئن ۾ وٽ جي جاءِ تي پنهنجو اکيون ڪيڊي رکيون آهن. هيءُ مضمون جيڪڏهن اوهان اڳ ڪٿي پڙهيا هوندا ته. ان وقت ٻي شڪل ۽ متن ۾ هوندا ۽ هن ڪتاب ۾ نئين انداز ۽ متن سان اوهان کي پڙهڻ لاءِ ملندا.

هڪ نظر هيڏانهن ٻه

هن ڪتاب ۾ جيڪي به مضمون شامل آهن. اهي مختلف وقتن تي لکيل آهن ۽ مختلف هنڌن تي ڇپيل آهن. ڪي رسالن ۾ ته ڪي ڪتابن ۾ ڇپيل آهن . هن ڪتاب کي سهيڙي پڙهندڙن اڳيان آڻڻ جو هڪ ئي سبب آهي. جو انهن جي بار بار پڇا ڪرڻ تي اوهان جو نئون ڪتاب ڪڍهن ٿو اچي ۽ مون ان گهرج کي محسوس ڪري هيءُ ٽڙيل پکڙيل مواد سهيڙي 'هڪ نظر هيڏانهن ۾' نالي سان پڙهندڙن جي هٿن تائين آڻيندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

آخر ۾ آئون پنهنجي محسن دوست ذوالفقار گاڏهيءَ جو دل سان ٿورائتو آهيان. جنهن منهنجي چئي کي مانءُ ڏنو ۽ ڪتاب جو دل کولي مهاڳ لکي ڏنو. ان کان علاوه آدرش ۽ گلزار جو پڻ ٿورائتو آهيان. جن پڻ پيار ۽ پنهنجائپ مان رايا لکي ڏنا ۽ آخري ڳالهه ته آئون پنهنجي پڙهندڙن جو پڻ ٿورائتو آهيان. جن جي اتساهه ئي منهنجي قلم جي مَس کي سُڪڻ ناهي ڏنو.

احمد شاکر
03473230193
ميهڙ

هک نظر هیڈانهن بِ

(مضمون)

احمد شاکر

ڏاهيُون ڏڪ ڏِسن

سنڌ جي سورمن رڳو سرحدن جي دفاع جي لاءِ ئي پنهنجي سورهيائپ کي وقف ڪونہ ڪيو آهي. پر هنن پنهنجي سُورهيائپ کي ڏاهپ جو ڏيهہ بہ ڏيکاريو آهي. سنڌ جي انهن سورمن جي قطار ڪونجن جي قطارن کان بہ ڊگهي آهي. اها قطار ڪيرٿر جي جابلو سلسلي جي ڊگهين قطارن جيان اڻ کٽندڙ آهي. سنڌ جي ڏاهن جي انهي ڏاهپ هر ڏيهي پرڏيهيءَ کي ڏندين آڱريون ڏئي ڇڏيون آهن. هڪ طرف سنڌ جي سورمن جي سورهيائپ ۽ ٻئي طرف سنڌ جي ڏاهن جي ڏاهپ انهن نقطن جي جيڪا حقيقي ويڪيا آهي. اها عملي طور اسان امير سنڌ جي امير ماڻهوءَ حشو ڪيولراماڻيءَ جي ڪردار ۾ چگي طرح ڏسي سگهون ٿا. حشو ڪيولراماڻيءَ جو ڪردار هاڻي ڪڏهن بہ گمنامیءَ جي ڪنهن اونهي غار ۾ گم نہ ٿوٽي سگهي. چاڪاڻ تہ هاڻي هن جو پورهيو سندس فن، فڪر ۽ شخصيت قلم جي اک ۾ اچي ويو آهي. جيڪو سندس ٻن نايابہ ڪتابن جي صورت ۾ پنهنجن اصل وارثن (سنڌين) وٽ پهچي چڪو آهي. اهو ڪهڙي صورت ۾؟ اهو مدد علي سنڌي طرفان ننڍڙي پر جامع ڪتاب "حشو ڪيولراماڻي: نہ وسرندڙ شخصيت" ۽ ٻيو اهو ڊاڪٽر پارس نواز طرفان ترتيب ۽ ترجمو ڪيل "سنڌي سرويچ: حشو ڪيولراماڻي" جي نالي سان ظهور پزير ٿيا آهن. ڪتابي صورت ۾ ان کان اڳ حشو ڪيولراماڻي جي شخصيت جا مختلف پهلو هن جون ساروٽيون، سندس خط سندس مختلف دوستن جي ڪتابن ۽ يادگيرين ۾ نڪل تاري جيان نڪرڻ پکڙيل پاسا جهڙوڪر سائين جي ايم سيد جي ڪتابن منجهہ شيخ ايار جي 'ساهيوال جيل جِي ڊائري' ۾، لچمڻ ڪومل جي آتم ڪتا 'وهي ڪاتي جا پنا' ۾، موهن ڪلپنا جي آتم ڪتا 'ٻُڪ، عشق، ادب' ۾ ۽ ٻين الاهي سنڌ جي اديبن، ڏاهن جي مختلف ڪتابن ۾ ڏنل حشو ڪيولراماڻيءَ جي شخصيت نڪل تاري جيان نڪرڻ پکڙيل هئي.

ڪردار حالتن سان هلڻ جو حوصلو ڏيندا آهن ۽ هر ايندڙ وقت کي هنن جي ذهن جي زرخيز زمين پنهنجي ذهانيت سان چڪي وٺندي آهي يعني هو دور انديش ئي هوندا آهن ۽ اهڙا ئي ڪردار جڏهن ماضيءَ جو هڪ وساريل

باب بڌجي ويندا آهن تہ پوءِ هيئن ٿيندو آهي. جيئن ڊبليو سمرسيٽ ماهر چيو "توهان کڏهن بہ پنهنجي ڪردارن بابت مڪمل ڄاڻي نہ ٿا سگهو." حشو ڪيولراماڻي بہ سنڌ کان ڪنهن حد تائين تہ وسري چڪو هو پر، هو هاڻ دريافت ٿي چڪو آهي، هاڻي سندس قد مهين جي درڙي جي استوپا جيان اوچو ۽ پري کان ئي پڌرو نظر اچي رهيو آهي. حشو ڪيولراماڻي پريا (پريا هاڻوڪي ضلعي نوشهري فيروز جو تعلقہ هيڊ ڪوارٽر آهي) جي ڳوٺ ۾ 20 ڊسمبر 1914ع ۾ اک کولي ۽ والد ديوان ٿهلرام جي نظرن جو مرڪز صرف اٺن سالن تائين رهيو. (حشوڪيولراماڻيءَ جو والد ديوان ٿهلرام ان وقت وفات ڪئي هئي، جڏهن حشو اٺن سالن جو ٻار هو) ۽ پوءِ هو جيجل جِي جهوليءَ ۾ جهومندو پڌر تي بانبڑا پائيندو وڪون کڻندو جواني ۽ جوڀن جي وهيءَ جي تخت تي پروان ٿئي ٿو. حشوءَ جي تعليم ۽ تربيت ۾ سندس امڙ جِي ايماندارانہ عظمت جو اولڙو آهي. سندس خاندان پريا جو چڱو خاصو امير ۽ زميندار گهراڻو هيو. سندس ڏاڏو گنومل امير، زميندار هوندو هو. حشو ڪيولراماڻيءَ پرين جي ڳوٺ جي ڳلين ۾ ضرور پنهنجي پاءُ گوپ چند سان کيڏيو ۽ کليو ۽ مستين ۾ مرڪيو هوندو. حشوءَ جي ٻاراڻي ۽ جوانيءَ جون هيڪارون پرين واريءَ حويليءَ ۽ ڪراچيءَ واري فليٽ ۾ ضرور گذريون هونديون ۽ ها هن جي پيرن جا نشان ضرور سن جي ڳوٺ ۾ سائين جي ايم سيد جي سنڌو درياهہ ڪپ واري بنگلي جي پڌر تي بہ پيا هوندا. جتي حشوءَ ڪافي ڏينهن ۽ راتيون گذاريون هيون.

حشو ڪيولراماڻي جي تعليم ولايت مان پرايل هئي. هو ان کان اڳ (اين.جي.وي) هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان سيڪنڊري تعليم بہ پرائي چڪو هو. سريلنڪا ۽ انگلينڊ مان بہ تعليم پرايائين. آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هن جي ڪرستان چوڪريءَ شانتيءَ سولونا سان ڈيٽ ويٺ تي هئي. جيڪا اصل ۾ بمبئي جِي رهندڙ هئي. اها حشوءَ جي شايد پهرين محبت هئي ۽ هنن شادي بہ ڪرڻ چاهي جيڪا ٿي نہ سگهي. حشو ڪيولراماڻي آڪسفورڊ ۾ پڙهڻ دوران اندرا گانڌي، فيروز گانڌي ۽ ڪرشنا مينن سان بہ ڪچهريون ڪندو رهيو. ان کان پوءِ حشو اتي پڙهڻ دوران ڪافي سياست جي ويجهو بہ اچي چڪو هو. سندس مالڪن جون اميدون هيون تہ هو ڪو اعليٰ

آفيسر ٿي ورندو. پر، نہ حشو تہ اتان هڪ سياسي، سماجي ذهن کڻي واپس آيو هو. حشو ڪيولراماڻي جون سوچون سڄ سريکو سچ جي مصداق اسان وٽ پهتيون. چاکاڻ تہ هو هڪ جينيئس هو ۽ جينيئس هر دور خاص ڪري مستقبل کي دور انديشيءَ جي خوردبينيءَ منجهان پسي، عام سان پنهنجا ويچار وندبيندا آهن ۽ اهي ويچار وقت جي وهڪري ۾ ڪڏهن بہ گم ناهن ٿي سگهندا.

حشو ڪيولراماڻيءَ جي پتني سرلا ۽ سندس پٽ گُل بہ ڏيئر مينا ۽ نينا سان جيون جا جهانجهر جهڙا ڏينهنڙا گذريا. اي ڪاش! حشوءَ جي نجي زندگيءَ تي سرلا، گُل، مينا ۽ نينا جا ڪير ويچار ڪنهن ڪوري ڪاڪر تي قيد ڪري تہ حشوءَ جي هستي جو هر هڪ خاص طور تي نجي زندگيءَ جو ورق چٽو پٽو ٿي پئي. حشوءَ جو پُٽ گل بقول شيخ ايياز جي تہ "جينيئس ٿو لڳي" ۽ گُل آرٽ ۾ ٻال اوستا کان ئي پاڻ مڃائي چڪو آهي ۽ هو اڄ ڪلهہ 'جرمني جي شهر ڊسل ڊورف ۾ هڪ اينيميٽر آهي.' (ڪتاب: سنڌي سرويچ حشو ڪيولراماڻي) حشو ڪيولراماڻي جو جيڪو بہ پورهيو آهي، ورهاڱي کان اڳ جو اهو ڪاڻي آهي؟ يا حشوءَ ورهاڱي کان اڳ ادبي سياسي مضمون، مقالا يا ڪهاڻيون ڪونہ لکيون هيون؟ مدد علي سنڌي پنهنجي ڪتاب "حشو ڪيولراماڻي: نہ وسرندڙ شخصيت" ۾ هڪ حشوءَ جي ڪهاڻي پدم نالي سان ڏني آهي ۽ ممڪن آهي تہ حشوءَ ورهاڱي کان اڳ ٻيون بہ ڪي ڪهاڻيون لکيون هجن. هنن ٻنهي ڪتابن (حشو ڪيولراماڻي نہ وسرندڙ شخصيت ۽ سنڌي سرويچ حشو ڪيولراماڻي) ۾ حشوءَ جي صرف هڪ ڪتاب "پاڪستان ايڪسريس" (هن ڪتاب تي اڳتي لکبو) ۽ ٻيو حشوءَ جي هڪ ڪهاڻي پدم ۽ حشوءَ جو سنڌي ڪهاڻين جي ترجمو ڪيل ڪتاب "سنڌي شارٽ اسٽوريز" جو پيش لفظ ڏنل آهي ۽ بس. ڇا حشوءَ جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو ادبي ۽ سياسي پورهيو ڪونهي؟ ايياز پنهنجي ڪتاب ساهيوال جيل جي ڊائري جي صفحي 167 تي لکي ٿو تہ "1963ع ۾ مان جڏهن حشوءَ سان ڏهليءَ ۾ مليو هوس تہ حشوءَ سان سرلا جي شادي ٿي چڪي هئي. مان پانيان ٿو سرلا جو اڳيون مڙس مري ويو هو ۽ ان کان پوءِ هن حشوءَ سان شادي ڪئي هئي، هن

کي ۽ جوان ڏيئر ۽ گل جي نالي سان ڪ ننڍو پُٽ هيو ۽ ساريءَ فيملي‌ءَ جا فوٽو منهنجي البم ۾ آهن. حشو پنهنجو نالو سردار حشمت الله ۽ پُٽ جو نالو گل محمد ٻڌايو هو." شيخ ايياز جي هن آخري ست، "حشو پنهنجو نالو سردار حشمت الله ۽ پُٽ جو نالو گل محمد ٻڌايو هو" هن ست کي پڙهڻ کان پوءِ ڪ دم ٻئن ٿو محسوس ٿيئي ته حشو ڇڻ مسلمان هجي. جڏهن ته حشو مسلمان ڪونہ هيو. ڇا حشو ڪيولراماڻي ورهاڱي کان پوءِ جڏهن هن کان ماتر پومي سنڌ ڇڏائي وڃي ٿي ۽ هو انديا ٿو وڃي. ته حشوءَ اتي اسلام ته ڪونہ قبوليو هو؟ شيخ ايياز جي انهن سٽن کي ڪنهن ليکڪ ڇو ڪونہ هينئر تائين پنهنجي نظر مان ڪڍيو ۽ ان تي ڪجهہ لکيو آهي؟ بقول نصير اعجاز ته "حشوءَ پاڻ ۽ هڪ اخبار 'سنڌ هلچل' جي نالي سان ڪڍي هئي." تحقيق انهيءَ تي ۽ تفصيل سان ڪونہ ٿي آهي ته حشوءَ ڪا اخبار ۽ ڪڍي هئي يا نہ جي ها ته پوءِ انهيءَ پاسي (صحافت) تي ڪنهن هينئر تائين قلم ڇو ڪونہ کنيو آهي؟ جيئن آءٌ هتي سوال ٿو چڏيندو ڪندو هلان ۽ ايئن ئي اهڙيءَ طرح سان غلام رباني آگري پنهنجي ڪتاب (سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر) ۾ حشوءَ متعلق مختلف پهلوئن تي سوال اُٺاريا هئا ۽ انهن سوالن جا سڀا جواب ڊاڪٽر پارس نواز پنهنجي ڪتاب (سنڌي سرويچ حشو ڪيولراماڻي) ۾ ڏنا آهن.

حشو ڪيولراماڻي سياسي ذهن رکڻ جي باوجود ۽ ڪنهن سياسي جماعت جو ميمبر ڪونہ ٿيو. شايد حشو ان وقت جي سياسي جماعتن مان مطمعين نہ هجي يا ڪو ٻيو سبب هجي؟ حالانڪ ان وقت ته ڪانگريس ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون جماعتون هيون. جيڪي آزاديءَ جي ۽ تحريڪ هلائي رهيون هيون. ها پر، حشو سرگرم ضرور نظر اچي ٿو. تڏهن ئي ته هو ان وقت جي ڪارندن جي قيد خانن جو قيدي ٿجي ٿو. حشو تقريبن 28 کان 30 مهينا جيل ياترا ڪئي. هيءَ اهو ئي حشو آهي جنهن سائين جي ايم سيد جي موقف کي پهريون دفعو انگريزي زبان ۾ متعارف ڪرايو. هيءَ اهو ئي حشو آهي، جنهن کي سائين جي ايم سيد پنهنجو سياسي استاد ٿو سڏي. حشو ڪيولراماڻي جي زندگيءَ ۾ ورهاڱي جو وقت ۽هہ جهڙين ساعتن جو وقت هو. هن ڪاڻي پئي

چاهيو تہ سنڌ کي چڏيان. هن سنڌ چڏي ڪونہ هئي پر، هن کان سنڌ چڏائي وئي هئي. انهيءَ وچ ۾ (ورهاڱي وقت) هيءَ (حشو) ڪافي وقت تائين سنڌ ۾ ٽڪيو رهي ٿو. ۽ جڏهن سنڌ کان چڏايو ويجي ٿو تہ انهيءَ ڏينهن جي منظر کي شيخ ايياز پنهنجي ڪتاب (ساهيوال جيل جي ڊائري) جي صفحن تي سورن جي سيلاب جيان پلٽيو آهي. حشو ڪيولراماڻيءَ پنهنجي اکين ۾ خوشحال سنڌ جا خواب ٽاڪيا هئا ۽ انهن خوابن جي ساڀيان صحرا جي واريءَ جي وَر چڙهي وئي. حشو ڪيولراماڻي انڊيا ۾ رهندي جيڪي انگريزي اخبارن ۾ ڪالم لکيا (بعد ۾ اهي ڪالم پاڪستان ايڪسپريس نالي سان ڪتابي صورت ۾ چپيا ۽ هيءَ ڪتاب ڊاڪٽر پارس نواز پنهنجي ڪتاب سنڌي سرويچ حشو ڪيولراماڻي ۾ ترجمو ڪري شامل ڪيو آهي.) اهي ڪالم حشوءَ جي وسيع خيالن، مشاهدن ۽ تجربن جو تاج محل آهن. هن ڪتاب (پاڪستان ايڪسپريس) جي مهاڳ ۾ حشو لکي ٿو تہ "اهو منهنجو اعزاز ليکجي جو ورهاڱي ڪانپوءِ بہ ٽن ورهين تائين پنهنجي اباڻي وطن ۾ ٽڪيل رهيس." حشو ڪيولراماڻي هڪ طرف ورهاڱي کي ڪربلا جي واقعي سان ٿو پيٽي تہ ٻئي طرف وري 1947ع وارين حالتن کي سنڌ ۽ سنڌي سپيتا کي هڪ ٻئي مهين جي دڙي جهڙي تباهہ ڪُن حالتن سان ٿو پيٽيندي نظر اچي. حشوءَ جي نظر ۾ "پاڪستان هڪ ڪٹر لتون هٽندڙ ٻار آهي." هن پنهنجي ڪالم ڪتاب (پاڪستان ايڪسپريس) جِي ارپنا سرحدي گانڌي خان غفار خان کي ڪئي آهي ۽ حشو خان عفار خان جو ٻانهن ٻيلي بہ رهيو. حشو ڪيولراماڻي انڊيا ۾ رهندي سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جي درجي ڏيارڻ ۾ صفِ اول تي نظر ٿو اچي ۽ هن انڊيا ۾ رهندي "سنڌو سماج تنظيم" ناهي هئي دهليءَ ۾ ۽ ان جو 1956ع ۾ صدر بہ رهيو ۽ هو انڊيا ۾ رهڻ دوران علم، ادب ۽ سياسي سرگرمين ۾ پيش پيش نظر اچي ٿو. هو 'هندستان اسٽينڊرڊ' اخبار جو فري لانس صحافي پڻ رهيو. ۽ هُن اتي سنڌي زبان جي اُن وقت اُپرندڙ نون ڪهاڻيڪارن جي ڪهاڻين کي انگريزي زبان ۾ متعارف ڪرايو. ۽ سندن ڪهاڻين کي انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪري "سنڌي شارٽ اسٽوريز" جي نالي سان ڪتاب پڻ چپرايو. مدد علي سنڌي پنهنجي ڪتاب (حشو ڪيولراماڻي نہ وسرندڙ

شخصيت) جي صفحي نمبر 39 تي لکي ٿو ته "حشو صاحب آڪٽوبر 1955ع ۾ نئين دهلي ۾ شاهه عبداللطيف يٽائيءَ جي ورسي ڀريون پيرو ملهائي." ۽ اهڙيون ڪي ئي سماج سڌارڪ سرگرميون حشو ڪيولراماڻي جي حصي ۾ اچن ٿيون."

حشو ڪيولراماڻي هند مان سنڌ جي اديبن ۽ دوستن ڏانهن جيڪي به خط لکيا آهن. اُهي ڇاهي سائين جي ايم سيد ڏانهن، ابراهيم جويو ڏانهن يا وري مدد علي سنڌي ڏانهن هن جيڪي به خط لکيا آهن انهن خطن کي جڏهن پڙهجي ٿو ته انهن خطن ۾ حشوءَ رڳو ڪتابن جي باري ۾ لکيو آهي. معلوم هو انديا ۾ ايڏو اڪيلو ئي ويو هو جو هن رڳو ڪتابن ۾ ئي پنهنجي لاءِ پناهه ڳولي ورتي هئي. حشو ڪيولراماڻي جي زندگي جو هر ورق وکريل ٿو نظر اچي. هن جو اندر ان وقت ٿو وساميندي نظر اچي، جڏهن هن کان سنڌ ڏرتي ڇڏرائي ٿي وڃي ۽ حشوءَ جي زندگيءَ جا آخري ڏينهن ٻڌندي پڙهندي ايئن ٿو محسوس ٿئي ته جڙ ڪو ريگستاني ڪارو وڇون ڏنگي رهيو آهي. وڏو ماٺو دانائ حشو ڪيولراماڻي انديا ۾ اڪيلو اڪيلو پنهنجي بنيءَ ۾ جلي ٿو وڃي. هيڏن وڏن نالن ۽ سنڌي اديبن جي باوجود بـ؟ آخر ڪار حشو ڪيولراماڻي ڪيئن ٿو وڃائجي وڃي؟ ڪيرت ٻاٻاڻي، لچمڻ ڪومل، موهن ڪلپنا ۽ ٻين سنڌي اديبن جي هوندي؟ هُنن حشوءَ جهڙي جينيئس کي آخرڪار ڪهڙين مجبورين جي ڪري نظر انداز ڪيو؟ حشو ڪيولراماڻيءَ جي عمر جا آخري ڏينهن وهه جي ڀيت جيان سيني ۾ لهندا محسوس ٿا ٿين. حشو آخري ڏينهن ۾ ويجهن دوستن کان گهري گذارو ڪري ٿو ۽ ايئن چوندو نظر اچي ٿو ته 'آءٌ ورلڊ ڪلاسڪ نالي سان ڪتاب لکي رهيو آهيان ۽ ان مان مون کي ججهو معاوضو ملندو جنهن مان آءٌ اوهان کي پئسا موڪلائي ڏيندس' ڇا واقعي به حشو اهڙو ڪتاب ان وقت لکي رهيو هو؟ يا محض محبوب (سنڌ) جي جدائيءَ ۾هن جي ذهن جون باريڪ تنتون ٽُٽي چڪيون هيون؟ هن جا پير پدمڙا ممبئي ۽ دهليءَ جي دڳن تي گهميا ۽ ممبئيءَ ۽ دهليءَ جي ڳلين ۾ هُن جا ٽهڪ ۽ ڳالهيون ان وقت ضرور گونجون هونديون ۽ الهاس نگر جي نگريءَ ۾ هن نگاهون نيريِ اُپ ڏانهن ضرور ڊوڙايون هونديون ۽ 38 پڳٽ سنگهه مارڪيٽ دهليءَ ۾ ضرور

حشوءَ جون ڳالهيون ۽ سرتال ڀهه ڀهه ٻريا هوندا. ڇا هاڻي انهن ٻولن جا ٻول ڪير ٻڌي ٿو؟ ۽ حشوءَ جون آخري گهاريل گهڙيون الهاس نگر جي نگريءَ جي ڳلين ۾ مارڪيٽن ۾ ڪٿين گذريون؟ اهي گهڙيون ايڏيون اذيتناڪ ڪيئن ٻڌجي ويون؟ انهن ڳالهين کي ان وقت ڇو نه ڪنهن سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي؟ حشو جي لاءِ هندستاني ماڻهن جي ڪنهن گهر جو تاڪ ڪونه ڪليو ۽ هو الهاس نگر جي مساڻن ۾ رهڻ لڳو. هي سڀ ڳالهيون اوهان کي يقين جوڳيون لڳن ٿيون؟ سنڌ جو وڏو ماڻهو انديا ۾ بي يارو مددگار حشو ڪيولراماڻيءَ جو الهاس نگر مان گم ٿيڻ جو سال 1986ع ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. حشوءَ کي آخري ڏينهن ۾ جنهن ماڻهو ڏٺو هو سو سندس ويجهو عزيز مسٽر ماڏو پيمياڻي هو. جنهن کان حشوءَ ڪجهه روپين جي به گهر ڪئي هئي. حشوءَ جي آخري ڏينهن کي هر ڪنهن پنهنجيءَ پنهنجيءَ اک جي خوردبينيءَ سان ڏٺو آهي. ڪنهن ان سال تمام گهٽي بارش پوڻ ۽ برساتي ريلن ۾ حشوءَ جي گم نامي جو گس گهڙيو آهي ته ڪنهن وري سندس ويجهي عزيز مسٽر پيمياڻي هٿان قتل جو خدشو ڏيکاريو آهي پر انهن راين کان پوءِ ٻيڪو هاڻي تازو رايو سامهون آيو آهي. اُهو اِهو آهي، جيڪو ڊاڪٽر پارس نواز پنهنجي ڪتاب (سنڌي سرويچ حشو ڪيولراماڻي) جي صفحي نمبر 13 تي ڏنو آهي ته سڀ پنجون نمبر راءِ حشو جي پٽ گل ڪيولراماڻي (جيڪو جرمني شهر ڊسل ڊورف ۾ هڪ اينيميٽر آهي) جي آهي. هن جو چوڻ آهي ته 1986ع ڌاري حشو ڪچ جي رڻ ۾ ويو جتي هو لاڏاڻو ڪري ويو. مهاراشٽر جي هڪ عام ماڻهو شوڪ رام کيس اتي ئي دفنايو" پر، افسوس ان ڳالهه جو آهي ته، جهڙي طرح حشوءَ جي آخري ڏينهن ۾ ڪنهن سار سنڀال نه لڌي، اهڙيءَ ئي طرح حشوءَ جي گم ٿيڻ تي ڪنهن به تحرڪ نه ورتو. حشو ڪيولراماڻي جي ڳولا جي سفر کي ڊاڪٽر پارس نواز پنهنجي ڪتاب (سنڌي سرويچ حشو ڪيولراماڻي) ۾ زير بحث آندو آهي ۽ هن حشوءَ جي هستيءَ کي نامور ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار قرت العين حيدر جي جڳ مشهور ناول "آگ کا دريا" جي ڪردارن ۾ به دريافت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ناول جي مڪالمن سان. حشوءَ جي ڪالم ڪتاب (پاڪستان ايڪسريس) جي ڪالمن سان پيٽ ڪندي ڏيکاري

ٿي. حشو ڪيولاماڻي جي جيون جون آخري راتيون وڃ بڻيون اهي ب مهاتما گانڌيءِ جواهر لال نهرو ۽ مولانا آزاد جي هندستان ۾ اهو اسان جو ڏوراپو انهن عظيم انسانن ڏانهن پڻ آهي ت اوهان جي هندستان ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ، مهاراجا ڏاهر ۽ سائين جي ايم سيد جي سنڌ جو سپوت گم ٿي ويو ۽ اوهان جي پونئيرن ان معاملي تي ڪوب تحرڪ ڪونہ ورتو ڇو؟

حشو ڪيولراماڻي تي جيترو ب لکيو ويو آهي. اهو ايڏا گهٽ آهي. جيئن مهين جي دڙي جي کوٽائي 10 سيڪڙو ٿي آهي ۽ ايڏا 90 سيڪڙو رهيل آهي. بلڪل ايئن ئي حشوءَ جي شخصيت، فن، فڪر تي 10 سيڪڙو ڪم ٿيو آهي ۽ ايڏا 90 سيڪڙو ڪم ٿيڻو آهي. هيءَ ٽڪرو پڙهي پيڙاءُ سنڌ سنڌ پيهي وئي آهي ۽ اهو جملو "ايشيا جو ساريل شخص" ۽ اهو ڊاڪٽر ايوب شيخ لکيو آهي. جيڪوغور طلب آهي. حشوءَ وٽ حشمت هيڪاندي هئي ۽ هن جي شخصيت ۾ دلڪشي هئي. هن جي محنت ۽ محبت جو محور صرف ۽ صرف سنڌ جي ڏرتي هئي. هن جي ڏرتي سنڌ هئي. هن جي سرتي سنڌ هئي. آخري ڳالهه ت حشو ڪيولراماڻيءَ جي شخصيت، فن ۽ فڪر کي موجوده وقت ۾ فروغ ڏيڻ جي اشد ضرورت آهي ۽ اها اميد سنڌ جي ڏاهن مان ڪري سگهجي ٿي ت هو حشو ڪيولراماڻي جي شخصيت، فن ۽ فڪر کي فروغ ڏيندا.

❊

سنڌ جو سائين، سائين جي ايم سيد

جنهن سدائين سنڌ جي تسبيح سوري، جنهن سنڌ کي اصل حالت ۾ ڏسڻ پئي چاهيو جا ماضيءَ جي شاهڪار شاهوڪار تهذيب هئي، جنهن جي امن، محبت ۽ پائيچاري جاڳ جهان مثال ڏيندا هئا. سائين جي شخصيت تي سنڌ کي ناز ۽ اسان سنڌين کي فخر آهي. ان لاءِ جو هو سنڌ جو صالح، سچو فرزند هو. هو اول ۽ آخر سنڌ جي عشق ۾ سرشار هو. هن هميشه کيرتر جي پر (سَن) مان وڏي واقعي ترقي بني آدم جو فڪر ڏنو جنهن نوجوانن ۾ حب الوطني جو سلو پوکيو. جيڪو وڏي اڄ وڻ ٿيو آهي. جنهن پنهنجي ذات کان مٿانهون ٿي ڪري وطن جي خوشحاليءَ کي ترجيح ڏني. اهو توهان، اسان ۽ سموريءَ سنڌ جو سائين، سائين جي ايم سيد هو. جڏهن اونداهيون راتيون ڪٽن ٿيون ته اجري صبح جنم وٺي ٿي. جڏهن سنڌ جي سرزمين واڻن وات ۾ اچي وئي هئي، ته ان وقت سنڌ جي سائين ئي انهن واڻن سان مقابلو ڪيو ۽ سنڌ کي نئين سر اڏڻ جو عهد ڪيو.

اهو ڏينهن، اهو پل، اهو وقت، اهو ويلو ڪيڏو نه سياڻو چئبو جنهن وقت ۾، پل ۾ سائين جي ايم سيد جو جنم ٿيو هوندو. واقعي ته اهو ڏينهن، اهو وقت، اهو پل سياڻو ۽ پاڻوارو چئجي. سائين 17 جنوري 1904ع تي سنڌ جي ننڍڙي ڳوٺ سَن ۾ سيد محمد شاهه ڪاظميءَ جي گهر ۾ جنم ورتو. جڏهن سائين سورنهن مهينن جو مس ٿيو ته سندس والد صاحب کي شهيد ڪيو ويو گهر ۾ سائينءَ کان سواءِ ٻيو مڙد نه هئڻ ڪري سائين اعليٰ تعليم نه پرائي سگهيو. ڇهين درجي کان پوءِ قاضي محمد هاشم وٽ ويهاريو ويو جتي سائين عربي، فارسي پڙهڻ شروع ڪئي. اتي پڙهڻ دوران سائين، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کان روشناس ٿيو ۽ پڻ فارسيءَ جي شاعرن جي شاعريءَ کان به واقف ٿيو. جڏهن سائين جي ايم سيد چوڏنهن ورهين جو ٿيو ته پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ سن ۾ ئي سماجي پلائيءَ جا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سڄي ڳوٺ جي ماڻهن کي فضول خرچ ڪرڻ کان روڪيائين. سائين جي ايم سيد 1920ع ڌاري خلافتِ تحريڪ ۾ حصو ورتو جنهن کان پوءِ سائين جي ايم سيد ڪافي

خلافتِ ڪانفرنسون پڻ ڪوٺائيون. 1920ع ڌاري سَن ۾ خلافتِ ڪانفرنس حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي صدارت ۾ ڪوٺائي، جنهن کان پوءِ سائين مختلف وقتن تي خلافتِ ڪانفرنسون ڪوٺائڻ شروع ڪيون. ۽ خلافتِ تحريڪ جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1920ع ڌاري تعلقہ لوڪل بورڊ مانجهند جو صدر ۽ ضلعہ لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. جنهن کان پوءِ 1939ع ڌاري هارين جي حقن لاءِ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو بنياد وڌو. 1937ع ڌاري سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. آل انڊيا مسلم ليگ ۾ 1938ع ڌاري سائين جي ايم سيد شموليت اختيار ڪئي. تنهن کان پوءِ 1940ع ڌاري سنڌ جي تعليم جو وزير ٻڌيو. سائين جي ايم سيد پنهنجي ذهني طاقت ۽ سڃائيءَ سان اڳتي وڌندو رهيو ۽ 1943ع ڌاري سنڌ مسلم ليگ جو صدر ٻڌيو. تنهن کان پوءِ 1944ع ڌارا سنڌ اسيمبليءَ مان پاڪستان جي حمايت ۾ قرارداد منظور ڪرائي. 1946ع ڌاران مسلم ليگ کي ڇڏي، پروگريسو مُسلم ليگ پارٽيءَ جو بنياد وڌو. تنهن کان پوءِ سائين جي ايم سيد 1954ع ڌاران سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين ٿيو ۽ ان کان علاوه سائين جي ايم سيد وقتن بہ وقتن سماجي پلائيءَ جي ڪمن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو.

سائين جي ايم سيد 1966ع ڌاري بزمِ صوفيا سنڌ جو بنياد وڌو، مختلف هنڌن تي ڪانفرنسون ڪوٺايون. ۽ جهرجهنگ جهاڳيو بزمِ صوفيا جي پليٽ فارم تان سنڌي قوم کي بيدار ڪيو. ان قافلي ۾ سائين جي ايم سيد سان سنڌ جا سڃاڻ ڏهن رسول بخش پليجو، شيخ اياز بہ گڏ هيا. جن سائين سان ڀانهن ٻيلي ٿي اڳتي قدم وڌايا. سائينءَ پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ " آءٌ بنيادي طور جذباتي رهيو آهيان." پر، جيترو سائين محبتي هيو اهو ماپو ئي ناهي جو سائينءَ جي محبت کي ماپي سگهجي. سائينءَ جو عشق اول ۽ آخر سنڌ ڌرتيءَ سان هيو. چو جو وطن سان عشق ئي اصل عشق آهي. جڏهن سائين جي ايم سيد خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ تمام گهڻو ڪم ڪيو ايتري تائين جو ننڍڙا ننڍڙا پوسٽر لکي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهيو ۽ سڃائيءَ جون سرحدون پار ڪيون. جڏهن پاڪستان

وجود ۾ آيو ۽ پاڪستان جا وڏا سنڌ سان ماٽيلي ماءُ جهڙو ورتاءُ ڪرڻ لڳا ۽ واعدن کي پاٽي ڏيڻ بجاءِ ان جي برخلافي ڪئي. تڏهن سائينءَ جي دور انديش نگاهه اهو ڄاڻي ورتو ۽ سائين فيصلو ڪري ڇڏيو ته هاڻي وڌيڪ سنڌ پاڪستان جو بار نه ٿي کڻي سگهي ۽ پاڪستان کان حق گهرڻ ۾برن کان ٻيرَ گهرڻ برابر آهي. ان ڏس ۾ سائين جي ايم سيد الاعلان سنڌ يونيورسٽيءَ جي نوجوان شاگردن آڏو 31 مارچ 1973ع حقِ خودارادیت جو اعلان ڪيو ۽ نوجوان شاگردن کي مخاطب ٿيندي چيو "عزيز دوستو! توهان سان شام ملهائڻ، ياقوت کائڻ برابر آهي." ۽ مون خوشحال سنڌ جون واڳون اوهان نوجوانن جي هٿن ۾ ڏنيون آهن. ڇاکاڻ ته مستقبل جا مالڪ توهان نوجوان آهيو. "

سائين جي ايم سيد جيڪڏهن "سنڌ جا سورما" ڪتاب لکي، اسان کي پنهنجن سڄن موتين جهڙن هيرن کان واقف نه ڪرائي ها ته اڄ تائين اسان ڏورن ۽ لٽيرن کي هيرا پيا ڪوٺيون ها. جيڪڏهن سائين "پيغامِ لطيف" ڪتاب لکي ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي قومي شاعر نه پيش ڪري ها ته اڄ تائين اسان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي هڪ پير پيا ڪوٺيون ها. جيڪڏهن سائين "سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ؟ " ڪتاب نه لکي ها ته اڄ تائين اسان سنڌ کي جدا مُلڪ ۽ سنڌي قوم کي هڪ الڳ قوم ڪونه سمجهون ها. جيڪڏهن سائين "سنڌي ڪلچر" ڪتاب نه لکي، ها ته اڄ تائين اسان پنهنجي ڪلچر کان اڻ واقف هجون ها ۽ ٻيا کوڙ سارا ڪتاب جن ۾ جديد سياست جا نو رتن، جيئن ڏٺو آهي مون، سنڌوءَ جي ساڃاهه، ديارِ دل داستانِ محبت، نئين سنڌ لاءِ جدوجهد کان سواءِ ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ پهريان، پهريان سنڌ جي خوشحاليءَ جا گس آهن. جن ۾ هڪ خوبصورت سنڌ چٽيل آهي. جنهن ۾ ترقيءِ بني آدم جو فڪر پڻ سمايل آهي. جتان اَمن جا پکي اڏام ڪندا. جتان علم، ادب جا واهڙ وهندا ۽ سائين جي ايم سيد جي ڪتابن جو هڪ ٻيو پاسو ٻه آهي. جيڪو عالمي امن، سُک ۽ سلامتيءَ جو آهي. ڇاکاڻ ته جتي سائين جي ايم سيد سنڌ جي خوشحالي، آجپي جو درس ڏنو آهي ته اتي دنيا جي خوشحالي ۽ امن جي تمنا ٻه رکي ٿو.

کيرٿر جي پر ۾ جڏهن سنڌ جي سائين، سيد سنڌ جي آجپي جي ڳالهه ڪئي. سائينءَ جي عشق کي سنڌ سان سلهاڙيل ڏسي ڪري، سائينءَ جي سيني

اندر سنڌ جو ڏڙڪڻ ڏسي ڪري، سائينءَ جي ذهن ۾ سنڌ جو هر وقت خوبصورت تصور ڏسي ڪري، تڏهن نوجوان نسل جي باغي شاعر، اسان جي شيخ ايان جي ايم سيد کي سائين ڪوٺيو. سائين سنڌ سان عشق جي ڏوهه ۾ غداريءَ جي الزام هيٺ آخر دم تائين نظربند ۽ جيلن ۾ رهيو. ايوب جي دور ۾ 8 سال، ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ سادا چار سال، ضياءُ الحق جي دور ۾ 9 سالَ قيد ۽ بند جون صعوبتون گهاريون پر، پاڻ کيرتر جيان اڏول ڪڙو رهيو. جهڪيو ڪونہ هن هميشہ سنڌ ڏرتيءَ جي خوشحاليءَ جي لئہ سهانا سپنا ڏٺا. هن جي هر ادا ۾ سنڌ ڀٽي جرڪا ڪائيندي هئي. سائين هر سال پنهنجي هر سالگراهہ سَن ۾ ملهائيندو هو. جنهن ۾ ان وقت جا تمام وڏا قومپرست، قومي سياستدان شريڪ ٿيندا هئا. مان سمجهان ٿو تہ سائين سالگراهہ پاڻ کي خوش رکڻ لاءِ ڪونہ ملهائيندو هو. هو تہ سالگراهہ ملهائيندو ئي ان ڪري هيو تہ جيئن نوجوانن کي ترقيءِ بني آدم ۽ آجپي جي فڪر کان واقف ڪجي ۽ هاڻي هر سال سترنهن جنوريءَ تي جڏهن سائين جا سوين، هزارين ساڻي سَن ۾ گڏجي سالگراهہ ملهائين تا. تڏهن يقينن انهن جي اهڙي جذبي، جوش کي ڏسي مُک تي خوشي رقص ڪرڻ لڳندي آهي ۽ دل خوشيءَ ۾ سرشار ٿي ويندي آهي تہ ايڏا سنڌ جا سڄڻ ۽ سيد جا سرموڙ ساڻي موجود آهن. جيڪي سائين جي فڪر کي هڪ ڏينهن آجپي سان ضرور همڪنار ڪندا.

سنڌ جو سائين، تاريخ جو اهو سچ آهي، جيڪو هر وقت عالمِ انسانيت کي ڪوڙ کان پاسي رهڻ جي تلقين ڪندو رهي ٿو. سائين سنڌ جي نقشي تي اجرڪ جي قلڙين جيان هيو ۽ رهندو ۽ جتي اسان سائين کي پنهنجو رهبر مڃون تا. اتي اسان هن کي هڪڙو اعليٰ آدرشي انسان ٻہ مڃون تا. هن جو عشق ۽ ايمان مٽانهون آهي، ڪالهہ سنڌ جو سائين، سائين سَن جي ڏرتيءَ تان آجپي جون صدائون بُلند ڪندو رهندو هو. اڄ سيد جا سوين، هزارين سپاهي آجپي جون صدائون بلند ڪري رهيا آهن، جيڪي هڪ ڏينهن ضرور آزاديءَ جي مومل کي ماڻي ئي دم کڻندا.

❋

آڇپي جي اجري صبح جو تمنائي

هڪڙا ماڻهو پنهنجي لاءِ جيئندا آهن ۽ مري ويندا آهن. هڪڙا ماڻهو پنهنجن مفادن لئ ويڑهاند ڪندا آهن ۽ مري ويندا آهن ۽ هڪڙا اهڙا ماڻهو به هوندا آهن. جيڪي امن، انسانيت، ترقيءِ بني آدم لاءِ جدوجهد ڪندي امر ٿي ويندا آهن ۽ پنهنجا احساس، عمل ماڻهن جي ذهنن تي هميشہ لاءِ ڇڏي ويندا آهن ۽ موت کي اهڙي مات ڏيندا آهن. جو سندن نانءُ ڪٽڻ سان موت بي وقعت ٿي ويندو آهي.

سائين جي ايم سيد جي صالح سپاهي، سنڌ جي مجنون عاشق، ٿر جي واريءَ جيئن جرڪندڙ عبدالواحد آريسر موت کي مات ڏني. هو رڳو لفظن جي جادوگري ڪونہ ڪندو هو. هو رڳو ڳالهين جون ڳنڍيون کولي، ڏگهيون، ڏگهيون تقريرون ڪونہ ڪندو هو هو رڳو انڪلن يا چالبازين سان نوجوانن کي قومي قافلي ۾ شامل ڪونہ ڪندو هو. حقيقت هي آهي تہ هن جون سنڌ سان قربتون، محبتون ۽ هن جا اعليٰ آدرش ئي هئا. جو نوجوانن کي شوقِ شهادت، عشقِ سيد، محبتِ سنڌ لاءِ ڇڪي ايندا هئا. اهي اعليٰ آدرش سنڌ جي خوشحاليءَ جا هئا. آڇپي جي اجري صبح حاصل ڪرڻ جا هئا. اهي ترقيءِ بني آدم جا هئا. هن جي وچوڙي تي رڳو سَن جي سرزمين علم، ادب، قومي تحريڪ جي مٿي جر کان محروم ڪانہ ٿي آهي. هن جي وچوڙي تي رڳو ڪيرٽر ڪونہ ڏکارو آهي يا مڪليءَ جون مزارون ماتم ڪري ڪونہ رهيون آهن يا ٿر جي واري ملول ڪونہ آهي. هن جي وچوڙي تي سڄي سنڌ جي ڳچيءَ جو هار ٽٽي پيو آهي. آهٖ!

ڇا سپهہ سالارن جا جيءَ نہ جهرندا آهن؟ ڇا دلين تي ترجماني ڪندڙن جا جيءَ نہ جهرندا آهن؟ ڇا ادبي يا سياسي استادن جا جيءَ نہ جهرندا آهن؟ انهن سوالن جا جواب منهنجي خيال ۾ تہ ڪو سپهہ سالار دلين تي ترجماني ڪندڙ يا علمي، ادبي، سياسي استاد ئي ڏئي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ انهن مان ڪوبہ آهہ.... عام سان ڪونہ سلينڈو آهي. عبدالواحد آريسر سپهہ سالار بہ هو تہ دلين جي ترجماني بہ ڪندڙ هو تہ علمي، ادبي، سياسي استاد بہ هو. جڏهن شهيد سميع الله ڪلهوڙي جي شهادت ٿي هئي، تڏهن بہ هو بينو هو. هن ڏک تہ

محسوس ڪيو پر هو ڪريو ڪونہ هو. جڏهن سرائي قربان ڪهاوڙ جي ساڻين سميت شهادت ٿي تڏهن بہ هن ڏڪ تہ محسوس ڪيو پر جهريو ڪين هو. سچ تہ اولاد کان وڌيڪ شاگرد، ڪارڪن پيارا هوندا آهن ۽ هو عبدالواحد آريسر جا دادلا هئا، شاگرد هئا ۽ ڪارڪن بہ هئا تہ انهن جي شهادت جي سانحي کي سائين آريسر جهڙا ئي مدبر، ڪير ٿر جيڏي چاتي رکندڙ ئي سهي ٿي سگهيا نہ تہ اهڙا سانحہ ڪاٿي ٿا سهي سگهجن.؟

عبدالواحد آريسر کي بار بار جيلن، ٽاٽن يا ٽارچر سيلن ۾ ٿي اڇليو ٿي ويو جو هو سائين جي ايم سيد سان محبت ڪندو هو. سنڌ جي خوشحاليءَ لاءِ جاکوڙي رهيو هو. ان عظيم انسان لئہ ڪارندن ڪاريون راتيون پيدا ڪيون، تڪليفن جا طوق پارايس پر هو هنن جي ظلم، جبر آڏو ڪين جهڪيو. پلا جيڪڏهن عظيم انسان بہ جهڪي پون تہ پوءِ عام انسان جو حوصلو ڪٿي رهندو. هن ٿر جي مورن جو پرم رکيو. سَن جي سرزمين جو پرم رکيو. ڪينجهر جي ڪنارن، سنڌوءَ جي نظارن جو پرم رکيو. تڏهن ئي تہ قومي تحريڪ رهبر اعظم کان پوءِ جيڪڏهن ڪنهن کي عزت جي نگاهن سان ڏٺو آهي. تہ اهو عبدالواحد آريسر ئي آهي.

۽ هن جو جڏهن ٿر جي ننڍڙي ڳوٺ اُنڙ آباد ۾ متيءَ سان ملڻ ٿيو هوندو تہ يقينن متيءَ کيس مرکي مٿس گل نڇاور ڪيا هوندا. عبدالواحد آريسر جون لکٹيون پختيون ۽ عشق جي آڙاهہ ۾ پچيل ۽ رچيل آهن ۽ اهي جڏهن قومي ڪارڪن تائين پهچنديون هيون تہ جاڳ جا روشن منارا مرکي پوندا هئا. هن جون يادون، هن جا ڪتاب سنڌين جو انمول ورثو آهن تہ مشعل راهہ بہ آهن.

سنڌ جا شهيد

شهيد برابر قومن جو اثاثو هوندا آهن. شهيد قومن جي ترقيءَ جا روشن منارا هوندا آهن. مان تہ وڏي واقعي کليل دل سان اها ڳالهہ چوندس تہ جنهن قوم جو هڪ بہ فرد شهيد آهي، تڏهن ان قوم کي مڙده قوم چوڻ ئي غلط آهي. ڇو جو؟ قومن جا فرد تڏهن شهيد ٿيندا آهن، جڏهن انهن مٿان اونداهيون راتيون مڙهيون ويندیون آهن يا انهن جي ڌرتيءَ تي ڏارين هٿان معدني وسيلن جي لٽ مار جاري رهندي آهي، تڏهن اهي وکون اڳتي وڌائي وطن تان اونداهيون راتيون ختم ڪرڻ لاءِ نڪري پوندا آهن ۽ جڏهن پنهنجي ڌرتيءَ جي معدني وسيلن جي مالڪيءَ، وارثيءَ جي دعويٰ ڪندا آهن تڏهن رات جي رهزنن جي ڀالن، بڙڇين ۽ گولين جو شڪار ٿي ويندا آهن ميهڙ جي مائي جهڙو منڙو ميهڙ جي ميندیءَ جهڙو رتڙو ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي محبت جي رنگ ۾ رڱيل شهيد سميع الله ڪلهوڙو بہ پنهنجي وطن جي جڏهن وارثيءَ جي دعويٰ ٿو ڪري تڏهن شهيد ڪيو ٿو وڃي.

سنڌ ڌرتي هر دور ۾ پنهنجي وسيلن جي وارثيءَ ۽ سرحدن جي دفاع لئہ جوڌا، جوان پيدا ڪندي پئي اچي. اهي پوءِ مهاراجا ڏاهر جي روپ ۾ هجن، يا شهيد دولهہ دريا خان جي روپ ۾ هجن، يا شهيد هيمون، هوشوءَ يا شهيد سميع الله جي روپ ۾ هجن. هنن هميشہ وطن سنڌ جي دفاع لاءِ وڙهندي جام شهادت پيتو ۽ ڪي ئي جوڌا ۽ جوان اڄ بہ پنهنجي وطن جي سلامتي خاطر جيلن ۾ زنده درگور آهن يا وري گم ڪيا ويا آهن. شهيد سميع الله کي هر وقت وطن سنڌ کي ساڃي ئي اوج، موج ۾ ڏسڻ جو اونو هوندو هو. اها سنڌ جيڪا راجا ڏاهر وٽ هئي. اها سنڌ جيڪا دولهہ درياهہ خان وٽ هئي نہ هن کي ٽڪ جي پرواهہ هئي نہ وري جان جو الڪو هو. هن جهولن، جهڪن، سردين، گرميءَ جي پرواهہ نہ ڪئي هميشہ تنظيمي ڪمن ۾ سڀ کان اڳيرو رهيو. شهيد سميع الله قومي اڳواڻ سان گڏ و گڏ محنت ڪش، علم، ادب دوست ۽ تاريخ جو سنو ڄاڻو هو. هن تاريخ سنڌ تي طويل مقالا لکي ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ واقعي بہ سنڌ جو اوج، موج تاريخ تمدن شايان شان هئي.

سائين آريسر چوندو هيو تہ 'سنڌ جي آزاديءَ جو منگل پانڌي شهيد سميع الله سيني کان اڳيان آهي.' شهيد سميع الله جو عشق مون کي سسئيءَ، سهڻيءَ جيان لازوال ٿو نظر اچي. سسئيءَ، پُنهونءَ سان عشق ڪيو. سهڻيءَ، ميهار سان عشق ڪيو پر، سميع هڪ سنڌ سان عشق ڪيو ٻيو سائين جي ايم سيد سان عشق ڪيو ۽ ٽيون عبدالواحد آريسر سان عشق ڪيو. سسئيءَ ڏونگرن سان مقابلو ڪيو. سهڻيءَ درياهہ بادشاهہ جي سيرن سان مقابلو ڪيو پر، سميع سنڌ سان عشق جي ڏوهہ ۾ ٽاڻن ۽ جيلن سان مقابلو ڪيو. تارچر سيلن سان مقابلو ڪيو. وک وک موت جي گهڙين سان جمي مقابلو ڪيو ۽ سرخرو ٿيو. اڄ بہ شهيد سميع الله جي عظمت ڪيرتر جي اوچين چوٽين جيان اوچي آهي، جو هو اڄ هزارين قومي ڪارڪنن لاءِ راهہ جو سونهون ٿي چڪو آهي.

اسان جڏهن فڪرِ جي ايم سيد جا فڪري صالح اولاد چوندڙ شروع ڪنداسين تہ تمام ڏکڻي لسٽ نهي پوندي. سائين جي ايم سيد جي فڪر کي جهرجهنگ جن بہ پهچايو. پلي انهن ۾ اڳواڻن، ڪارڪنن جو هٿ هجي پر، سچ اهو آهي تہ جي ايم ازم کي جيڪو شهيدن جي ڪري ڦهلاءُ مليو آهي. اهو ورلي ڪنهن جي پاند ۾ اچي. شهيد سميع الله، شهيد بشير خان، شهيد سرائي قربان، شهيد مظفر ، شهيد افضل، شهيد احسان، ٽوڙي ڦاٽڪ وارن ۽ سنڌ جي ٻين شهيدن جي رت جيتري زمين زرخيز ڪئي آهي. ايئن شهيدن جو رت نوجوانن جي دلين ۽ دماغن کي ڏرتيءَ جي عشق ۾ جيڪو رڱيو آهي. ان جو بہ جواب ڪونهي. اڄ سجي سنڌ ۾ مذهبي منافرت ڦهلائي ان جي شڪل بگاڙي پئي وڃي، جنهن جو مثال پورو پيل اسان جي سامهون آهي، جنهن جي لاش کي قبر مان ڪڍي باهر اڇلايو ٿر وڃي. هي دهشتگردي جو نئون ۽ پيانڪ روپ آهي. ان سان گڏ مسجدن، مندرن، ڪاليجن، اسڪولن کي نشانو بڻايو پيو وڃي ۽ ڏرتيءَ جي نياڻين کي اغوا ڪري زوري مسلمان بڻائي، شاديون رچايون پيون وڃن ۽ جيستائين اسان انهن سازشن جو ٽوڙ نہ ڳولينداسين. تيستائين اسان منزل نہ ٽا ماڻي سگهون. اسان نوجوانن کي گهرجي تہ، پنهنجن هيرو کي سڃاڻيون ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلون. تہ جيئن انهن سازشن جو صدِ باب ڪري سگهون.

ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته "ڪنهن هڪ فرد کي جاڳائڻ لئه پاڻيءَ جي چنبن جي ضرورت پوندي آهي پر، جتي سموري قوم ستل هجي ته، اتي رت جي چنبن جي ضرورت پوندي آهي." مان سمجهان ٿو ته شهيد سميع الله جي شهادت سموري سنڌ کي اگهور ننڊ مان جاڳائڻ جي ڪوشش آهي. جواج ڳليءَ، ڳليءَ ۾ وطنِ سنڌ جي آجپي ۽ سلامتيءَ جون پچارون پيون ٿين ۽ ان ڳالهه کي ڪڌهن به رد نه ٿو ڪري سگهجي ته شهيد جو خواب هڪ ڏينهن ضرور ساڀيان پائيندو ۽ هڪ ڏينهن اهڙو به ايندو جو سنڌ ساڳي ئي اوج، موج طرف موٽ کائيندي، جتي امن، پيار، محبت سواءِ ٻي وائي ڪانه هوندي.

عشق لفظ ٻڌڻ شرط دل جي ڌڙڪن ازخود تيز رفتاري ۾ ڊوڙڻ شروع ڪندي آهي. عشق جيڪڏهن ڪنهن فردَ سان هجي ٿو ۽ ان جي پاڪر ۾ جڏهن وڃجي ٿو تڏهن وصل جا سارا غم پن، چڙ جِي موسم ۾ تبديل ٿيو وڃن ۽ عشق جيڪڏهن ڌرتيءَ سان هجي ته؟ پوءِ ته سرتيءَ جو حسن به پاڻ ڇڪي نه ٿو سگهي.

تاريخ ۾ رائيفل جي گولي ڪڏهن به وقت جي آواز کي مات ڪانه ڏئي سگهي آهي. ڇو جو اهو آواز تڏهن ٿو بلند ٿئي، جڏهن وقت جي تقاضا هجي ٿي، جڏهن رت، ست جي ضرورت هجي ٿي. جڏهن ته نوجوان سدائين پرينءَ کي گل آڇڻ جي لاءِ وجهه تلاش ڪندو رهندو آهي پر جڏهن ڌرتيءَ جي عشق جو تانڊو من ۾ الا ڪيڻ شروع ٿو ڪري تڏهن نوجوان ڌرتيءَ تان جان قربان ڪرڻ لاءِ پتنگ بڻجي ان ۾ ڪاهي پوندا آهن.

اسان جڏهن تاريخ جي تهن جا پرت کوليون ٿا ته، اسان کي به ڪردار نمايان نظر اچن ٿا. هڪ اديب، ٻيو شهيد جو. اديب وطن جي محبت جو درس ڏيندي نظر ٿو اچي ۽ شهيد وري نوجوانن جي لاءِ راهون ناهيندي نظر ٿو اچي، جن راهن جي منزل آجپو ترقيءِ بني آدم هجي ٿي. سچ ته سوڙ جي موت کان بهتر آهي، ته وڙهندي مرجي. وڙهجي پنهنجن مفادن جي لاءِ نه پر ڌرتيءَ جو ڌراڙ ٿي وڙهجي. ڌرتيءَ جي دفاع لاءِ وڙهجي ۽ جڏهن ڌرتيءَ جي سرحدن جي دفاع لاءِ وڙهندي، وڙهندي شهيد ٿجي ٿو ته ڌرتيءَ جا پهاڙ به ڪيس جهڪي سلام ڪن ٿا ۽ ايئن چون ٿا ته، اي شهيد! تنهنجي رت جي ريج اسان جي ڳاٽ کي اجا به

فخر ۾ اوچو ڪري ڇڏيو آهي ۽ تنهنجي رتائين خون جو قسم اسان تنهنجي ساڻين کي پنهنجن پاڻن ۾ پناهون ڏيندا رهنداسين.

سنڌ ۾ هن وقت قومي تحريڪ جو متحرڪ نہ هجڻ ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟ چا سياش چندر بوس جي اها ڳالهہ "توهان مون کي رت ڏيو. مان توهان کي آزادي ڏيان." سنڌ ۾ نوجوان نہ ٿا ورنائن؟ ها اهو هڪ ڪڙو سچ آهي تہ سنڌ ۾ اڄ بہ اهو نوجوان سياسي ڪيڊر موجود آهي. جيڪو سنڌ جي واسطي رت جا ست سمنڊ بہ پار ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهي ۽ ان جو وڏو مثال: شهيد حليم چنہ آهي پر، ان سڄي الجهاءُ جو ڪارڻ ليڊر شپ جو نہ هجڻ آهي سياسي ڪيڊر جيڪو مڙني وصفين سهڻو آهي. اهو نعرن جي اداس نگري ۾ ڪيترو گم ڪيو ويندو ۽ سياست جي صحرا ۾ قيس جيان ڪيستائين رلايو ويندو؟

حليم چنہ نہ صرف پاڻ قومي قافلي جو راهي هيو پر، هن جي حلقي ۾ جيڪي بہ دوست، مٽ مائٽ ۽ اوڙي پاڙي جا ماڻهو هٿا هن پنهنجي محبت جي ڏور سان انهن سيني کي قومي قافلي سان سلهاڙي ڇڏيو هو. هو نہ صرف قومي ڪارڪن هيو پر، هن جي حصي ۾ هڪ زبردست سماجي ڪارڪن جو روح بہ هيو. مون کي ياد آهي تہ ميهڙ شهر ۾ جيڪڏهن ڪو بہ سماجي ڪم ٿيندو هيو (اهو چاهي پوءِ ڪهڙي بہ پليٽ فارم تان ٿيندو هجي) ان ۾ حليم وڏي چڙهي حصو وٺندو هيو. هو مجازن محبتي ماڻهو هيو. شام ٿيندي هئي تہ سنوري سنبري جڏهن گهران نڪرندو هيو ۽ جڏهن هو ڪنهن چونڪ تي پهچندو هيو تہ، جهڙوڪ اتي ڪچهري جو ماحول جڙي ويندو هو ۽ اوهان کي اها حيرت ٿيندي تہ، هن ننڍڙي عمر ۾ ئي ڏاڍا سهڻا ۽ سلجهيا سنگتي ساڻي پاڻ سان سلهاڙي ڇڏيا هٿا.

ميهڙ شهر سميع الله کان پوءِ جيڪڏهن اسان کي ڪو ڪميٽيڊ ڪارڪن ڏنو هو تہ، اهو حليم چنہ ئي هو. هو نوجوان ڳيرو سنهڙو سپيڪڙو جهڙوڪ ڪنوءَ جي سڏي ڪائي جهڙو جوان هو. سندس قومي تحريڪ ۾ هن وقت هو انهيءَ قطار ۾ اوچي قد سان بينو آهي. جنهن قطار ۾ شهيد مظفر، شهيد بشير خان سميت سنڌ جا سوين شهيد اوچي قد سان بينا آهن. سنڌ جي آزادي جي چاهت جنهن بہ من ۾ مون ڏني آهي. سچ تہ اهو آهي. اهو مون کي خوف کان. لالچ کان ڪوهين ڏور نظر آيو آهي.

حليم چنڊ جو اهو آخري سفر ۽ اها آخر ۽ شامَ اڄ ٻه منهنجي اکين جي سامڪين ۾ قيد آهي ۽ ان جو آخري ديدار ۽ لحد ۾ لاهڻ ۽ آخر ۾ قومي ترانو سان سلامي واريون يادون اڄ ٻه جهڙوڪ اکين آڏو ڦري رهيون آهن. هن جو اهو پاڙو ۽ ميهڙ شهر ته ساڳي شان مان سان پنهنجي جاءِ تي اوچي ڳاٽ بينا آهن پر هو اڄ انهن ۾ موجود ڪونه آهي صد افسوس!

بلبل جي نشاني افسوس

سنڌ صدين کان پنهنجي ڪک مان سورهيه ۽ صالح اولاد ڇٽيندي رهي ٿي. سنڌ صدين کان عالم انسان جي خدمتن جي لئه پنهنجن صالح اولادن کي ميدانِ عمل ۾ لاٿو آهي. جن نه رڳو پاڻ موکيو پر سنڌ سان گڏ ننديي کنڊ جو مان مٿانهون رکيو. سنڌ ڌرتيءَ جي انهن صالح اولادن منجهان عالم، اديب، شاعر رئيس شمس الدين بُلبل 21 فيبروري سن 1858ع ڏاري ميهڙ جي مردم خيز خطي ۾ رئيس بهادر خان ابڙي جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس سياسي، سماجي خدمتون ۽ علم ادب طرف لاڙو تمام پختو ٿو نظر اچي. هو پنهنجي ذات لئه نه هو. هو هيو ئي عالمِ انسان جي خدمتن لئه. تڏهن ئي ته ساري ننديي کنڊ ۾ اڄ به سچي ۽ پختي جو ڏاکو ڄمائي ٻيٺو آهي.

اسان سنڌي فوم سان وڏو المیو اهو آهي، جو هتي نصاب ۾ ڦورن کي هيرو پڙهايو پيو وڃي ۽ غاصبن کي حڪمران ڪري لکيو پيو وڃي ۽ ملڪ جا باني اهي لڳا پيا آهن. جن جي ڪا سچائي تاريخ جي ڪنهن به موڙ تي نظر ڪونه ٿي اچي. هاڻي ڪجي ته ڇاڪجي؟ دانهن ته ڪرٽي ئي نه آهي. ٻي صورت ۾ ڪمزور ليکيو ويندو. ان لاءِ پاڻ کي گهربو ته سچ کي سچ لکون. جڏهن اسان سچ لکنداسين ته ڪامياب ۽ سچا ماڻهو پنهنجو پاڻ ئي ظاهر ٿي پوندا. اسان جي ٻارن کي نصاب ۾ اهو پڙهايو ويندو آهي ته پياري پاڪستان کي ٻٽائڻ ۾ محمد علي جناح، علامه اقبال وغيره وغيره وڏيون، وڏيون قربانيون ڏنيون اصل ڏينهن، رات هڪ ڪري ڇڏيائون ۽ جيڪي اسان جي وڏن (سنڌين) قربانيون ڏنيون اهي پاڻي ۾ اڇلايون ويون پر پاڻ کي لکڻو سچ آهي. ڇو جو حقيقتون موجود آهن. رڳو قلم جي نوڪ تائين آڻٽيون آهن. پياري پاڪستان جي قيام جي لئه پهرين قرار داد سائين جي ايم سيد سنڌ اسيمبليءَ مان پاس ڪرائي. رئيس شمس الدين بلبل. سيد علي اڪبر شاهه (ميهڙ وارو) سرعبدالله هارون ۽ ٻين سنڌ جي صالح اولادن جن پياري پاڪستان جي قيام لاءِ لازوال قربانيون ڏنيون. اهي هاڻي وڏي سرڪار کي ياد ئي ڪونه آهن. هنن کي جيڪڏهن ياد

ناهن تہ خير پتائيءَ ڇيو تہ "سڄڻ ۾ ساڻيھ ڪنھن اٽاسيءَ وسري" سو اسان کان پنھنجن وڏن جون قربانيون ۽ خدمتون ڪونہ وسريون آھن. ليڪڪ آزاد انور ڪانڊڙي پنھنجي مقالي "ہ قومي نظريو سپ کان اول شمس الدين بلبل پيش ڪيو" ۾ لکي ٿو تہ "ھندستان ۾ ہ قومي نظريي جو تصور ڏيندڙ علامہ اقبال کي سمجھيو وڃي ٿو ۽ چو تہ 1930ع ۾ الھ آباد واري جلسي ۾ علامہ اقبال صدارتي خطبي ۾ ہ قومي نظريو پيش ڪيو ۽ پوءِ ھندستان جي ورھاست ٿي ۽ پاڪستان وجود ۾ آيو پر حقيقت اھا آھي تہ جيڪو نظريو علامہ اقبال سان منسوب ڪيو وڃي ٿو اھو اصل ۾ سندڙ جي عظيم مفڪر، اديب، شاعر شمس الدين بلبل پنھنجي ڪتاب "جام جم" ۾ 1918ع ۾ پيش ڪيو ھو."

جڏھن اسين رئيس شمس الدين بلبل جي خدمتن جو خاڪو چٽيون ٿا تہ ھيءَ اسان کي ڪو عام انسان جيان نظر ڪونہ ٿو اچي بلڪ ھو ھڪ دور انديش انسان ھو ۽ ڪيئي واقعا اڄ ہ ڪتابن ۾ قلمبند آھن. سندس ھيءَ ڳالھ اڄ ڪيڏي نہ سچي ۽ حقيقت ۾ ثابت ٿي چڪي آھي. ھڪ ڏينھن برڪ صحافي، تاريخدان مولائي شيدائيءَ کي ڏسي چيو ھيائون تہ "مولائي شيدائيءَ لاءِ مان ڏسان ٿو تہ تون اخباري دنيا ۾ چمڪندين." ۽ واقعي وقت ثابت ڪري ڏيکاريو تہ مولائي شيدائي تاريخ جي حوالي سان وڏو نالو ڪمايو. رئيس پاڻ مزاح جو ماڻھو ھو. ان ڪري ھن مزاحيہ ادب ہ سرجيو. راڳ رنگ سان ہ دلچسپي ھيس. ان لاءِ ھو چوندو ھو تہ "راڳ روح لاءِ آھي، ان ۾ بدن جو ڪوبہ حصو نہ آھي. راڳ تي سر وڄي ويندو پر، ذرو ہ پتو نہ پوندو." رئيس ضياءُ الدين ضياءُ لکي ٿو تہ "بلبل جو رڳو مطالعي ۽ علمي مشغلن ۾ محو رھندو ھو تنھن کي رئيسي ۽ زميندارئ سان دلي وابستگي نہ ٻيدا ٿي." ۽ رئيس ضياءُ الدين ضياءُ وڌيڪ لکي ٿو "سندس تعريف ۾ ڪافي دفعا حسن علي آفنديءَ جي واتان اھي لفظ نڪتا "مون کي حيرت آھي تہ اھڙو انسان ميھڙ جھڙي ننڍڙي شھر ۾ ڪيئن پيدا ٿيو." وطن ۽ قوم جي خدمت ڪيڏو نہ اوچو تي ٻڌايو ڇڏي ماڻھو کي جو تاريخ تہ ياد رکي ٿي پر، تاريخي ماڻھو ہ ياد رکن ٿا ۽ پيٽائون ہ ڏين ٿا. جڏھن يار، دوست بُلبل کان پڇندا ھئا تہ رئيس! ڪجھ اولاد لاءِ ملڪيت ڪئي ڪيو تہ پاڻ ڪتابن طرف اشارو ڪندي فرمائيدا ھئا تہ

"پنهنجي اولاد لاءِ هيءَ دولت گڏ ڪيون ٿو ويجان جا لازوال آهي." صحافتي دنيا ۾ بُلبل جهڙو ڪو ورلي ٻيو صحافي پيدا ٿيو هوندو. جنهن نہ رڳو سنڌ پر هند ۾ بہ پنهنجو پاڻ مڃايو. رئيس شمس ابن ضياءَ ابن بلبل پنهنجي مقالي "محسن قوم شمس الماءَ رئيس شمس الدين بُلبل." ۾ لکيو آهي تہ "حضرت شمس الدين بُلبل لاهور، دهلي ۽ حيدرآباد دکن ۾ اٽڪل 10 سال صحافت جي شعبي سان منسلڪ رهندي برصغير جي بي شمار مسلمان رهبرن ۽ رهنمائن سان تعلقات استوا رڪيا." پاڻ صحافتي خدمتون حسن علي آفنديءَ جي اخبار "معاون" ۾ ايڊيٽر، شيخ عبدالعزيز جي اخبار "الحق" سکر، حيدرآباد، ڪراچي گزيٽ، خيرخواه لاڙڪاڻي، حاجي احمد ميمڻ جي اخبار"آفتاب سنڌ"۾ ايڊيٽر طور خدمتون سچائيءَ، ايمانداريءَ، محنتن، ڪاوشن سان ڏيندا رهيا. سنڌ جو سرسيد، سنڌ جو حالي، سنڌ جو اڪبر الله آبادي بہ سڏيو ويو. سندس خدمتون تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيون ويندیون جو سندس هر ڪم سچائيءَ، ايمانداريءَ سان ڪيل آهي ۽ هن جي مشن ۾ خدمت خلق صف اول آهي.

شمس الدين بُلبل ٻاهرين شهرن ۾ سياسي، سماجي، صحافتي خدمتون ڏيندو رهيو. جڏهن سندس وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان جي وفات ٿي تہ پاڻ ميهڙ ۾ اچي پنهنجي ٻني ٻاري جي نگهباني شروع ڪئي ۽ ان سان گڏ پنهنجي علائقي جي ماڻهن جا مسئلا حل ڪيا انهن جي وچ ۾ ڦڏن ۽ جهيڙن کي نبيريو انهن جا فيصلا ڪيا ۽ ميهڙ ۾ 1906ع ڌاران "سنڌ مدرسته اسلام" نالي تعليمي اداري جو بنياد وڌو. جيڪو اڄ هزارين نوجوانن کي "هاءِ اسڪول ون" جي صورت ۾ تعليم جهڙي زيور سان روشناس ڪري رهيو آهي. رئيس جو خاندان اڄ بہ رئيس شمس ابن ضياءُ ابن بُلبل جي صورت ۾ علم، ادب سان چاهه رکندو ٻيو اچي.

محترم شمس الدين بلبل جون سياست، صحافت کان علاوه علم ۽ ادب ۾ نمايان خدمتون آهن. پاڻ شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جا همعصر هئا. سندس شعر و سُخن جي ڇا ڳالهه ڪجي. سندس قطعا، غزل، نظم جڻ تہ هڪ دور جي تاريخ آهن. سندس شعر ۾ مزاحيہ رنگ نمايان آهي. پاڻ سنڌي شاعري کي نوان رُخ، موڙ ڏنائون. مولانا غلام محمد گراميءَ سندس شعر و سُخن جي باري

لکيو آهي تہ "سنڌي زبان کي پنهنجي ظريفانہ رنگ سان اهڙو تہ شيرين ۽ نمڪين ڪيائين جو ان جو اثر جادوءَ وانگر ٽيڻ شروع ٿيو." ۽ واقعي بہ جڏهن رئيس جي شاعري پڙهجي ٿي تہ اهو ئي رنگ نظر ٿي اچي ٿو.

حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ "رئيس شمس الدين بُلبل جي شاعريءَ جي باري بسمل ٽکڙائيءَ لکيو آهي تہ "سنڌيءَ ۾ هو پهريون شاعر آهي، جنهن ظرافتي نظم لکيو. " هو پهريون اديب آهي، جنهن ظرافت ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي رئيس شمس الدين بُلبل سياست، صحافت ۽ علم و ادب ۾ حقيقي طور شمس ٿي ايريو. سندس خدمتون ۽ ڪاوشون صرف ۽ صرف عالم انسان جي لئہ هيون. رئيس جا ڪتاب انساني رهنمائيءَ جو ذريعو چئجن تہ وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. سندس ڪتابن ۾ جام جم، مسلمان ۽ تعليم، ڪلام بلبل، مزاحيہ، ديوان بُلبل وغيره چپيل آهن. هاڻي اسان جي اها ذميواري ٿئي ٿي تہ پنهنجن هيرن کي چگيءَ طرح سجاڻيون ۽ انهن جي نقشِ قدم تي هلون ۽ جڏهن اسان پنهنجن محسنن جي نقشِ قدم تي هلنداسين تہ ڪاميابي ضرور اسان جا قدم چمندي.

ڏسي دلبر منهنجي ديوان کي گلشن ۾ چيو
بس رڳي هيءَ رهي، بلبل جي نشاني افسوس.

ماڻهو مٽيادار، سيد علي اڪبر شاهه

اها ڏرتي پنهنجي سچاڻپ ڪڏهن به مٽائي نه ٿي سگهي، جيڪا وقت به وقت پنهنجي ڪک مان ماڻهو مٽيادار پيدا ڪندي رهي ٿي. جن تي قوم جو هر فرد فخر ڪندو رهي ۽ اهي ماڻهو سدائين پنهنجي ڏرتيءَ جي ماڻهن جي شعور ۽ ڏرتيءَ جي ڌن، دولت جي تحفظ، خوشحاليءَ، امن ۽ ساڃاهه لئه پنهنجي زندگيءَ جا سڪ، ساهه وقف ڪري ڇڏيندا آهن. انهن ماڻهن جي فهرست کي کولينداسين، پڙهنداسين ته انهن منجهان اسان کي سيد علي اڪبر شاهه رضوي نمايان نظر ايندو.

سيد علي اڪبر شاهه 2 فيبروري 1901ع ۾ سيد احمد شاهه جي گهر ميهڙ ۾ جنم ورتو. ماهر تعليم سيد علي اصغر شاهه سندن ننڍا پائر هيا. اسان جڏهن سيد صاحب جي زندگيءَ تي نظر ڊوڙايون ٿا، ته اسان کي سيد صاحب پنهنجي زندگيءَ جي مڙني صفن منجهان ٻن صفن ۾ نمايان نظر ايندو. هڪ تعليم ۽ ٻيو سياست سيد صاحب عالمِ دين، پرهيزگار، متقي سان گڏ وگڏ سنڌ شناس به هئا. منهنجو هن وقت تائين جو مطالعو ۽ مشاهدو مون کي ڏسي ٿو ته. سنڌي عالمِ دين پلي ڪهڙي به ڏر جو هجي، پر هو پنهنجي خمير ۾ سنڌ شناس ضرور هوندو. علامه تاج محمود امروٽي، ۽ ٻيا انيڪ نالا حوالي طور کڻي سگهجن ٿا. اهڙن ئي عالمِ دين منجهان سيد علي اڪبر شاهه به هڪ هو.

سيد علي اڪبر شاهه انگريزي، عربي، فارسي زبانن تي سنڌي ٻوليءَ جيان عبور رکندا هئا. پاڻ آخوند عبدالحميد کان قرآن شريف، مولانا عبدالوهاب ڪنبر کان فارسي ۽ جناب مولانا عبدالڪريم ديرويءَ (ڏيرو) کان عربيءَ جي تعليم پرائي ۽ ان کان پوءِ ترت ئي ميهڙ شهر ۾ "مدرسه عربيه القرآن" جو بنياد وڌو. سيد صاحب جا الاهي ڪم هن ڏرتيءَ جي چئن ئي ڪنڊن تي چانديءَ جي ٽڪ جيان جرڪي رهيا آهن. انهن ۾ "مدرسه عربيه اڪبريه جو بنياد وجهڻ، انجمن اصلاح رسوم جو بنياد وجهڻ، مدرسه اڪبريه دارالقرآن ۾ رات جو بالغن جي پڙهائيءَ لاءِ ڪلاس هلائڻ، شاگردن کي ماهوار وظيفو ڏيڻ يا تاج ڪمپنيءَ کي قرآن مجيد جي ڇپائيءَ لاءِ چندو ڏيڻ وغيره

پاڻ سنڌ يونيورسٽي سنڊيڪيٽ جا ميمبر. اسلامي شعبي جا پهريان اعزازي سربراهه پڻ رهي چڪا آهن. پلي ٻين هنڌن جهڙوڪ يورپين ملڪن يا عرب ملڪن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ ان جي لاءِ ادارا نه جڙن. پر سنڌ ۾ سيد علي اڪبر شاهه عربي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه. فروغ لاءِ "جامعيه عربيه" جو ٽِلڪ چاڙهيءَ حيدرآباد ۾ بنياد وڌو. ان اداري بعد ۾ هاءِ اسڪول جو درجو ماڻيو. سيد علي اڪبر شاهه سنڌي قوم کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪرڻ ۾ جيڪي ڪوششون ورتيون هو انهن ۾ ڪامياب ٿيو آهي. ان جو اهو ڇتو ثبوت آهي. جو جيڪي ٻ شاهه صاحب ادارا جوڙيا اهي اڄ جيڏن اڄ ٻ پنهنجي جرت ۽ جوهر ۾ جرڪي رهيا آهن.

جڏهن اسين تاريخ جا تهه اڪيليون ٿا ۽ جڏهن اسين تاريخ جي. ورقن ۾ جهاتي پايون. ٿا ته خبر پوي ٿي. سيد علي اڪبر شاهه پنهنجي عملي سياست جي شروعات لاڙڪاڻي ۾ منعقد ڪيل خلافتِ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي ڪئي. جنهن ۾ امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد سميت ننڍي کنڊ جا نامياريا عالم. سياستدان ٻ شريڪ ٿيا هئا. **1940**ع ۾ قرار دادِ پاڪستان منظور ٿيڻ کان پوءِ سيد صاحب باضابطا طورمسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. تنهن کان پوءِ مسلم ليگ سنڌ جا صدر ٿيا. **1945**ع ۾ سيد صاحب قانون ساز اسيمبليءَ جي ميمبر ٿيڻ لاءِ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان ميهڙ مان ڪانگريس جي ميمبر وڏيري محمد قاسم مهيسر سان چونڊ وڙهي جنهن کان شاهه صاحب چونڊ کٽي ۽ ان چونڊن ۾ سيد صاحب ننڍي کنڊ ۾ سڀ کان وڌيڪ ووٽ حاصل ڪندڙ مسلم ليگ جو ميمبر ڪٽايو ويو. سيد صاحب جي سچائي ۽ ايماندارانه سياست جو اهو ثبوت آهي. جو سندس آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جنهن ۾ مسلم ليگ جا وڏا ليڊر لياقت علي خان. نواب بهادر يار جنگ ۽ علامه شبير احمد عثماني پڻ شامل هئا. سيد علي اڪبر شاهه **1946_47**ع ڌاري سموري برِصغير جو محمد علي جناح ۽ ٻين اڳواڻن سان ڪامياب دورا ڪيا. جڏهن سنڌي زبان ۽ ثقافت کي ڌارين طرفان خطرا درپيش هئا ۽ ڌاريا پنهنجي زبان ۽ ثقافت سنڌين مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان وقت سيد علي اڪبر شاهه وفد جي صورت ۾ لياقت علي خان وٽ عرضداشت

پيش ڪئي. اهو حب الوطنيءَ جو چٽو ثبوت آهي. جو جڏهن پنهنجي زبان ۽ ثقافت تي وار ٿيو تہ سيد علي اڪبر سيني کان اڳتي نظر آيو ۽ پنهنجي زبان ۽ ثقافت جو دفاع ڪيو ۽ ايئن هن پين لاءِ بہ جهڙوڪ راهہ هموار ڪئي.

سيد علي اڪبر شاهہ جو هڪ پيو بہ پاسو آهي. اهو سندس شاعريءَ جو آهي. جنهن تي تمام گهٽ، بلڪ نہ جي برابر لکيو ويو آهي. سيد صاحب عالمِ دين، سياستدان، سماجي ڪارڪن سميت هڪ بهترين شاعر پڻ هئا. سندن شعر جي رواني وٽندڙ آهي.

باطن ۾ ايرا، ڪر بند فغان، وٺ دل جي نظر کان ڪار زبان،
دل جوش ۾ ٿئي، فرياد نہ ڪر، تاثير بنا تقرير نہ ڪر.

تون خاڪ ۾ مل، ۽ باهہ ۾ جل، جڏ سر ٿي پچي، تڏ ڪم ٿو هلي،
هن خام دليءَ جي عنصر تي، بنياد نہ رک، تعمير نہ ڪر.

سيد علي اڪبر شاهہ **2** جون **1971**ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري آرام گاهہ ميهڙ شهر ۾ آهي. سيد صاحب پلي خلافت جي تحريڪ ۾ پاڪستان جي تعمير و ترقيءَ ۾ حصو ورتو هجي پر. سيد صاحب پنهنجي اندر ۾ هڪ مڪمل سنڌي هيو. هو هميشہ سنڌي قوم جي هيرن جي فهرست ۾ رهندو.

سنڌوءَ جي سير، علي بابا

چون ٿا تہ هر وجود اٽپورو هوندو آهي. تڏهن ئي تہ انسان غارن واري زندگيءَ کان پوءِ بہ هن وقت آرامده ڪمرن ۾ رهڻ باوجود پاڻ کي اڪيلو ۽ اٽپورو پائيندو اچي ٿو. انسان پيش جي تڏي جي بستر کان ويندي سڪ جي سيج تائين خوراڪ جي فقدان کان ويندي مڙني آرائشن تائين بيروزگاريءَ جي اذيتناڪ گهڙين کان ويندي اعليٰ نوڪرين تائين، انسان الائجي ڇا نہ ڇا، ذهن جي ننڍڙي اسڪرين تي وشال خواهشن جي وشال سوچن کي روائيندڙ ڪندو رهي ٿو. انهن مڙني ڳالهين مان جيڪو گذري ٿو يا وري اهي ڳالهيون جيڪو پڙهي ٿو، پرکي ٿو ۽ ڏسي ٿو. اهو انهن مڙني ڳالهين جو ڇيڊ اهو ئي ڪري ٿو تہ "اداس روح ازل کان" يا وري بہ اڌوري اٽپوري ڳالهہ آڏو آڻي ٿو. يا اڇي ٿي.

اسان سنڌين کي وڻن کان بہ ٻئي ورثا ملڻيا آهن. اهي آهن، هڪ سنڌو درياهہ ۽ ٻيو موهن جو دڙو پر. اسان ٽيون بہ وڻن جو ورثو محسوس ڪندا ٿا اچون ۽ پنهنجن ايندڙ نسلن ۾ چاهيندي نہ چاهيندي ونڊيندا ٿا اچون. اهو ٽيون ورثو آهي، سور جڏهن وقت جي بيدرد ويرن اسان جي وڻڻن جي اثاثن کي متائڻ شروع ڪيو. انهن جي وجودي سڃاڻپ کي ڇيهو رسائڻ لڳيون تہ ان وقت اسان نڏڪائپ جي ڪنور ۽ بيدرد سنگهرن ۾ سوگها ٻڌجي پنهنجي شاندار ماضيءَ جو چهرو ميسارجندي ڏسي رهيا هئاسين ۽ اڄ سوڏو ڏسي رهيا آهيون. سنڌو درياهہ جي بربادي، تباهيءَ تي جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪو روئڻ وارو هو تہ اهو علي بابا ئي هو. هن پنهنجيءَ ذات کي ڪٽي ظاهر ناهي ڪيو. پَر قوميت کي ظاهر ڪيو آهي. هو جيڪو رند بلوچ سڏائڻ تي نہ پر، سنڌي سڏائڻ تي فخر ڪندو هو ۽ سنڌ کي ماءُ ڄڻيندو هو ۽ سنڌو درياهہ کي پوڄيندو هو. هو سنڌ جو اهو اداس روح هو. جيڪو هر گام گلي سنڌ کي ڳولينڊو هو. جا شهيد مهاراجا ڏاهر جي دور واري سنڌ هئي ۽ شهيد دولهہ درياهہ خان جي وقت واري شان، شوڪت ۽ بخت واري سنڌ هئي. هو انهيءَ سنڌو درياهہ جو متلاشي هو، جنهن جي ٻنهي

ڪنڊين ٻيلا هوندا هئا ۽ جنهن جو پاڻي آبِ حيات هوندو هيو. هن پنهنجي قلم منجهان جيڪي لکڻيون تخليق ڪيون آهن. انهن جا ڪردار به سنڌ جا سورما آهن.

علي بابا جي لکڻين ۾ اهي سڀ گُڻ موجود آهِن. جيڪي عالمي اديبن جي لکڻين ۾ هوندا آهن. اهو ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙي وضاحت پيش ڪجي. علي بابا جي لکڻين جي معيار کي اهو ئي سمجهي سگهي ٿو. جيڪو خود سنڌ ۽ سنڌو درياهه جو پوڄاري هجي. يعني جل پوڄاري ڇاڪاڻ ته علي بابا سنڌ جي زندهه ماضيءَ ۽ ان جي موجوده تباهه حالي کي پرکي پرجهي لکيو آهي ۽ هن سنڌو درياهه جي پاڻيءَ کي مس بڻائي لکيو آهي ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ کي حياتِ بخش سمجهي ان کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ چٽيو آهي. اهي چٽ اَمر ڪوٽ ۽ رنيءَ ڪوٽ جيان سڌا ۽ پاڻ ڏانهن توجهه ڇڪائيندڙ آهن.

رابندر ناٿ ٽيگور ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ کي "مين آف. موهن جو دڙو" خطاب ڏنو هيو ۽ ڪيس "مين آف. موهن جو دڙو" سان پڪاريندو هيو. انهيءَ ئي تسلسل کي برقرار رکندي اڄ سوڌو اسان. توهان ڪامريڊ سوپي گيانچنداڻيءَ کي "مين آف. موهن جو دڙو" چئي پڪاريون ٿا. پلا موهن جي دڙي جو ليکڪ ڪنهن کي چئي پڪاريون؟ جي پڪاريون ته. علي بابا کي موهن جي دڙي جو ليکڪ چئي پڪاريون جيڪو ڪيڏو نه سهڻو سنو لڳندو ۽ محسوس ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ان جي اَڳڪٿي يا ڪَٿي ايئن چئجي ته علي بابا کي موهن جي دڙي جو ليکڪ پهريون دفعو جيڪڏهن ڪنهن چيو يا سڏيو ته اهو استاد بخاري هيو.

هڪڙا ماڻهو تاريخ ناهيندڙ ٿيندا آهن ته هڪڙا وري تاريخ جو حصو ٿيندا آهن ته هڪڙا وري تاريخ ساز به ٿيندا آهن. علي بابا تاريخ ناهيندڙ به آهي ته. تاريخ جو حصو به آهي ته تاريخ ساز به آهي. ڇاڪاڻ ته علي بابا جي ناولن. ڊرامن ۽ ڪهاڻين ۾ سنڌ جي شاندار تاريخ جا باب به آهن ته موجوده وقت جي عڪس بندي جا چٽا. پٽا عڪس به چٽيل آهن. پلا لکن ته هزارين. لکين ليکڪ ٿا پر. اهڙي ڪمال ڪاريگريءَ تورن ليکڪن جي قلم ۾ پناهه ڏي ونڊي. جو هو هر ايندڙ نئين نسل جا جينيئس ليکڪ بڻجي وڃن ٿا. جيڪڏهن

ان نقطي تي دليل ويڑهائجي تہ ان جو اهو ئي نتيجو نڪرندو اهو نتيجو اهو هوندو تہ اهو ليکڪ هر ايندڙ نئين نسل جو جينيئس ليکڪ ٿو بڻجي وڃي. جنهن جي لکڻين ۾ پِهريان پنهنجي خطي جي دردن ۽ سندن درمانن جي عڪسِ بندي کان ويندي عالمي ليول جي دردن جي عڪس بندي جا معيار هجن. سوبلاشڪ سارا معيار علي بابا جي لکڻين ۾ آهن ۽ هن جي قلم ۾ جا مس آهي اها سنڌو درياهہ جو آبِ حيات آهي. تڏهن ئي تہ هر پڑهندڙ جي تن ۾ علي بابا جي لکڻي چاتيءَ جي کاپي پاسي ڏڙڪن لڳندي آهي. علي بابا جي قلم جي طاقت کي سجاڻيندي طارق عالم ابڑي ڪيڏي نہ وزنائتي ۽ شانائتي راءِ ڏني آهي تہ "جنهن جي قلم ۾ عليءَ (حضرت علي ع) جي تلوار جهڙي تکائي ۽ تجلو آهي. پر باوجود ان جي هِن پنهنجي قلم سان ڪنهن کي ناهي ڀيجاريو."

اڪثر اهي ڳالهيون منظر عام تي ايندڙيون رهنديون آهن تہ علي بابا سنڌ جي ادبي پروگرامن کان ڇو ڏور هو؟ يا وري تہ علي بابا انعامن، اقرامن ۽ اعزازن کان ڇو پري هو؟ جيئن سنڌ ۽ سنڌو علي کان ڏور ٿيندا ٿا وڃن، ايئن علي اسان توهان کان ڏور ٿيندو ٿو وڃي. پر اسان جڏهن ان جا اُبتا پيرا ڪٽون ٿا تہ علي اسان کان نہ پر اسان علي کان ڏور ٿي ويا آهيون. ان ڏس ۾ نثار ڪوکر جو ڪالم بہ روزاني ڪاوش اخبار ۾ لڳو هيو ۽ ٻين سنڌ جي باشعور دوستن بہ ڏاڍو سهڻو لکيو تہ علي بابا اسان کان پري ناهي، پر اسان پري آهيون، علي بابا کان. سو پاڻ کي معياري ٽيٽو ناهي، متان تاريخ ڪاريءَ مَس جي اکرن مٿان ڳاڙهيءَ مَس سان ضرب جي نشاني ڪيڊي اسان کي ڏوهي نهرائي. سو وکون اڳتي وڌايون ۽ علي بابا جي پورهيي کي اڳيان ڪري آڻيون. سچ تہ سنڌي ادب ۾ علي بابا چمڪندڙ ستارو آهي. طارق عالم ابڑي جي هيءَ راءِ بہ سندس آدرشن کي ڪيڏو نہ چٽو ڪري، صاف، سهڻي نموني نموندار ڪري ٿي ٻيهاري تہ "علي بابا سنڌي زبان جو اهو ليکڪ آهي. جنهن اعزازن ڏانهن نہ پر جنهن ڏانهن اعزازن هميشہ واجهايو آهي."

موهن جو درڙو ورهاڱي جو درد آهي

ڳالهه پنهنجي دور جي ڪرٽي آهي ۽ اها به سچائيءَ سان ۽ پوءِ سڀ ڪو ڪن ڏئي به ٻڌندو پر اها ڳالهه وڌيڪ اثرائتي تڏهن ٿي سگهي ٿي ته ان ڳالهه کي ماضيءَ سان ڳنڍيجي ۽ مستقبل سان ملائجي. ۽ اڄ پاڻ مختصر ڳالهه ڪنداسين ۽ اها ڳالهه سنڌي ادب بابت هوندي. سنڌي ادب جي ماضيءَ کي ڏسو وڃي ته ان جي تاريخ ڪا ايڏي پراڻي ناهي اها سما، سومرا، ڪلهوڙا، تالپر دور تي مشتمل آهي جنهن کان پوءِ انگريزن جو دور آهي ۽ پوءِ هيءُ دور آهي جنهن ۾ پاڻ هلي رهيا آهيون. ان سڄي ڳالهه کي پاڻ ايئن ٿا سهيڙيون ته سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪو به ماضيءَ ۾ ادب سرجي اسان جي هٿن تائين پهتو آهي اهو اسان جي آئيندي جو ته هڪ مضبوط حوالو آهي ئي پر اسان جي حال ۾ به هڪ سونهين جو ڪردار ادا ڪندي نظر اچي ٿو.

سونهون ان ڪري ٿو چوان جو ان کي پڙهي ڪري پاڻ جيڪو نئون ادب تخليق ڪري رهيا آهيون، اهو ان جو تسلسل آهي پر ان کان به ۽ رتيون وڌيڪ پختو پڻ آهي هن دور ۾ جيڪو به ادب سنڌي ٻوليءَ ۾ سرجي رهيو آهي ان کي پڙهي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته ماضيءَ ۾ جيڪو به اسان جي سينيئرن لکيو آهي ان جي معيار کي برقرار رکيو آهي پر وڌيڪ خوشي ان ڳالهه جي به آهي ته اڄ جو ليکڪ / شاعر نوان لاڙا نوان دڳ دريافت ڪري رهيو آهي ۽ ايندڙ پيڑهيءَ لئه پيچرا ڏسي رهيو آهي توڙي جو هيءُ دور اهڙو آهي جنهن کي پاڻ مشيني دور چئون ٿا ۽ ڏينهن توڙي رات هر انسان هڪ اهڙي ته ڪشمڪش ۾ گهاري رهيو آهي جنهن ۾ ماڻهو پاڻ کان ئي وسري وڃي ٿو ۽ اهڙي ماحول ۾ لکڻ پڙهڻ پنهنجي دور سان سچائيءَ جو ثبوت به آهي ته پنهنجي تاريخ سان به رشتو برقرار رکڻ آهي.

هن صدي ۾ سنڌي ادب خاص ڪري فڪشن ۾ جنهن انداز سان ڪتاب لکيا ويا آهن اهي گذريل صديءَ کان نرالي انداز سان آهن ڪٿي ڪٿي ته موضوعاتي حوالي سان ميل جول ٿئي ٿو پر اها هڪ حقيقت آهي جنهن کي مڃڻو پوندو ته ماڻڪ، سراج، آغا سليم ۽ علي بابا کان پوءِ جيڪا ناول جي دنيا

ڀر نئين پيڑهيءَ پاڻ موکيو آهي ان کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. توهان رسول ميمڻ کي ڪٿي رکندو؟ رسول ميمڻ جهڙوڪ سنڌي فڪشن جي دنيا ۾ انقلاب ٿي آيو آهي جنهن هڪ نہ پر ڪيئي ناول ڏنا آهن ۽ اهي هڪ کان هڪ آهن ان سلسلي ۾ ممتاز بخاري، منور سراج، اسحاق انصاري، منير چانڊيو سميت ڪليم ٻٽ کي ۾ ڳڻائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح اسان کي سنڌ اندر سنڌي ناول نگارن ۾ لعل پُشپ، ڪرشن ڪنواڻي سميت ڪيترائي ناول نگار ملن ٿا، انهن مان الڳ ٽلڳ ناول نگار موهن ڪلپنا ۾ ملي ٿو. هن جي هڙ ناولن سان پري پئي آهي، سندس قلم ۾ اها سگهه آهي جو اهو ڪٿي پالو تہ ڪٿي تلوار ۾ نظر اچي ٿو.

موهن ڪلپنا کي مون جڏهن ۾ پڙهيو ايئن لڳو تہ هو هڪ ئي وقت ديش پڳت ۾ آهي سياستدان ۾ آهي تہ هڪ بي باڪ قلم ڪار ۾ آهي، توهان اهو فيصلو نہ ڪري سگهندا تہ هو آهي ڪهڙي شعبي جو ماڻهو مون کيس جڏهن ۾ پڙهيو تہ جوش، جذبي سان سرشار ٿيندو ويس. سندس بي باڪيءَ جو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مثال ڏجي ۽ ڏجي ۾ تہ سندس آٿم ڪٿا "ٻُڪ، عشق ۽ ادب" جو ئي ڏئي سگهجي ٿو پر آئون سمجهان ٿو تہ سندس هڙئي ڪتاب اظهاري جُرئت سان پريا پيا آهن. سندس هيءَ ناول (ڪانءُ ۽ سمنڊ) جيڪو ورهاڱي جي گهري ڪاري سمنڊ سان ٽهڪار آهي. جڏهن ان کي پڙهجي ٿو تہ حيرت جون حدون اورانگهجي وڃن ٿيون تہ ڪيڏي نہ ڪربَ کي لفظن جو لباس اوڍايو ويو آهي.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بابت جيڪو ادب منهنجي اکين اڳيان گذريو آهي ۽ جيڪو مان پڙهي سگهيو آهيان انهن مان ڪرشن چندر جو ناول "غدار" جڏهن پڙهجي ٿو تہ هنيانو ۾ هٽ اچي ٿا وجن ۽ نہ ڄاڻ تہ ڇا ڇا اکين مان ڳوڙهن سان گڏ رت ۾ وهڻ شروع ٿي ويي ٿو. امرتا پريتم جو ناول "پنجر" ۾ ورهاڱي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي ۽ ان جو مرڪزي ڪردار (پارو) جي درد ڪٿا کي جنهن نموني سان امرتا پريتم سهيڙيو آهي ايئن ٻيو ڪنهن ۾ سهيڙيو ناهي. ان سلسي ۾ سندس جڳ مشهور نظم "اج اکان وارث شاهہ نون" کي ۾ ڳڻائي سگهجي ٿو. سعادت حسن منٽو جي افسانن جو گهڻي پاڳي پسمنظر

ورهاڳو آهي ۽ جيڪڏهن ان درد کڻا کي منٽو جُرئت نہ بخشي ها تہ هوند کيترائي کهاڻيڪار پيدا ئي نہ ٿي سگهن ها. هن جي هر کهاڻي جو ڪردار ورهاڳي جو وڏو سيني تي سهندو رهي ٿو ۽ داهيندو رهي ٿو ۽ اها دانهن خدا ئي ناهي ٻڌي سگهيو تہ انسان ڪاڏانهن ٻڌندو؟ ڪيئي ڪتاب آهن جن کي هتي جاءِ ڏئي سگهجي ٿي پر طوالت کان بچندي آئون پنهنجي اصل موضوع طرف اچڻ چاهيندس. سنڌي ادب ڪيتري قدر ورهاڳي جي موضوع ۾ پاڻ وٽ وزن رکي ٿو. منهنجي آڏو ان موضوع تي ڪو خاص ناول ۽ ڪو خاص ٻيو ادب اڳ ڪونہ پڙهيو هو. جڏهن مون ڳولا ڪئي تہ هڪ ناول قبول ابڙي جو "پنهنجي گهر ۾ اجنبي" مليو ۽ هيءَ ناول ورهاڳي بعد سنڌ جي صورتحال تي لکيل آهي ۽ پڙهڻ وٽان آهي ان کان علاوه علي بابا جي هڪ ٻہ ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ ملي ٿي. مجموعي طور موهن ڪلپنا جو هيءَ ناول "ڪاڻ ۽ سمنڊ" نہ رڳو ورهاڳي تي لکيل آهي پر ورهاڳي کان ٽورو اڳ جي صورتحال کي ٻہ چٽي ٿو تہ ڪيئن نہ هندو ۽ مسلم تضاد کي هٿي ڏني وئي هئي. هيءَ ناول توڙي جو نج افسانوي ناهي پر ان جي باوجود ٻہ پڙهندڙ کي گڏ ڪڏ ڪٽي هلي ٿو. ۽ پڇاڙي تائين ساڻ ڏيندو هلي ٿو. گهڻيون سياسي ڳالهيون جن کي اهڙي تہ ڊڪشن سان ادا ڪيو ويو آهي جو ڪٽي ڪٽي اهي ڳالهيون خشڪ ٻہ لڳن ٿيون. اها موهن ڪلپنا جي قلم جي سگهہ چئجي جنهن اهڙي دور کي هن ننڍڙي ناول ۾ قيد ڪيو آهي. جيڪو سمنڊ ۽ آسمان جيڏو وسيع آهي ۽ اهو دور ورهاڳي وارو دور آهي.

ڪاڻ ۽ سمنڊ بابت مون وٽ اها راءِ هئي. جيڪا مان هتي لکي رهيو آهيان. جيتري قدر مون هن ناول بابت پڙهيو ۽ ٻڌو هو تہ هيءَ ناول جينيئس ماڻهو حشو ڪيولراماڻيءَ بابت لکيل آهي پر ايئن هرگز ناهي. جڏهن هن ناول جو مسودو منهنجي هٿن تائين پهتو تہ ڪيئي پلَ منهنجي ذهن جي اسڪرين تي اوائلي سنڌ جي تاريخ جا تهہ کلندا ويا ۽ امن، شانتيءَ جا اڇا جهنڊا گهر گهر مٿان جهولندي نظر آيا. جڏهن ناول پڙهڻ شروع ڪيو تہ پهريان ڪا خاص ڳالهہ پڙهڻ وٽان نہ ملي. اهي ساڳيون سياسي ڳالهيون ۽ احساس محروميءَ جي ماتم جو ماحول مليو. جڏهن اڳتي پڙهڻ شروع ڪيو تہ اهڙيون ڪيتريون ئي ڳالهيون پڙهڻ لاءِ مليون، جيڪي اسان سوچيندا آهيون پر لکي ناهيون

سگھندا ۽ نہ ئي وري ٻڌائي سگھندا آھيون. اھڙي انداز سان ھن ناول ۾ ڳالھيون ملن ٿيون. مثال طور خدا تي، مذھب تي، پاڪستان تي، ھندستان تي دل کولي ڳالھايل آھي اھا جرئت چئجي يا ان کي ھيو کو نالو ڏجي. ؟ اھو سوال ئي چڏجي ٿو.

صحيح معنيٰ ۾ ڏٺو وڃي تہ ننڍي کنڊ تي ڪڏھن بہ سُک جو سج اپريو ناھي. ھر روز ڦھر جا ڪارا ڪڪر ھن / سنڌ مٿان چانيل رھيا آھن. ھر طرف کان تيرن جا طوفان تيزيءَ سان ايندا رھيا آھن. ڪڏھن ڪڏھن تہ قدرت جا قانون بہ ننڍي کنڊ خلاف آيا آھن ۽ اھو کيڏو نہ المیو آھي. جو جنت جھڙي سنڌ بہ مذھبَ جو بَک بڻجي وئي. سندس سينو چيري بہ اڌ کيو ويو ۽ اھڙو روڳ پنجاب بہ برداشت کيو. برداشت ڪٽي کيو آھي. اڄ بہ پوڳنائن جي اونھي بحرَ ۾ مسلسل ٻڌي رھيو آھي نہ ھولي رھي نہ ثقافت رھي. اھڙو ڇا رھيو آھي، جنھن کي ڳٽائجي. ورھاڳي تہ اسان کان ھوش، حواس ئي کسي چڏيا آھن، دماغ سالم ھجي تہ ويھي ورھاڳي جا وڏَ ڳٽائجن.

ڪتاب "ماکيءَ مڻا ماڻھو" (خط) مرتب: ماھتاب محبوب صفحي نمبر 288 تي، ھڪ خط ۾ موھن ڪلپنا، ماھتاب محبوب کي لکي ٿو تہ:

"تنھن ڏينھن آفيس ۾ ڪي ليکڪ آيا. آفيس وڏي آھي ۽ چگو فرنيچر وڏو اٿم. مٿي پھرين ۽ آخري ماڙي تي آھي: ان ڪري ليکڪن اچڻ شروع ڪيو آھي. ٽيون ڏينھن لنڊن مجلس جو باني حشو ڪيولراماڻي، جنھن ڪراچي 1943ع ۾ ماچيسن جو جلوس ڪڍيو ھو جنھن 1964ع ۾ "سنڌ سنڌين لاءِ" جو پھريون نعرو ھنيو ۽ جنھن لاءِ ايازڪٽي لکيو آھي تہ حشمت اڪيان موھن جو ڏڙو جھڪو پئجي وڃي ٿو ۽ جو حسام الدين راشدي کي شخصي طور سڃاڻي، اھو ڪلاڪن جا ڪلاڪ وينو ھو. ھن وقت برلن ۾ سندس پٽ گل راماڻي، چترن جو نماع ڪري رھيو آھي. انڪل ڏھ سال اڳ ڪيس سي - آءِ - اي وارن سلو پائزن ڏنو ان ڪري ڳري ڪنڌا ٿي ويو آھي. ڪلاڪ مان پنجاھ منٽ ھوش کان ٻاھر رھندو آھي. کيس دھليءَ ۾ پنجن لکن جو فليٽ آھي، مگر کيس زال گھر مان ڪڍي چڏيو آھي، جنھن جو ڪتاب "پاڪستان ايڪسپلوڊ" پاڪستان ۾ بندش پيل آھي، جنھن کي

ورهاڳي وقت پاڪ حڪومت جيل ۾ وڏو ۽ جيپ ۾ چاڙهي، سرحد تي ڦٽو ڪيو. جنهن تي منهنجو ناول "ڪاڻ ۽ سمند" لکيل آهي. جو ڳنيپيرتا جي ڏهن منٽن ۾ ايترو علم ڏيندو آهي، جو برٽش ڪائونسل لئبريريءَ ۾ تي مهينا ڪتاب پڙهڻ سان حاصل نه ٿئي."

هيءُ خط اهو ٿو ٻڌائي ته هيءُ ناول حشو ڪيولراماڻيءَ تي لکيل آهي، پر ايئن ناهي. مون کي ڪٿي به اهو نه ٿو لڳي ته هيءُ ناول حشو تي لکيل آهي. ٿي سگهي ٿو ته خط ۾ موهن ڪلپنا اندر اور ڪئي هجي ۽ وقت کان پوءِ ان کي مٽايو هجي. ها هڪ بي اها ڳالهه ضرور آهي ته هيءُ ناول هر ان فرد جي درد ڪٿا آهي، جنهن کان ڌرتي ڇڏائي وئي آهي، جنهن ۾ حشو به آهي ته موهن، چندر شيام به آهي ۽ نه ڄاڻ ته ڪيترائي لکين انسان ٻيا به آهن.

"ڪاڻ ۽ سمند" جهڙا ناول پڙهڻ سان اسان جي نئين پيڙهي ۾ ٻه ڳالهيون مثبت اثر ڇڏيندیون ۽ انهن مان هڪ ته پنهنجي تاريخ کان آشنا ٿيندو ۽ ٻيو پنهنجي وطن جي اصل وارثن سان سندس واقفيت جي وات ملي ويندي. هيءُ رڳو هڪ ناول ئي ناهي پر سنڌ جي ان دور جي مختصر (پُر اثر) درد ڪٿا ۽ تاريخ جو ڪربناڪ باب به آهي. جنهن دور ۾ سنڌ جو سينگار چنو ويو نه صرف جاگرافي طور پر وطن جي وارثن کي ڌرتي کان ڌار به ڪيو ويو ان سڄي سُورَ جي سمندَ کي موهن ڪلپنا هن ناول ۾ سهيڙيو آهي.

هي ڪرشن جو ڪمال آهي

آئون ان ڳالهه تي ويچاريندو رهندو آهيان ته سنڌ اندر نثر جي پيٽ ۾ نظم وڌيڪ ڇو پيو لکيو وڃي؟ ۽ ان سوال جي جواب ڳولڻ جي مون پنهنجي سر ڪوشش ڪئي آهي ۽ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته اسان وٽ نثر کي ڏکيو ۽ نظم کي سولو ٿو سمجهيو وڃي. پاڻ ان ڳالهه کي ماضيءَ سان نه ٿا پيٽيون صرف حال کي ڏسون ٿا ته اها ڳالهه وڌيڪ چٽي ۽ واضع نظر اچي ٿي ته اڄ جو نوجوان نظم طرف تمام گهڻو دلچسپي ونڌي رهيو آهي ۽ هو ان کي سولو ته سمجهي ٿو پر هن کي تڪڙي شهرت به ان ئي پاڻي ۾ وڌيڪ نظر ٿي اچي پر ايئن هر گز ناهي. تخليقي ڪم ڪهڙي به شاخ جو هجي، اهو سرجڻ ڏکيو آهي. پاڻ ڳالهه پئي ڪئي اڄ جي نوجوانن جي نظم ۾ دلچسپيءَ جي ته اڄ جو نوجوان سهل پسند وڌيڪ ٿي ويو آهي هو سمجهي ٿو ته نظم هلندي ڦرندي لکي سگهجي ٿو ۽ نثر لکڻ لاءِ وڌيڪ محنت ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. وڌيڪ مطالعي ۽ مشاهدي جي ضرورت پوي ٿي پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي ته نظم لکڻ لاءِ به مطالعي ۽ مشاهدي جي ضرورت پوي ٿي ۽ اندر ۾ هٿ وجهندڙ شعر چوڻ لاءِ به ايڏي ئي محنت گهرجي ٿي، جيڏي ڪنهن افساني لکڻ لاءِ....

هن ناول کان اڳ مون کي خبر ناهي ته ڪيترا ناول پڙهيا آهن پر ايتري ضرور اٿم ته شاعري ۽ بين موضوعن جي پيٽ ۾ مون ناول وڌيڪ پڙهيا آهن. ناول جي ڪائنات جو ڪئنواس ايترو ته وسيع آهي جنهن کي ڪنهن به تشبيهه ۾ قيد نه ٿو ڪري سگهجي. توڙي جو سنڌ اندر ناول بين موضوعن جي پيٽ ۾ گهٽ لکيو ويو آهي پر جيترو لکيو ويو آهي اهو سنڌي ادب جي حصي ۾ پنهنجي هڪ جو نه صرف پرپور احساس ڏياري رهيو آهي پر پڙهندڙ جو ڌيان به پنهنجي طرف چڪائي رهيو آهي هڪ ڳالهه مون کي اڄ ڏينهن تائين سمجهه ۾ ناهي آئي ته اسان وٽ اهو تاثر ڇو ڏنو ويو آهي ته ناول لکڻ ڏکيو آهي؟ اهو سوال منهنجي ذهن ۾ بار بار آيو آهي ۽ مون ان سوال تي کوڙ ڀيرا ويچاريو به آهي. اها ڳالهه طي آهي ته تخليق سرجڻ بلڪل به ڏکي هوندي آهي. پوءِ پلي اهو ڇو نه مضمون ئي هجي. پر اهو تاثر عام ڪرڻ بنهه ٻُرو ٿو لڳي. ڇاڪاڻ ته

هڪ نئون لکندڙ جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ٿو ته اهو ان ڳالهه جو شديد شڪار ٿي وڃي ٿو. مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ ناول گهٽ لکڻ جو هڪ سبب اهو خوف ئي آهي، جنهن جو پاڻ مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. پر گذريل پنجن، ڇهن سالن ۾ سنڌ اندر جيئن شاعري جڏهين مقدار ۾ ڪئي وڃي ٿي ۽ ان ئي انداز سان ناول ۽ لکڻ شروع ٿيو آهي. معياري تي پاڻ نه ٿا ڳالهايون اهو هڪ جدا موضوع آهي هتي ڳالهه روايت ۽ خوف کي ٽوڙڻ جي آهي.

ترندڙ بادل پڙهندي ڪيترا ئي ڀيرا منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا ۽ ڪيترا ئي ڀيرا وقفي وقفي سان ناول پڙهندو رهيس. هيءَ ناول درد جو دريا آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙو شخص ٻُڏي رهيو آهي جنهن جو هر گفتو تاريخ جو ورق آهي ۽ اهو شخص حشو ڪيولراماڻي آهي. ڪرشن ڪتواڻيءَ جي دل کي شابس آهي، جنهن ايڏي ڪرب کي قابو ڪري هن ڪتاب (ناول) ۾ آندو آهي ۽ اهو ۽ فڪشن ۾.... مون هندستان جي جن ۽ سنڌي ليکڪن کي پڙهيو آهي، انهن جي هولي گهٽو مڪسچر آهي. لچڻ ڪومل جي هولي پُراسرايت جا پنڌ ڪولي چڏيندڙ ۽ نج نبار سليس آهي، جنهن کي پڙهندي پڙهندي وقت ڪٽي وڃي ٿو يا ڪتاب پورو ٿي وڃي ٿو پر سندس هوليءَ جو تاثير بکايل هار کي ٽڄ جيئن گهربل هجي ۽ هيو ڪرشن ڪتواڻي آهي جنهن جي هولي پڻ هاجهاري آهي. جنهن کي پڙهڻ سان وقت وسري وڃي ٿو. ان جو وڏو مثال سندس هيءَ ناول آهي. توڙي جو ناول جو پلاٽ سُور جو سمنڊ ۽ درد جو دريا آهي پر ان کي اظهاريت سليس انداز سان ڏني وئي آهي. اهو سڄو ڪمال ڪرشن ڪتواڻيءَ جي هوليءَ جو ئي آهي.

حشو ڪيولراماڻيءَ تي لکڻ مان سمجهان ٿو ته ڪو ايڏو سولو ناهي، هو ننديي کنڊ جي ٽورن ڏهين ماڻهن مان هڪ هو. هن تي بهتر انداز ۾ سائين جي ايم سيد يا شيخ اياز ئي ڳالهائي سگهن ٿا. اياز جيڪو ڪجهه ۽ حشو تي لکيو آهي، اهو سندس شخصيت جي اکيل ۽ ذهانيت جو مجسمو تراشيندي نظر اچي ٿو. ماضي قريب ۾ حشو سنڌ ۾ وڌيڪ دريافت ٿيو آهي ۽ هڪ قومي هيري جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. اها تاريخ جي سچائي ۽ آهي ته هن پنهنجي ماضيءَ جي ورقن مان سنڌ کي هڪ اهڙو جينيئس ماڻهو ڳولي ڏنو

اهي، جنهن جي سنڌ کي پلپل ضرورت رهي آهي، حشو ڪيولراماٽيءَ جي ڪتاب پاڪستان ايڪسريد جو سنڌي ترجمو ۽ سندس متعلق لکڻيون ڊاڪٽر پارس نواز سنڌي سرويچ - حشو ڪيولراماٽي نالي سان سهيڙي آندو آهي. ان کان علاوه مدد علي سنڌي هڪ مختصر پر پُر اثر ۽ ڄاڻ پريو حشو جي خطن ۽ سندس يادن تي لکيو / سهيڙيو آهي ۽ ان کان علاوه وڌيڪ ٻي خوشيءَ جي اها ڳالهه آهي ته حشوءَ تي ايوب کوسو هڪ ناول لکي کري پنهنجو قومي فرض نيايو آهي ۽ اهو فرض ايوب جهڙو سچيت سرجٹهار ئي ادا ڪري سگهيو ٿي. انهن ٽنهي ڪتابن کان پوءِ سنڌ اندر قومي سوچ رکندڙ نوجوانن حشو ڪيولراماٽي کي وڌيڪ پنهنجو سمجهڻ لڳا آهن. انهن ٽنهي ڪتابن کي پڙهڻ کان پوءِ مون حشوءَ متعلق وڌيڪ مواد جي ڳولا ڪئي ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪرشن ڪتواٽيءَ جو هي ناول ترندڙ بادل هٿ لڳو ۽ جڏهن هيءَ ناول منهنجي هٿن تائين پڳو ته سچ اهو آهي جو مون ٻيا سڀ ڪم ڇڏي ڪري هيءَ ناول رات پيٽ ۾ پڙهي پورو ڪيو.

ترندڙ بادل هڪ ئي ساهي ۾ پڙهي ڪري ان راءِ تي پهتس ته نه وري ٻيهر پڙهجي ۽ دفعا پڙهڻ کان پوءِ به جهڙوڪ اڄ رهي پئي آهي ۽ اهو سڄو ڪمال ٻوليءَ جي حسناڪيءَ جو ته آهي ئي آهي پر ناول جو جيڪو پلاٽ آهي ان جي ڪماليت کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي. سنڌي افسانوي دنيا کي اهڙا ئي ناول عالمي ادب جي قطار ۾ نه صرف ٻيهاري سگهن ٿا پر پنهنجي الڳ ٽلڳ حيثيت به ڏياري سگهن ٿا. ڇا ڪردار آهن، چند ئي ته ڪردار آهن ۽ انهن کي هن ناول ۾ هيڏي نفاست سان ادا ڪرڻ مان سمجهان ٿو ته اهو ڪرشن ڪتواٽي جي قلم جو ئي ڪمال آهي ۽ ان کان علاوه هيءَ ناول پڙهندي هڪ ٻي اها به راءِ جوڙي سگهجي ٿي ته اهڙو ناول هڪ ئي تخليقڪار لکي سگهي ٿو جيڪو ساڃاهه جو سرچشمو هجي ۽ ڪرشن ڪتواٽي هيءَ ناول ان ڪري به ڪاميابيءَ سان لکي سگهيو آهي، جو خود هن کان به ڏرتي چڏائي وئي آهي. تڏهن ئي ته هن ناول جي ڪردار هير کي ايڏي ڏهني دهاءُ کان ويندي جلاوطنيءَ جي درد کي پوڳيندڙ ڏيکاري سگهيو آهي. هير ۽ سجاتا هيءَ ناول جا ٻئي مرڪزي ڪردار آهن، انهن جي به وطن سان اڪير ڏيکاريل آهي، صحيح معنيٰ ۾ اهو ڇئي

سگھجي ٿو تہ هيءَ ناول نہ صرف حشوءَ تي لکيل آهي پر هر ان فرد تي لکيل آهي، جنهن جنهن بہ وطن کان جدائيءَ جو درد پوڳيو آهي ۽ ان پيڙاءَ جي پاتال ۾ گم ٿيو آهي.

ڪرشن ڪنوائٽي جو آئيڊيل ڪامريڊ سويو گيانچنداڻي آهي، جنهن تي هن هڪ زبردست مضمون بہ لکيو هو. ان کان علاوه پنهنجي جڳ مشهور ناول "منهنجي مٽيءَ سنڌ" (هيءَ ناول ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي صورتحال تي لکيل آهي) جنهن ۾ ڪامريڊ سويي کي مرڪزي ڪردار جي شڪل ڏني آهي ۽ ان کان علاوه هُن هِن ناول "ترندڙ بادل" جي اڻپنا ۾ بہ ڪامريڊ سويي کي ناهي وساريو. اها سندس وطن سان وفائي حقيقي هيرن سان دلي وابستگيءَ جو چٽو مثال آهي، جو هن پنهنجي ناولن جا ڪردار بہ پنهنجي وطن جا واهرو چونڊيا آهن. اها ئي تخليق دل تي اثر ڇڏي ويندي آهي، جيڪا مٽيءَ مان ڳوهيل هجي ۽ اهڙي ئي هڳاءَ سان ڪرشن ڪنوائٽيءَ جون تحريرون انهيءَ عمل ۾ ڪني تار آهن.

ڪرشن ڪنوائٽي جا سنڌ اندر لڳ ڀڳ ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، انهن ۾ 'هڪ چوڪري هئي' (ڪهاڻيون ۽ ناول) 'منهنجي مٽيءَ سنڌ' (ناول) 'هِن پار مان، هُن پار تون' (ڪهاڻيون، شاعري، مضمون، تقريرون ۽ آتم ڪٿا) هيءَ چوٿون ڪتاب آهي، جيڪو پڙ ناول آهي ۽ ڇپجي رهيو آهي. ان کان علاوه ٻيا ڪيئي ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعا سندس شايع ٿيا آهن، جيڪي هند ۾ ڇپيا آهن، انهن کي سنڌ ۾ بہ ڇپائي پڌرو ڪيو وڃي تہ بهتر ٿيندو. ڪرشن ڪنوائٽي توڙي جو ڪيترائي ناول لکيا آهن، هو ناول نگار هئڻ سان گڏوگڏ هڪ معتبر ڪهاڻيڪار پڻ آهي، ان کان علاوه هن شاعري بہ ڪئي آهي، اهي سيئي حوالا هن جي حصي ۾ اچن ٿا ۽ هڪ ڪامياب قلمڪار ڪنهن بہ شعبي ۾ لکي ٿو تہ هو پنهنجي قلم جو معيار برقرار رکيون ايندو آهي. ڪرشن جو هيءَ ناول صحيح معنيٰ ۾ هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن کي ڪنهن بہ ٻي لکڻي جي سهاري جي ضرورت ئي ناهي. معياري ادب اوير مان ايرندڙ اهو سچ آهي، جنهن جي پنهنجي الڳ ٽلڳ سڃاڻپ هوندي آهي.

هڪ ڀالهہ نوٽ ڪرڻ جي آهي تہ سنڌي هوليءَ ۾ لکيل افسانوي ادب لڳ ڀڳ هڪ سئو ٽيهن سالن جي تاريخ تائين ڦهليل آهي، ان سڄي تاريخ ۾ توڙي

جو سون جي تعداد ۾ ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ انهن مان ڳٽپ آڳرين تہ ڳڻڻ جيترن ڪتابن جي آهي، اها ڳالهہ پاڻ کي ضرور ميڙي پوندي تہ اوليت وري بہ معيار کي ئي آهي، اها تہ ٽي ماضيءَ جي ڳٽپ هاڻي حال ۾ نون لکندڙن کي اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ لکجي اهڙو جنهن کي تاريخ جاءِ ڏئي ۽ ماڻهن جي من ۾ آکيرو اڏي ڇڏي، انهن سپني ڳالهين جي اهميت پنهنجي جاءِ تي تہ بلڪل آهي پر انهن کان اڳتي هڪ ٻي بہ ڳالهہ آهي، جنهن طرف اڄ ڏينهن تائين ڪنهن جو ڌيان ناهي ويو ۽ اها ڳالهہ آهي، پچاڻو... هتي ٽئي چا ٽو جيڪو لکيو سو اگهاميو. ڪير پچاڻو ڪري؟ ادبي ادارا آهن ڪونہ جيڪي ڪتابن جي جاچ پڙتال ڪن. نتيجي ۾ چا ٽو ٽئي تہ رف ڪتاب ڇپجي وڃن. هاڻي تہ ظلم اهو ٽو ٽئي جو، پڙهندڙن جو ذائقو متاثر ٽي ڇڪو آهي، ان جو اثر سنڌي ڪتابن جي وڪري تي پيو آهي. ادارا تہ ادارا پر سينيئر ليکڪ بہ نون لکندڙن جي لکڻبن جي جاچ پڙتال نہ ٿا ڪن. جيستائين ڪا لکڻي تنقيدي عمل مان پاس ٽي نہ نڪرندي، تيستائين ان ۾ ڪچايون رهڻيون آهن.

ان سڄي ڳالهہ کي ايئن سهيڙجي ٽو تہ جيڪو ڪجهہ لکجي ان کي بار بار پڙهجي ۽ بار بار لکجي. ان ڳالهہ تي ويچارڻ انتهائي ضروري آهي تہ آخرڪار ٽورا ئي ڇو ڪتاب ڳٽپ ۾ اچن ٿا؟ ان جو حاصل مطلب اهو ٽو نڪري تہ جيڪي ڪتاب ڳٽپ ۾ اچن ٿا، انهن تي نظر ثاني ڪان ويندي مسلسل محنت ۽ نور نچوئيل هجي ٽو. ان ڪري نون لکندڙ دوستن کي گذارش ضروري ٽو سمجهان تہ ڪتاب ڇپرائڻ ۾ تکڙ هرگز نہ ڪجي. ڪتاب اهڙو ڇپرائجي جيڪو صدين تائين پڙهندڙ ۽ هڪ مڪمل دور تي پنهنجي ڇاپ ڇڏي وڃي. هي جيڪو ناول (ترندڙ بادل) اڄ بہ اهميت پريو آهي، ان جو مطلب اهو هر گز ناهي تہ هيءَ حشو ڪيولراماڻي تي لکيل آهي، ان ڪري هيءَ ناول ان ڪري ڪارائتو بہ آهي تہ هن ۾ هڪ بہ اهڙي سٽ ناهي جنهن کي غير ضروري چئجي.

ڪير ڪيترو بہ تاريخ جي تهن تي مٽيءَ جا تهہ چاڙهيندو رهي پر وقت جو وهڪرو هڪ ڏينهن انهن تهن کي هٽائي ڇڏيندو آهي ۽ سڄائي سان تاريخ جا سنهري ورق اڇا اجرا ٽي عام اڳيان آڻيندو آهي ۽ ايئن ئي هيءَ ناول

۽ ان جو ڪردار هيم ....اڄ پنهنجن اصل وارثن اڳيان آهي ۽ اها اسان جي ڪاميابي چئجي يا تاريخ جي مهرباني.... جنهن اسان کي نايابَ ڪتاب ۽ حقيقي هيرو هٿ تري تي آڻي رکيو آهي.

آخر ۾ آئون نئون نياپو اڪيڈمي جي چيئرمين ۽ سنڌ جي سڄڻ سنڌي انعام کي لک شابس ڏيندس. جنهن هيءَ ڪارائتو ڪتاب اسان اڳيان ڇپائي آندو آهي. اها سندس وطن دوستي ئي چئي سگهجي ٿي ته جو هڙان وڙان هر پيري طالبِ علم جي هٿن ۾ ڪو نه ڪو قيمتي ڪتاب جو گلدستو پکڙائي ڇڏيندو آهي.

❊

خوبين واري کاڻ

ڪلهه ليکا نڪتا 'جنت' جا،
گهر 'شيام' ۽ 'چندر' ڀاڻائون.

نه رڳو ڪالهه سنڌ حصا پتي ڪري ڪنڌي وئي پر اڄ به سنڌ کي حصن ۾ ورهائڻ جون سازشون سڀيون پيون وڃن. اها جنت جهڙي سنڌ هر دور ۾ مصيبتن سان جهيڙيندي پئي اچي. هر اهو حربو هلايو ويو آهي ۽ هلايو پيو وڃي جنهن سان وطن جي اصل وارثن کي هيٺ ڪمزور ۽ اقليت ۾ ڌڪڻ جا سانباها ڪيا پيا وڃن. ڪنهن نه ڪنهن گهر ڏٽي جو گهر ڀهي ٿو. جيئن ورهاڱي وقت وطن ورهايو ويو ۽ وطن جي وارثن جا گهر ڀاهيا ويا. ورهاڱي سنڌ کان سندس اصل سڃاڻپ کسي ۽ لاوارثي جو 'ٽنگ' سنڌ جي پيشاني سان چپڪائي ڇڏيو آهي.

نه رڳو اسان جي عظيم ورثي تي قبضا ڪيا ويا پر اهي ڀاهي پٽ به ڪيا ويا آهن ايئن سڄي سنڌ ۽ هر سنڌيءَ جو گهر جهڙوڪ ڏٽو پيو آهي ڏسندي ئي ڏسندي ڏارين جي يلغار جو اوٽر سنڌ طرف گهليو ۽ سنڌ جي سيني تي ڏاري هولي ڳالهائيندڙن جا ڪٽڪ اچي ويا ۽ پڳٽ ڪنور، ماسٽر چندر ۽ نارايڻ شيام جي سنڌ ساڳي نه رهي ۽ سندس هولي به ساڳي نه رهي جنهن لاءِ هن کي الکو هيو ۽ اهو خوف نارايڻ شيام جي قلم مان ڪجهه هن طرح نڪتو:

الا، ائن نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،
ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي هولي!

نارايڻ شيام جي ذڪر سان ورهاڱي جو ذڪر فطري آهي نه صرف شيام جي ذڪر سان پر حشو ڪيولراماڻي، ماسٽر چندر، لچمڻ ڪومل، ورند مل (فريدآباد وارو) موهن ڪلپنا سميت هر ان سنڌي جي ذڪر سان سيني ۾ سور جي ست اپري ٿي جن کان پنهنجي ڌرتي ڇڏائي وئي ۽ ان ذڪر سان ڪاري رات جو چانئجي وڃڻ ۽ ماحول جو ويڳاٽپ جي ور چڙهي وڃڻ فطري آهي ۽ شيام جي هن شعر جي ڪيفيت جيئن درد جو دريا آڏو اچي ٿو وڃي:

الاءِ کھڑي گھڑيءِ شيام ان مان نڪتاسين،
وطن ورڻ ته چا، سرحد ڏسڻ نصيب نه ٿي.

شيام هڪ اورجينل شاعر آهي ۽ جديد سنڌي شاعري جي عمارت کڑي کرڻ ۾ سندس اوترو ئي هٿ آهي جيترو شيخ ايياز جو منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن شيام کان وطن نه ڇڏايو وڃي ها ۽ هو سنڌ ۾ ئي هجي ها ته اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته سندس قد ڪاٺ ايڏا به مختلف هجي ها. ان جي باوجود به ايڏي ڪربناڪ 'ورهاڱي' مان گذرڻ کان پوءِ به هن جيڪا به شاعري ڪئي آهي اها نج پج ۽ شعري معراج جي بلندين تي بينل آهي.

هن ٻاراڻي شاعري به ڪئي ۽ ڪجهه ترجما به شيام غزل، نظم، هائيڪو، ترائيل، دوها، سورٺا سميت هر جديد، قديم صنف ۾ لکيو. نارايڻ شيام جي زندگيءَ جو سفر نواب شاهه ضلعي جي ڳوٺ ڪاهي قاسم کان دهليءَ جي علائقي جنڪپور تائين جيڪو به رهيو. اهو ڪئين رهيو؟ تنهن تي ڪنهن به صحيح طريقي سان ڪم ناهي ڪيو. سنڌ توڙي هند ۾ شيام تي ڪنهن به قسم جو ڪو ڪم نه ٿو نظر اچي. نارايڻ شيام جنهن پائي جو شاعر آهي ان حساب سان هن تي ڪم ناهي ٿيو. جيئن ورهاڱي ۾ اسان جو ارڪو ترڪو گم ٿي ويو. ايئن هو به اسان جو ترڪو هو جيڪو گم ٿي ويو. اسان کي اهو گم ٿيل ترڪو ڳولڻو آهي.

نارايڻ شيام کي شيخ ايياز جي شاعري ۾ ڳولي سگهجي ٿو. ايياز'سُر نارايڻ شيام' لکيو جنهن ۾ هن جهڙوڪ شيام جو مڪمل جيون چٽيو آهي. سُر نارايڻ شيام، هڪ ڀرپور غم جو گهرو سمنڊ آهي جيڪو هر اٿندڙ لهر ۾ لڙڪن جي چولي ۾ ايري ٿو. هي به بيت سُر نارايڻ شيام جا آهن.

تنهنجي رڪ ڪٽي ويون، گنگا جون لهرون،
سنڈوءَ ابهريون، ٻانهون ٻهلايون گهٽيون.

وڏڙو ولهار مور ٿهوڪا ڪن پيا،
ڪئن ٿو ٽئين ڏار ڏرتي ڇڏي ديس جي.

ان کان علاوه شیخ ایاز 1965ع واري جنگ دوران هڪ نظم پڻ لکيو هو جنهن ۾ پڻ ايازـ شيام جو ذڪر ڪيو هو ۽ ايازاهو نظم لکي جهڙوڪ ڏڃي ۾ اجي ويو هو. ان نظم جي ڪارڻ هن جيل ۾ پوڳيو پر ايازان نظم ۾ نہ رڳي پنهنجي پر سڄي سنڌ جي نمائندگي ڪئي آهي هيءَ اهو نظم آهي:

هي سنگرام
سامهون آ
نارايڻ شيامـ
هن جا، منهنجا
قول ۽ ساڳيا
ٻول ۽ ساڳيا
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏڻي پر
منهنجا رنگ رتول ۽ ساڳيا
ڏڻ ۽ ساڳيو
ڏول ۽ ساڳيا
هانءُ ۽ ساڳيو
هول ۽ ساڳيا
هن تي ڪيئن بندوق ڪٽان مان
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان.
ڪيئن هڻان مان.
ڪيئن هڻان مان.

نارايڻ شيام جو غزل جديد سنڌي شاعريءَ ۾ الڳ ٽلڳ جاءِ ولاري ٻيٺل آهي سندس شعري پيرايو ڏکيو آهي جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ سندس شعر پکل ميوي جئن ذائقيدار آهي.

ڪنهن جي دانهن هئي، جنهن دل کي شيام ڇڏيو جهوري،
مون کان پلجي علم عروض جي ڄاڻ سڄي ويئي!

ڪنهن جي درد کي، دانهن کي ڪيڏي نہ احساساتي انداز سان بيان ڪيو ويو آهي سندس هيءُ ٻہ سورٺا پڙهي ڏسو:

تنهنجي چهري تي نچن چڪون نزاڪتدار
نندڙيون راتيون چيٽ جون دل کي ڏين قرار.

درپن جان منهنجون اکيون پوءِ به نهارين چو نہ؟
عڪس ڏسي پنهنجو منهن، وار سنوارين چو نہ؟

جديد سنڌي شاعري جي ذڪر وقت شيخ اياز سان گڏ نارايڻ شيام جو ذڪر به ايندو. شيام جي شاعري پڙهي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته ها شاعري ايئن ئي هوندي آهي سندس شاعريءَ جو هڪڙاءُ هند، سنڌ جي ٻنهي سرحدن اندر هڪ جيترو آهي جڏهن به سنڌ جي هن خوبصورت شاعر جو ذڪر نڪرندو ته ورهاڱي جي ڪرب مان به گذرڻو پوندو جنهن ڪري لڙڪن ۾ سڏڪن جي سمنڊ سان ته منهن ڏيڻو ئي پوندو.

چاهي جو نارايڻ شيام ايئن چئي ويو آهي ته:

هجي جا ڪاڻ خوبين جي ۾ خامين کان بنهه آجي،
نہ پنهنجي زندگي اهڙي نہ پنهنجي شاعري اهڙي.

پر نارايڻ شيام جي شاعري ته سڄي خوبين جي ڪاڻ آهي هتي رڳو نارايڻ شيام ڪسرنفسيءَ کان ڪم ورتو آهي ۾ هر اعليٰ ۾ ارفع ماڻهو اصل ڪسرنفسيءَ کان ئي ڪم وٺندو آهي.

*

ماڻڪ مُٺ سندوم

ماڻڪ بدران جي علي مري ويجي ها، تہ ڪيڏو نہ سنوٽئي ها!

(علي بابا)

ڪي ڪي ماڻهو وسيع ڪائنات پاڻ ۾ سمائي گهمندا آهن ۽ اهي جڏهن هتان هليا ويندا آهن تہ اها ڪائنات بہ پاڻ سان گڏ ڪنيون ويندا آهن. جيئن اسان وٽ عام ماڻهو چوندا آهن تہ، مري ويو پر، پاڻ سان گڏ پنهنجو پاڻ بہ ڪٽي ويو ۽ ايئن ئي ماڻڪ تہ ويو پر، پنهنجي لکٽي جو ڊڪشن بہ پاڻ سان گڏ ڪٽي ويو. اها منهنجي راءِ آهي. ممڪن آهي تہ منهنجي راءِ غلط بہ ٿي سگهي ٿي تہ، ماڻڪ جي معيار واري ڪهاڻي سنڌ ۾ هن وقت ڪو بہ نہ ٿو لکي.

سنڌي ڪهاڻي جي سفر ۾ ٿورا، اهڙا نالا آهن، جيڪي پنهنجي هٿ جو احساس اڄ بہ ڏيارين ٿا ۽ انهن نالن مان ڪجهہ نمايان نالا هي آهن. جهڙوڪ جمال ابڙو، علي بابا، نسيم ڪرل، امر جليل ۽ ماڻڪ ۽ وري ايئن ئي انهن ڪهاڻيڪارن جون ڪيتريون ئي ڪهاڻيون سنڌ جي شعور جي سيني ۾ سمايل آهن.

جمال ابڙي جو ذڪر نڪري تہ سندس ڪهاڻي "پيراٽي" سامهون سينگارجي اچي ويجي ٿي ۽ ايئن ئي وري علي بابا جو ذڪر نڪري تہ "ڪارونجهر جو قيدي"، نسيم ڪرل جي ذڪر سان "چوٽيهون در"، امر جليل جي ذڪر سان "اروڙ جو مست" ۽ ماڻڪ جي ذڪر تي "حويليءَ جا راز" ڪهاڻي ڪر موڙي اکين آڏو اپري ايندي.

ماڻڪ بابت نصير مرزا جا مختصر رايا، جن جو مون چونڊو، ماڻڪ جي مختلف ڪتابن مان ڪيو آهي. هي رايا توڙي مختصر آهن پر، پاڻ طرف ڇڪي اچن ٿا.

"ماڻڪ جو اوچتو موت ايئن محسوس ٿيو جڙ بنهہ منجهند جو اوچتو سج ٻڏي ويو."

"ماڻڪ جي ذات، ذات، فن ۽ فڪر تي ڪمپيئرنگ ڪرڻ لاءِ مان نهايت نندڙو آهيان نہ برابر آهيان."

ماڻڪ پنهنجي ڏمريل ٿهيءَ جو اڪيلو ۽ مُنفرد نمائيندو هو ۽ آهي."
"ماڻڪ ڪنهن وڏي ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا هوندي به، باهران بظاهر ڏيڪ، ويڪ ۾ جڙ پرسڪون زندگي جو استعارو لڳندو هو."

ڏاها ماڻهو هر ڏيهه ۾ ڏک ڏسندا آهن ۽ انهن جو ڏوهه صرف ۽ صرف اهو هوندو آهي جو هو ٻاٽ ۾ لاٽ ٻاريندا آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ جو ماضي، حال ۽ مستقبل ڪهڙي خاني ۾ آهي؟ ان سوال جو سلجهاءُ ڪهڙو آهي. ان تي جڏهن غور ڪبو ته، اسان کي سنڌي ڪهاڻي ماضيءَ ۾ شاهوڪار ۽ شاندار نظر ايندي ۽ ان جو حال، ماضيءَ جي پيٽ ۾ پر رَتيون گهٽ نظر ايندو. رهي ڳالهه سنڌي ڪهاڻي جي مستقبل بابت ته ان کي ايندڙ وقت تي ئي چڏي ڏجي ته، بهتر آهي. ماڻڪ جي حصي ۾ ادب جون ڪيتريون ئي شاخون چوڙ ڪنديون هيون. هو نه صرف ڪهاڻيڪار هو پر، ناٽڪ نويس، ڊرامانگار به هو ۽ هن جي جيئن ڪهاڻي ڪمالیت جون حدون ٽي اورانگهي بلڪل ايئن ئي ماڻڪ جا ناولیٽ ۽ ڊراما به حيرتن جا جهان پڙهندڙن تي کولن ٿا.

هن جڏهن ادب جي آڳر تي پهرين وک کنئي هئي، تڏهن منير احمد هو ۽ جڏهن هو ادب ۾ ٽورو اڳتي هليو ته، منير سنڌي جي نالي سان لکندو هو ۽ پوءِ هن پنهنجو قلمي نالو ماڻڪ چونڊي ادب ۾ چوطرف چانڊوڪي ڦهلائيندو رهيو.

هو ذات جو ميمڻ هو. سندس فرزند بقول منور سراج جي ته غير معمولي آرٽسٽ آهي. علي احمد ميمڻ سندس فرزند جو نظر ڪتاب "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" ۾ منور سراج ڏنو آهي.

ماڻڪ ڪيڏو وڏو ليکڪ / ماڻهو هو، جو موهن ڪلپنا کي ايئن چوٽو پيو ته،

"اسان کي ماري چڏين ها مگر سنڌ کي نه مارين ها!"

جيتري قدر مون ڏٺو آهي ۽ محسوس ڪيو آهي ته، سنڌي ڪهاڻي کي نقاد ڪاڻ مليو آهي ۽ ايئن ئي وري سنڌي شاعريءَ کي به نقاد نه مليو آهي پر، بنسبت ڪهاڻيءَ جي شاعريءَ تي ڪجهه نه ڪجهه لکيو ضرور ويو آهي ۽ بلڪل ايئن ئي جيئن پٽائي کي نقاد نه مليو آهي ۽ ايئن ئي ماڻڪ کي به نقاد نه مليو آهي. هيڏو وڏو ڪهاڻيڪار جنهن جون ڪهاڻيون جهڙوڪ جوالا مکي آهن. ان تي توهان کي آڳرين تي ڳڻڻ جيترا مضمون به لکيل نه ملندا ڳولڻ جي

باوجود. حيرت تہ ان ڳالھہ تي ٿي رهي آهي تہ مارڪيٽ ۾ ماٽڪ جا ڪتاب بہ نہ ٿا ملن. جنهن ليکڪ کي پبلشر ئي نہ ٿو ملي تہ ان کي نقاد ڪٿان ملندو؟

ساھہ مُٺ ۾:

ماٽڪ جو هي ناولٽ **1986**ع ڌاري پارٽ ۾ موهن ڪلپنا ـ وارن چپرايو هو ۽ هن ناولٽ جو ٻيو چاپو سنڌ ۾ روشني پبليڪيشن وارن **1993**ع ۾ آندو هو. هن ناولٽ بابت موهن ڪلپنا جا هي ٻہ مختصر رايا ڪيڏي نہ وڏي هام پري رهيا آهن.

"ساھہ مُٺ ۾ سنڌي زبان جو پهريون جديد نالو آهي."

"هيءَ ناول هڪ بارود آهي، جنهن جي سنڌ کي ضرورت آهي."

ماٽڪ جي جيون جو خاڪو:

5 ـ مارچ **1943**ع ۾ نوشهرو فيروز ۾ جنم ورتائين.

هن سوشالاجي ۾ ايم اي ڪئي هئي ۽ ايم ايڊ جي ڊگري ورتائين.

علم تدريس جي شعبي سان بہ وابسطا رهيو.

صحافت بہ ڪيائين.

وڪالت بہ ڪيائين.

ميڊيڪل استور بہ کوليائين.

حويليءَ جا راز هيءَ ڪهاڻي "سهڻي" مئگزين ۾ **1967**ع ڌاري ڇپي هئي ۽ ماٽڪ جو حويليءَ جا راز نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو **1991**ع ڌاري ڇپيو. ان ڪتاب ۾ شوڪت شوري جي ماٽڪ بابت هيءَ راءِ ڏنل آهي.

"ماٽڪ بي رحم، ظالم ۽ قاتل ليکڪ آهي."

"پڙهندڙ هن کي شوق سان پڙهڻ کان پوءِ گاريون ڏيندا آهن."

"۽ ماٽڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي ئي اهو تہ هو اگهاڙو سچ ٿو پيش ڪري."

توهان ماٽڪ جي ڪهڙي بہ ڪهاڻي پڙهو توهان کي ان ۾ حقيقت پسنديءَ جا اولڙا اکين آڏو اچي ويندا ۽ ايئن ئي وري هن جو ڪوبہ ناولٽ خاص طور "ساھہ مُٺ ۾" پڙهو جهڙوڪ موجوده حالتن تي حقيقت جا پڙدا کولينديو اوهان کي نظر ايندو ۽ اهڙا گهٽ ليکڪ هوندا آهن، جيڪي سماج

کي اهڙو ته. پنهنجي تحريرن ۾ چٽي ڇڏيندا آهن. جو انهن جي تحريرن جو استعارو ئي سماجي ٽي ويندو آهي ۽ ماڻڪ سماج کي اهڙو ته چٽيو آهي. جو هن جي هر ڪهاڻي. ناولٽ ۽ سماجي رشتو ڳنڍيل اوهان کي نظر ايندو.

ماڻڪ جو ناولٽ "رُڄ ۽ پڙاڏا" پهرين "ميسوٽي" نالي سان 1961ع / 1967ع لکيو ويو ۽ وري ٻيهر 1973ع / 1975ع- جي وچ ۾ "رُڄ ۽ پڙاڏا" جي نالي سان شايع ٿيو ۽ هيءُ ناولٽ 1992ع- ڌاري "ٽي ناولٽ" نالي سان روشني پبليڪيشن آندو ۽ انهن ٽنهي ناولٽن ۾ "رُڄ ۽ پڙاڏا"، "پاتال ۾ بغاوت" ۽ "لُڙهندڙ نسل" شامل هئا.

ماڻڪ اسان / اوهان کان وسري ويو هو ۽ پوءِ وري اسان کي منور سراج ياد ڏياريو. منور سراج. ماڻڪ جون ڪجهه تحريرون هٿ ڪيون ۽ اهي هن "ماڻڪ جي بريف ڪيس مان" نالي سان سهيڙي عام تائين آندين.

ماڻڪ جي اسٽيج ڊرامن جا هيءُ نالا آهن:

1- 1- مائي بختاور

2- 2- زندگي هڪ ڪُن

ماڻڪ جي ڊرامائي فيچرن جا هيءُ نالا آهن:

3- 1-سنڌ جا سورهيه

4- 2-ڪلاچيءَ جي ڪن ۾

5- 3-پڇتاءُ

6- 4-تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهنڙا

ماڻڪ جي ڪهاڻي ڪتابن جا هيءُ نالا آهن:

7- 1- حويليءَ جا راز

8- 2- سونهان اڻ سونهان

ماڻڪ 26 جون تي وفات ڪئي. نواب شاهه موهني (موني) بازار نور مسجد جي ايوان ۾ دفنايو ويو.

حسن درس جو هڪ نظم آهي. جنهن جو عنوان آهي. "مُسلسل ماڻ ۾ ماڻڪ" هيءُ عنوان ان سوچ طرف وڃي ٿو وجي ته. ڇا واقعي ماڻڪ ماڻ جي

ملڪ ۾ بسيرو ڪيو هو. جي ها تہ ان جا سبب ڪهڙا هئا؟ ان سوال جي جواب کي ڳولڻ ضروري آهي ۽ حسن درس جو نظر هيءَ آهي:

مسلسل ماٺ ۾ ماٺڪ!
رڳو ئي درد
غم فراق جو فصل آهي
لڳن ٿا لفظ جدائي
چون وصل آهي
اڃا به لهر ۾ لڙهندڙ آ
ڪهر ڀالهايو
مسلسل ماٺ ۾ ماٺڪ
نئون نسل آهي
اهو تہ زرد صبح
سڄ جو نقل آهي
اداس شام ئي پڇيو
سنڌن اصل آهي!

سنڌي ڪهاڻيءَ جي ٻن تمام وڏن نالن ماٺڪ ۽ علي بابا جي عام زندگي جا پيرا هڪ ٻئي تي رکي ڪنهيل ٿا نظر اچن. جهڙوڪ ٻئي آواره بادل هئا. سنڌن تحريرون ساموندي لهرن کان وڌيڪ طاقتور آهن. هو ٻئي ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار رهيا پر، هو ٻئي هڪڙا تہ اداس رُوح ٻہ هئا، جيڪي پولار ۾ الوپ ٿي ويا.

اچو تہ ماٺڪ بابت ڪجهہ ڄاڻيون. هي جيڪا مان هيٺ ڳالهہ ٻولهہ ڏئي رهيو آهيان، اها مختصر هوندي جامع آهي ۽ اها ڳالهہ ٻولهہ مير ٽيبي سان ڪيل آهي. (مير ٽيبو ماضيءَ جو ڪميونسٽ ۽ سياسي ڪارڪن رهيو آهي ۽ هن وقت امريڪا ۾ رهائش پذير آهي.) ڳالهہ ٻولهہ جو حاصل سوشل ميڊيا آهي. بدقسمتيءَ سان مون جيڪي مير کان سوال ڪيا هئا، اهي ڪٽجي ويا آهن پر، سندس جواب مون وٽ محفوظ آهن. ۽ مير جون ڳالهيون ماٺڪ بابت هيءَ آهن. جيڪي مختصر حصن ۾ ورهايل ڇڙو ڇڙ ۽ اڳتي پوئتي ٽيل آهن.

"ماڻڪ ڪجھ سال ڪميونسٽ پارٽي ۾ رهيو. پو سوشلسٽ ڪري پارٽي ڇڏي ڏني."

"ماڻڪ مون پنهنجي پٽڑي جو نالو ان ڪري به رکيو جو ماڻڪ "لڙهندڙ نسل" منهنجي نالي ڊيڊيڪيٽ ڪيو."

"ماڻڪ تي اثر پن ليکڪن (البرٽ ڪاميو ۽ سارتر) کان علاوه دوستو وسڪي، چيخوف، جيمس جوائس، ڪافڪا، وگني وولف، فلاسافيڪي والتيئر ۽ ٻين فلاسافرن کان متاثر هو."

"سياسي خيالن ۾ هيءُ ترقي پسند نيشنلسٽ هو."

"سياسي حوالي سان هيءُ سنڌ ۾ جي ايم سيد ۽ حيدر بخش جتوئي کان متاثر هو."

"هندستاني سنڌي ليکڪن کي پسند ڪندو هو. اياز (شيخ اياز) کي به پسند ڪندو هو. تنوير عباسي وغيره."

سنڌس همعصرن هئا. شوڪت شورو مشتاق شورو عبدالقادر جوٽيجو علي بابا، نسيم کرل، آغا سليم وغيره. سڀ ڪيس پسند ڪندا هئا."

"جويو (محمد ابراهيم جويو) سان اختلاف هوندو هيس. هڪ به آرٽيڪلز به سنڌس سوچ خلاف لکيو. بلڪ شوڪت شوري وارا به جويو سان مخالفت ۾ هئا."

توڙي جو مٿيون ڳالهيون مختصر آهن پر، اهي ڳالهيون اهو دڳ ان لاءِ ظاهر ڪن ٿيون، جيڪي ماڻڪ تي ڪم ڪرڻ جا خواهشمند آهن. جڏهن مون ميرٿيبي سان ماڻڪ بابت وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪئي تہ هن ماڻڪ جي ذاتي زندگي بابت چيو تہ ڏاڍي دلچسپ آهي.

اسان جو سنڌي ماڻهو پيٽ جي باهه وسائڻ ۾ئي پورو آهي تہ اهو ادب جي آبياريءَ ۾ پنهنجو حصو ڪٿي ٿو ڳنڍي سگهي. اسان کي جهڙوڪ بک بچي وئي آهي، جنهن اسان جي ساڃاهه جو دماغ کائي ڇڏيو آهي.

ماڻڪ سنڌس لکڻين تي لکڻ جيڪڏهن ايترو سولو هجي ها تہ هن تي اڳ ۾ ئي گهٽو ڪجهه لکجي چڪو هجي ها. هو ۽ هن جون تحريرون سمنڊ آهن، جنهن سان ڪوبه عام ليکڪ برٻيچي نہ ٿو سگهي.

❊

اڪبر جسڪاٽي، هاراٽي ادب جو نرالو نانءُ

سنڌ جي ڀَالهه نڪري ۽ سنڌو درياهه جو ذڪر نه نڪري ته اها سنڌ سان نا انصافي ٿيندي ۽ وري جڏهن سنڌي هاراٽي ادب جي ڀَالهه نڪري ۽ اڪبر جسڪاٽي جو ذڪر نه اچي ته اها سنڌي هاراٽي ادب سان نا انصافي سڏبي.

اڪبر جسڪاٽي مون ڏٺو ته نه هو. ها پر جڏهن مان سندس جيون تي هڪ گهري نگاهه ڦيريان ٿو ته هو هن دنيا مان ان وقت هليو ويو هو جڏهن مان ٽيڪ ٻن سالن جو هيس ۽ ڏيساور ۾ جيجل جي جهولي۽ ۾ کيڏي رهيو هيس. جڏهن مان سندس تصوير کي چتائي ڏسان ٿو ته هو جهڙوڪ پاڻ سان مرکي / کلي ملي رهيو هجي ۽ نظرن ئي نظرن سان حال احوال ونڻ جي کوشش ڪري رهيو هجي مون کي حيرت ان ڀَالهه جي ٿي رهي آهي ته اهڙي حسين مُڪ جو مالڪ جيون کي ڪيئن تياڳي ويو.

افسوس کان گهٽو اڳتي ڳڻتي ڳوڻ ٻڌيو بيني آهي ۽ پاڻ جڏهن ٿڏو ساهه ساهه واري نالي مان ڦڦڙن طرف ڏکيندا آهيون ته عين ان وقت کا سوچ ذهن جي سمنڊ تي ترندي نظر ايندي آهي ۽ اها سوچ جڏهن اکرن جو لباس اوڍي لفظن جي شڪل اختيار ڪري عام تائين پهچندي آهي ته ڀَالهه چوائيندي آهي. ۽ ٿڏو ساهه ان وقت پربو آهي جڏهن احساسن جا انبار اک چنپ ۾ اچي سامهون بيهندا آهن سچ اهو به آهي ته جڏهن مون اڪبر جسڪاٽي جا ڪتاب پڙهيا ۽ سندس جيون تي جيءَ پري تحقيقاتي ڍوڙ پاتي ته منهنجا جهڙوڪ ڇيهه ئي ڇڄي ٻيا ته تخليقي انسان ايڏو وڏو مايوسيءَ جو سمنڊ من ۾ ڇو سمايو؟ جو آخرڪار ان ۾ ٻڏي ويو. افسوس ان ڀَالهه جو ناهي ته هو هتان / هن دنيا مان ڇو هليو ويو. افسوس ته ان ڀَالهه جو آهي ته هن کي هن دنيا ۾ ڪنهن ٽڪ ڇو نه ڏنو؟

سنڌ ۾ ادب جي آبياري اديب ڏاڍي چاهه سان ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن انهن کي ادارن جي پرجهلائپ هجي ته هوند هيڪاندو ادب سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تڪڙو پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي ويجي. هتي المیو اهو

آهي جو لکڻ کان وڌي ڪتابن جي ڇپائي تائين ۽ ان کان پوءِ مارڪيٽنگ تائين ليکڪ کي پاڻ ٿو ڏکڻو پوي ۽ اها ڪيڏي نہ حيرت انگيز ڳالھ آهي جو انهي ايڈي ڏک ڏوڙ جي باوجود بہ ليکڪ کي اها موٽ نہ ٿي ملي جيڪا هو لھڻي ٿو. متين ڳالھ ڪرڻ جو اهو مقصد آهي تہ هر ان سچيت آرٽسٽ کي پر جھلائپ جي ضرورت آهي جيڪو راتين جو نور نچوڙي ٿو ۽ فنون لطيف جو ميدان ملهائي ٿو تہ ضرور ان جي اخلاقي مدد ڪئي وڃي تہ هو هن سماج ۾ ٿورو تہ اڳتي سري سگهي ٻي صورت ۾ اسان اڪبر جسڪاٽي جھڙا جينيئس ليکڪ وڃائيندا رهنداسين.

اسان وٽ تمام ٿورا جينيئس ليکڪ آهن ۽ اسان جو ادب ساري جو سارو انهن جي ئي آس پاس ڦرندو رهي ٿو. اهو ايئن ڇو آهي؟ جو تمام ٿورا جينيئس ليکڪ آهن؟ انهن سوالن جا جواب هي آهن تہ پوڳنائن جون پريون ڪوڪو ڪٽي سگهندو آهي ۽ لوڪ جي ٽوڪ واري تيز ڌار تلوار جو وار ڪوڪو پچائي سگهندو آهي ۽ ڪرب جي قبيلن جو طويل سفر ڪوڪو طئ ڪندو آهي اسان وٽ اڪرن سان سچائي جو ثبوت اهو ئي ٿو ادا ڪري جيڪو جينيئس ليکڪ آهي.

سنڌ ۾ هن وقت ٻاراٽي ادب جي آبياري لاءِ ڪو ادارو آهي بہ الاءِ ناهي؟ اها مون کي خبر ناهي ها پر اها پروڙ ضرور اٿم تہ تمام ٿورا آڳرين تي ڳڻڻ جيترا اهڙا ليکڪ آهن جيڪي ٻاراٽو ادب سرجي رهيا آهن. ويجهڙ ۾ نوجوان ليکاري ۽ ٻاراٽي ادب کي هٿي وٺرائيندڙ خالد آزاد ڏاڍو وٽندڙ ۽ شانائتو ڪم ڪيو آهي ۽ اهو ڪم ٻاراٽي ادب جي تاريخ ٽن جلدن ۾ سهيڙڻ آهي ۽ ان کان علاوه نوجوان شاعر ياسر قاضي ڏاڍا سهڻا شعري مجموعا آندا آهن ٻاراٽي شاعري جا ۽ ايئن ئي ڪوڙ سارا نوجوان پنهنجي مدد پاڻ تحت ٻاراٽي ادب کي هٿي وٺرائي رهيا آهن.

جوهي جھڙوڪ ادب جو استعارو آهي جنهن کي احمد خان مدهوش شاعري ۾ ڳايو آهي ۽ اڪبر جسڪاٽي کھاٽين ۾ ۽ ان شهر جي اها حسناکي چئجي جو هو ليکڪن جي لکٽين جو من موهيندڙ موضوع بڻيو آهي مون لاءِ هن شهر ۾ هڪ فطري ڇڪ رهي آهي پوءِ اها خبر ناهي تہ اها عزيز

ڪنگراڻي، خليل عارف سومري، عبدالحميد آس ۽ ٻيا جي ڪري آهي يا وري شو مندر ۾ اوائلي سنڌ جي صورت رکندڙ جي ڪري آهي؟ بهرحال ڪي شهر شخصيتن تي حاوي ٿي ويندا آهن ۽ وري ڪي شخص شهرن تي حاوي ٿي ويندا آهن پر جوهي شهر ۾ شخص برابري جي بنياد تي هڪ ٻئي سان ملي جلي ويا آهن.

اڪبر جسڪاڻي سان مون کي ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي ملايو آهي سندس مڙني ڪتابن کي هن اداري نئين صورت ۾ آندو آهي ۽ اهي ڪتاب ڏاڍا سٺا ۽ ٻارن جي دلچسپي کي سامهون رکي اسڪيچن تي آڌاريل آندا ويا آهن ۽ اهي ڪتابن جو ڪل تعداد جيڪو منهنجي نظر ۾ آهي چار آهن ۽ اهي آهن. 1۔ گلڙن جهڙا گهاڻ (ڪهاڻيون) 2۔ رمون پيٽي (ڪهاڻيون) 3۔ بتين واري نائي (بايو گرافيڪل ناولٽ) 4۔ خيرو حجم (ڪهاڻيون) ۽ انهن ڪتابن مان ٽي ڪتاب مون وٽ آهن. جيڪي مان اوهان سان وندڻ چاهيان ٿو.

گلڙن جهڙا گهاڻ :

اڪبر جسڪاڻي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي جتي ڀهراڙيءَ جا منظر ٿا ملن تہ اتي شهري زندگيءَ جا بہ اولڙا نظر اچن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ شهري تصور جهڙوڪ وڻندڙ باغ بستانن جهڙو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ حيدرآباد شهر جهڙوڪ مرڪزي نقطو آهي ۽ اتان جي گهٽ ماڙ عمارتن ۽ انهن جي پَر ۾ جهوپڙا گهرن جون جهلملائيندڙ حسناڪيون بہ ڇڪي طرح ڏسي سگهجن ٿيون. گلڙن جهڙا گهاڻ هيءَ ڪتاب انتهائي ننڍڙو ڪتاب آهي چوڻي آهي هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو **1980**ع ۾ 'گل قل ادبي سنگت هالا' آندو ۽ جيڪو ڇاپو منهنجي هٿ ۾ آهي اهو 'ڪاڇو پبليڪيشن ڪراچي' ٻيهر مارچ **2011**ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي مون کي حيرت ان ڳالهہ جي آهي تہ ٽوٽل پنجن ڪهاڻين ۽ ٻاويهن صفحن تي مشتمل ۽ هر ڪهاڻيءَ سان ٺهڪندڙ اسڪيچ وارو هيءَ ڪتاب ايترو وڻندڙ ڪيئن آهي؟ هي موضوعاتي حوالي سان ناصحاڻو ۽ معلوماتي ڪتاب آهي جنهن ۾ اڪبر پنهنجي موضوعن سان ڪمال ڪاريگري سان نيايو آهي ايئن جيئن هن هيءَ ڪهاڻيون ٻار ٻڌجي

لکيون آهن. ٻارائي ادب ۾ هيءُ مختصر مجموعو "گلڙن جهڙا گهاءُ" انتهائي حسين ۽ وٽندڙ مجموعو آهي جيڪو پڙهڻ ۽ ساهه ۾ سانڊيڻ جهڙو آهي.

رمون پيٽي :

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو **1983**ع ۾ 'روشن تارا ساهت سرڪل حيدرآباد' ڇپائي پڌرو ڪيو هو ۽ جيڪو هن ڪتاب جو ڇاپو منهنجي هٿ ۾ آهي اهو ٽيون ڇاپو آهي جيڪو 'ڪاچو پبليڪيشن ڪراچي' مارچ **2011**ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

'رمون پيٽي' ڪتاب ۾ شامل ٻاراٽيون ڪهاڻيون توڙي جو مختصر آهن پر انهن ڪهاڻين جا ڪردار ايڏا ته اتساٸيندڙ آهن جيئن ڪنهن بهادر ماڻهوءَ جو ڪردار اتساهه جو سبب هوندو آهي تيرنهن ڪهاڻين تي مشتمل هن ننڍڙي ڪتاب کي جڏهن پڙهجي ٿو تڏهن هڪ وٽندڙ احساس اندر ڪُڙ ڪٽڻ لڳي ٿو جڏهن هي ڪتاب ڪنهن ٻار جي هٿن ۾ ايندو ته هي ان ٻار ۾ مثبت تبديلي جو پيش خيمو ٿي سگهي ٿو. هي ان ٻار کي پڙهڻ طرف راغب ڪري سگهي ٿو. وڏن جو استادن جو ماءُ ۽ پيءُ جو ادب سيکاري ٿو ۽ ٻين جي ڪم اچڻ شروع ٿيندو مطلب ته پنهنجي روشن آئيندي کي روشنين جي سفير بڻجڻ جي دڳ لائي سگهي ٿو.

اڪبر جسڪاٽي جو هيءُ ڪتاب سندس ٻين ڪتابن جيان وٽندڙ موضوعن تي مشتمل ڪهاڻين جو مجموعو آهي نصير مرزا جي سهڻي ۽ سليس مهاڱ بعنوان "نانيءَ جو ڏوهٽو" سان لکيل هيءُ ڪتاب نه صرف پاڻ پڙهڻ جهڙو پر هر ٻار کي پڙهائڻ جهڙو ڪتاب آهي.

بتين واري نانيِ :

هيءُ ڪتاب اڪبر جسڪاٽي جو شناختي ڪارڊ آهي.

سچ اهو آهي ته هن ناوليٽ جو هڪ هڪ لفظ جهڙوڪ منهنجي زندگي ٿو بيان ڪري بس فرق صرف ايترو آهي ته هن ناوليٽ جي مرڪزي ڪردار کي نانيءَ سان پڪاريو ٿو وڃي ۽ منهنجي جيون جي مرڪزي ڪردار

کي ڏاڏي سڏيو ويندو آهي. 'بتين واري نانيَ' نہ صرف بايوگرافيڪل ناولیٹ آهي پر هيءَ تہ ان دور جي جهڙوڪ تاريخ آهي جن ڏينهن جوهي شهر ۾ بجلي بہ نہ هوندي هئي ۽ هن ناولیٹ ۾ نہ صرف اڪبر جسڪاٽي جي نانيَ جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي پر اهو هڪ زبردست سچ آهي تہ هن ناولیٹ ۾ اڪبر جسڪاٽي خود پنهنجو جيون چٽيو آهي.

هيءَ ڪتاب ڪنهن بہ مصنوعي جڙاوتي جملن تي ناهي آڌاريل سڏي ۽ صاف ڀاکيڙ بيان ڪيل آهي ۽ جڏهن هن ڪتاب جو گهرائيءَ سان مطالعو ڪجي ٿو تہ ان نتيجي تي پهچجي ٿو تہ هن ناولیٹ جي هر سٽ ٻار جي نفسيات کي پرکي لکي وئي آهي ۽ جڏهن بہ ڪو ٻار هن ناولیٹ کي پڙهڻ ويهندو تيسين اهو ناول هن کي پاڻ کان پري نہ ڪندو جيسين اهو ان کي پڙهي پورو نہ ڪندو. ۽ اهو هن ناولیٹ جي هولي جو ڪرشمو آهي.

اڪبر جسڪاٽي بابت ڊاڪٽر حميد سومري جي تحرير ۽ محمد علي ماجد جو اڪبر بابت مختصر تعارف جڏهن منهنجي نظر مان گذريو آهي سچ اهو آهي تہ مون اهو ڄاڻي ورتو تہ هيءَ ڪو معمولي ماڻهو ناهي. مفلسيءَ جهڙو موذي مرض ڪنهن تي بہ حاوي ٿي سگهي ٿو. اڪبر جو ادب جي ميدان ۾ متحرڪ رهڻ "گل ڦل" جهڙي ڀاراڻي گلدستي جو ايڊيٽر رهڻ سياست جي صحرا ۾ ٽڪ ۽ ڀاراڻي عُمر ۾ جيل ياترا ۽ ٻيا واقعا آهن جن هن جي شخصيت کي ٺاهيو. هن متعلق ٻيو جيڪو مون کي معلوم ٿيو اُهو اِهو تہ هن شاعري بہ ڪئي ۽ ڪالم بہ لکيا هئا پر افسوس تہ گهٽي ڳولا جي باوجود مان شاعري ۽ ڪالمن تائين رسائي ماڻي نہ سگهيو آهيان.



سوم هِي آهي علي

ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي ته ڪنهن شاعر جي شاعري يا ان جي شخصيت تي اوهان لکڻ ويهندا آهيو ته ان شاعر جي شاعري يا سندس شخصيت اوهان تي حاوي ٿي ويندي آهي ۽ اوهان ڏاڍي مشڪل ۾ اچي ويندا آهيو ۽ اڄ پاڻ مان به اهڙي ئي ڪيفيت مان گذري رهيو آهيان.

سنڌي ادب ارڙهين، اٽويهين صدي کان اڳ مشڪل سان ٿو ملي پر ان جي باوجود جيڪا به زمين ملي آهي اها ڏاڍي زرخيز ملي آهي ممڪن آهي ته سنڌي ادب جا پيرا ايجا به آڪاڻن زمانن تائين ويندا هجن ۽ ويندا هوندا به پر تاريخ جا ورق هلان ڪري ايندڙن جي گهوڙن جي ٽاپولين مان اٽندڙ ڏز ۾ گم ٿي ويا آهن. مون کي حيرت ٿيندي آهي اهو سوچيندي ته سنڌ ايڏن خطرناڪ حملن جي باوجود به پنهنجي هولي ڪيئن بچائي سگهي آهي مان سمجهان ٿو ته اها هن ڏرتيءَ جي تاريخي / تهذيبي ڪماليت آهي جو پنهنجي ماٺهن ۾ پنهنجي هوليءَ جا وهڪرا رت جي دورن سان گڏائي ڇڏيا آهن.

سنڌ اندر شاعري ججهي مقدار ۾ ٿي رهي آهي ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو ناول، ڪهاڻي، ڊرامو ۽ ادب جون اهي شاخون جيڪي نثر جي زمري ۾ اچن ٿيون. انهن تي گهٽ ٿو لکيو ويجي. ان تي سوچڻ گهرجي ۽ ان کوٽ جو پوراءُ به ڪرڻ گهرجي. ڪاڇي واري علائقي سان تعلق رکندڙ علي دوست عاجز جي شاعري سنڌي شاعريءَ جي معياري / تخليقي سفر ۾ ڏاڍا سهٽا گل پوکيا آهن ۽ مان سندس تخليقي پورهئي بابت ۽ سندس شخصيت ۽ شاعريءَ تي پنهنجا ويچار وندڻ چاهيان ٿو.

سندس تخليقي پورهئي جو وچور ڪجهه هن طرح آهي:

1۔ خوشبو خوشبو خواب (شاعري) ڇپجڻ جو سال۔ 2000ع

2۔ جهڙا تارا جرڪا (هارن لاءِ شاعري) ڇپجڻ جو سال۔ 2002ع

3۔ اچن ٻئونر ٻنيوليا (شاعري) ڇپجڻ جو سال۔ 2003ع

4۔ سوني باگو (اوپيرا) ڇپجڻ جو سال۔ 2004ع

5۔ آديسي اُستاد (اُستاد بخاري۔ پنهنجي ذات ۽ ذات ۾) ڇپجڻ جو سال۔ 2005ع

6۔ رنگ رتو آڪاس (شاعري) ڇپجڻ جو سال۔ 2009ع

7۔ سائر جو سوداءِ (شاعري) ڇپجڻ جو سال۔ 2013ع

8۔ رتا روهيڙا (شاعري) ڇپجڻ جو سال۔ 2017ع

9۔ ڪُونجان (اوپيرا) ڇپجڻ جو سال ۔ 2019ع

10۔ ٽانڊاٽا ٽانڊاٽا رات (ہارن لاءِ شاعري) ڇپجڻ جو سال ۔ 2019ع

11۔ مون کي چڙن چوريو (گيت) ڇپجڻ جو سال ۔ 2019ع

ان کان علاوه هن استاد بخاري جا ٽي ڪتاب سهيڙيا آهن ۽ اهي هي آهن:

1۔ پيرَ نہ هٽن پوئتي (شاعري / چوسٹا) ڇپجڻ جو سال۔ 2002ع

2۔ خوبصورت خيال جا سپنا (غزل ڪليات) ڇپجڻ جو سال۔ 2015ع

3۔ گوندرَ منهنجي گود ۾ (لنڊن ڊائري ۽ شاعري) ڇپجڻ جو سال۔ 2017ع

سندس هيءُ ٽ صرف اهو پورهيو آهي جيڪو ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهي ان کان علاوه هن جو ڪيترو ئي قلمي پورهيو ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن تائين اچڻو آهي خاص ڪري هن جون نثري تحريرون ڇپجڻ گهرجن اهو ان ڪري ب جو انهن جي بولي ٻاجهاري آهي جهڙوڪ شاعريءَ جي ڇانو ۾ سرجيل نثر آهي.

خوشبو خوشبو خواب:

ڪنهن ب تخليقڪار جي پرک اوستائين ناممڪن يا ڪٽي ايئن چئجي ٽ ڏکي ٽيندي آهي جيستائين ان جي جامع انداز ۾ تخليق ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن اڳيان نہ ٽي اچي. اها مون کي خبر ناهي ٽ خوشبو خوشبو خواب ڪتاب اچڻ کان اڳ سندس پڙهندڙن پاران ڪهڙي راءِ آڏو ايندي هئي پر مان اها ڳالهہ ڏميواريءَ سان چوان ٿو ٽ سندس هيءُ شعري مجموعو ڪنهن ڪاميابيءَ جي دري يا دَرَ کولڻ کان قطع پوئتي نہ آهي. هيءُ ڪتاب مهاڳ

بنائي اوچي اُڏار ڪندي اوهان کي نظر ايندو. توهان هن ڪتاب کي ڪٿان کان ب ڪولي پڙهو اهو اوهان کي خيال جي پختگيءَ ۾ ڳرو لڳندو. بقول سندس"هن ڪتاب جو مهاڳ استاد بخاري لکيو آهي" ۽ اهو مهاڳ اکرن جي صورت ۾ نہ آهي پر لفظي صورت ۾ آهي ۽ مون انهن لفظن کي اکرن جو ويس اوڍايو آهي ۽ اهي لفظ يا اکر هيءَ آهن:

".... هي علي دوست عاجز آهي. شاعر ب سٿو آهي ۽ اکر ب سٿا اٿس. هي ڪاڇي جو ۽ آنءَ ڪڇي جو آهيان ٻنهي کي محبت ڪٽي ملايو آهي. ماڻهو سڏو آهي تنهن ڪري سڏي ڪائيءَ وانگر اسان ب هن تي ڪٽي بار رکيو آهي هن جوان شاعر سان منهنجون ڪئي ذاتي، قومي اميدون وابستہ آهن."

هن ڪتاب ۾ بيتَ، وايون، ڏيڍ ستا، غزل، گيت ۽ نظم شامل آهن ۽ بيتن واري حصي ۾ شامل "سُر سوني باگو" ۔ پڙهڻ وٽان آهي.

جهڙا تارا جرڪٽا:

ٻاراڻو ادب ايترو ئي اهميت وارو آهي جيترو ادب جون ٻيون شاخون اهميت واريون آهن ۽ مان سمجهان ٿو تہ ايجا ب ب رتيون وڌيڪ ٻاراڻو ادب ضروري آهي. اهو ان ڪري جو ٻار کي جيڪڏهن ٻاراڻي عمر ۾ ئي ادب کان آشنا ڪبو تہ اهو اڳتي هلي ب وکون اڳ ۾يون شعور طرف تکڙيون وڌائيندو. ٻاراڻو ادب لکڻ سولو نہ آهي نہ صرف ٻاراڻو ادب پر ادب سرجڻ اوکو آهي. تخليق کي پرواز وٺرائڻ، اثر انگيز بنائڻ لاءِ ايتري طاقت ڪپي ٿي جيتري ڀهاڙ پرزا ڪرڻ ۾.... علي دوست عاجز جي شعري سفر جي ٻي وک هيءَ ٻاراڻو ڪتاب آهي جنهن جو نالو "جهڙا تارا جرڪٽا" آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ ان انسان لکيو آهي جنهن جو نالو عبدالرحمن شاهہ آهي. سائين پياري ڳوٺ جو رهواسي هو. مان پائيان ٿو تہ سندس ٻاجهہ ۾ريو هٽ جڏهن کان عاجز جي مٿي تي آيو تہ علي دوست جي جيون ۾ روشنيءَ جي لاٽ ٻري پئي ۽ علم جي اکرن کان آشنائيءَ جو ڏيءُ نروار ٽيو.

هن ڪتاب جو مهاڳ توٽي جو مختصر آهي پر ان ۾ علي جي ٻاراڻي عمر جون نشانيون جيڪي ڏاهپ ۾يون ۽ ڏهانت جي زرخيزيءَ واريون آهن اهي ڏاڍي وٽندڙ انداز سان عبدالرحمن شاهہ ڄاڻايون آهن. هيڪر دل چاهي ٿي تہ

مهاڳ جو مُهڙ وارو سڄو حصو ڪٿي هتي نقل ڪجي پر طوالت کان بچندي آءٌ پڙهندڙن کي دعوت ڏيندس تہ هو علي جي ٻاراڻي اوستا بابت جي ڇاڻڻ چاهن ٿا تہ سندس هن ڪتاب جو مهاڳ ضرور پڙهن.

جهڙا تارا جرڪڻا ۾ شامل نظر ٻاراڻي دلچسپيءَ وٺان آهن نہ اهي طوالت جي راهہ تي رمندا رهن ٿا ۽ نہ ئي وري پاڻ ۾ مشڪل پسندي رکن ٿا. نظر سليس لهجي ۾ ٻهہ ٻهہ ٻهڪندي نظر اچن ٿا جن ۾ نصيحتون، گلن، ڪلن ۽ وٽن، ٽٽن جون ڳالهيون ڪيل آهن. موضوعاتي حوالي کان هيءَ ڪتاب ٻارن جي نہ صرف دلچسپيءَ وٺان آهي پر ٻوليءَ جي حوالي سان بہ ٻارن لئہ ٻاجهہ ۾ پروئيل آهي. ڪتاب ۾ شامل ڪيترائي نظم اهڙا آهن جن تي نہ صرف ڳالهائي پر لکي بہ سگهجي ٿو. هتي صرف انهن نظمن مان هڪ نظر جو مان حوالو ڏيندس ۽ اهو نظم آهي "هرٽي ۽ ٻچو"۔هيءَ آڪاڻي نظم آهي جنهن پاڻ ۾ احساس ۽ پيار جي دنيا سمائي ڇڏي آهي.

اچن ٻئونر پنيولينا:

هيءَ ڪتاب جيترو ڳوڙهن خيالن ۾ پويل آهي تيترو هن ڪتاب جو مهاڳ بہ ڪمال جو آهي. اسحاق سميجو جو لکيل مهاڳ منهنجي خيال ۾ شاعريءَ سان ڀرپور نياءُ ڪيو آهي ۽ سندس راءِ علي جي شاعريءَ جي شان وٺان آهي. ڪتاب ۾ شامل غزل، گيت، وايون ۽ ترائيل ڏاڍا وٽندڙ آهن. اهڙا تمام گهٽ شاعر هوندا جيڪي پنهنجي جيون ۾ بہ ڪامياب هوندا آهن تہ شعري سفر ۾ بہ.... علي پنهنجي ذات ۾ پهريون شخص آهي جيڪو علمي، ادبي دنيا ۾ داخل ٿيو هو. هو محنتي هو محنتي آهي. ان جي پرک توهان سندس هر ايندڙ ڪتاب مان لڳائي سگهو ٿا. سندس شعري مجموعي اچن ٻئونر پنيولينا پڙهندي اوهان کي ڪاڇي جي چيڪي مِٽي جو هڳاءُ بہ ملندو تہ ڳوناڻي زندگيءَ جي عڪس بندي بہ نظر ايندي تہ شعري بيساختگي بہ پسڻ وٺان هوندي

ڪتاب مان ڪجهہ چونڊ شعر:

چا ٿو پوکي اهو پٽو ناهي،
هانوَ تي هر ڏٺي ويو ڪوئي.

*

مان تہ محبت جو خليفو آهيان،
آسمان جو نہ مِٽيءَ جو آهيان.

*

مِٽيءَ ۾ وڃائي ڏسي ڪونہ ٿو
تڏهن آسمان ٿو زمين ڏي جهڪي.

شاعري پلي شوق کان شروع ٿي. ڏک جي ڏِسائن ڏي ڪاهيندي هجي پر، جيڪا مَن ۾ عشق جِي چُوچڑي ڏُکيل هوندي آهي، اها اندر ڏُکائيندي به آهي تہ، وِسائيندي به آهي.

سوني باگو:

حقيقت ۾ اهو عشق ئي آهي جيڪو تڙپائي ٿو لکرائي ٿو ۽ ان عشق جو دين ئي هيءُ اوپيرا سوني باگو آهي. هيءُ اوپيرا هڪ لازوال عشق جي اها زبان آهي جنهن مان منا هول ٻڌڻ ۾ اچن ٿا ۽ اهو آواز سونهن نگر جو آهي ۽ ان آواز کي زبان بخشيندڙ علي دوست عاجز آهي.

سنڌي ادب ۾ اوپيرا جو سفر تمام گهٽ ڪيل آهي. ان جا ڪارڻ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ اسان وٽ اوپيرا گهٽ لکي وئي آهي. شيخ ايياز جو لازوال ڪم ڪيل آهي اوپيرا جي حوالي سان. ايياز کان پوءِ منهنجي خيال ۾ تہ نہ جي برابر سنڌي ادب ۾ اوپيرا لکي وئي آهي. ان سڃي سفر ۾ اسان کي شيخ ايازکان پوءِ جيڪڏهن ڪا اوپيرا نظر اچي ٿي تہ اها علي جي سوني باگو آهي ۽ هن وقت ويجهڙ ۾ نوجوان شاعرن به اوپيرائون لکيون آهن ۽ انهن جا نالا ڪٽائڻ سنو سوڻ ٿيندو. منور هالپوٽو ديدار شاهہ ممڪن آهي تہ ٻين شاعرن به اوپيرائون لکيون هجي.

ڪي ڪتاب يا موضوع اهڙا هوندا آهن جن تي لکڻ ڏکيو هوندو آهي بلڪ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. سوني باگو عشق جو داستان آهي ۽ ان عشق جي داستان کي هڪ شاعر ٻيو عاشق لکي سگهي ٿو ۽ علي نہ صرف شاعر آهي پر هو هڪ عاشق به آهي جنهن سوني باگو جي عشق کي اکرن جو ويس اوڍايو آهي. سوني باگو جو مهاڳ علي بابا لکيو آهي ۽ انتهائي شانائتو مهاڳ آهي

جيڪو نہ صرف اوپيرا پر سوني باگي بابت بہ ڪارائتي راءِ فراهم ڪري ٿو. علي جي مڙني ڪتابن مان هيءُ اوپيرا بنهہ منفرد آهي.

آديسي استاد:

جيڪڏهن پيار جو حق ادا ڪرڻو آهي تہ ان جو اهڙي صورت يا اهڙي عمل ذريعي اختيار ڪري سگهجي ٿو جيئن علي دوست عاجز ڪتاب آديسي استاد لکي ڪري ادا ڪيو آهي. استاد بخاريءَ سان محبت جو توهان سنڌي ادب ۾ اهڙو انداز سان پيار جو اظهار مشڪل سان ڳولي سگهو ٿا. اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ علي جيڪڏهن استاد سان محبت جو رشتو اختيار نہ ڪري ها تہ اهڙو شاهڪار اسان جي هٿن ۾ نہ ڏئي سگهي ها.

اهڙا گهٽ شاعر هوندا جيڪي نظم ۾ بہ تيز هوندا آهن تہ نثر ۾ بہ اڳ پيرا جيئن شيخ ايياز آهي. جهڙو سندس نظم لازوال آهي تهڙو نثر باڪمال آهي. ايئن ئي وري توهان اها ڪماليت جيڪڏهن ڏسڻ چاهيو ٿا تہ اعجاز منگي ۾ ڏسي سگهو ٿا. علي دوست عاجز جو اوهان نظم پڙهو جهڙوڪ وڏ ڦڙو پيو وسي ۽ وري نثر پڙهو تہ جهڙوڪ ندي پئي اٿلون کائيندي هلي.

آديسي استاد ان ڪري بہ جيءَ ۾ جاءِ ٿو جوڙي جو هن ۾ ڏرتيءَ جي شاعر جي دل بہ آهي تہ دلبر بہ هن ڪتاب جو اوهان پهريون پنو پڙهڻ شروع ڪندو تہ هيءُ اوهان کي پاڻ سان گڏ ڪنيون ويندو آخري پني تائين.

رنگ رتو آڪاس:

منهنجي راءِ مطابق هيءُ ڪتاب علي دوست عاجز جي شاعريءَ جو منفرد ۽ پنهنجو لهجو کڻي آيو آهي اهو هڪ سچ آهي تہ ڪامياب شاعر اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي هر نڪور تخليق ۾ اڳتي ۽ پختگيءَ طرف اسهندي نظر اچي. سو بلا شبا ۽ بنا شڪ جي اها روشنيءَ جي لاٽ اسان کي علي جي شعري سفر ۾ نظر اچي ٿي. سندس هيءُ ڪتاب پويون ڪتابن کان هڪ اڳتي ڪنيل وڪ آهي. مان سمجهان ٿو اها ڪاميابي يا اهڙي ڪماليت تمام گهٽ تخليقڪارن جي حصي ۾ ايندي آهي جو هو پنهنجي ادبي سفر ۾ نواڻ جون راهون ٺاهيندا يا مشعلون ٻاريندا ويندا آهن.

رنگ رتو آڪاس ان ڪري ٻ پاڻ طرف ڏيان ڇڪائي ٿو ۽ خيالن جي خدائيءَ جا سير ڪرائي ٿو جو هن ۾ عشق اوتيل آهي ۽ عشق جي عجيب دنيا جي هلڪڙي جهلڪ ٻ نه صرف حيرت جون دريون کولينديِ آهي پر اکين کي جوت ٻ بخشيندي آهي. هن ڪتاب ۾ شامل واين مان ڪجهه اهڙيون وايون آهن جن جو لهجو ڪير ٿري آهي اهو لهجو ايترو ئي منو آهي جيترو منهنجي جو آواز هوندو آهي مانجهو چيڪان. چي جي لاءِ. تو جو ۽ ان سندر لهجي ۾ جيڪي علي دوست وايون تخليق ڪيون آهن اهي پڙهندي جهڙوڪ اها اڄ جنم ونڊي ٿي ته ان لهجي ۾ ضخيم ڪتاب هجي جيڪو پيو پڙهجي ۽ لساني لطف پيو ونجي ۽ ان لهجي ۾ هڪ وائي هن ڪتاب مان اوهان ٻ پڙهي ڏسو:

مان نُون ڏُور نه ٿي،
مانجهو هنيانءَ ننڍو نه ڪر.

تو ڪان مان ته مران پئي،
ڪن جنمان نُون ونڊي.

چيجا سانوڻ مينهڙا،
چيجو چيٽ ڪتي!
چيجي ڪاڻ چني چڏيءَ،
پيارا پريت پکي!.

مان نُون ڏُور نه ٿي،
مانجهو هنيانءَ ننڍو نه ڪر.

ايئن ئي جيڪڏهن توهان هن ڪتاب کي پڙهندو ته. توهان کي اهڙا ڪيترائي شعر ملندا جيڪي پڙهندي خيال غور ۽ فڪر جي ڦهلاءِ جا تاڪيا کولينداِ ويندا. ڇا هيءَ اهڙا شعر نه آهن؟

چو چڏي ٿرَ وڃي اُٽين چَرَ تي،
جو ٻريو پئي اُهو نه ٺاريو تو.

*

ٻئي هڪ ٻئي کي وساري چڏيون،
سموري قصي جو ڪيئين حل اهو.

*

اوجاڳن جا شاهد ڪتان آنءُ آڻيان،
اکيون چئين تہ تو ڏي ڪيڙي مان اُماڻيان.

سائر جو سوداءُ:

اها ڳالهہ ٻڌندي ۽ پڙهندي تہ سنڌوءَ دريا جو اوج هوندو هو. ٻنهي ڪنڌين سان ٻيلا هوندا هئا. سنڌوءَ جو پاڻي آبِ حيات هوندو هو ۽ هاڻي سڄي صورت حال اوهان آڏو آهي تہ هن وقت سنڌوءَ جو ڪهڙو حال آهي ۽ ان حال جا سبب ڪهڙا آهن ان جي ڳولا ٿيڻ ضروري آهي.

سائِر تو ۾ ساهہ سهڻيءَ توڙي سنڌ جو

مٿين ست سندس مجموعي جي پهرين بيت جي آهي ۽ مڪمل بيت هينئن آهي:

سائِر تو ۾ ساهہ سهڻيءَ توڙي سنڌ جو
سا دِل ڪهڙي سڪ ۾ جيڪا ٿي نہ درياهہ
منهنجو عشق اٿاهہ آهي تنهنجي اوج سان.

پلا ان ۾ بہ ڪو شڪ آهي ڇا تہ سنڌوءَ درياهہ جو اسان ۾ اسان جو سنڌو درياهہ ۾ ساهہ آهي ان راءِ ۾ ٻي يا ٽين راءِ آهي ئي ڪونہ هيءَ ڪتاب ڪيترو وزندار آهي. صرف ۽ صرف اها ئي راءِ آهي تہ هيءَ ڪتاب شاهڪار آهي مون کي حيرت ٿيندي آهي تہ هر وقت مُڪَ تي مرڪ جو تاج محل اڏيندڙ پنهنجي اندر ۾ درد جو درياهہ ڪيئن ٿو سمائي گهمي؟ ڇو تہ سائر جو سوداءُ درد جي تخليق آهي. جيڪو سنڌو جو ڪيڏارو آهي ۽ ان ۾ سهڻيءَ جي داخلا بہ سهڻي لڳي رهي آهي. هن ڪتاب ۾ بيت ۽ وايون شامل آهن ۽ شروعات ۾ بيت ڏنل آهن.

ٽڏا تنهنجا ٽڻ، پيئندي پيٽ ٺريو پوي،
چو نہ اچان پيئڻ، ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾!

*

پٽ ڪري سي پاڪ، جا تي پير ڏيو وڃي،
هنڌ اُهي حُسناڪ، ديرا جت درياهہ جا.

ڪجهہ واين جون سٽون بہ پڙهجن:

هيئيان تنهنجي پيرن جي،
جنت جيئن جهان.
سنڌو ماءُ سمان،
سنڌو سپ جو پيءُ آ.

*

امرت هويا آپُ،
پيتم هانءُ نري پيو.

سهڻيءَ جو به ذڪر هن ڪتاب ۾ هنڌ هنڌ پڙهي سگهجي ٿو.

جاچيندو جنت، ساهُڙ - سُهڻيءَ لئہ وتي،
حُورن کي حيرت، اور انسان کان ڪير آ؟

*

لهرن لوڏيو پئي مون کي،
لوڏن جيئن مائون،
ساهڙ سان گڏ سيرَ ۾.

رتا روهيڙا:

نہ ٿي نياڻي، ببر شينهن ٿيءُ اي سنڌڙي!
کي پير مير چڏن خون ۾ نہ ڏئي توکي.

سندس شاعريءَ ۾ ڏينهون ڏينهن وطن ۽ ويڙهيچن جي خوشبو وڌندي پئي وڃي ۽ ايئن به ناهي تہ ڪو سندس شاعريءَ ۾ وطن کي اڳ نہ ڳاتو آهي. هن تہ پنهنجي پهرين شعري مجموعي ۾ به وطن کي ڳاتو هو. سندس شاعريءَ جي ستن بابت اقبال رند جي هيءَ مختصر راءِ منڊيءَ تي ٽِڪ جيئن آهي.

"سندس ڪو به غزل کڻو ان جون ستون اوهان کي چنبڙي پونديون."

سندس شاعريءَ جون الائي تہ ڪيتريون ئي ستون پڙهندي پڙهندي ماٺهو پنهنجو پاڻ ۾ گم ٿيو وڃي. ڇا هيءُ اهڙيون ستون نہ آهن-؟

اڄ اُن ٻُڌيءَ مٺان اڇي، روئي پئي هين ٿُون،
جنهن تان بنا اُئي وريا سانوڻ ها ڪيترا!

*

هاءِ منهنجو هنيئون ڇڄي پيو آ،
سـ ـڻ هي عُضوي پڳي جي ڪانهي ڪا!

رتا روهيڑا ۾ شامل غزل، وايون، بيت ۽ نظم پڙهندي ايترا ته وٽن ٿا جو هيڪر دل چوي ٿي ته سڄو ئي ڪتاب ڪٽي پڙهندڙن آڏو رکجي. علي جي شاعريءَ جي سليس ٻولي آهي ۽ اها وٽندڙ لهجي واري پڻ آهي. هن ڪتاب جو مهاڳ اقبال رند لکيو آهي. مون هن ڪتاب جي ڪيتري ئي شاعري ليکي رکي آهي جنهن تي اڳتي لکبو. سڄ اهو آهي ته هيءُ ڪتاب هيننئن ۾ هنبائڻ جهڙو آهي ۽ هن ۾ شامل شاعري هانوَ ۾ لهي وڃي ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻي ٿي ڇڏي.

خوبصورت خيالَ جا سپنا:

هيءُ ڪتاب غزلن جو ڪليات آهي ۽ اهي غزل ان شاعر جا آهن جنهن کي ماڻهو پڙهندي پڙهندي شاعر ٿي وڃي ۽ اهو شاعر استاد بخاري آهي. هيءُ ڪتاب ان لاءِ به اهميت جوڳو آهي جو ڪو نقاد يا پاڙهو جيڪڏهن استاد جي غزل بابت راءِ جوڙڻ جو خواهشمند هوندو ته ان لاءِ زبردست حوالو هوندو.

ڪتاب جي سهيڑ به هڪ علمي ڪم آهي ۽ اهو ڪم حوالاتي هوندو آهي ۽ هيءُ ڪتاب ته جهڙوڪ شاعريءَ جي عاشقن لاءِ ڪنهن قيمتي تحفي کان گهٽ نه آهي. آءُ اوهان کي هن ڪتاب جي ٻن اکرن مان چونڊ ٽڪرا پڙهائڻ پسند ڪندس جيڪي سهيڑيندڙ علي دوست عاجز جي قلم مان سرجيا آهن:

"هو شاعريءَ جي ڏن ۾ ايترو ته محو رهندو هو جيئن ڪو متقي خدا جي خيال ۾ گم هوندو آهي."

"استاد اهڙو سچو شاعر هو جنهن سچ ڳوليو به ته ٻوليو به."

"چون ٿا ته جهڙيءَ ريت خدا پنهنجي ٻانهن کان اطاعت چاهيندو آهي، غزل به ايئن شاعرن کان پنهنجي اطاعت چاهيندو آهي."

گُوندرَ منهنجي گود ۾:

هيءُ ڪتاب ان حوالي سان به اهميت جوڳو آهي جو هن ۾ استاد بخاريءَ جو نثر آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته هيءُ پهريون ڪتاب آهي جنهن ۾ استاد مڪمل طور تي بحيثيت نثر نگار جي سامهون آيو آهي. هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ حصو نثر جو جنهن ۾ استاد جي لنڊن ڀائري آهي ۽ ٻيو حصو سندس شاعري جو آهي. جيڪو سندس لنڊن ۾ قيام دوران سرجيل شاعريءَ تي مشتمل آهي جنهن کي جستجو لاتقنطو جو نالو ڏنو ويو آهي. هر انسان کي پنهنجي روزاني ڀائري لکڻ گهرجي. جڏهن توهان روزاني بنياد تي هڪ پنو لکو ٿا ته سال ۾ تي سو پنجهٽ پنا ٿين ٿا. يعني جهڙوڪ توهان هڪ سال ۾ پرپور ڪتاب لکي سگهو ٿا. روزاني ڀائري لکڻ ان لاءِ به ضروري ۽ سٺو عمل آهي، ڇاڪاڻ ته اها جڏهن ايندڙ دور جي ماڻهن جي هٿن ۾ ايندي ته ان وقت اها ڀائري ماضيءَ جي حالتن تي مشتمل تاريخ هوندي ۽ ان جي پڙهندڙ کي پنهنجي ماضيءَ جي واقعن جي پروڙ ان ڀائري مان پوندي. تنهن ڪري روزاني ڀائري لکڻ ان لاءِ به ضروري آهي جو اوهان پنهنجي ايندڙ نسل کي پنهنجي خيالن، حالتن ۽ اُتڪلي ويهڻي کان آگاهه ڪيو ٿا.

هيءُ ڪتاب علي جو ٽيون سهيڙيل ڪتاب آهي. سچ ته اهڙي شاندار سهيڙ تي علي کيرون لهڻي.

علي دوست عاجز سنڌ جي ان علائقي سان تعلق رکي ٿو جتي لُڪ ۽ رُڄ جو راڄ هجي ٿو ۽ اهو علائقو ۽ اتان جا ماڻهو سندس ئي سٽن ۾ حقيقت پسنديءَ جا عڪس ڏيکارين ٿا.

"هنن جا ڏک اهي آهن، جو پائرن جي لاشن تي اجرڪ به اوڙ تي وڻي وجهندا آهن."

"هتان جي ماڻهن کي ورثي ۾ فقط ڏک ئي مليو آهي، جنهن کي هو ڪنهن قيمتي سامان وانگر سنياليندا ۽ ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪندا اچن ٿا. ان ئي ورثي جي وارثي منهنجي حصي ۾ به آئي آهي."

اهو علائقو ميهڙ شهر جي اولهه طرف چوويهن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي ڪاڇي جي ڪنڊيءَ تي ننڍڙو ٻيٽ نما ڳوٺ آهي. هتان جي مِٽي جو هڪاءُ

ئي اهڙو آهي جو وسَ ٽئي تہ چوطرف مِٽيءَ جو هُڳاءُ ٽي وڃي ۽ هتان جي سانجهہ خاموشيءَ جي چادر ڇڪي رات جي راهن تي رمندي آهي ۽ جتان جا ماڻهو سج لٽي جو ئي در ٻيڪڙي پنهنجن ٻچن سان مِٺا ٻول ٻولي ننڊ جي ننگري ۾ گم ٽي ويندا آهن ۽ وڏي اسَر جو اٽي پيٽ جي باهہ وسائڻ لاءِ ڏهاڙي تي ويندا آهن ۽ سج لٽي جو گهر ورندا آهن تہ گهر جي چلهہ ٻرڻ شروع ٿيندي آهي.

هيءُ فريد آباد هاڻي اهو ناهي جنهن ۾ ورند ويچارو هوندو هو ۽ شاهہ جو پارکو رسول بخش ڏيرو هوندو هو ۽ سندس بچاءُ بند جي هيٺان خامن جي پاسي ۾ ٻيرن جا وڻ هوندا هئا. هيءُ فريد آباد اصل ماڻهن کي ڳڙڪائي ويو آهي ۽ انهن جي جڳهہ تي اهي ماڻهو ايندا ٿا وڃن جن جي ٻولي ئي ٻي آهي.

علي جو جنم فرد آباد ۾ ناني محمد گائنچي جي گهر ۾ **2**- سيپٽمبر **1964**ع ۾ ٿيو. سندس ڏاڏو شاهن جنهن ٻر صغير جي لوڪ فنڪار ۽ شاعر ورند واٽئي سان ٻڌ محفلون ڪيون هيون.

خاموش رهندڙ ۽ جڏهن هو ٻار هوندو هو تہ عالمن جي محفلن ۾ ڪنڌ ونڊي ڪچهري ٻڌندو هو. هو اڄ ٻہ جڏهن ڪو جملو ڪنهن ٻہ حوالي سان چوندو آهي تہ ڇيهہ ئي ڇڇي پوندا آهن. توهان سندس ڪچهري ڪري ڏسو تہ ڏيمي ڏيمي رفتار سان لفظن جي ادائگي ۽ انهن جي چونڊ ايئن ڪندو جهڙوڪ ڪو افسانو ٻڌائيندو هجي. علي خوشنصيب آهي جنهن کي نہ صرف پيءُ ـ ماءُ سهڻي صورت وارا پر پورهيت ۽ اڏول طبيعت وارا مليا. ان کان علاوه هن کي استاد ٻہ ڏاها مليا. جن جي تربيت علي دوست کي علي دوست عاجز ٻڌايو. هن جو ادب ڏانهن اچڻ ميٽرڪ واري زماني ۾ ٿيو ۽ اهو شايد **1980**ع وارو زمانو هو. هن جي تعليم جي حوالي سان جيڪا ترقي ٿي. اها پيارو استيشن جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ عبدالرحمن شاهہ جي شفقت هيٺ ٿي ۽ پوءِ دادو ڊگري ڪاليج ۾ داخل ٿيو. جتي سندس سنڌ جي خوبصورت شاعر استاد بخاري سان ويجهڙائي ٿي ۽ شاعري ۾ پختگيءَ طرف وڌڻ لڳو. ايم اي اسلامڪ ڪلچر (يونيورسٽي آف سنڌ)، ايم ايس سي (يونيورسٽي آف سنڌ) مان ڪئي. سندس پهرين نوڪري علم تدريس جي شعبي ۾ ملي ۽ سندس محنت ڪيس فيڊرل بورڊ آف

روينيو ڊپارٽمينٽ تائين پهچايو ۽ سينيئر آڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ترقي ڪندو ڊپٽي ڊاريڪٽر جي حيثيت سان خدمتون سر انجام ڏئي رهيو آهي.

علي دوست عاجز تقريبن سيني شعري صنفن تي لکيو آهي ۽ پاڻ کوشش ڪري هتي لکيل تقريبن سيني صنفن تي راءِ ڏيندا سين.

غزل جنهن جو بنياد گفتگوءِ جانان جي جوهر مان جنم ورتو ۽ حالتن ان ۾ سياسي، سماجي خيالن جي خزانن جو چوڙ ڪيو ۽ اڄ غزل اوهان کي گهڻ موضوعاتي ملندو. عرب کان ايران تائين غزل جو سفر جماليات جي جوت سان اڳتي ڏيئن جيان ٻرندو وڌندو ويو ۽ جڏهن دهليءَ ۽ لکنوءَ جي بازارن تائين پهتو تہ هن کي اوچي اڏار جا پَر لڳي ويا. حقيقت هيءَ آهي تہ غزل ڏاڍي نازڪ صنف آهي. اهڙي تهڙي شاعر جي وس جي ڳالهہ ئي ناهي جو هو غزل کي شهہ ڏي غزل جو سنڌ ۾ سفر مان سمجهان ٿو تہ ڪامياب سفر آهي. شيخ ايياز کان وفا ناڻن شاهي تائين سنڌي غزل جو سفر سهانو آهي. غزل جي ٻولي ان وقت گرفت ۾ آڻيندي آهي جڏهن ان ۾ احساسن ۽ جذبن جي ڪائنات جو چوڙ ڪيو ويندو آهي.

هن وقت سنڌ ۾ غزل گهٽ نظم وڌيڪ ٿو لکيو وڃي. اها منهنجي راءِ آهي. ممڪن آهي تہ مان غلط ٻہ هجان. غزل اها صنف آهي جنهن تي هر نئون ليکاري پنهنجي شعري سفر جي پهرين وک رکندو آهي ۽ پوءِ اڳتي وڌندو آهي. غزل رڳو قافيي ۽ رديف ـ مطلع ۽ مقطع جي گردان جو نالو نہ آهي. غزل تہ حسين ۽ جميل گفتگو ۽ جوش جنون جو ٻہ نالو آهي. اسان جنهن شاعر جي غزل تي لکي رهيا آهيون اهو علي دوست عاجز آهي ۽ سندس پهرين شعري مجموعي خوشبو خوشبو خواب مان غزلن جي وٽندڙ ۽ چوند شعرن سان شروعات مان سمجهان ٿو تہ ڏاڍي سٺي ٿيندي:

ٿورو ڳالهاءِ اڃا، هانوَ تي لڳن چنبا،
اهڙو لهجو مِٺو هاڻ ـ نار ڪٽان آندو ٿي!

*

پيو وڇوڙو آ ڪنڊي وانگي نڙيءَ ۾ اٽڪي،
زهر، مانيءَ ۾ نہ آهي جو چٻاڙي ڇڏجي!

هيءَ خيال بہ پڙهي ڏسو جنهن ۾ دار سان دوستي ۽ انتظار جو ڪنڌو نڙيءَ ۾ ڪيڏي نہ تڪليف سان ان کي چٽو ڪيو ويو آهي ۽ پڙهندي ان تڪليف مان گذرڻو بہ پوي ٿو.

پينگهہ سان پيار سولڙو آهي،
دار سان دوستي ڏکي آهي.

*

نڙيءَ منجهہ قاتل ڇڙي زهر جي،
انهيءَ کي ٿا نالو ڏيو انتظار!

مان سمجهان ٿو تہ هڪ سُڄيت سرجڻهار کي اهڙو شعر سرجڻ گهرجي، جنهن ۾ نہ صرف سندس پيڙاءَ پر سماجي سوجهہ ۽ سمجهہ جي بہ پروڙ هئڻ گهرجي. غزل جي صنف ۾ غالب اهڙا تہ خيال سمايا آهن، جيڪي زندگيءَ ۽ پيڙاءَ جا پار پتا ڏيندي نظر ايندا. شعر ۾ اندر ڪيڏي رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هيءَ ڪم اهو ئي تخليقڪار ڪري سگهي ٿو جنهن جو اندر تہ بہ اڏَ هجي پر لوڪ کي لکا نہ ڏي. عاجز جو هيءَ غزل جنهن جا مان اوهان کي بہ شعرَ پڙهايان ٿو اهي ڏسو تہ ڪيڏا نہ ڪرب پريا آهن:

آءٌ لٽڪان پلي، اُڏي نہ سگهان،
ايتري ڏِرَ ڏئي ويو ڪوئي!

ڇا ٿو پوکي اهو پتو ناهي،
هانوَ تي هرَ ڏئي ويو ڪوئي!

هي جيئن هر ڏيئي زمين ڪيڙبي آهي ايئن دل کي ڪيڙڻ جي ڳالهہ آهي، جيئن زمين جو سنڌ سنڌ اکيڙجي ايئن دل جي سنڌ سنڌ اکيڙڻ جي ڳالهہ آهي ۽ جنهن جي دل اکيڙي وئي هجي. ان تڪليف کي اهو ئي بيان ڪري سگهي ٿو. ان غزل جي مطلع آهي:

جاڻ کي جرَ ڏئي ويو ڪوئي،
خيال کي پرَ ڏئي ويو ڪوئي!

"جاڻ کي جرَ - خيال کي پرَ" اهي خيالَ جڏهن حقيقتن جي حدن ۾ اچي ويندا آهن تہ خبر چار جا درَ کلندا ويندا آهن.

هي سُور دل جو دل ۾ سرجي وڏو ٿيو
هي ٻُور وڻ جو ناهي جو روڙي چڏيانس مان!

اهو سور ئي هوندو آهي جيڪو سرجٽهار کان سٽون سرجائي ويندو آهي. توٽي جو اهو سور ـ سورَ جون سٽون سَريرَ مان ڪيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن لکڻ تي ويهبو آهي ته ڪيترو ئي لکي وڃبو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ اکر به قلم جي نب ۽ چِت تي ڪونہ چڙهندو آهي ۽ وري مٿهان اوهان جنهن سان پيار ڪيو ۽ جنهن جي تخليقن کي من ۾ محبت جو محل اڏي سجائيندا هجو. ان جي تخليق تي راءِ رکڻ اوهان پاڻ ٻڌايو ته ڪيڏو نہ ڏکيو ئي سگهي ٿو. سچي ڳالهہ اها آهي ته مون کي ڏاڍي مشڪل پيش اچي رهي آهي هينئر تائين علي تي لکندي ان جو هڪ ئي سبب آهي ته هو هڪ انتهائي حسين ۽ پڪو پختو شاعر آهي. آءٌ اوهان کي سندس شعري مجموعي رنگ رتو آڪاس مان هڪ غزل پڙهائڻ چاهيندس جيڪو پڙهندي ڳوڙهن جا بند بي ساختا پيجي ٿا پون.

نيٺ آلا ڪٽي نهاريو تو
ڪهڙو جياريئي اِهو ته ماريو تو!

چو چڏي ٽر وڃي اُنين ڇَرَ تي،
جو هريو پئي اُهو نہ ناريو تو!

تنهنجي دلڙي ته صاف هئي عاجز
ڇا کي روئي پئي اُجاريو تو!

توکي ساريو سين پئي دل سان،
وقت ڪيڏو ٻُڌو گذاريو تو!

رتا روهيڙا ۾ شامل غزلن جا چونڊ شعر به پڙهي ڏسو:

خبر هڪڙي خدا کي ٻي دل کي،
الڻ ڇا پاڻ تان گذري رهي هئي.

*

مون مڃيو ڏک پٽر جو ڳوڙهو آ،
هڪڙو ڳوڙهو نہ ٿو ڳري توکان.

*

تنهنجي اکين سان جڏهن اکيون ملينديون
ٽِڪ ٻڌي تاڙو يڪي بينو رهيو.

*

هٿ ۾ پيش وٽي پئي نوڙيون،
سِڪ ۾ ڪنهن کي سوري بيٺي.

*

ديس، دريا وڃي پيو ڪاڃيو
ووڙ ڏانڊي ڏڳي جي ڪانهي ڪا.

*

ڪُلي ٽي پيون ڳنڍيون ڳوڙهن جون جهٽ ۾،
ڏيڻ آيون نہ ٽي يا ڪي ڏريون هيون.

هيءَ تہ رڳو مون ڪجهہ شعر اوهان آڏو رکيا آهن پر سچ اهو آهي تہ سندس شعري مجموعي رتا روهيڙا ۾ شامل غزل جڏهن توهان پڙهڻ شروع ڪندو تہ اوهان جي اکين آڏو دنڊ جو دائرو جڙڻ شروع ٿي ويندو ۽ لفظ لفظ تي لڙڪ لڙي پوندا. آءٌ سندس ڪيترائي شعر اوهان کي پڙهائي سگهان ٿو پر طوالت کان بچندي آخر ۾ صرف هڪڙو شعر اوهان کي پڙهائيندس:

پُڇو ٿا، رُسي ڇا تي راڻو ويو
هينئر هنيائُو ٿو منهنجو ڄائي ڇڏيو.

علي دوست عاجز جو اوهان گيت پڙهندو تہ اهو سليس لهجي وارو اوهان کي لڳندو ۽ سندس گيتن ۾ گهاڙيٽن جي گهٽائي بہ ڏسڻ ۾ ايندي. توهان سندس پهرين شعري مجموعي خوشبو خوشبو خواب ۽ اڇن پٿولينا ۾ شامل گيتن جو اڀياس ڪيو ۽ تنهن کان پوءِ رنگ رتو آڪاس ۾ شامل گيتن کي پڙهو توهان کي خبر پئجي ويندي تہ هو ڪيڏو سهڻو گيتڪار آهي.

ڪر نہ ٺڪاوَ پٽن جي پرَ ۾،
منهنجا مورَ نہ مار- مهيندري جو پار.

مجنون نہ ٹياسين پر،
تو لاءِ تہ اي دلبر،
تڑپون تہ پيا ساڻو،
مان ڀاگو ڙي ڀاگو.

هيءُ عشق ۾ ڪڏهن مِير ڀاگو آهي تہ ڪڏهن وري امارو آهي.

آنءُ اُمارو
ساجان تنهنجوا

اِهو گيت 'آنءُ اُمارو ـ ساجان تنهنجوا' ساري جو سارو خوبصورت آهي. توهان مکڙي کان ويندي آخر تائين هن گيت کي ڪوٽ ڪري سگهو ٿا. علي جو هڪ ٻيو بہ گيت ايڏو ئي لاجواب آهي اهو گيت بہ پنهنجي طرف نہ صرف چڪي ٿو پر ان جي رواني بہ ڀاڙ ڏانهن ڏيان ڇڪائي ٿي. گيت جو هڪ حصو اوهان بہ پڙهي ڏسو:

مُند ڪائيم هڪ هڪ ڏينهن ڪري،
تون نہ آئين نہ آئين پيرَ پري،
پيا سيءُ اچي،
وئي پوک پچي،
ويا لاب لهي سارا،
ڪيڏي دير ڪيئي پيارا.

مان توهان کي سندس مختلف گيتن جا حصا پڙهائيندس ۽ باقي اوهان کي دعوت ڏيندس تہ اوهان سندس شعري حسن ڏسو ۽ مترنم گيت پڙهو ۽ جهونگاريو:

اوسيئڙن جا ڏيئا ٻاري،
عُمر چڏي تو عاجز گهاري،
ايڏن اوسيئڙن ۾ تنهنجا
ٿي ويا وارَ اڇا هُوندا.
هوندا درد وندا هوندا.

*

اوجاڳن جا شاهد ڪٽان آڻيان.
اکيون چئين ته توڏي ڪيڊي مان اُماڻيان.

هاڻي مان اوهان کي سندس شعري مجموعي اڇن پئونر پنيولينا مان ڪجهه گيتن جا مکڙا پڙهائڻ چاهيندس:

ڏي پيار مون کي.
ڏي پيار مون کي.
گلڙن جو نه ڏي هيرن جو نه ڏي
ڏي ٻانهن وارو هار مون کي.
ڏي پيار مون کي.

*

انڊي دل نه آهي چريو چاهه ناهي!
جو محبت ڪري ٿو سو گُمراهه ناهي.

*

توتي ميارون ناهن.
حيف آ دل کي جنهن پهچايون تو وٽ تارون ناهن.
توتي ميارون ناهن.

اهي شعري حصا گيتن جا مکڙا آهن. اوهان پاڻ ئي اندازو لڳائي سگهو ٿا ته جن گيتن جا مکڙا ئي ايڏا حسين ۽ مترنم هجن ته پوءِ اهي مڪمل گيت ڪيڏا نه لاجواب هوندا.

توهان جڏهن وائيءَ تي راءِ رکڻ جي جسارت رکو ٿا ته اهو سمجهڻ گهرجي ته هيءَ هڪ اهڙي صنف آهي جنهن جون پاڙون هنيانو ۾ لهي ويندڙ آهن ۽ ان جو وڏو مثال ٻڌائي جون وايون آهن. هن صنف ۾ ويراڳ جي داخلا خود بخود ٿي ويندي آهي. توهان شيخ ايياز جون وايون پڙهو ته گهڻي ياگي ان ۾ ڏک جو ڏيهه ڏسڻ وٺان ملندو. منهنجي خيال ۾ توهان جڏهن وائي تي لکڻ ويهندا ته اوهان آڏو سور جو سمنڊ وڇايو پيو هوندو ۽ ڏک جو درياهه ڇوليون هڻندو اوهان کي پائڻ لاءِ آتو ملندو.

علي دوست عاجز جن صنفن تي گهٽي ياڳي لکيو آهي. انهن مان وائي ۾ هڪ آهي. منهنجي خيال ۾ هن جو اظهار جڏهن وائيءَ ۾ آڏو اچي ٿو تہ وسعت جا ويس اوڍي اوچي اڏام پري ٿو.

منهنجي دل جو دائرو
آهي ساري ڌر.
قيد نہ مون کي ڪر.
آءٌ اُڏامڻ ٿو گهران.

*

منهنجا هرندڙ چَپَ،
تِن تي پاڻيءَ لَپ،
اوتي پوءِ ويهي رهين.

*

خوشبو ڏيندو آهہ گُل،
تاريءَ تان تُنندي ٻہ
ڀالهيون ويندو آ چڏي.

اهو سندس وائيءَ جو لهجو آهي. سندس وائيءَ جو هي هڪ حصو پڙهي ڏسو. ڪيڏو نہ دعويٰ جو دائرو وسيع ڪيون بيٺو آهي:

ڪيئن ٿا ڏکيو خون کي،
ڏکيو مان ٻہ ڏسان.
رت نہ آهي ڏوپندو.

ڪڏهن ڪڏهن شاعر جي اهڙي تخليق پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچندي آهي جيڪا جيءَ ۾ جاءِ جوڙي ويٺندي آهي. مان سمجهان ٿو تہ اها تخليق دائم رهندي آهي جنهن ۾ حقيقت پسنديءَ جا اولڙا عيان هوندا آهن. علي جي هيءَ وائي مون کي ڇرڪائي ڇڏيندي آهي توڙي جو هيءَ وائي ڏاڍي ڏيمي لهجي ۾ چيل آهي. پر ان ۾ جيڪو مضمون بيان ڪيل آهي اهو ايڏو تہ ڪرب پريو آهي، جو اکين ۾ ڳوڙها ٿا تري اچن. وائي جي اٽت هنن سٽن سان آهي:

لڏڻا لاڻائون

لابارن جي آسري

اسان وٽ اتر جي پاسي ۾ اڄ به لاڏائو قبيلا لابارن جي ڏاڻن ۾ لڏي اچي عارضي گھرڻا اڏيندا آھن ۽ لاب ڪري پنھنجي ھڙ ۾ به اَن جا داڻا وجھندا آھن ۽ پوءِ لڏي ھليا ويندا آھن. 'جوڳي نہ ڪنھن جا مِتَ' علي جون سائر جو سوداءُ ۾ شامل وايون ايڏيون تہ متحرڪ آھن، جيڏيون سنڌوءَ جون چوليون ۽ انھن واين ۾ سنڌو ۽ سھٽيءَ جي سھٽي صورت آڏو اچي وڃي ٿي پڙھندي:

ٻڏنديون سي ئي ٻار ۾،
جن جي من مدي،
آھيان آنءُ ادي،
ديواني درياھ جي.

*

ٻانھون ھڻندي ٻيلھ ٿي،
تارُون تاري تار،
ساھڙ تنھنجي سار،
سيرُن ۾ بي ساڻ ھئي.

*

ڏمر سان جيڪو ڏوھ لڳي ٿو
ساھڙ ساڻ ثواب،
امرت ھويا آب،
پيتم ھانءُ ئري پيو.

ان کان علاوه "نُوحو ناٿن شاھ جو" اھڙي تہ وائي آھي جھڙوڪ شھرِ آشوب ۽ "رتا روھيڙا" - وائي به ڏاڍي وٽندڙ ۽ سار جو جھونڪو آھي. ھو وڏي ڪرب مان ٿو گذاري پڙھندڙ کي. ايڏي به اسات ڪنھن جي من ۾ پيدا ڪبي آھي ڇا؟ مون کي ڏکر اچڻ لڳندا آھن. اھو سوچي ڪري تہ ايڏي سھٽي صورت وارو سدائين سفيد ڪپڙن ۾ مرڪندي ملڻ وارو ماڻھو پنھنجي شاعريءَ ۾ لڪيءَ جي جبلن جھڙي گرمي ڪيئن ٿو پيدا ڪري. آخر ۾ سندس ان وائيءَ جو ڪجھ حصو پڙھو جيڪا وائي پڙھندڙن کي ٻوڏارن ۾ وجھي ڇڏي ٿي:

اسين سڀ اسير،
آهيون ڪاري ڪوٽ جا.

پنڌيءَ ۾ پئي پاس ٽئي،
ٽر جي ڇو تقدير.
آهيون ڪاري ڪوٽ جا.

هر شعري صنف پاڻ ۾ وسيع آڪاس رکندڙ هوندي آهي. نظم اهڙي صنف آهي جنهن ۾ اوهان خيالن کي خوبصورتيءَ سان اظهاري سگهو ٿا. ٻين صنفن جي پيٽ ۾ اوهان نظم ۾ پنهنجي ڳالهه دل کولي اظهاري سگهو ٿا. سنڌي شاعريءَ ۾ هن وقت نظر ڪجهه سوايو لکيو پيو وڃي ۽ اسان جڏهن ان جو مطالعو ڪيون ٿا ته اسان کي سنڌي شاعريءَ ۾ نظر اوچي پد تي بينل نظر اچي ٿو. اڄ جو نوجوان نظم طرف وڌيڪ لاڙو رکي ٿو ۽ اهو ڏاڍو سهڻو نظم لکي رهيو آهي. ان جا ڪهڙا سبب ٿي سگهن ٿا جو اڄ ڪلهه نظم وڌيڪ لکيو ٿو وڃي. اهو هڪ ضروري سوال آهي؟ چاڪاڻ ته ان ڳالهه جي خبر پوڻ کپي ته آخر اڄ جو شاعر نظم طرف پنهنجي واڳ ڇو ورائي آهي-؟

نظم گهڻ پسند صنف آهي ۽ ان ۾ اظهار اوهان اعليٰ نموني سان ڪري سگهو ٿا. اڄ جو شاعر ڪاميابيءَ سان نظم لکي رهيو آهي. اسان جيڪڏهن هتي انهن شاعرن جا صرف نالا ڳڻايون ته هي مضمون هوند نالن سان پرجي وڃي ۽ جيڪڏهن انهن جي هتي شاعري اوهان پڙهندڙن سان ونڊجي ته دريائي وهڪرا وهڻ شروع ٿي ويندا. ايترو چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جو شاعر نظم ۾ ڪاميابيءَ سان سفر ڪري رهيو آهي ۽ هونئن به شاعر کنهن به صنف جو محتاج نه هوندو آهي. هن جو ڇهاءُ صنفن کي سگهه بخشيندو آهي. علي دوست عاجز حقيقت اها آهي ته بنيادي طور تي غزل جو شاعر آهي پر جڏهن اوهان سندس شاعريءَ جو مجموعي طور مطالعو ڪندا ته هو اوهان کي هر صنف جو مڪمل شاعر لڳندو. هن تمام ٿورا نظم لکيا آهن ۽ اهي ٿورا ئي سهي پر ڏاڍا پر اثر آهن. اوهان سندس هي نظم پنهنجي ماٽڪين مان ڪيڏي ڏسو:

رُلان ٿو ته چا ٿيو.
هي بادل رُلن ٿا،
پکيئڙا رُلن ٿا،
رُلي چنڊ ٿو خود،
ستارا رُلن ٿا،
پهاڻن جو پاڻي-
نيون ٿي، ندیون ٿي
برابر رُلي ٿو.
کٽي گيت، محبت،
سڄي پرٿويءَ تي-
هي شاعر رُلي ٿو.

ان کان علاوه سندس نظم "وڏي شاعرَ جو لاڏاٽو"، "ٻو ڪاتا"، "امان سائنڙ" ته ڏاڍا گهرا ۽ اکيون نِم ڪري ڇڏيندڙ آهن. هيءَ ستون سندس هڪ نظم جون آهن. ڪيڏو نه سليس اظهار آهي پر خيال جي چال ڪيڏي نه اڇل کائيندي ويجي ٿي:

ايڏو ٿي چاهين،
جڙ ته جُدائي جون سپ ڪسرُون،
اڄ ئي ٿي لاهين.

نج سنڌي صنفن مان بيت به هڪ صنف آهي جنهن جو جنم جنهن ڏينهن ٿيو ان ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين سندس سفر ڏاڍو اثرائتو ۽ شانائتو آهي. اها ڳالهه الڳ آهي ته حال ۾ هن صنف تي تمام گهٽ لکيو وجي ٿو ۽ جڏهن اسان بيت جو ماضيءَ ۾ ڪيل سفر ڏسون ٿا ته اهو انتهائي سگهارو نظر اچي ٿو. بيت ۾ خيال کي سمائڻ لاءِ مضمون بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪٿن رياضت جو سفر ڪرڻو پوي ٿو ۽ پوءِ ئي بيت جهڙي ڪلاسڪ صنف ۾ ڪامياب اظهار ڪري سگهجي ٿو. اسان هتي جيڪڏهن سنڌ جي ٻين شاعرن جا بيت ڳٽائينداسين ته گهٽو گهلاڙو ٿي ويندو تنهن ڪري پاڻ علي دوست عاجز جي بيت طرف اچون ٿا. هيءَ اهو شاعر آهي. جيڪو پرپور اظهار ڪري ڄاڻي هر شعري صنف ۾ سندس بيت تي ته گرفت ڏسڻ وٽان آهي:

بيني بيني پير، کهڙا سُور سُٹائيان،
منهنجو منڍ ميڙ، ايڏا تاءِ ڪٽان سهي.

•

آئي لڙڪ اکهين رهندو پاڻ روئي پئي،
منهنجو جيءُ جُڙي، بدران رهندو پيو جُهري.

•

پٽن ڏانهن جُهڪي، ايئن ٿي بادل آئيا،
پريتم ڏانهن ٻُڪي، اُجيو عاشق جيئن اچي.

علي جي بيت ۾ ڪاميابي ان وقت نڪري نروار ٿي جڏهن هن جو ڪتاب سائر جو سوداءِ ڇپجي پڌرو ٿيو هو. جنهن ۾ ڇهڻا بيت شامل هئا. ان کان اڳ جڏهن سندس پهريون شعري مجموعو خوشبو خوشبو خواب آيو هو تہ ان ۾ بيت شامل هئا. جن مان "سُر ـ سوني باگو" تہ پڙهڻ وٽان آهي. سائر جو سوداءِ ۾ شامل بيت موضوعاتي حوالي سان ڏاڍا گهرا آهن. انهن ۾ سنڌوءَ جو اوج ۽ سنڌوءَ جي موج بہ آهي تہ حال ۾ سنڌوءَ جي حالتِ زار تي لڙڪن جون لاڑون بہ آهن تہ سهڻيءَ جون صدائون بہ آهن. اچو تہ انهن بيتن مان لطف وٺون:

پٽڻ تان پڙلاءِ، ڪڏهن ٻُڌبو هو ڪٽان،
آئي ڪهڙي قيام جو ماڻ لڳي وئي ماءِ،
هتان ڪالهہ درياءِ ڏسندي ڏکندو هو هنيون.

•

ساهڙ ڪان وڏ ساهہ جيڏيون پياروِ جن ڪيو،
ڏيندو ڪيئن درياهہ جايُون تن کي جيءُ ۾.

•

هلو هلو درياءَ تي، هن جو ڪيُون ديدار،
پريون اوريون پار، واسيو آ جنهن واس سان.

ترائيل فرانس مان ڦٽي نڪتل هيءُ صنف ڪيترن ئي ملڪن ۾ هن وقت رائج آهي ۽ سنڌي ادب ۾ نارايڻ شيام، شيخ ايار ۽ امداد حسيني کان ويندي علي دوست عاجز تائين ترائيل جو سفر ڏاڍي وٽندڙ انداز ۾ ٿيو آهي. هتي پاڻ علي جي ترائيل تي مختصر راءِ رکنداسين. سندس ترائيل جي ٻولي ۽ ان ۾ خيال جي ادئگي هن نموني جي آهي:

"جاڻ ٿيو" شاعرن چيو: "سُجهندو".
قوم وئي وقت کجهه ڪٽي اڳتي.

•

"آءٌ تنهنجي هان ڪٽي چو نه ڳيا ڪن مون کي!".
سينڊ تي هٿ رکي تو ئي ته هو چيو مون کي.

هيءُ مٿيون ستون سندس ڪتاب اڇن پئونر پنيوليئا مان ورتل آهن ۽ هاٿي وري کجهه رنگ رتو آڪاس ڪتاب مان:

شوق ڳاڙهي وگي جو پورو ڪرا
وئين چني قرب جي ڪڙولي کي.

•

ڪيترو دير ساڻ تون آئينءَ،
ٽي چُمکو رڻ جلي چُمکو ٻيلو.

ڪي شاعر ڪنهن هڪ صنف ۾ پنهنجي خيالن کي پروئڻ جاڻيندا آهن پر ڪامياب شاعر هر صنف ۾ خيالن جو اظهار ڪرڻ جاڻيندا آهن. ڪن شاعرن کي ڪا هڪ صنف وڻندي آهي پر هو اظهار ڪنهن ٻي صنف ۾ ڪرڻ جاڻيندو آهي. مطلب ته وڻڻ هڪ الڳ ڳالهه آهي. مون کي صنف جي حوالي سان ڏيڊوٽو وڻندو آهي پر، سچي ڳالهه اها آهي مان پنهنجي شعري سفر ۾ هڪ بہ ڏيڊوٽو نہ لکيو آهي. هي صنف ان ڪري بہ وڻندڙ آهي جو ڏيڊ ست ۾ هڪ مڪمل خيال سمائي ٽي ۽ وري ٻي جيڪا هن جي ڪمالیت ڪونجي ٽي اها سندس قافين جي آوازن واري هوندي آهي. علي دوست عاجز جي ٻهرين شعري مجموعي خوشبو خوشبو خواب ۾ ڏيڊوٽا ججهي تعداد ۾ ڏنل آهن ۽ آءٌ اوهان کي هتي انهن مان چوندڙ ڏيڊوٽا پڙهائڻ چاهيندس جيڪي ٿر جي پسمنظر ۾ رچيل آهن ۽ پوري جو پورو منظر پسائي رهيا آهن:

پئي چنڊ ڏنيون جهاتيون،
هي ٻٽ تي ٻنا چؤنرا، جڏ ڪنهن جون هُيون چاتيون.

•

برسات جا وسڪارا،
چؤنري ۾ چُميون ياڪر، "اڄ رات نہ وڃ پيار."

*

کي مورَ هيا پرَ ۾.
"صادق" به ٻُڌم ويني. جڏ رات هيس ٽرَ ۾.
اوهان هن ڪتاب ۾ ڪيئي ڏيڍوٽا ٽر جي پسمنظر ۾ پڙهي سگهو ٿا.

تعريف گهٽي ٽي ٽس.

تنقيد جي جُملي تي. تڪليف گهٽي ٽي ٽس.

هيءَ ڏيڍوٽو حقيقت تي مبني آهي جنهن جي تعريف ٽيندي آهي ۽ ان تي جيڪڏهن مثبت توٽي تعميري تنقيد ٽيندي آهي تہ هو ان کي برداشت نہ ڪري سگهندو آهي. توهان پلي ان ڏيڍوٽي ۾ بيان ڪيل خيال کي پرکيو اهو خيال توهان حقيقت جي گهٽو ويجهو ڏسندو.

شيخ ايار تہ هڪ پرپُور ڪتاب "ننڍ وليُون" ڏيڍوٽن جو ڏنو. منهنجي خيال ۾ ايئن اڳ ڪنهن ٻي شاعر ڏيڍوٽن تي پرپور نہ لکيو آهي جهڙو شيخ ايار لکيو آهي. توهان هڪ تجربو ڪيو تہ جيڪي نندڙي فارميٽ ۾ شعري صنفون آهن. اهي تڪڙو اثر ڇڏيندڙ هونديون آهن. مثال طور: بيت. دوهو هائيڪو ڏيڍ سٽو وغيره پر مان سمجهان ٿو تہ انهن صنفن ۾ مڪمل خيال سمائڻ ڪامياب شاعر کان ئي ٿي سگهندو آهي ۽ علي جا اهڙا ڪيترائي ڏيڍوٽا آهن جيڪي مڪمل خيال تہ سمائن ئي ٿا پر ساهہ کي چاچولي ٻہ ڇڏن ٿا ۽ انهن ڏيڍوٽن مان هڪ ڏيڍوٽو هي پڙهي ڏسو. جيڪو ڳوڙهن جا در کولي ٿو:

وسندا تہ ڪر وانگي،

سڄڻ جون نہ پُڄ ڳالهيون. رُسندا تہ پٽر وانگي.

سنڌي شاعريءَ جي سفر ۾ پنهنجي هڻڻ جو احساس ڏيارڻ مان سمجهان ٿو تہ ٻاهہ جا ست سمنڊ پار ڪرڻا آهن. شاعرن جي رش ۾ ڪيترائي سڄيت شاعر گم ٿي ويا. ان جو ڪهڙو سبب آهي جو اوهان پاڻ کي سڏن شاعرن ۾ ڇو نہ ٿا ڳڻائي سگهو؟ مان سمجهان ٿو تہ ان جو سبب اهو آهي تہ اسان وٽ شاعريءَ جو ميدان پريو پيو آهي ڇو جو انهن شاعرن مان گهڻا تہ نالي جا شاعر آهن ۽ گهڻا قافيو ۽ رديف سکي شاعرن جي شهر ۾ داخل ٿي ويا آهن. ان سموري عالم ۾ جيڪڏهن توهان پنهنجي منفرد لهجي ۽ پنهنجي شاعريءَ جي معيار کي برقرار رکو ٿا تہ اوهان جي ڪاميابي آهي.

توهان کي علي جي شاعريءَ ۾ قومي شعور جي روشني ۾ رندي نظر ايندي ۽ ان جو وڏو مثال سندس شعري مجموعي سائر جو سوداءُ آهي. هن ڪتاب تي پاڻ ڦهرين لکي چڪا آهيون. ان کان علاوه اوهان سندس مڙني مجموعن ۾ڪيترائي اهڙا شعر چونڊي سگهو ٿا جيڪي قومي حوالي سان ڳٽائي سگهجن ٿا ۽ انهن مان هتي هڪ بيت هڪ شعر اچو ته اوهان کي پڙهايون:

ڳاڙهي چولي رت ۾، هڪ هڪ ڪيڏو گهاءُ،
پيئر تنهنجو پاءُ، صدقو ٿي ويو سنڌ تان.

❋

ڏرتي سڄي يا سرتي، موتان مران ڪنو ٿي،
چو سِر وتان لِکايون ڪنهن ٻي ضمير وانگي.

هو دلبر ۽ ديس کي هڪ هڙ ۾ ٿو رکڻ چاهي ۽ هڪ ئي دل ۾ سمائي ٿو:

دلبر کان يا ديس کان،
ڪنهن کي چو ڪو ڏار ڪري.

❋

منهنجي دل دلبر سان، منهنجو ساهه وطن ۾.
تنهنجو هٿ هٿن ۾.

جيئن سندس نالو علي 'ع' سان ۽ سندس تخلص عاجز 'ع' سان شروع ٿين ٿا بلڪل ايئن سندس شعري استعارا سانول 'س' سان ۽ ساجان 'س' سان شروع ٿين ٿا ۽ انهيءَ حسين سنگم سونهن بخشي آهي. پيار ۽ اظهار کي. اوهان کي سندس شاعريءَ ۾ پهرين دور ۾ سانول جو شعري استعارو ملندو ۽ هاڻوڪي شاعريءَ ۾ ساجان جو. اهي شعري استعارا ئي آهن جن هن کي هر ڪنڌ ۾ ڪامياب شاعر طور متعارف ڪرايو آهي ۽ ان کان علاوه سندس سنڌو درياهه سان عشق ۽ اوچي پد تي ڏسي سگهجي ٿو. شاعريءَ جو بنيادي موضوع جماليات آهي ۽ پوءِ ورهين پجاڻان ان ۾ حالتن ڪيئي موضوع شامل ڪري ڇڏيا آهن. اسان جڏهن علي جي شاعريءَ جو ڳوڙهو مطالعو ڪريون ٿا ته سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو جماليات جي جوت ۾ جرڪندي نظر ايندو. سندس شاعريءَ ۾ سانول ۽ ساجان جي سار هينئن ساريل آهي:

او سانول،
هڪ نظر هيڏانهن ڏي.

او سانول.
توبن جذبا ڈين نہ جھلَ. او سانول.

*

دريا دل جا آرَ بہ اڻ جھل.
سڙندي پئي تہ بہ سانول سانول.
ٽاندن تي ٽچڪي بہ وَتا دل.
محبت منجھہ مزا هوندا.
هوندا درد وندا هوندا.

*

هُما هانءَ منهنجو
خلائن ۾ پٽڪي.
اُجو ٽانءَ منهنجو
پريو پوءِ بہ پٽڪي.
او ساجان سِوا تو.

*

آنءَ اُمارو
ساجان تنهنجو.
چمپا جو تون ڦول ٽڙيل آن.
مان ٽاندن تي آهيان پارو.

هيءَ تہ مون صرف بہ بہ شعرن جا حصا اوهان کي پڙهايا آهن پر اوهان جڏهن علي جي شاعري پڙهندو تہ. اوهان کي ڪيترائي اهڙا شعر ملندا جنهن ۾ سانول ۽ ساجان جي سار ۽ سڪ ۾ چٽي نظر ايندي.

سندس هيءَ ڏيڍوٽو تہ پڙهڻ جهڙو آهي:

چُمر چُمر جو مزو چاهي؟
ڪاچي کان پُڇي ڏسجي. رمجھہ جو مزو چاهي.

سو هي آهي اسان جو علي ۽ اها آهي سندس شاعري آهي.

❋

خود رنگ شاعر گلزار

هڪ هند ۾ گلزار آهي ۽ ٻيو سنڌ ۾ گلزار آهي.

هند جو گلزار جنهن جي گلدستي ۾ فلمي گانن جا گل ۽ آهن ۽ نہ ڄاڻ تہ ڇا ڇا هن جي گلدستي ۾ ڪهڙن ڪهڙن شعبن جي خوشبو آهي ۽ سنڌ جي گلزار جي گلدستي ۾ شاعري جي خوشبو آهي ۽ اها خوشبوءَ جا ڪيپ ڇاڙهيندڙ عاشقيءَ ۽ قوميت جي رنگت واري آهي.

سنڌي شاعريءَ جي شانائتي سفر ۾ جيڪڏهن جينيئس شاعرن جي ڳٽ ٿيندي تہ اتي گلزار کي ضرور ڳڻيو ويندو. هن جو هر نظم پنهنجي جوهر ۾ سڃيت ۽ سماج ۾ شعور ۽ بيداري بابت آگاهي ڏيندي نظر ايندو. جنهن جو هڪڙو مثال سندس نظم "وتايو" آهي.

نبض جي رفتار کي هڪ ڏوڙ پارايون وتايا،
خوف کي ناڪامين جو زهر کارايون وتايا،
مون کي چريائي چوي ٿي،
پاڻ تي دنيا کلائي ديس جاڳايون وتايا.

جيڪڏهن ڪنهن شاعر جي ست حوالي طورڪنڊي وجي يا وري هڪ محاوري جي صورت اختيار ڪري وجي تہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ هو هڪ ڪامياب شاعر آهي جنهن معاشري جي نفسيات کي سمجهي شعر چيا آهن ۽ اهڙي حوالي سان گلزار جي گهڻن ئي نظمن جون سٽون حوالن طور ڳٽائي سگهجن ٿيون.

جيئن:

اسان رول ماڻهو رليا سين تہ چاهي.

❊

رب آهي، رب ناهي،
ان تي پوءِ اچون ٿا.
بک آهي، بک ناهي،
پهريان ان تي ڳالهايون.

هن جو هڪ هڪ نظر ڪٽي نقادن پورا پيپر لکيا آهن. اها هن جي نظم جي وسعت سان گڏ هن جي ڪاميابي آهي. هن جا نظر طوالت رکندي به طويل ناهن لڳندا. اهي پنهنجي طوالت ۾ ئي مڪمل هوندا آهن. اها گلزار جي ۽ گلزار جي نظمن جي خوبي آهي. نہ تہ طويل نظم اڪثر ٽڪائيندڙ هوندا آهن. جيڪي پڙهندڙ کي گهٽي پاڳي دق ئي ڪري وجهندا آهن.

هوئين تہ سڄي سنڌ علم ادب ۾ خوشحال آهي پر ٽڪڙائي، هالائي ۽ سيتائي شاعرن پنهنجو حصو پتي ان شاعراٽي سفر ۾ جتي شامل ڪيو. اتي ناٽن شاهي شاعرن جو حصو بہ ڏسڻ وٽان آهي ۽ انهن جي شاعراٽي اپ تي ڪيترائي نالا ڪنهن چمڪندڙ ستاري جيان پري پري تائين پڌرا نظر ايندا رهن ٿا ۽ انهن نالن مان ڪجهہ نالا ڳڻائڻ ضروري ٿو سمجهان ۽ اهي نالا هي آهن وفا ناٽن شاهي، نشتر ناٽن شاهي، آٿر ناٽن شاهي، راز ۽ وقار ناٽن شاهي ۽ بيا انيڪ نالا آهن، جيڪي حوالي طور نہ صرف ڳڻائي سگهجن ٿا پر انهن کي دل ۽ تاريخ جي صفحن ۾ جاءِ ڏيڻ تي سرهائي بہ محسوس ڪري سگهجي ٿي ۽ ايئن ئي ان سلسلي جي ڪڙيءَ کي حال ۾ بہ ڳنڊيون ايندڙ ايترا ئي نرالا ۽ شاندار نالا آهن، جن جي شاعريءَ ۾ بہ ناٽن شاهي شاعرن جي شاعريءَ جي خوشبو موجود آهي ۽ اها خوشبو ايتري ئي وڻندڙ آهي جنهن جي محسوسات کان ڪنارا ڪشي ڪري ئي نہ ٿي سگهجي ۽ انهن نالن مان ذوالفقار گاڏهي، ساڻي محبوب، گلزار ۽ بيا ڪيئي نالا ڳڻائي سگهجن ٿا ۽ انهن جي شاعراٽي باغ ۾ جيڪي شعري گل آهن، انهن ۾ پنهنجي پنهنجي انفراديت آهي ۽ انهن مان گلزار جي شاعريءَ جي خوشبو تہ هوند هر ڪنڌ ۾ سرهائي جي سرهاڻ پهچائڻ جيتري نہ صرف سگهہ رکندڙ آهي، پر هن جي شاعري تہ جنگجو جي جيءَ ۾ گهر ڪري ويڙ جيتري سگهہ رکندڙ آهي.

''انصاف'' سندس هڪ نظم جو عنوان آهي ۽ اهو نظم عالمي تاريخ جو هڪ زبردست ۽ پرپور باب آهي جنهن ۾ اوهان کي عالمي منظر نامو ملندو. آدم کان مارڪس تائين ۽ ماسڪو کان سنڌ تائين جا پيرا ڪنيل آهن ۽ جنهن ۾ قابيل جي قتل جي ڪيس کي اڪلائڻ جي اپيل بہ ڪيل آهي تہ چرچل جي چالبازين کي چٽو پڌ ڪيو ويو آهي. انصاف نظم سچ تہ اهو آهي سنڌي

شاعريءَ جي اوچائي جو روشن منارو آهي ۽ ان نظم جي خالق انصاف نظم سميت ڪيترائي شهپارا تخليق ڪيا آهن.

سنڌي ادب ۾ ورهاڱي جي پس منظر ۾ ڪرب جي قبيلن مان گذاريندڙ تحريرون تمام گهٽ لکيون ويون آهن ۽ اهي به نثر ۾ نظم ۾ ته نه جي برابر آهن ورهاڱي جي پس منظر ۾ گلزار جا به نظم جيڪي لکيل آهن ۽ اهي نظم ايترا ئي سگهارا آهن جيترو ڪرشن چندر جو ورهاڱي جي پس منظر ۾ لکيل ناول "غدار" آهي يا امرتا پرتم جو ناوليٽ "پنجر" آهي ۽ اها ڳالهه دعويٰ سان چئي سگهجي ٿي ته اهي نظم جيڪڏهن مختلف هولين ۾ ترجمو ٿي ڪنڌ ڪڙيچ ۾ پهچن ته هوند برَ ۾ باهيون لڳي وڃن ۽ انهن نظمن جا عنوان ئي ٻڌائين ٿا ته اهي ڪيترا نه وزندار آهن ۽ اهي عنوان هي آهن. "درد ستيتاليهن جو" ۽ "شيام جي ڪهول لاءِ" اچو ته انهن کي پڙهي ڏسون:

هي دنيا موڳن جي ناهي
هي ڏرتي آهي ڏاهن جي
جن ورتو دڳ ڪاهوڙين جو
جي رنگ سجائن ڳاڙهي ۾
۽ پيٽ ڪمائن ڪاڙهي ۾

مٿيون حصو نظم "درد ستيتاليهن جو" آهي ۽ اهو حصو نظم جو شروعاتي حصو آهي ۽ ان ئي نظم جو وائينڊاپ هينئن آهي:

جي لوڪ ٻين جي لفظن ۾
جا ڳائڻ سنهنجو ڪونهي ڪو
جو پنهنجي لوڪ تراني ۾
ڪو لفظ به پنهنجو ڪونهي ڪو
مان ڳائي ڪيئن ٻڌايان جو
هت عمر ملي چاليهن جي
۽ درد ستيتاليهن جو.

ڀ هاڻي نظم "شيام جي کهول لاءِ":

اهي ويا ته مورتيون قضا تي روئيندیون رهيون
پکين جي لڏپلاڻ وقت نير پوئيندیون رهيون
اهي ويا ٻه هٿ پيٽ سان ٻڌا اسان
اهي ويا ته پستين جا پيرَ، هٿ لڌا اسان

*

اهي ويا ته چنڊ کي ڏسڻ جي سڪ نه ٿي لڳي
اهي ويا ته سنڊ جي منڊيءَ تي ٽڪ نه ٿي لڳي
وطن جي حُب رکيون اچن ٿا- رُوح جي رهاڻ سان
ويا هئا ته سنڊ کي وٽيون وڃن ها پاڻ سان

اهي ٻئي نظم جهڙوڪ ٻَہ - ٻنهين ڪنڊين سان ٽمٽار وهندڙ درد جا دريا هجن.

گلزار جي ڪاميابي ڀ ڏاهپ جي پرک سندس ڪنهن ٻه هڪ يا مڙني اسمن مان پرکي سگهجي ٿي ڀ اهو ان معنيٰ ۾ چوان ٿو ته توهان هن جو ڪو ٻه غزل ڪٿو گيت، نظم يا ترائيل، ترويني يا هائيڪو ئي ڪٿو اهو اوهان کي هڪ ئي موضوع تي تسلسل سان يڪ موضوعاتي ملندو ڀ اها اٽت ڀ ان سان نياءُ تسلسل سان ڪنهن صنف ۾ پلٽڻ ڪو ايترو آسان ڪم ڪونهي. جيترو ڪنهن کي محسوس ٿئي ٿو. هن جو هڪڙو غزل آهي جيڪو هن حڪومت تي لکيو آهي ڀ سڄو غزل اٺن شعرن تي مشتمل آهي ڀ انهن ۾ حڪومت جي حڪمت عملين ڀ چالبازين جي چرپر ڀ چٽني پاسن، چٽني ڏسائن کي وائکو ڪيو ويو آهي. ان غزل جو هڪ شعر آهي:

نوجوانن جي خوابن جون ارٿيون ڪٽي،
ساڀيا ۾ ٻه ساڳي جهلڪ ٿي رکي.

هن جا نظم نه صرف نرالا ندي جي رواني جيان وٽندڙ آهن، پر هن جا ڪيترائي نظم ڪيترين ئي معنائن ۽مزاحمت، اتساهه، بهادريءَ حقيقت پسنديءَ جي ويجهو ٻه آهن. هن جي اظهار ۾ سگهه مون کي ان ڪري ٻه لڳندي آهي، جو هن وٽ وطن جي لئ محبت جو دريا وهي ٿو.

گلزار جو هي نظم "اسان رول ماڻهو..." ڪيترو طاقتور آهي. اها خبر تڏهن پوندي جڏهن اسان ان نظم کي پڙهنداسين. هيءَ نظم خواهشن جي ريزا ريزا ٿيڻ وقت ته نه سرجيو ويو آهي-؟ هن نظم جو هر حصو هيڪاندي حسرت ۽ حيرتن جا در کولينڊو ويندو آهي پڙهڻ وقت. نظم جون هي به سٽون پڙهو:

حسينن جي هوندي، اڪيلو گذارڻ،
وڏي ثابتي آ اپاڃي هجڻ جي.

ڪيڏو ڪرب آهي محسوس ڪري سگهو ٿا ته ڪريو. ۽ آئون پڙهندڙن کي دعوت ڏيندس ته هن نظم کي اوهان پڙهو ۽ پنهنجي پنهنجي زاوين ۾ ڏسو مان پنهنجي راءِ هروپرو اوهان تي مڙهڻ نه ٿو چاهيان.

جينيئس شاعر پنهنجي شعري سفر ۾ ڪڏهن ڪنهن موڙ تي يا وري لوڪ ڏاهپ کي جديديت جي دائري ۾ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان سامهون آڻيندا آهن ۽ اها انهن شاعرن جي ڪمالیت چئجي جو هو ايئن ڪري پنهنجو هڪ الڳ ۽ منفرد مقام حاصل ڪندا آهن. جيئن هند ۾ گلزار تروينيءَ لکي. سنڌ ۾ آٿر ناٿن شاهي ته سري لکي ۽ اها انتهائي حيرت جهڙي ڳالهه آهي جو اوهان گهاڙيٽو ڏيو ۽ ان ۾ خيال جي نرالائپ ڏيکاريو. گلزار وٽ به اسان کي ڪجهه اهڙيون نراليون شيون ملن ٿيون ۽ جن کي جڏهن پڙهجي ٿو ته ايئن چئي سگهجي ٿو ته اهو ڪمال صرف گلزار جهڙو جينيئس شاعر ئي ڪري سگهي ٿو. جهڙوڪ هن گيت پرولي، نظم پرولي ۽ بيت پرولي لکي ڪيو آهي ۽ اهي اسم عام ٿيڻ کپن ۽ خاص طور شاعرن تائين پهچن ته جيئن انهن تي بيا شاعر به طبع آزمائي ڪري سگهن.

گلزار جي ڪو شاعراڻي مهارت ۽ آرٽ جي عڪس بندي ڏسڻ چاهي ٿو ته اهو هن جا هي به نظم ضرور پڙهي. مان هتي انهن نظمن جا عنوان ڏيڻ چاهيندس ۽ اهي عنوان هي آهن. "ڊان ليڪس" ۽ "راول پنڊي جي پاڇي ۾" هن انهن ٻنهي نظمن ۾ سياست جي سُٽ کي سلجهائيندڙ ۽ هنن چئني ڪنڊن کي جڪڑي رکندڙن جي چالبازين ۽ ٽڪساٽن کي چٽيو آهي. هيءَ هڪ مثالي شاعري/نظم آهن. بلڪ گلزار جي ساري شاعري مثالي آهي.

سندس هڪ غزل جي سٽ آهي:

رب کان عورت ناهڻ وارو برش وٽان.

هن وٽ رومانس کي اظهارڻ جو بہ منفرد ڏاڻ آهي ۽ اهو ڏاڻ ايترو ئي اثرائتو ۽ وٽندڙ آهي جيترو سندس شاعريءَ ۾ سماجي، سياسي پاسوءِ هن جا هي رومانس سان پرپور خيال ڪيترا نہ وٽندڙ ۽ دل ۾ لهي ويندڙ آهن ۽ اوهان بہ پڙهو:

آرزو جي آبياري جي صلي ۾
وصل جي ڪنهن مرحلي ۾
چئن اکين کي پروئي
آرسي جوڙي ونين ها.

*

حسين گول دائرا
چپن جا گول دائرا
چمي جي رسم ٿي وڃي
نئين اصُول وانگيان.

هي حصو جنهن نظم جو آهي، اهو سڄو نظم "چُمي" جي چوڌاري ڦري ٿو ۽ هيءُ نظم "چُمي" بن چپن کان ويندي چپن جي ملڻ سان چئن چپن تائين جو شاندار سفر آهي ۽ انهي ئي نظم جو هڪ حصو هي بہ آهي.

چپن جي ميل سان ٿي چمي وجود ۾ اچي
چمي چپن جي ڏيءُ آ
چمي جي پاڪدامني تي آڱريون نہ هٽ ڪٽن
روپئي جي سگهہ ۽ زور تي چپ خريد چوڪجن
چمي خريد چوڪجي.

الائي تہ چو؟ ايجا دل چاهي ٿي تہ هن نظم کي ايجا بہ هتي آڻجي. سو هي بہ حصو پڙهي ونو:

چمي تي روڪ ٽوڪ چو
سڏي يا اڻ سڏي ڏجي
اڪيلي يا قطار ۾

مگر حيا جي گهرج ۾
چمي ڏجي ته پيار ۾

انهن شعرن جهڙي رنگت رکندڙ ڪيترائي شعر سندس شاعريءَ ۾ چٽا آهن.

گلزار جي شاعراڻي اڏار شهباز کان گهٽ ناهي. هو زمين کي کڻي، آسمان تي رکڻ ۽ آسمان کي کڻي، زمين تي رکڻ ۽ چنڊ کي چؤنري مٿان رکڻ ۽ سج کي پهاڙي چوٽيءَ تي رکڻ جيتري سگهه رکي ٿي ۽ هو جيڪڏهن هينئن چوي ٿو ته:

آزاديءَ جي حڪمت عملي سک مون کان،
سر ڏڙ جو واپار ڪرڻ اڄ سک مون تي.

ان شعر ۾ جيئن خودي کي اوچو ڏيکاريو ويو آهي ۽ اهڙي اوچائي صرف هڪ سچيت تخليقڪار کي ئي سونهين ٿي.

هن پنهنجي خيالن کي ٽن ٻولين ۾ اظهاريو آهي ۽ اهي ٽي ٻوليون سنڌي، سرائيڪي ۽ اردو آهن. انهن سان هن جي اظهار جو نرالو انداز جنهن ٻولي ۾ پوئيل محسوس ٿو ٿئي. اهو سنڌي ٻولي ۾ ٿو لڳي ۽ ايئن بہ ناهي ته هن سرائيڪي ۽ اردو ۾ خيالن جي خدائيءَ جون حدون اورانگهيون ناهن. هن جا خيال ائين ئي انهن ٻولين ۾ اظهاريل آهن. جيئن هن سنڌي ٻوليءَ ۾ اظهاريا آهن. سندس سرائيڪي ۽ اردو شاعري جيڪا منهنجي آڏو آهي. اها نہ صرف پڙهڻ وٽان آهي پر پنهنجي ڳوٺ، شهر، ملڪ ۽ دنيا سان ونڊڻ وٽان بہ آهي. هن جو اردو نظم "مقامی عشق ہوتا ہے" ايترو ته عمدو آهي. جيڪو پڙهڻ وقت پڙهندڙ جا ست ئي طبق کولي ٿو ڇڏي.

ان نظم جو هڪ حصو هتي ڏجي ٿو:

مقامی عشق ہوتا ہے، مہاجر کچھ نہیں ہوتا
جو مٹی سے نہیں اُگتا وہ شاعر کچھ نہیں ہوتا

هاڻي وري سرائيڪي گيت جو مکڙو:

تون وعديان دي ضيافت تي رڳا پيا آسري ڏيندئين
نہ گُل ڏيندئين، نہ ڦُل ڏيندئين

نہ جُز ڏيندئين، نہ ڪُل ڏيندئين
ٿون جُز دا، ڪُل دا ماڻهو اين
تون ڪهڙي مُل دا ماڻهو اين

شاعر جي تخليق جو اثر ان وقت ٿيندو آهي جڏهن هو سماج تي قلم کڻندو آهي ۽ اها تخليق جهڙوڪ هڪ آئينو هوندي آهي. جنهن ۾ سماجي اوڻاين کي سامهون آندو ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ اها تخليق دائميت جي دائري ۾ داخل ٿيندي آهي. جنهن ۾ "وطن" کي ڀايو ويندو آهي. اظهاريت جو اعليٰ نمونو انسانيت کي ڀاڻڻ آهي ۽ اهو تخليقڪار جينيئس آهي جيڪو سماج، وطن، مٽي ۽ انسان کي پنهنجي تخليق ۾ مڙهي ٿو. گلزار انهن تخليقڪارن منجهان آهي، جنهن پنهنجي تخليقن ۾ سماج کي، وطن کي، انسان کي ۽ مٽي کي ڀايو آهي ۽ ان سان گڏ سياست ۽ رومانس کي به ڀايو آهي. هن جي هر تخليق جهڙوڪ هڪ يڪ موضوعاتي ڪهاڻي آهي ۽ ان جو اظهار ايترو ئي سگهارو آهي، جيترو اهو موضوع پنهنجي اندر ۾ اونهو هوندو آهي ۽ گلزار جي تخليق ۾ اثر انگيزي ان ڪري به آهي، جو انهيءَ ۾ انسان جي عظمت، اهميت، تڪليف يا سرشاري عام آڏو سڌي آندي وئي آهي.

ڪنهن به سچيت شاعر وٽ اها صلاحيت هوندي آهي ته هو مڙني صنفن ۾ مختلف گهاڙيٽن کي سامهون آڻيندو آهي ۽ گلزار وٽ نظم لکڻ لاءِ مختلف گهاڙيٽا آهن ۽ اهي ايترا ئي ڳوڙها ۽ وٺندڙ پيرائي وارا آهن، جو انهن ۾ لفظي جڙاوت ۽ رواني پڙهڻ وقت ڪٽي به رڪاوٽ جو شڪار نہ ٿي ٿي. هن جا ڪيترائي اهڙا نظم آهن، جن جا شروعاتي حصا پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وقت حيرتن جي ونهي غار ۾ گهلي ڪٽي وڃن ٿا ۽ هن جي ڪيترن ئي نظمن جون سٽون هانءُ ۾ هٽ وجهي بيهي رهن ٿيون ۽ هن جي ڪيترن ئي نظمن جون سٽون زنده انسان کي پنڊپهڻ ۽ پنڊپهڻ ۾ ساهه پيڙ جيتري سگهه رکن ٿيون. هن جو نظم "گهورڙبو" ان جو هڪ مثال آهي. اهو نظم جنهن خيال ۾ خلقيل آهي. اهو خيال سجاڳي جو سڌ ڏيندڙ آهي ۽ اهو سڌ پٽر کي ميڙ ۽ ميڙ کي پٽر ناهڻ جو ساهس رکي ٿو.

نظم "گهورڙبو" مان هڪ ٽڪرو:

گھورڙيو جي گاج وانگر
آءٌ هوکو آتما جو
آتما پر ماتما جو
اک پٽڻ جي لاءِ ونندوءَ
سُٽ ڪتڻ جي لاءِ ونندوءَ
دل رکڻ جي لاءِ ونندوءَ

گلزار جي شاعري هر هينئين ۾ ان ڪري به گهر ڪري ويجي ٿي جو ان ۾ حقيقت پسنديءَ جي عڪس بنديءَ هوندي آهي ۽ آرٽسٽ جو اهو شهپارو متوجهه ڪندڙ هوندو آهي جنهن ۾ سماجي ڀڃاڙيءَ پويان هوندو آهي. سماجي لڳ لاڳاپي کان سواءِ تخليق بي اثر هوندي آهي ۽ جيڪڏهن توهان پنهنجي تخليقن مان انساني محبت، سماجي رشتي کي خارج ڪندو ته اوهان جي تخليق ۾ وسعت ڪونه ايندي ۽ اها ايئن جو ايئن ئي پستيءَ ۾ پير لڙڪائي غرق ٿي ويندي.

اها هڪ حقيقت آهي ته لڙڪ کي لفظ ۽ لفظن ۾ ساهه وجهڻ سولو ڪم قطع ڪونهي ۽ اهو مسيحائي ڪم هڪ سچيت تخليقڪار ئي ڪري سگهي ٿو. گلزار جي شاعراڻي اظهار ۾ اهو بخوبي پرکي سگهجي ٿو ته هن جي تخليق ۾ جي ستن سمندن مان پار پڳي راس ٿيل آهي ۽ هن جي لکڻ جي رفتار مان اهو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هو سوچ جي سمنڊ جي اونهائيءَ ۾ غور ۽ فڪر جي اونهائيءَ ۾ غرق ٿي، لفظن جا موتي چونڊي لفظن کي اظهار جو آواز بخشي ٿو ۽ خوبصورت خيال نظمن ۾ پروئي ٿو.

اسان جو احمد

پاڻ هن پيپر ۾ سنڌ جي سڀني شاعر احمد سولنگيءَ جي ڪجهه نظمن جي حصن تي لکنداسين پر، ان کان پهرين پاڻ احمد سولنگيءَ جي سموري شاعريءَ تي هڪ جامع راءِ جوڙڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ بنا ڪنهن حوالي ۽ تشريح جي ستو سنئون شاعريءَ تي ڳالهائيندا سين. جڏهن به شاعر کان ڪو سوال ڪندو آهي ته سائين! شاعري ڪئين ڪندا آهيو؟ ۽ ان مختصر سوال جو جواب شاعر گهٽي پاڻي اهو ئي ڏيندا آهن ته، بس! شاعري الهام ٿيندي آهي ۽ ٻيو وري جواب اهو ڏيندا آهن ته، شاعري لاشعور ۾ ٿيو وڃي. انهن سوالن جي جوابن جي جهان جو ڪوبه ٻڌياد ڪونهي. جڏهن شاعري الهام ٿي ٿئي يا وري لاشعور ۾ ٿي ٿئي ته، معنيٰ ان سموري پراسز (شاعري جڙڻ واري عمل) ۾ شاعر جو ڪهڙو ڪردار رهيو؟ اهو هڪ اهم سوال آهي ۽ آئون بنا ڪنهن هبڪ جي چوندس ته، نه شاعري الهام ٿيندي آهي ۽ نه ئي وري لاشعور ۾ ٿيندي آهي.

انهيءَ مٿين ڳالهه کي جو منهنجو هڪ ئي مقصد آهي ته شاعري شعور وارا ئي ڪري سگهندا آهن نه ڪي بي شعور ۽ جڏهن اسان احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ کي پڙهون ٿا ته جڙ ڪو ڏاهڪو سالن جي پيڇ ڌاهه ۽ پيڙاءُ جا سمنڊ اکرندي جڙيل ٿي محسوس ٿئي. منهنجي خيال ۾ شيخ ايياز کان پوءِ جيڪا جنريشن آئي انهن مان جيڪي نالا شاعريءَ جي افق تي نکري نروار ٿيا انهن مان احمد سولنگي به هڪ آهي.

مون ٿورا ڏينهن اڳ سوشل ميڊيا تي احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ متعلق پنهنجي راءِ رکي هئي ته احمد سولنگيءَ جي شاعريءَ ۾ عالم گيريت؟ سواليه نشان ڏئي رکي هئي. جنهن تي ڪيترن ئي شاعرن احمد جي شاعريءَ بابت نفي ۾ رايا ڏنا هيا پر اج وقت اهو ثابت ڪيو آهي ته احمد سولنگي عالمي ليول جو نه ڪٽي پر سنڌ ليول جو تمام بهترين شاعر آهي.

هر شاعر جي شاعريءَ ۾ عالم گيريت هوندي آهي بشرط اهو شاعر هجي. ست لکڻ سان شاعر قطع طور نه ٿو ٿي سگهجي. شاعر ته اهو آهي جنهن جي هر

ادا شاعراڻي هجي. ڪل وقتي شاعر هجي ۽ رياضت جي راهه تي رمندڙ ۽ لفظن جي جهنگ مان خوبصورت لفظن ۽ شاعراڻي لفظن جو چونڊو ڪندڙ ڪي شاعر چئبو آهي.

هاڻي اسين احمد سولنگيءَ جي ڪجهه نظمن جي حصن تي لکنداسين. احمد سولنگي جو نظم ''مائيڪل اينجلو'' انتهائي اوچي پد جو آهي ۽ هن نظم ۾ هڪ ڀرپور عالمگيريت جي عڪاسي پڻ آهي نظم ''مائيڪل اينجلو'' مان هڪ ٽڪرو:

ديس هر هڪ جي مٽي
مون ته ڌرتيءَ جي دونهائيل
سرخ گولي تان ڪٽي
پنهنجي خوابن ۾ سنيالي آ رکي

۽ انهن شروعاتي چئن سٽن کان ويندي نظم جي آخري پنجن سٽن تائين هن نظم جي سموري وچ ۾ دنيا جي مختلف رکن جا چٽ چٽيل آهن ۽ اهي نظم جون آخري پنج سٽون هي آهن:

سڀ انڌيرا، چاندنيون مون تن اندر سانديي رکيون
ديس هر هڪ جون گهٽيون مون من اندر سانديي رکيون
پوءِ به منهنجي انت لڳ
ٿيون خدا تخليق ڪن
اينجلو جو آڱريون.

احمد جي هن نظم ''مائيڪل اينجلو'' ۾ محمود درويش جي ڌرتيءَ جو درد به سمايل آهي ته پيبلو نرودا جي ''چليءَ'' جي چيڪي مٽيءَ جي مهڪ به سمايل آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ميران، پڱٽ ڪبير جي ڪويتا ۾ سور جي ست ست جو درد به سمايل آهي ته ''اسپين'' جي گلابي چوڪرين جا خوبرو خواب به سمايل آهن ته ''مصر'' جي چنڊ جي ٽڏيري چانڊوڪي به سمايل آهي ته هر ان شهپاري جي حسين صورت به سمايل آهي جيڪا ''مائيڪل اينجلو'' پنهنجن آنگرين جي اُٽت ۾ آندي آهي.

احمد سولنگي بلا شبہ هڪ البيلو شاعر آهي احمد جي نظمن جو مختلف رنگ ۽ ڍنگ آهي سندس نظمن جا موضوع به نوان ۽ نرالا آهن هن جي هر نظم جي اٽت ڪمال جي آهي تہ ان جي ڪلائمڪس ۽ اينٽي ڪلائمڪس وارا حصا بہ حيرت ۾ وجهندڙ هوندا آهن. احمد سولنگيءَ جا اڪثر نظم پنهنجي جوهر ۾ ايترا تہ وسيع ۽ وقيع آهن جو هڪ هڪ نظم مقالي جو گهرجائو آهي. احمد جي شاعراٽي ٻولي ارفع ۽ افضل ان ڪري آهي جو سندس شاعري ۾ آندل تشبيهون ۽ ترڪيبون ڪمال جون آهن. منهنجي خيال ۾ احمد سولنگيءَ جي مقبوليت جو هڪ ئي سبب آهي جو هن جي شاعريءَ ۾ پنهنجي وطن جي مٽيءَ جي خوشبو ۽ دنيا جي هر هڪ وطن جي مٽيءَ جي مهڪ سمايل آهي.

احمد سولنگيءَ جي جڳ مشهور نظم ''روايت'' جو هڪ حصو ۽ نظم ''جلاوطن دوست جي ياد ۾'' مان بہ حصا اچو تہ پڙهون:

سيئي ڪنڌ، پر ڪنڌ ڪيا ٻک گوليءَ،
سيئي خواب جا گهر، ڪيا ڪک گوليءَ.
لڳي ڪالهہ گولي، لڳي اڄ بہ گولي،
لڳي ڪينڊيءَ، ڪنگ لوٽر کي گولي،
۽ گانڊيءَ کي گولي، لممبا کي گولي،
لڳي آليندي کي ۽ اندرا کي گولي،
لڳي آسرن، انتظارن کي گولي،
ڪچن نيڻ، نيرن، نهارن کي گولي،
لڳي ديس جي جڻ ٻهارن کي گولي.

*

سنهو ٽاڪو سئيءَ جو جڻ، پرن ٽا پرت پاريهر
ٽڏيري ٽر جي واريءَ تي، ڪنيو ڪر آهہ ڪاريهر
۽ مهراڻي مٽان مورن
پرن ۾ ستم کي سانيي
ٻڏي آ جهڙ سندي جهالر.

*

رئن ٹا رڳ مٹان تارا پوي ٿي ماڪ پوڻن تي
سڏن ٿا سڄ جا سڏڪا، رلي ٿي رڄ رستن تي
پکيڙن پاند ٿيون پنهنجا، ڪجل جي ريک ريءَ راتيون.

مٿي ڏنل ٻن نظمن جا ٿي حصا جڏهن پڙهيا ۽ وري ڪوٽ ڪري هن مضمون ۾ شامل ڪيا آهن تہ سڄ مون کي هڪ حيرت اها ٿي آهي تہ ڇا آئون انهن ٻن نظمن ''روايت'' ۽ ''جلاوطن دوست جي ياد ۾'' جا جي ٿي حصا ڪٽي رهيو آهيان تہ انهن تي ڀرپور لکي سگهندس يا نہ؟ پر آئون ايترو ئي چوڻ چاهيندس ۽ عام پڙهندڙ کي دعوت ڏيندس تہ اوهان احمد سولنگي جي مٿين ٻن نظمن سميت هيٺيان هي ٻہ نظم پڙهو جيڪي عالمي ليول جي شاعريءَ جي دائري ۾ داخليت جيتري سگهہ رکن ٿا ۽ اهي هيءُ نظم آهن جن جا آءُ هتي رڳو سِرا ڏئي رهيو آهيان اهي اوهان سندس ڪتاب ''خواب آوارا پکي'' ۾ ڏسي ۽ پڙهي سگهو ٿا. 'خدا جا خليفا'، 'قلوپطره'، 'قرت العين طاهره'، 'هڪ بوند جي وشالتا'، 'سپاٽي جو سڏارڻ'، 'مريم جي مٿي'، 'اوپر جي آرسي'، 'اتر قطب' ۽ ان کان سواءِ ٻيا ٻہ جيڪي نظم آهن اهي ٻہ ايڏا ئي اهم آهن.

*

ڪرٽو ـ اميد جو ڪرٽو

ڪو ڪرٽو ـ اميد جو ڪرٽو ڪيڏو نہ قيمتي هوندو آهي اهو ڪرٽو ماڻهن لاءِ منزل جو ڏس ۽ هانءُ جو ڏيءِ هوندو آهي اهو ڪرٽو ۽ ان سان گڏ بي حد بهارون آڻيندڙ دل بهار بهار ڪري ڇڏيندڙ هوندو آهي اهو ڪرٽو ۽ مان چوندس اهو ئي ڪرٽو جنهن جي شاعريءَ ۾ هوندو آهي ان ئي شاعريءَ کي دائميت هوندي آهي جنهن جي شاعريءَ ۾ فڪر ناهي، اها شاعري ئي ناهي ۽ ها فڪر کان خالي شاعري وندر جو سامان تہ مهيا ڪري سگهي ٿي منزل جو ڏس نہ ٿي ڏئي سگهي پر مان اها ڳالهہ چو چوان؟ مان ايئن چو نہ چوان تہ شاعري فڪر کان خالي هوندي ئي ڪانهي جنهن جو نالو شاعري آهي اها تہ هڪڙي سحر انگيزي آهي ۽ اهو سحر انگيزيءَ جو ڪم اسان جو ذوالفقار گاڏهي بہ ڪندو آهي.

هن جي شاعريءَ ۾ حقيقت پسنديءَ جا سيئي ڏس، پنڌ، گل ڦل، ٽونئر ٽنگر موجود آهن. اها هن جي تخيل جي ڪماليت آهي جو هي پنهنجي تصور جي زور تي جيڪي ڪردار تخليق ڪري ٿو اهي پنهنجي جوهر ۾ ايڏا طاقتور ۽ اثر انگيز هوندا آهن جو سماج انهن جي اثر کان ٻاهر نڪري ناهي سگهندو. ان ڪري اهي سماج تي تڪڙو اثر ڇڏيندا آهن.

ذاولفقار گاڏهي جي شاعري منفي سوچ جي نفي ۽ مثبت جي طرفدار آهي ۽ اها پنهنجي جوهر ۾ طاقتور پڻ آهي.

گولي ءَ ٻولايو
ڏڙسان ٻيهہ لڏي ويو.
اُن جي جوين جو
ساجهر سج ٻڏي ويو.

*

هيڏو سارو مامرو
ٿيندو حل هڙتال ۾؟
پيچري جي پاتال ۾
ڪهڙي عيد ڪبي؟

ساجهر سج ٻڌي ويو.

ع

ڪهڙي عيد ڪبي؟

هنن ستن سارا سور سمائي ڇڏيا آهن پاڻ ۾ بي ساهه دانهن بجاءِ پنهنجي تخليق کي سگهه بخشي آهي انهن ستن.

گولي ۽ هولايو

ڏڙسان ديهه لڏي ويو.

ڪيڏو نه ڪرب آهي انهن ستن ۾ آيا ڇا هي حقيقت جون عڪاس نه آهن؟

هيڏو سارو مامرو

ٿيندو حل هڙتال ۾؟

هي به ستون پڙهڪ نئين راهه جي طرف اشارو ڪن ٿيون ۽ خيال به نئون آهي، اڳ آڏاريل نه بلڪ نئون آهي. ۽ اها ذوالفقار جي خوبي آهي ته هو شعرن کي شعلا بيان نعرن بجاءِ آرٽ جي اک سان ڏسندو آهي جنهن سان شعر جي حسن ۾ نکار پيدا ٿيڻ فطري آهي.

اسان کي ڏي خبر ڏيئا، اڙي ڏيئا،

هيا چو رات ۾ ليئا، اڙي ڏيئا.

*

گهنگهرو ڀائن ڪونه ٿا، گهنگهرو روئن ٿا،

رقاصا جي درد کي، سُر ۾ پوئن ٿا.

هي ٻئي شعر پنهنجي، پنهنجي اسمن جون شهه رڳون آهن جن کي آسان شاهه بند چئون. انهن مان متيون غزل ۽ هينيون نظم مان مون کنيو آهي پر انهن شعرن ۾ گيت جو سپاءُ اوهان آسانيءَ سان ڳولي سگهو ٿا ۽ اها ذوالفقار جي شاعريءَ جي خاصيت آهي جو هو پنهنجي غزلن توڙي نظمن کي گيتن جي ويجهو آڻي انهن ۾ ترنم پري ڇڏي ٿو ۽ گيت ته آهي ئي موسيقيءَ سان گيت کان وڌيڪ ترنم ٻئي ڪنهن صنف ۾ نه ٿي سگهي ٿو نه آڻي سگهجي ٿو.

ذوالفقار هڪ شاعر آهي سچو پچو شاعر، اوريجنل شاعر هن شاعريءَ کي عمر ڏني آهي پنهنجو وقت ڏنو آهي ان ڪري شاعري ۾ هن تي مهربان رهي آهي ان جو ثبوت:

اسان جي خون جي ميندي فلڪ تي اپري ٻيئي آ،
سڄي دنيا جو هر سلجهيل اسان جي طرف ٽيو آهي.

هي ٻه ستون ئي حوالي طور ڪافي آهن ۽ اهڙي ڪيتري ئي شاعري آهي ذلفيءَ جي جنهن ۾ قافين جي ڏکيائي سان گڏ خيالن جو نياءُ پڻ وٽندڙ آهي ۽ اهو شاعريءَ کي عمر ڏيڻ کان سواءِ ته هٽ نه ٽو اچي سگهي.

۽ مون ڳالهه ڪئي هئي ڪنهن ڪرٽي جي، اميد جي ڪرٽي جي ۽ هي 'سڄي دنيا جو هر سلجهيل اسان جي طرف ٽيو آهي.'

ان جو ثمر آهي.

هن شعر ۾ نه رڳو عالم گيريت آهي پر هن جي وڏي ۾ وڏي خوبي عالم گير امنگ کي جاڳائڻ آهي.

ڄارا جهڙو مهارا ٻڌجي ويا،
سپ تڪيا ٻاهي پو سُمهي پياسين.

'ڄارا ـ مهارا' ٻڌجڻ وارو هي خيال ته بلڪل نئون ۽ نرالو آهي ۽ اهو شعر ذلفيءَ جهڙو شاعر ئي اظهاري ٿي سگهيو. جو اها ذلفيءَ جي خاص خوبي آهي جو هي نئين کان نئين زمين جي تلاش ۾ رهندو آهي جنهن تي ڪنهن جا پير نه پيا هجن ۽ تاج بلوچ جي هي راءِ ان تي سو ٽڪا پوري ٻيهي ٿي ته 'ذوالفقار غزليہ شاعريءَ ۾ نئين تجربي جو ساهس ڏاريو آهي.' ۽ مان ان ۾ اضافو ڪريان ته نه رڳو غزل پر هن گيت، نظم، وائي ۽ هائيڪن، پنجڪڙن کان ويندي سانيٽ ۽ ترائيل تائين مختلف تجربا ڪيا آهن نه رڳو تجربا ڪيا آهن پر، ڪامياب تجربا ڪيا آهن.

❊

اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا

اڄ پاڻ شاعري پڙهنداسين. شاعري رحمت سومري جي ۽ رحمت جو اسان جي دور جو سڃيت شاعر آهي ۽ شاعري جي شاهراهه تي هڪ سڃيت شاعر ئي صحيح وک ڏري سگهي ٿو ۽ منزل به اهو ئي شاعر ماڻي سگهي ٿو جنهن جي وک صحيح هوندي ۽ اهو به طي آهي ته شاعريءَ جي افق تي اهو ئي ستارو ڪڙي سگهي ٿو جنهن جي شاعريءَ ۾ انيڪ خوبيون هونديون. وطن دوستي هوندي انهن سيني ڳالهين هوندي به شاعريءَ ۾ سلاست، فصاحت، بلاغت ۽ لساني جمالياتُ به انتهائي ضروري آهي جيڪا رحمت جي شاعريءَ ۾ آهي. رحمت سومرو هڪ شاعر آهي. سڀ ته اهو هڪ تمام وڏو تعارف آهي ته هو هڪ شاعر آهي شاعر معنيٰ ڇا؟ شاعر مان مراد سماج جو هڪ تمام وڏو استاد هر خبر کان باخبر رهندڙ هر سازش جو سُٽ سمجهندڙ ۽ ان کان پوءِ نتيجن کان سماج کي آگاهه ڪندڙ. هڪ سڃيت شاعر اهو ئي هوندو آهي جيڪو وطن کان ويندي دنيا جي هر ڪنڊ مان اٽندڙ ڪوڪ کي ورنائيندڙ هوندو آهي شاعر خوابن جي دنيا کان، حقيقت جي دنيا تائين پنهنجي ماڻهن سان گڏ رهندو آهي.

سنڌي شاعري کي هن وقت جيڪي شاعر مليا آهن ۽ انهن شاعرن جي شاعري پڙهي ڪري اهو احساس جنم وٺي ٿو ته سنڌي شاعريءَ جو سفر ڏاڍو سهڻي نموني سان روان دوان آهي پاڻ هتي نوجوان شاعرن جي ڳٽ نه ڪنداسين پر ايترو ضرور چونداسين ته نوجوانن وٽ نوان موضوع ضرور آهن جن کي ڏاڍي خوبصورتيءَ سان اظهاريو پيو وڃي. تخليقڪار جي تخليق جو سماج تي تڪڙو اثر پوڻ سڀ ته منزل ماڻڻ ئي چئبو آهي ۽ سماج ۾ اهو ئي تخليقڪار ڪامياب ٿو نظر اچي. جنهن جي تخليق ۾ سماجي ڳانڍاپو هجي ٿو. مان پنهنجي ڳالهه جي تصديق لاءِ رحمت جو هڪ پورو غزل اوهان سان وندرُ چاهيندس جنهن ۾ مٺيون سموريون خوبيون آهن.

اوگهڙ سان سيئي انگ ڏيکيندا ئي رهون ٿا،

فاقن کي صبر ساڻ ڪيندا ئي رهون ٿا.

لاتعلقي سان نيٺ ٿيا مضبوط تعلقات،
هن ديس ۾ پرديس ڏيندا ئي رهون ٿا.

ڪرٽو هو جتي پنڌ، اتي ننڊ ڪئي سين،
پيرن سان سيئي خواب ڪچيندا ئي رهون ٿا.

رکڻو هو جتي ڪنڌ، اتي ديس رکيوسين،
منشور مذاقن سان گڏيندا ئي رهون ٿا.

ڏيڻو جتي هو خون، اتي جام پرياسين،
ذلت کي ايئن روز چکيندا ئي رهون ٿا.

رحمت جو هي غزل هڪ اهڙو ته سچ جو بلند آواز آهي ۽ اهو آواز اڀ ڏارينڊڙ پڙ آهي هن غزل جي هر شعر جو هڪ الڳ موضوع آهي ۽ انهن موضوعن ۾ حقيقت، پيار ۽ وطن نشانبر آهي. هيءُ غزل رچاءُ ۾ رچيل ۽ مترنم پڙ آهي.

رکڻو هو جتي ڪنڌ، اتي ديس رکيوسين،
منشور مذاقن سان گڏيندا ئي رهون ٿا.

هيءُ شعر سچ آهي يا ناهي؟

شعر جي متين ست چرڪائيندڙ آهي ڇا اهو واقعي سچ آهي ته جتي ڪنڌ رکڻو هو اتي ديس رکيوسين؟ مٿيون شعر ممڪنات جي مڙني مرحلن کان گذري، حقيقت پسائي ٿو ۽ ان جو وڏو مثال اهو پڙ آهي ته قومي تحريڪ جو ڪردار نتيجتا نه ٿيڙ آهي غزل چرڪائيندڙ ان ڪري آهي جو ان ۾ هڪڙو سچ اظهاريل آهي ۽ اهو سچ پنهنجي فن کان باهر ڪونهي.

رحمت سومري جي تخليقن جا موضوع گهٽي پاڳي سماجيات سان تعلق رکن ٿا ۽ جتي رومانوي رنگ آهي ته اهو به ڀهڪندو نظر ٿو اچي. رحمت جي جيڪا به شاعري منظر تي اچي ٿي ۽ ان کي پڙهي ڪري اهو محسوس

ڪبو آهي ته هو شاعريءَ تي خوب محنت ڪري ٿو. رحمت جي رچنا رچاءُ ۾ هجڻ ۽ موضوعاتي حوالي سان چرڪائيندڙ ۽ هولي جي سليس استعمال کيس نمايان ڪيو آهي. جنهن نظم جو مان هڪ حصو هيٺ رکي رهيو آهيان اهو سمورو نظم حوالي طور کڻڻ جهڙو آهي پر مضمون جي طوالت کي نظر ۾ رکندي نظم جو هڪ ٽکرو اوهان کي پڙهايان ٿو.

تارازي خود ڪيئن ٿهيل آ؟
ان تي تون مان چا لئه سوچون؟
تنهنجو منهنجو ڪم نه آهي
چند هنر هي ڇاڻڻ گهرجن
دانهون ڪيئن ڏهائڻ گهرجن
ڪيئن دليون وندرائڻ گهرجن
سپ کي پنهنجي پنهنجي فن تي
پورو داد ڏيڻ جي خاطر
تاڙيون ڪيئن وڄائڻ گهرجن
توتي مون تي فرض اهو آ
تنهنجو منهنجو فرض اهو آ
تنهنجو منهنجو فرض اهو آ.

نظم جون آخري سٽون ڪيڏو طنزيه انداز ۾ سچ اوڳاڇي ڇڏيو آهي. رحمت جيڪي خيال پوئيا آهن. اڄ ڪلهه سماج ۾ اهي ئي هنر سيکاريا وڃن ٿا ۽ اهي هنر جيڪي رحمت نظم ۾ ڇاڻايا آهن انهن جو جنم بک ۽ بدحالي جي ڪري ٿئي ٿو ۽ هي ڪڙو سچ آهي ته بک ۽ بدحالي جو جنم وري غلاميءَ مان ٿئي ٿو. رحمت جو مٿي ڇاڻايل نظم بغاوت جي باهه ۾ ڀڙڪائيندڙ آهي جيڪو جياپي جي جنگ وڙهندي نظر اچي ٿو. هن نظم جو هڪ ٻيو موضوع به عيان آهي ۽ اهو آهي نفسياتي. اهو پهلو نظم ۾ ان ڪري گهڙي آيو آهي جو اڄ جو فرد ڏاڍي جي ڏمر هيٺ ايترو دٻايو ويو آهي، جو هو پاڻ کان ڏاڍي جي ڏمر هيٺ رهڻ ۾ ئي عافيت سمجهي ٿو ۽ اها نفسياتي بيماري نه پر، غلاميءَ جي بدصورتي آهي.

هڪ سنو شاعر صنفن جو محتاج ناهي هوندو محتاج صنفون هونديون آهن شاعر آڏو ته ڪهڙي وقت شاعر ڪنهن تي ٿو مهربان ٿئي. رحمت جي جهڙي غزل تي گرفت آهي اهڙي ئي نظم تي پڻ هن جي گرفت آهي.

هڪ ٻئي نظم جو ٽڪرو:

ڏيڻ جي سگهه رکندڙ کي
پنڻ جي ڪرت سيکاري
گهرن جي مالڪياڻي کي
قطارن منجهه بيهاري
نئين تذليل جو غم ڏئي
سهڻ جو دائمي ڪم ڏئي
ختم ڪئي واندڪائي آ
ته ڪجهه تبديل ناهي ٿيو
اها دعويٰ اجائي آ.

نظم جو هي حصو ۽ ان حصي ۾ وارڙات جيڪا ڏيکاريل آهي اها وارڙات اسان جي سماج ۾ ساهه کڻي رهي آهي هي نظم رحمت جي شاعريءَ جو شاندار نمونو آهي جنهن کي پڙهي اهو محسوس ٿو ٿئي ته رحمت وٽ سياسي شعور آهي ۽ اهو شعور پنهنجي آس پاس ٿيندڙ هر حرڪت کي پکڙي ونڊي ٿو.

تون مان آن اپايون ٿا ته به
تنهنجي منهنجي لاءِ اها ئي
روز ٻنين ۾ بک لڻي ٿي
تنهنجو منهنجو پيٽ پڻيءَ سان.

نظم جون هي چار سٽون ڪيترو چرڪائيندڙ آهن؟

انهن سٽن ۾ هر دور جي پورهيت سان ٿيندڙ اڻ برابريءَ جي دانهن آهي ۽ اها دانهن هڪ ڏينهن ورنائي ويندي ۽ دنيا تي پورهيت جي حڪمراني نموندار ٿيندي.

رحمت جي شاعريءَ جو مطالعو ڪندي سندس شاعريءَ ۾ موضوعن جي چونڊ ڪجي ٿي ته سندس شاعريءَ ۾ انتهائي سگهارا موضوع نظر اچن ٿا ۽ اهي هي آهن سياسي، سماجي ۽ رومانوي ۽ انهن موضوعن کي شاعريءَ ۾ اظهارڻ ايترو سولو قطع نه آهي پر رحمت نه صرف انهن موضوعن کي شاعريءَ ۾ آندو آهي پر انهن موضوعن کي زبردست طريقي سان اظهاريو به آهي.

مختلف غزل جا ڪجهه شعر:

مون کان لاتعلقي جو هر هنر تنهنجي هجي هٿ ۾،
۽ ڪو ڄاڻڻ گهري، مون کي ته منهنجي ڄاڻ ٿي پئه تون.

*

ڪندي سرگوشون پڇندئي سهيلي ڪا اسان بابت،
ڪلي تون ڳالهه ٽاريندين، اسان جو پيار ساريندين.

*

هڪ گهڙي جي وڇوڙي تي لرزيو وجود،
هڪ جنم جي جدائي قبوليان ته ڪيئن.

*

تنهنجو نالو ڪٽي چون ٿا سپ،
هاڻ ڪاٽي اٽس، ڪٽي آهي.

*

ڪونه ڪو پنهنجو ڪم ڪندي هوندي،
منهنجو ڇا لاءِ غم ڪندي هوندي

ڪنهن پڇيو ياد جو جڏهن رحمت،
مون چيو پڪ نه ٿئي ڪندي هوندي

مٿي ڏنل شعر ٽانڊاٽي جيان ٽمڪي رهيا آهن ۽ هر شعر پنهنجو واس ڏئي رهيو آهي. مٿيان شعر جن غزلن جا آهن اهي غزل انتهائي اوچي پد جا آهن رحمت جي غزلن ۽ نظمن جا موضوع به الڳ الڳ آهن غزلن ۾ رومانويت آهي ۽ نظمن ۾ سماجيات آهي. اها رحمت جي شاعراٽي خوبي ئي چئجي جو هو انهن بنهي صنفن کي ڪمال ڪاريگريءَ سان نيايو آهي.

وري هڪ دفعو نظم ڏانهن اچون ٿا.

شاهہ جي سورمين جي ڏسي سونهن کي،
حورون پنهنجي هجڻ کي اجايو سڏن
جنت جا سيئي باغ ارمان ڪن
چو پلا لاڙ جو ناهيون پاڙو اسان
۽ سوين ڪائناتون اهو ورد ڪن
جامشوري جي شامن جو منظر هجون،
هاءِ ڪينجهر هندورو ٿئي ۽ لڏون.

هاڻي توهان پاڻ ئي اندازو لڳايو تہ مٿي ڏنل نظم جي ان حصي ۾ جيڪو خيال سمايل آهي چا ان کان وڌيڪ وطن سان محبت جو اظهار ۽ ان جي عظمت بيان ڪري سگهجي ٿي؟

رحمت سومرو بلاشبہ هڪ باشعور شاعر آهي ۽ رحمت جهڙا شاعر ئي سماج ۾ شعوري تبديلي آڻيندا آهن ۽ رحمت جهڙن شاعرن جي شاعريءَ جو سماج ۾ ڪارج هوندو آهي.

❊

محبت معجزو آهي

مون کي شاعريءَ تي ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. چاڪاڻ ته آئون ان راءِ جو آهيان ته نه شاعريءَ جي تشريح ٿيندي آهي ۽ نه ئي وري ان جي ڪا سمجهاڻي ٿيندي آهي. شاعري صرف شاعري ئي هوندي آهي. ان ۾ ٻي ڪا واڌو ڳالهه ناهي هوندي. جڏهن پاڻ اها ڳالهه ڪري ئي وينا آهيون ته پوءِ ان کي اڳتي ايئن ٿا وڌايون ته شاعري آهي چا يا وري شاعريءَ جي سولي سجاڻپ آهي ڪهڙي؟ آئون ان کي ايئن اظهارينڊس ته شاعري اها آهي. جيڪا پڙهڻ وقت اندر مان چين چورائي وڃي. ذهن جي زمين جي زرخيزيءَ کي کن پلَ ۾ساڙي پسم ڪري ڇڏي ۽ شاعري اهو شعلو آهي. جنهن کي ڪنهن به آڇت سان ٽڏو نه ٿو ڪري سگهجي. شاعري جتي جذبن جي اُٽل پُٽل آهي ته اتي اها روح کي راحت ڏيندڙ به آهي. اهي سڀ ڳالهيون ان ڪري ئي تمهيد جو حصو ٿي ويون آهن. جو پاڻ هن پيپر ۾ شاعريءَ تي ئي ڳالهائينداسين ۽ اها شاعري. اسان جي شاعر دوست امداد سولنگي جي آهي.

امداد بنيادي طور هڪ شاعر آهي. ۽ ان کان وڌيڪ ٻيو ڪو به حوالو مان نه ٿو سمجهان جيڪو ڳڻايان سنڊس سجاڻپ بابت... منهنجي نظر ۾ جيڪڏهن ڪنهن جي سجاڻپ جو حوالو ادب ئي آهي ته پوءِ ان کي ٻي ڪهڙي سجاڻپ ڪپي. سڄي دنيا جي ڊُڪ ڊوڙ پئسي پاسي هجي ٿي. پر هڪ سچيت سرجٹهار جي سوچ هميشه لفظن طرف ئي رهي آهي ۽ پئسي سان سڀ ڪجهه ته خريدي سگهجي ٿو پر انسانيت واري اک نه ٿي خريدي سگهجي. اها صرف ۽ صرف ساڃاهه سان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ مان سمجهان ٿو ته ادب کان سواءِ ٻي ڪا به راهه ناهي جيڪا انسانيت طرف ويندڙ هجي. ڳالهه امداد جي شاعريءَ بابت ئي ڪرڻي آهي. جيتري تائين مون سنڊس شاعري پڙهي آهي ۽ صحيح معنيٰ ۾ اها ئي راءِ ڏئي سگهجي ٿي. ته اها مڪمل شاعري ئي آهي ۽ ان کي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ خوشي خوشيءَ سان نه صرف شامل ڪري سگهجي ٿو پر ان تي لکي ۽ ڳالهائي به سگهجي ٿو.

امداد جي شاعريءَ جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو تہ ان ۾ اسان کي ٻہ صنفون نمايان نظر اچن ٿيون ۽ انهن ۾ هڪڙي غزل ۽ ٻي نثري نظم آهي. سندس غزل ۽ نثري نظمن ۾ موضوعاتي حوالي سان وري ٻنهي صنفن ۾ الڳ الڳ موضوع آهن. هن جي غزل جو موضوع جماليات آهي ۽ نثري نظم جو موضوع سماجيات آهي. بنا ڪنهن وڌاءُ جي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سندس شاعري سنڌي شاعريءَ جي سفر ۾ سونهري سٽاءُ رکندڙ آهي. امداد جا ڪيترائي اهڙا غزل آهن، جيڪي جڏهن پڙهجن ٿا تہ بار بار پڙهڻ تي اوهان جي دل چاهيندي ته طور اوهان هن غزل کي ڪٽي رکندا؟

پـٽن تي بيت بازيءَ جو محبت معجزو آهي،
دلين جي دل نوازيءَ جو محبت معجزو آهي.

نرالو نينهن نوريءَ جو ڪلهي تي جام جارو آ،
نئين آزي نيازيءَ جو محبت معجزو آهي.

هيءُ مڪمل غزل حوالي طور ڪٽي پيش ڪري سگهجي ٿو ۽ ان ئي سٽاءُ ۾ امداد جو هيءُ غزل بہ شامل ڪري سگهجي ٿو.

ڏينهن چولستان ۽ رات روهي ٽي لڳي،
پيار منهنجو جابلو دل بروهي ٽي لڳي.

روح منهنجو ڪاسبو خيال سارا ڪيرٽر،
سونهن آهي ساڪرو جان جوهي ٽي لڳي.

*

رومي ٽياسين، جامي ٽياسين،
عشق ڪري الهامي ٽياسين.

هن شعر ۾ جيڪا تصوف جي تند تنواريل آهي ۽ ايئن ئي غزل جو هر شعر هڪ الڳ الڳ جهان پاڻ ۾ سمائي ٿو ۽ انهن جي اظهاريت انوکي آهي.

سپ ۾ گهلجي، ملجي وياسين،
ماٺهو پاڻ عوامي ٽياسين.

امداد جو هي غزل سندس اڳ لکيل غزلن جي پيٽ ۾ نمايان غزل آهي. غزل جا قافيا روان ۽ غزل جي جڙاوت ڏاڍن ڳرن خيالن سان ۽ سادي پيرائي واري آهي.

ماٺهو پاڻ عوامي ٿياسين.

ان ست جو تاثر توڙي جو سليس آهي، پر اهو سچ آهي ته عوامي ٿيڻ معنيٰ دائميت پائڻ آهي، ۽ نه رڳو ايسيتائين پر هيءَ غزل ڪيترن ئي خيالن جا خزانا پاڻ ۾ سمائي ٿو ۽ اهڙا ڪيترا ئي غزل امداد جي هڙ ۾ بڌل آهن.

مان ان خيال جو آهيان ته تخليق جو چيد پنهنجي زمين ۾ ڪجي. مثال طور ڪنهن به سائنسي نظريي ۽ ادبي لاڙي کي ڪٽي ڪري جڏهن اسان پنهنجي ٻوليءَ جي تخليق تي راءِ ڏيون ٿا ته ان راءِ ۾ مثال به پنهنجي ٻوليءَ ۽ علائقائي رهٽي ڪهٽي ۽ ان ئي ماحول مطابق ڏيون ۽ جيڪڏهن اسان ڏاري ٻوليءَ جا ڳورا نظريا پنهنجي ٻوليءَ مٽان مڙهيون ٿا ته سچ اهي ڏاريا نظريا جڙ ڪو به مٽيا هٿوڙا ٻڌجي مٽي ۾ لڳن ٿا. هن مٽين ڳالهه ڪرڻ مان منهنجي مراد اها آهي ته اسان وٽ بدقسمتيءَ سان نقاد جو نه هئڻ آهي، مون کي هن وقت اهڙو ڪو به سنڌ ۾ نظر نه ٿو اچي، جيڪو ڪُل وقتي ۽ مڪمل طور شاعريءَ تي ڳالهائي ۽ پنهنجي دور ۾ ٽيندڙ شاعريءَ تي لکي. ڪجهه نالا آهن، جن ٿورو گهڻو ڳالهايو آهي، پر اهو ايترو ناهي ڳالهايل، جنهن کي پاڻ ڳٽائي سگهون، جن به ڳالهايو آهي، انهن عام شاعريءَ ۾ به ڏارين نظرين کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آئون ان ڳالهه جو آهيان ته شاعريءَ کي شاعري رهڻ ڏنو وڃي ته بهتر ٿيندو.

غلامي محمد گرامي جو شاعريءَ تي ڏگهو ڀائلاگ "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رُجحانات" کي جڏهن پڙهجي ٿو ته اها خبر پوي ٿي ته شاعريءَ تي ايئن ڳالهائبو آهي، تنهن بعد شيخ ايياز جو مهاڳ ڪتاب "ڏيئا ڏيئا لات اسان" کي به ان فهرست ۾ رکي سگهون ٿا، تنهن بعد ايئن جامع انداز ۾ وري ڪنهن سنڌ اندر شاعريءَ تي ناهي ڳالهايو. اسان جي دور ۾ علي آڪاش "شاعريءَ جي بچاءَ ۾" ڪتاب لکي ڪري گرامي ۽ ايياز جي تسلسل کي ڪنيو آهي، پر هو هڪ شاعر آهي ۽ اهو به سچ آهي ته شاعر کان وڌيڪ بهتر پيو ڪو به شاعريءَ

تي نہ ٿو ڳالهائي سگهي. پر شاعر کي شاعر ئي رهڻ گهرجي، نقاد ٿيڻ نہ گهرجي. اها هڪ گهرج بہ هئي، شاعريءَ تي ڳالهائڻ جي، جيڪا علي آڪاش پوري ڪئي. ان مان ڪيترن کي ئي پلئه پيو پر خاص ڪري اسان نون لکندڙن کي ڪجهہ وڌيڪ ئي حصي ۾ شاعريءَ جي پرک آئي.

هڪ سڄي شاعر جي اها بہ خوبي هوندي آهي تہ هو جنهن بہ صنف ۾ لکندو آهي، ڪمال ڪري ڇڏيندو آهي ۽ آئون سمجهان ٿو تہ اها شاعريءَ جي بہ گهرج آهي تہ ان جي مڙني صنفن تي لکجي. ان سان اهو ٿيندو تہ صنفن جي واڌ ويجهہ ۽ شعري سفر بہ رواني سان رهي سگهندو. ڪي شاعر غزل لکندي آساني محسوس ڪندا آهن. اهڙي طرح مون ڏٺو آهي تہ امداد سولنگي غزل ۽ نثري نظم لکندي آساني ٿو محسوس ڪري، پر انهن ٻنهي صنفن ۾ جيڪڏهن اسان سندس شاعريءَ جو جائزو ونڊاسين تہ هن جو غزل سندس نثري نظم کان سگهارو آهي، پر ان جي باوجود امداد جو نثري نظم نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي.

جنهن رات ۾
محبت جدا ٿيندي آهي،
اها رات تمام وڏي ٿي ويندي آهي.

*

وڇوڙي جي
موسم
کي نئون
وطن ملندو آهي.

هي امداد جي نثري نظم جي ادائگي آهي ۽ انهن ٻنهي حصن مان ئي سندس نثري نظم جي پيشڪش ڏسي سگهجي ٿي.

آئون آخر ۾ اها ڳالهہ ڪرڻ چاهيندس جيڪا نہ صرف امداد لاءِ هوندي پر اها ڪيترن ئي تخليقڪارن ڏانهن پڻ منسوب ڪري سگهجي ٿي. بلاشبہ هڪ جينيئس تخليقڪار اهو ئي آهي، جو هو جنهن بہ شعبي ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان شعبي اندر شمع ٻري پوندي آهي ۽ ان جي روشني ڪيترن کي ئي

ديد عطا ڪندي آهي پر، هتي ڳالهه ڪجهه مختلف آهي. جيڪا آئون خاص طور امداد لاءِ ڪري رهيو آهيان ۽ ان کي اوهان شڪايت ۽ سمجهي سگهو ٿا ۽ اُها ڳالهه اها آهي ته جيڪا هن شاعري ڪئي آهي ۽ ان کي قبول ۽ ڪيو ويو آهي. پر مون اهو محسوس ڪيو آهي ته امداد کي جيترو شاعريءَ سان نپائڻ گهرجي. اهو هو نه ٿو نپائي ۽ اها ڳالهه ان پاسي سان آئون ڪري رهيو آهيان ته هو ڪُل وقت يا ڪٽي ايئن چئجي ته جيترو وقت هن کي شاعري کي ڏيڻ گهرجي. اهو وقت هو شاعريءَ کي نه ٿو ڏئي. توڙي جو هو شاعريءَ کي سمجهي ٿو ۽ شاندار انداز سان لکي ۽ ٿو. اها ڳالهه ان ڪري ۽ ڪري رهيو آهيان ته اڄ جو شاعر، شاعريءَ کي وقت وندرائڻ وارو شعبو بڻائي ڇڏيو آهي، پر ايئن هرگز ناهي. شاعري ته اهڙو هوٽو آهي، جنهن کي صبح شام، سوچ جي سڄ جي روشني ۽ سرت جو پاڻي ٿو گهرجي، تنهن بعد ئي اهو هوٽو وڃي گل جهلي ٿو ڦر ڏئي ٿو.

❊

دل جي حضور مان

جنهن بہ شاعر وٽ پنهنجو اسلوب آهي، فن فڪر آهي ۽ پنهنجي بولي۽ ۾ خوبصورتيءَ سان خيالن کي پيش ڪرڻ جو ڏاڻ آهي، مان سمجهان ٿو تہ حقيقي معنيٰ ۾ اهوئي اصل شاعر آهي.

شاعر بہ اهو آهي، جنهن جي هر ادا شاعراڻي هجي ۽ هر ڏسا هو هڪ عاشق واريءَ اک سان ڏسندڙ هجي ۽ شاعري ان بابت ڪين پچاريندي آهي، جيڪو شاعريءَ بابت ناهي پچاريندو. شاعري ان ڏهن جي ڪٿنواس تي پنهنجا پَر ساهيندي آهي. جيڪو شاعريءَ لاءِ پنهنجي محبوب جي آمد جيان صحن سينگاريندو آهي.

هن وقت سنڌ ۾ جيڪا بہ شاعري سرجي رهي آهي ۽ سچ تہ اها سرجندڙ شاعري انتهائي ڪارائتي شاندار ۽ جاندار آهي ۽ اها شاعري جڏهن پڙهجي ٿي تہ اهو احساس ازخود جنم وٺي ٿو تہ سنڌي شاعري صدين تائين پنهنجي جوهر ۾ ڪنهن جهومر جيان جرڪندي رهندي ۽ بهہ بهہ ڀهڪندي رهندي.

ڪي اهڙا خوش نصيب شاعر بہ هوندا آهن، جيڪي پنهنجي شروعاتي لکڻ واري دور ۾ ئي ڏور تائين پنهنجي حصي جي مڃتا حاصل ڪري وٺندا آهن ۽ اهي واقعي بہ شاعر هوندا آهن، جن جو هڪ شعر اهڙو هوندو آهي، جنهن تان ڪنهن گهڙيل شاعريءَ جو ديوان گهوري ڇڏجي تہ بہ ڪو فرق نہ ٿو پوي ۽ شاعري اها ئي آهي، جنهن ۾ جماليات آهي جماليات جي جوت بہ تمام گهٽ شاعرن جي شاعريءَ ۾ هوندي آهي ۽ جنهن جي شاعريءَ ۾ جماليات نہ هوندي آهي تہ ان جي شاعريءَ ۾ سماجيات هوندي آهي ۽ جنهن جي شاعريءَ ۾ سماجيات آهي، اها شاعري دائميت جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جيتري سگهہ حاصل ڪري وٺندي آهي.

عشق جي هن وڏي پُرخطر جهنگ ۾،
هاڻ هرڻي منهنجو شينهن تنهنجون اکيون.

مٿي ڏنل شعر جهڙو شعر يا اهڙي شاعري جيڪو شاعر سرجي ٿو يا وري اهڙي شعر سميت ڪيئي شعر جنهن شاعر جي شاعريءَ ۾ ڪنهن حسين

شهپاري جيان هجن ٿا. اهو يقين ڪرڻ گهرجي ٿا. اهو شاعر آهي ۽ ها.... مٿي ڏنل شعر جهڙي شاعري اسان جي محبوب جانوري جي شاعري آهي.

محبوب جانوري هڪ شاعر آهي ۽ هو ڪنهن اونهي خيال جي گهرائي ۾ غرق ٿيڻ بجاءِ ڪنهن مرڪندڙ موتي شعر جي حاصلات جي جستجو ۾ رهندو آهي ۽ مون اهو به محسوس ڪيو آهي ته هيءُ هڪ حقيقي شاعر جو مجسمو آهي توڙي جو محبوب هن وقت هڪ اهڙي اداري ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. جيڪو ادارو پيءُ، ماءُ يا ڪنهن پياري جي فوتگيءَ تي آخري ديدار جي به اجازت مشڪل سان ڏيندو آهي ۽ ان اداري ۾ مسلسل ڪم ڪرڻ دوران محبوب جانوري شاعريءَ لئه وقت ڪڍيو آهي. تڏهن ئي ته هو هڪ ڪامياب شاعر بڻيو آهي. محبوب جانوري کي ڏسي ڪري ۽ سندس گفتگو ٻڌي ڪري مون اهو محسوس ڪيو آهي ته هن لئه شاعريءَ جو مورچو هڪ محفوظ پناهه گاهه آهي. جيڪڏهن محبوب شاعريءَ ۾ پناهه نه ونڊي ها ۽ نه ئي وري هو هڪ سٺو شاعر هجي ها ۽ نه ئي وري هو شاعريءَ جي بچاءِ بابت ويچاري ها ۽ نه ئي وري هو شاعريءَ لئه مٿي ننڍ ڦٽائي ها ۽ نه ئي وري هو شاعريءَ لئه مصروف زندگيءَ مان خوبصورت پلَ ارپي ها ته هو اسان ۽ توهان آڏو ايترو اهم نه هجي ها. هو اسان ۽ توهان لئه ان ڪري محبوب آهي جو هن هڪ عاشق جيان شاعريءَ سان عشق ڪيو آهي ۽ محبوب جانوري پاڻ به ته هڪ محبوب شاعر آهي نه.

مٿي جا گولڙا ٿاهي گليلي ۾،
بدن تي پيندڙ پوري ٿي اڪيلائي.

*

اونداهين جي وڇائي سانت ۾ سرندو،
سَنڌن ۾ سور ڪي سوري ٿي اڪيلائي.

مٿيان ٻه شعر جنهن غزلن جا آهن، اهو غزل سنڌي شاعريءَ جي خوبصورت ۽ حسين غزلن جي قطار ۾ بيهاري حوالي طور ڏئي سگهجن ٿا ۽ اها

محبوب جانوري جي ڪاميابي چئجي جو هن مٿي ڏنل شعرن جهڙا حسين غزل ڪمال ڪاريگريءَ سان ڏنا آهن.

مٿي اڄ بہ تنهنجون منيون ياد آيون،
گهڙيون توسان گهاريل ڪٽيون ياد آيون.

*

اڃا ڪونہ 'محبوب' آيو بهار آ،
چيو وڻ جي تارين هوا ۾ لُڏي ڏي.

*

اوجاڳل رات جا جذبا پون جاڳي تہ پو تنهنجي،
پڙاڏو صدّ جو ڪن تي، پئي پو چا بہ ٿي اچجان.

مٿي جون منيون، وٽن جِي تارين جو هوا ۾ لڏڻ، سدّ جو پڙاڏو ڪن تي اهڙا خوبصورت خيال غزلن ۾ پوئڻ هڪ ڪامياب شاعر جو ئي ڪم آهي، نہ ڪي شاعريءَ سان مسخري ڪندڙن جو منين جو مٺاس، يادن جا احساس ئي تہ وڻندڙ هوندا آهن. وٽن جي تارين جو هوا ۾ لڏڻ، ڪنهن ڪنوار جو ڪار جي دريءَ مان لڏندڙ هٿ جهڙو هوندو آهي ۽ جڏهن جذبا جوان هوندا آهن تہ هر سدّ جو پڙاڏو ڪن تي پهچندو آهي. اهي مثيان ٺهيل حسين منظر هڪ شاعر جا تخليق ٿيل آهن ۽ اهو شاعر آهي محبوب جانوري.

اديبو شاعرو گڏجي هلي 'خانڊ' جي هوٽل تي،
پئي پو چانهہ پيالي سجوڏينهن پيار تي سوچون.

۽ هيءُ شعر حقيقت پسنديءَ جي بلڪل ئي ويجهو آهي ۽ هيءُ شعر ڪنهن گذري ويل اونداهين منظر ۾ ٽمڪندڙ ياد جو ڏيئو آهي ۽ هيءُ شعر محبوب جانوري جي جيون ڪهاڻي جو هڪ باب آهي. خانڊ پتوجو جيڪو خود هڪ شاعر آهي، جنهن جي چانهہ جو هوٽل ڪنهن وقت ۾ شاعرن جي هڪ گڏيل پناهہ گاهہ هيو ۽ ان هوٽل جي بينچن تي ميهڙ شهر جا شاعر ۽ آس پاس جا شاعر اچي ويهندا هئا ۽ شاعريءَ جو دور شروع ڪندا هئا ۽ اِهو اُهو دور هو جنهن ۾ اهڙا تہ غزل ۽ گيت شاعر سرجيندا هئا جيڪي ٻڌڻ شرط ئي پنهنجي گرفت ۾ آڻي ڇڏيندا هئا. شاعر جو شاعريءَ سان عشق ڏسي ڪري اهو

سماس جنم وٺي ٿو ته هڪ عاشق پنهنجي محبوب سان ائين ئي محبت ڪندو آهي، جيئن هيءُ شاعر شاعريءَ سان عشق ڪري ٿو.

ويون ياد تنهنجي ۾ اکيون ٻڏي ڏي،
ايندي تون يا توڏي اچان مان اڏي ڏي.

*

اکين ۾ خواب کيڏيا هن اسر ڏئي آس جون اوڏون،
فصل پوکيو آ نيٽن ۾ پچي، پولاب ٿي اچجان.

مٿي ڏنل شعرن مان مٿيون شعر کيڏو نه منفرد شعر آهي ۽ اهو شعر جنهن غزل جو آهي، ان غزل جو ردیف 'ڏي' آهي ۽ 'ڏي' لفظ جهڙوڪ غير شاعراٽو لفظ ٿو لڳي ۽ ان لفظ 'ڏي' کي ايڏي خوبصورتي سان پوئڻ / نياڻڻ کيڏي نه وڏي ڪاميابي آهي ۽ ان ڪاميابيءَ جهڙيون ڪيتريون ئي ڪاميابيون محبوب جانوري جي شاعريءَ ۾ اسان کي نظر ٿيون اچن. ۽ هيءُ خيال به ته منفرد ئي آهي نه 'اکين ۾ خواب کيڏڻ'.

مٿي ڳالهايل شاعريءَ ۾ مٿي ڏنل شعر سيئي غزلن جا شعر آهن. محبوب جانوري جا غزل ڪنهن ڪامڻيءَ جي گج جا ٽمڪندڙ ننڍڙا، ننڍڙا سهڻا، سهڻا ڪاوا آهن. محبوب جون لکيل وايون ته ڪمال جون آهن ۽ اها هڪ حقيقت مان بيان ڪندو هلان ته محبوب پنهنجا خوبصورت خيال ايڏي ته خوبصورتيءَ سان واين ۾ پوئيندو آهي، جيئن وفا ناٿن شاهي پنهنجا خوبصورت خيال غزلن ۾ پوئيندو هو. محبوب جي هڪ وائي جو هڪ حصو اوهان به پڙهي ڏسو:

تنهنجي چولي جا ڪاوا،
ارپن ٿا اولڙا.

چلڪي ٿا ڪن سج تي،
اکين ۾ راوا.
ارپن ٿا اولڙا.

۽ اهڙا حسين اولڙا محبوب جانوري جي شاعري به ارپي رهي آهي.

محبوب جانوري جي شاعري پنهنجي جوهر ۾ شاندار ۽ جاندار آهي ۽ محبوب دل جي حضور سان شاعري سرجي آهي نه ڪي گهڙي آهي. محبوب جي شاعريءَ ۾ جماليات ۽ سماجيات جو هڪ حسين سنگم آهي ۽ اهو سنگم اوترو ئي حسين آهي، جيترو محبوب جو مُک درپن.

۽ مون کي پڪ آهي، سنڌي شاعريءَ جي شانائتي ۽ مانائتي سفر ۾ جتي ۽ جڏهن به خوبصورت شاعريءَ جي ڪتابن جي ڇپ ٿيندي اتي محبوب جانوري جي هن حسين شعري مجموعي کي ضرور شماريو ويندو.



ٽي شاندار ليکڪ

پائلو ڪوئلهو:

هن جي ناولن کي پڙهي، اهڙي خوشي محسوس ٿيندو آهي، جهڙي هڪ سين خوبصورت حور سان مڪاميل ٿيڻ وقت محسوس ڪبي آهي. هن جا اول جتي حيرت جون حدون اورانگهي ڪري هڪ الڳ جهان جون رونقون پسائن ٿا ۽ نوري نظارن ۾ بيهاري نروار ڪن ٿا. اتي دل کي محسور ڪن لطف به عطا ڪن ٿا. سندس ڪهڙو به ناول جڏهن دعا نِما هٿن ۾ جهلي پڙهجي ٿو ته اهو پورو پڙهڻ بنا رهي نه ٿو سگهجي. ۽ هي موجوده وقت جو اهو خوشنصيب ليکڪ آهي، جيڪو گهڻ پڙهيو ويجي ٿو. اهو اعزاز ''پائلو ڪوئلهو'' کي جيون جي وچين دور کان شروع ٿيو جيڪو اڄا به ڏينهون ڏينهن وڌندو ويجي ٿو. پائلو ڪوئلهو دنيا جو تمام منفرد قسم جو ليکڪ آهي. سندس ڪتاب دنيا جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن، جن جو انگ اندازن **67** کان **68**، **69** ٻولين تائين ويجي ٿو. جنهن ۾ منهنجي پنهنجي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سنڌي ٻولي به اچي ويجي ٿي.

پائلو ڪوئلهو جنهن جو پورو نالو پائلو ڪوئلهو ڊي سوزا آهي. سندس جنم **1947**ع ۾ ڏکڻ امريڪا جي ملڪ برازيل ۾ ٿيو ۽ سندس والد محترم هڪ قابل انجنيئر هيو ۽ سندس والد جي خواهش هئي ته پائلو ڪوئلهو ڊي سوزا وڏو ٿي، اعليٰ انجنيئر بڻجي. پر هيءَ ليکڪ بڻجي ويو. پائلو ڪوئلهو کي ننڍپڻ کان ئي ليکڪ ٿيڻ جي خواهش هئي. 'هن پنهنجيءَ خواهش جو اظهار جڏهن پنهنجيءَ امڙ سان ڪيو ته سندس ماءُ چيو 'تنهنجو پيءُ انجنيئر آهي. ۽ هڪ عقلمند انسان ۽ دنيا کي سمجهڻ جي طاقت رکي ٿو ۽ تون جاڻين ٿو ته ليکڪ جو ڇا مطلب هوندو آهي؟' پائلو ڪوئلهي جواب ڏنو ته 'ها جيڪي هميشه چشمو پائيندا آهن، ۽ وارن کي ڪڏهن ڪڏهن ڦٽي ناهن ڏيندا' وڌيڪ

هيءَ بہ تہ 'سندس ڳالهين کي سندس همعصر ناهن سمجهندا.' ۽ ائين پائلو ڪوئلهي ليڪڪ ٿيڻ جِي خواهش سان اهڙو تہ نپايو جو پنهنجي ديس مان نڪري گهڻن ديسن ۾ پهچي ويو ۽ پنهنجي دور جي ڪيترن ئي وڏن نالن کي پنتي ڇڏي ويو.

پائلو ڪوئلهو سان شروعات ۾ ايئن ئي ٿيو جئين عظيم انسانن جي اثرانگيز زندگي شروع ٿيندي آهي. ۽ هن کي بہ مختلف پريشانين مان گذرڻ پيو. ميهڻن سان گڏ وگڏ ڏکار جهڙي بيهودگي کي منهن ڏيڻو پيو. پائلوڪوئلهو جي ڪتابن اچڻ، ڇپجڻ جا بہ عجيب و غريب واقعا، قصا ٻڌڻ ۽ پڙهيا وڃن ٿا.

سندس پهريون ڪتاب **Hell Archives** نالي سان **1982**ع ۾ ڇپيو ۽ ڪوئي بہ اثر نہ ڇڏي سگهيو وري **1986**ع ۾ **Practical Manual of Vampirism** نالي سان ڪتاب جڏهن ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندائين تہ هن ڪتاب کي غير معياري ڄاڻائي مارڪيٽ مان کڻايو ويو. ان جي باوجود پائلو ڪوئلهو مايوسيءَ جهڙي موذي مرض جو شڪار ڪونہ ٿيو ۽ هو پنهنجي ڪرت سان لڳو رهيو ۽ وري **1986**ع ۾ **The Pilgrimage** لکيو ۽ ساڳي ئي سال ۾ هن **The Alchemist** لکيو. جيڪو اصل لاطيني ٻوليءَ ۾ هيو ۽ هيءَ ناول برازيل جي ننڍڙي پبلشر صرف نوَسوَ ڪاپيون ڇاپيون ۽ فيصلو ڪيائين تہ ٻيهر نہ ڇاپيندو. پر، ستت ئي هڪ وڏو پبلشر پائلو ڪوئلهو کي ملي ويو جنهن هن جو ناول **Brida** سان گڏ وگڏ **The Alchemist** کي ڇاپيو. جيئن ئي هيءَ ٻئي ڪتاب ڇپجي عالمي مارڪيٽ ۾ پهتا تہ هنن جي گهرج وڌي وئي ۽ هٽ و هٽ نڪري ويا ايئن انهن ٻنهي ڪتابن **The Internation Best seller**، جو درجو ماڻيو. ۽ **The Alchemist** جي گهرج اڃا وڌي وئي جيڪا اڃا بہ وڌي پئي. ايتري تائين جو **The Alchemist** 'گنيز ورلڊ رڪارڊ' ۾ جاءِ ولاري. گهڻ ڪَپت ۽ گهڻ پڙهيو وڃڻ ڪري ناول **The Alchemist** پائلو ڪوئلهو جي ڪتابن، ناولن ۾ چمڪندڙ تارو آهي ۽ هيءَ ناول پائلو ڪوئلهو جي لاءِ شهرت جا هڙئي دَر کولي ڇڏيا. **The Alchemist** دنيا جي مختلف ٻولين تقريبن **67** ٻولين ۾ ترجمو

ٿي چڪو آهي. **The Alchemist** کي سنڌي ويس احرار يوسف ڏاڍي سهڻي نموني پارايو آهي. ۽ وٽندڙ سليس هوليءَ ۾ سنڌي ترجمو ڪيو آهي. پائلو ڪوئلهو جا ٻيا ب ناول آهن جن ۾ **Manuscript Foundin Accra** اصل پرتگالي هوليءَ ۾ لکيو آهي. جنهن کي سنڌيءَ ۾ فهيم اختر ميمڻ 'عڪرا مان مليل مسودو' نالي سان ترجمو ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب ب لاجواب آهي ۽ پڙهڻ وٽان آهي. پائلو ڪوئلهو **The Alchemist** ، کان پوءِ جڏهن ناول **Eleven Miuntes** لکيو ته هڪ دفعو وري ٻيهر دنيا وارن جي نظرن **Eleven Miuntes** طرف رخ ڪيو. هيءُ ناول ب انتهائي خوبصورت رومانوي لکيل آهي. هيءُ حسين ناول نواز خان زئور 'يارنهن منٽ ' نالي سان سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ ايوارڊ ب خوبصورت ترجمي جو ماڻيو اٿائين. پائلو ڪوئلهي جي ناول **Veronika Decides to Die** ناولن سميت ٻيا ب ڏزن کن ڇپيل آهن ۽ هاڻي تازو ئي ناول ڇپجي عالمي مارڪيٽ ۾ پهچي چڪو آهي. جنهن جو نالو **Adultery** آهي. جيڪو پڻ پسند ڪيو ويو آهي ۽ هيءُ ناول ب پڙهڻ وٽان آهي.

پائلو ڪوئلهو قصا گو ليکڪ آهي. هن جي ناولن ۾ گئبريل گارشيامارڪيز جي ناولن جهڙي پراسراريت ته ناهي پر. ان جي باوجود سادِي، سولي، سليس هولي آهي. مون ڪٽي پڙهيو هيو ته پائلو ڪوئلهو جڏهن ب ڪو ڪتاب لکندو آهي. ته پنهنجِي مادري هوليءَ ۾ لکڻ کي ترجيح ڏيندو آهي. ان باري ۾ وڌيڪ پائلو ڪوئلهي جو اهو ب رايو آهي ته 'آءٌ ڪوئي ب خيال پنهنجي مادري هوليءَ ۾ خوبصورت نموني سان پيش ڪري سگهان ٿو.' تڏهن ئي ته هو ڪامياب ليکڪ ٻڌيو جڏهن هن پنهنجي مادري هوليءَ کي اوليت ڏني. پائلو ڪوئلهو جي هر نئين ايندڙ ڪتاب جو نوجوان شدت سان انتظار ڪندا رهندا آهن. خاص طور ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن جي يونيورسٽيءَ جا نوجوان توڙي ناريون شدت سان انتظار ڪندا / ڪنديون آهن ۽ هو واقعي ب ايڏو لاجواب، منِ موهيندڙ ناول نگار آهي. جو هن جي هر نئين ايندڙ ڪتاب جو اوسيئڙو ڪجي ٿو ۽ ڪرڻ ب گهرجي.

رسول ميمڙ:

پراسراريت جي پردن پٺيان، جيڪڏهن ڪنهن ڳالهين جي ڳهير جو ڳوڙ هوندو تہ اهو رسول ميمڙ جو ئي هوندو. سندس قلم جي نوڪ انهن ڪردارن ۾ ساهہ ڦوڪيو آهي، جن ڪردارن کي هن ننڍپڻ جي بينڪن ۾ احمد زوار جي زباني ٻڌو ۽ جيجل جي جهوليءَ ۾ لولیءَ سان گڏ گڏ خوبصورت ڪهاڻين جي ڪڙم قبيلي منجهان گذريو. جتان، اتسائيندڙ ڪردار پکڙيندو اڳتي وڌندو رهيو آهي.

قلم ڪيترو طاقتور آهي؟ قلم ڪيترا قبيلا فتح ٿو ڪري سگهي؟ انهن سوالن جا جواب مون کي صفا ويجهر ۾ ئي مليا آهن. ڏهن جي زمين تيستائين زرخيز نہ ٿي ٽئي، جيستائين سندس علم جو آب سيراب نہ ٿو ڪري. رسول ميمڙ جا ناول ۽ ڪهاڻيون، يسوع مسيح جيان مردن ۾ ساهہ ڦوڪڻ جيتري سگهہ رکندڙ آهن. ناولن جي نگري ايتري تہ وسيع ۽ وقيع آهي جو گهمندي (پڙهندي) هڪ الڳ جهان جي جهنگلن مان ٽيندو، ٽيندو وشال ڳالهين جي ڳوٺن کي پار ڪندو، عجب جي عجائب گهرن ۾ داخل ٽيندي پاڻ کي محسوس ڪبو آهي ۽ اهڙا ناول مون گارشيا مارڪيز جي ناولن کان پوءِ سنڌ ۾ رسول ميمڙ وٽ ڏٺا آهن.

رسول ميمڙ جي ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ جيڪا طاقت آهي، اها انتهائي گهٽي سگهاري آهي. سندس ناول اٽويهہ عورتون پڙهندي وقت جي دٻيل صدا ٻڌي سگهجي ٿي. ۽ ناول جي ڪردارن جي قريب، قريب پاڻ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. اٽويهہ عورتون کان علاوه رسول ميمڙ جا ٻيا بہ ناول انتهائي سگهارا آهن، جن ۾ نجومي، قالويلا ۽ اک چنپ اچي تا ويجن. رسول ميمڙ جي ڪهاڻين جا ڪتاب فونو سونو ڏند، حليمان شاهڪار ۽ زندهہ جذبن جي ترجمانيءَ جا صحيفا آهن. هن جون ڪهاڻيون پراسراريت جي قبيلي مان ايئن گذارين ٿيون، جيئن سج ۽ چند جي روشني اوزون گئس پار ڪري ڪرٽن جي صورت اختيار ڪري ڌرتيءَ تي پهچي ٿي. سندس ڪتاب نوجوانن جي پسند وٽان پهريان، پهريان اچن تا. رسول ميمڙ ڪتاب خدا روح ۽ سائنس، مذهبي رياست ۽ لکي ڪري ستل شهر متان ائٽم بم ڪيرايو آهي. خدا، روح ۽ سائنس نيون راهون تلاشيندڙن لاءِ پهرين وک ثابت ٿيو آهي ۽ نون سوالن جو

اپار بہ آھي. خدا، روح ۽ سائنس جتي نون سوالن کي جنم ڏئي ٿو تہ اتي ئي وري حيرت جون حدون اورانگھي حقيقت جي ڇاڻ جي ڏيھہ ۾ داخل ڪري ٿو.

ليکڪ جون لکٹيون نوجوانن جي نگاھن مان گذري سندن ذھن کي زرخيز ڪري رھنمائيءَ جو سبب بڻجن ٿيون، سچ تہ پوءِ ان ليکڪ جي لکٹي لک لھي. رسول ميمڻ جون لکٹيون اعليٰ پد جون آھن. ھو لکي ئي حقيقت جي حسناکيءَ تي ٿو ھن جي ھر ڪھاڻيءَ جي پٹيان ھڪ زندھہ ڪردار ساھہ کڻندي نظر ايندو آھي ۽ ھن جي ھر ڪھاڻيءَ ۽ ناول ۾ انتھائي حيرت ۽ وجھندڙ جملا ھوندا آھن. جيڪي دل ڇھندڙ ھوندا آھن. رسول ميمڻ سنڌ جي انھن چوٽيءَ جي ليکڪن مان آھي، جن ۾ علي بابا، امر جليل، ماٽڪ اچي وڃن ٿا. رسول ميمڻ کي پڙھندڙن جو ھڪ حلقو آھي جيڪو نوجوانن تي مشتمل آھي ۽ اھو نوجوانن جو حلقو اڄا پيو وڌي ۽ اڄا پيو وڌندو.

خوبصورت نثر لکڻ لاءِ بہ خوبصورتيءَ کان مدد ورتي ويندي آھي. نثر نينھن جا نشا چاڙھيندو آھي ۽ اھڙو نينھن جي نشي وارو نثر لچمڻ ڪومل، عبدالواحد آريسر ۽ اعجاز منگي کان علاوہ رسول ميمڻ جو بہ آھي، جيڪو ڪھاڻين ۽ ناولن ۾ نمايان آھي. رسول ميمڻ جو جتي ڪھاڻيءَ ۽ ناول ۾ پاري پاسو آھي، تہ اتي ئي ٻيو شاعراڻو حساس پاسو بہ آھي ۽ اھو اوشا جِي آشا جي ڪتابي شڪل ۾ گھڻو عرصو اڳ اچي چڪو آھي. نولکا جي نرالي صنف کان ڏيکارو جھڙي منظر نگاري سندي سھڻي صنف جي شروعات رسول ميمڻ جي کاتي ۾ اچي ٿي. پر، ھن کڏھن بہ ڪٿي واڪ ڏئي پاڻ کي ڪونہ پڏايو آھي ھو پلي پيڙالاجست جھڙي مصروف شعبي ۾ رھندي ھجومن کي آڇت جھڙي بي بھا تحفي سان ڏينھن جا گھٽائي ڪلاڪ ڏيندي گھاري ٿو. پر، ھن پنھنجي من اندر ۾ نج، ٻج سچي تخليقڪار کي گڏ. گڏ قلم ۽ ڪاغذ جي لشڪر سان بہ ڏينھن جا ڪجھہ ڪلاڪ لکڻ کي ڏئي ٿو. اھڙو تخليقڪار جيڪو صدين جي سونھري تاريخ جو نمائيان نقطو ھوندو آھي، اھو جينيئس تخليقڪار ھوندو آھي ۽ جينيئس تخليقڪار سدائين اتساھہ جو ذريعو بڻجندا آھن ۽ انھن جون لکٹيون صدين پجاڻان بہ تازيون، توانيون ھونديون آھن ۽ اھڙو ئي اسان جي سنڌ جو تخليقڪار رسول ميمڻ بہ آھي.

انتظار حُسين:

تخليقڪار هر قوم جو فرد هوندو آهي. اهو منهنجو خيال آهي. تخليقڪار جو ذهن ديوتائن جي دنيا کان هزار پيرا وڌيڪ وسيع هوندو آهي. تخليقڪار نہ رڳو قلم جو ڌڻي هوندو آهي. پر. هو پنهنجي وطن جي سرحدن جو امين بہ هوندو آهي. تہ پنهنجي وطن تي ڏکي وقت ۾ تلوار جو بہ ڌڻي هوندو آهي.

تازو ئي اسان کان افسانا نگار، ناول نگار ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نگار انتظار حُسين وڇڙي ويو آهي. وڇڙي ڇا ويو. اڙدو ادب جي مٿي جي مالها ڇني ويو پر آءٔ انتظار حُسين کي رڳو اڙدو ادب جو ليکڪ نہ ٿو سمجهان پر. هن جي ڳالهين ۾، افسانن ۾ اهڙيون تہ ڳالهيون لِکل آهن. سي پڙهي سڄ تہ مٿو چڪرائجي ٿو وڃي. انتظار حُسين کي اهو ئي بهتر ڄاڻي سگهي ٿو. جيڪو هن جا افسانا، ناول گهرائيءَ سان ايئن پڙهي، جيئن ڪنهن محبوب جو خط پڙهبو آهي.

سعادت حسن منٹو کان پوءِ جيڪڏن اڙدو ادب ۾ ڪو جينيئس افسانا نگار، ناول نگار آهي تہ اهو انتظار حُسين ئي آهي. جيئن سعادت حسن منٹو جو ناول ٹنڈا گوشت پڙهندي، جسم منجهان سيسرات نڪري ويندا آهن تہ ايئن ئي انتظارِ حُسين جي ناول بستي پڙهندي ساڳي ڪيفيت مان گذرٹو پوي ٿو. هن ناول بَستی '1971ع' ۾ لکيو. جڏهن بنگلاديش جو جنم ٿيو. چون تہ اهو ناول ڪيس وٹندو هو. ۽ ها، اڙدو ادب ۾ عبدالله حُسين بہ شاندار ناول نگار. جيڪو تازو ئي اسان کان موڪلائي ويو آهي پر. انتظار حسين ڪير سڏائي؟ هڪ انٹرويو ۾ هو ڪنهن صحافيءَ کي پنهنجي افسانا نگاريءَ بابت ٻڌايو'افسانا نگاريءَ جو آغاز ميرٹ ۾ ڪيو هو.' هن اهو بہ ٻڌايو تہ 'مون اتي بہ ڪهاڻيون، قيوما جو دڪان ۽ استاد' لکي رکيون هيون.' هيءَ ٻئي ڪهاڻيون بعد ۾ جڏهن ورهاڳي وقت لاهور آيو هوس تڏهن پنهنجي پهرين ڪتاب گلي ڪوچي ۾ شامل ڪيون.

انتظار حسين واقعي بہ عالمي ليول جو اَفسانا نِگار آهي، جنهن جو اهو ئي وڏو ثبوت آهي جو هن کي 2014ع جي بوڪر پرائيز اعزاز لاءِ شارٹ لسٹ

ڪيو ويو ۽ 2014ع ۾ فرانس آفيسر آف دي آرٽس اينڊ ليٽرز فرانس جي حڪومت سرڪاري اعزاز سان نوازيو. جينيئس ليکڪ اعزازن لاءِ ڪين لکندا آهن. هو ته لکندا ئي ان لاءِ آهن. جيئن آغا سليم، عاجز جماليءَ کي انٽرويو ڏيندي چيو هيو ته 'مون ته پنهنجي اندر جي رانجهي کي ريجهائڻ لاءِ لکيو آهي.' ۽ هر جينيئس ليکڪ اعزازن کان مٿانهون هوندو آهي ۽ انهن کي اعزازن سان نه سندن ئي ڪتابن سان سجاتو وڃي ته بهتر ٿيندو. انتظار حسين ڪيئي ڪتاب لکيا. جهڑوڪ شهزاد کے نام، خیمے سے دور، بستی، آخری آدمی، نیا گھر، کنکری، کچوی، چراغوں کا ڈوان، قطری میں دریا، جستجو کیا ہے، آگے سمندر ہے ۽ ٻيا ڪئي خوبصورت ڪتاب افسانن، ڪهاڻين، ناولن، سفرنامن ۽ ڪالمن جا آهن. جيڪي هن لکيا ۽ هن لڳاتار گهڻ جلدي پنهنجي جيون ڪٿا ٻڌ لکي. افسوس ته هن پنهنجو نئون ڪتاب خوابون کا مسافر نه ڏسي سگهيو. هو جنهن ڏينهن هي ڏيهه ڇڏيو ته ان کان ڪجهه ئي ڏينهن پوءِ ڪتاب خوابون کا مسافر شايع ٿي منظر عام تي آيو هو.

هن جي هر لکڻي ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ جو ذڪر ايئن آهي. جيئن. ڪنهن جو تڪيه ڪلام هوندو آهي ۽ هن جو اباڻو ڳوٺ ڊبائي نالي سان هندستان جي ضلعي ميرٺ ۾ اڄ ٻه موجود آهي. انتظار حسين دنيا جو اهو پهريون افسانا نگار آهي. جنهن پنهنجي وفات تي خود ئي هڪڙو ناهوڪو افسانو تيری بعد تیری بتیاں نالي سان لکيو. انهيءَ افساني ۾ هو پاڻ کان هڪڙو سوال ٿو پڇي ۽ پاڻ ئي ان جو جواب ڏئي ٿو. ان افساني ۾ هڪڙو جملو هيءُ ٻه آهي ته 'ڪنهن پڇيو تو ڪهاڻين ڇوڙ جو فن ڪنهن کان سکيو؟ جواب ڏنم. پنهنجيءَ نانيِ امان ۽ مهاتما ٻڌ کان' واهه ڪيڏو نه جاندار ۽ حيرتن ۾ اڇلي ڇڏيندڙ جملو آهي. هو امير خسرو کي تمام گهڻو ساراهيندو هو ۽ مولانا رومیءَ کي پڙ.

انتظار حسين کي اولادِ ته ڪونه هو. پر هن هيءُ واهه جو جملو هڪڙي انٽرويو ونڊڙ کي چيو ته 'منهنجي لاءِ منهنجا ڪتاب ئي سڀ ڪجهه آهن.'

❋

راتين جو رولاڪ

ڪي ڳالهيون، ڪي لمحا، ڪي ڏينهن، ڪي راتيون، ڪي رولاڪيون جيون جي جيئڻ جو اتساهه ۽ آڇتن جو سبب ضرور بڻجن ٿيون. مايوسيءَ جي موذيءَ مرض کيترن جا هڏ حرام ڪري ڇڏيا آهن اتي اتساهه آڇت ۽ جذبي جبل بہ پگهاري ڇڏيا هوندا. ادب رڳو شاعريءَ ۽ ڪهاڻين جي ڪوڙڪين ۾ قيد لفظن کي ڪونہ ٿو چئجي پر، ادب تہ اهو بہ آهي جنهن ۾ ڪنهن بزرگ جي زبان مان ساڃاهه ۽ سمجهاڻيءَ جا سولا نڪتل جملا بہ هوندا آهن ڪي، ڪي گڻتا دِرنايابَ جو پورو عالم بہ هوندا آهن. في البديهہ جملا بہ ڪي، ڪي ڏاها ڪِيو وڃن. پاڻ تہ هڪ جملو بہ ٺيڪ ڪونہ لکي سگهون ۽ نہ ئي وري ڳالهائي سگهون. يوناناني ڏند ڪٿائن جي ڪائنات بہ ڪنهن ڪوهہ ڪاف جي قصن، ڪهاڻين کان گهٽ ناهن. ڪروڙين ڪرت سان ڪوريہ ڪپي ڪري ڪي قصا ۽ ڪهاڻيون ڪاميابيءَ سان ڪنهن تخليق ڪيون ۽ اهي ڏند ڪٿائون، قصا ۽ ڪهاڻيون ان وقت کان هن وقت تائين بنا ڪنهن وقفي جي ساڳيءَ ئي رفتار سان هر دور ۾ هلندا پيا اچن اهي قصا ۽ ڪهاڻيون زيوس ديوتا جي طاقت سان پن وجودن جو چا جدا ٿيڻ ۽ ڳولا جو سفر شروع ٿيڻ جا آهن.

اداس ۽ رولاڪ روح ڪنهن ۽ ڪهڙي منزل جو راهي هوندو آهي؟ ان سوال کي سوچن جي شاهراهہ تي دليلن سان ڊوڙائڻ کان پوءِ ڪهڙو جواب نڪرندو اها مون کي خبر ناهي. رولاڪ روح تہ يار سليم جماليءَ جو بہ آهي، جنهن کي بن، بن ۾ ٻڌڻ ۾ الائي ڪهڙو مزو ٿو اچي. ڪڏهن ڪيلاش وادي جي ڪچ ۾ رولاڪ روح کي رلايو آهي، تہ ڪڏهن هيءَ يار ڪيڏ شهر کان بدين ۽ جام شوري جي وشال روڍن ۽ حيدرآباد جي هر هڪ گهٽيءَ ۾ پيرين پنڌ ڪاهيو آهي. سليم جمالي سنهڙو سيپيڪڙو ظاهري ڏيک ويک ۾ نظر ايندڙ پر هن جو باهريون ڏيک ويک ڪو ٻيو آهي ۽ هن جي ذهانت ۽ سوچن جون سرحدون ڪنهن محدود دائري جي گهيري ۾ ڪڏهن بہ اچي ناهن سگهيون. وسيع خيالن جو مالڪ. هن دنيا کي پنهنجي نگاهہ سان هڪ خوبصورت وينگس جي شڪل جيان ڏسندڙ سليم جمالي دنيا جي هر ديس واسي ۽ ڏاهپ

جي ڏيهه جي عظيم ڏاهي ڪارل مارڪس جي نظريي سان پيار ڪندڙ به آهي. هيءُ اوهان کي هر فورم تي هڪ سچي سپاهيءَ جو ڏيک ڏيندڙ لڳندو. اهو چاهي وطن جي وارثي جو هجي، اهو چاهي پورهيتن ۽ مظلومن جي حمايت جو فورم هجي. سليم جماليءَ پنهنجون توانايون مظلومن ۽ پورهيتن جي داد رسيءَ لاءِ استعمال ۾ آنديون آهن. هن جي هر هڪ ڪڇندڙ وک، مون کي ندييءَ جي تک جهڙي لڳندي آهي ۽ اها ڪڇندڙ وک ندييءَ جي وهڪري جيان گهٽن جي ٻنين کي سيراب ڪندي رهندي آهي.

سليم جماليءَ جو ڪتابي پورهيو ايترو ته طاقتور آهي جو اهو ايندڙ وقت اوهان ۽ اسان کي انهن ڪتابن جي اهميت جو ضرور ٻڌائيندو. هن وقت تائين ته چاڪاڻ ته اهي حقيقت ٿا ظاهر ڪن اسان جي لکيل معاشري جي ان لاءِ انهن ڪتابن کي گهٽن مها اديبن ۽ صحافين اگنور ڪيو آهي اهو منهنجو خيال آهي اسحاق سميجي جي غزل جي هڪ سٽ آهي ته 'انڌي ديس تي انڌلٽ ايري ڪير ڏسي' هن ئي سٽ جي مصداق آهن، سليم جماليءَ جا ڪتاب. انهن ڪتابن ۾ ڪجهه مارڪسوادي آهن. پر هتي انهن ڪتابن جي ڪنهن به قيمت کين ڪٿي آهي ۽ ڪٿي به انهن تي ڪو تبصرو نظر ئي ڪونه ڇڙهيو آهي. مان هتي سليم جي ٻن ڪتابن تي پنهنجا ويچار وندڙ چاهيندس. انهن ۾ پهريون ڪتاب 'سري گهاٽ کان هيرا منڊي' (چيچڙ جو سال **2013**ع) ۽ ٻيو ڪتاب 'ڪدڙن جي دنيا!' (چيچڙ جو سال **2016**ع) آهي. هيءُ ٻئي ڪتاب هڪ ٻئي جو گهٽي قدر ته تسلسل آهن پر، 'ڪدڙن جي دنيا' ڪتاب جي آخري حصو جيڪو ڪدڙن فقيرن جي حقيقي زندگي تي لکيو ويو آهي ۽ اهو آخري حصو تمام گهٽو شانائتو مانائتو ۽ حيرتن ۾ اڇلي ڇڏيندڙ حقيقتن تي ٻڌل آهي جن ۾ ڪدڙن فقيرن جي شادين مرادين، موت فوت ۽ ٻين رسمن رواجن ۽ خاص طور تي سندن جيڪا جڳهه (مڙهين) ۾ ڳالهائي ويندڙ زبان آهي ان تي به لکيو ويو آهي ۽ انهيءَ زبان جا ڪجهه عام لفظ به معنيٰ سان ڏنا ويا آهن. انهن ڳالهين کي پڙهندي مٽس رشڪ ٿو ٿئي ته هيءُ (ڪدڙا فقير) به ته اسان جي معاشري جو حصو آهن. پوءِ ڇو؟ مڙد معاشري هنن کي اگنور ڪيو آهي؟ اهو ايجا به سوال ئي ٿو رهي.

سري گهاٽ کان هيرا مندبي:

سليم جمالي پنهنجي هن ڪتاب کي رولاکين جو نالو ڏنو آهي. حالانڪ ڪنهن حد تائين سڏي سگهجي ٿو هنن کي رولاکين جي نالي سان هن ڪتاب ۾ سليم جماليءَ جي يادگيرين جون بي بها بهارون آهن. اهي سنڌ يونيورسٽي جي رومانس جي جهانجهر جي جوپن جون آهن. اهي ڄام شوري جي ڇڙواڳ ۾ ڪيچلين هوائن جون آهن جن ۾ هڪ جيڏن جون يادون بہ آهن. سليم جماليءَ رڳو ڳالهين جون ڳنڍيون ناهن کوليون. پر، هن تہ تاريخي حوالن سان سري گهاٽ جي پسمنظر کي پيش ڪيو آهي. جڏهن هن ڪتاب کي مون ڏنو هيو ايجا پڙهيو ڪونہ هيو تہ هڪ دم مون کي شورش ڪاشميريءَ جو ڪتاب (اُس بازار سے.... هيءَ ڪتاب سنڌي ۾ جهانگير عباسي 'حُسن جي بازار' نالي سان ترجمو ڪيو آهي) ياد اچي ويو. ڇاڪاڻ تہ منهنجي خيال مطابق هن ملڪ ۾ 'هيرا مندبي' يا ڪٿي ايئن چئجي تہ 'مڙهين' جي دنيا تي سڀ کان پهرين شورش ڪاشميريءَ ئي لکيو هو. جنهن جي ڪري هن گهٽو ڪجهہ پوگيو بہ هيو. مون سمجهو تہ سليم ضرور شورش ڪاشميريءَ جي ڪتاب کي مدنظر رکي لکيو هوندو يا ڪوئي حوالو ڏئي پنهنجي ڪتاب کي اڳتي وڌايو هوندو پر نہ هن يار تہ ڪمال ڪري ڏيکاريو. سليم پنڌ پچائي پنهنجو پورهيو پاڻ سڻل بڻايو آهي ڪنهن ڪتابي حوالي تي ڪونہ پاڙيو آهي. هن پاڻ هلي وڃي، نئين سر 'سري گهاٽ ۽ هيرا مندبيءَ' کي دريافت ڪيو آهي ۽ هيءَ رولاکيون رڳو ناهن. هيءَ تہ تحقيق پڻ آهي. تہ اڳي جتي سر سنگيت ۽ گهنگهرن جي گهنگهور گهٽا هوندي هئي ۽ غالب جي غزلن جي گرفت هوندي هئي. اتي اڄ 'ڪاريءَ وارا ڪک' آهن ۽ هاٽي تہ اهي طوائفون ماضي جي يادگيرن کي من جي مندر ۾ ڏيئو بڻائي دل جي چانئٹ تي رکن ٿيون ۽ سليم انهن جي ڳالهين ۽ يادگيرين کي لفظن جو لباس اوڍائي ڪتابي شڪل ۾ محفوظ ڪري ڏيو آهي.

هن ڪتاب ۾ سليم جماليءَ انهن ڳالهين کي معلوم ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي تہ آخر ڪهڙي مجبوري آهي جو ڪا ڪنواري ويندس 'طوائف' چوبڻجي ٿي؟ يا ڪير چوٿو 'هم جنس پرستي' ڏانهن مائل ٿئي؟ انهن

موضوعن جي تھ تائين تحقيق ڪئي آهي سليم ۽ اهي نتيجا ۽ ڏنا آهن تہ هيءَ سبب آهن 'طوائف ۽ 'هم جنس پرست' ٿيڻ جا.... هن ڪتاب ۾ 'هيرا مندي' جي 'نيليءَ' جي ڪهاڻي ۽ ڏنل آهي. جيڪا پڙهڻ وٽان آهي. هيءَ ڪتاب هڪ تاريخي سنگميل ضرور ثابت ٿيندو ڇاڪاڻ تہ هن ۾ حقير بٽايل ڪردارن کي حقيقت جو حسن ڏنو ويو آهي ۽ ان تخليق جو حقيقي ۽ هڪ ئي خالق آهي ۽ اهو آهي. سليم جمالي.

کدڙن جي دنيا:

هيءَ ڪتاب سليم جماليءَ جي ڀرپور ذهني صلاحيتن جو اسان لاءِ عمدو ثمر آهي هيءَ ڪتاب بقول سليم تہ "سنڌي ادب ۾ کدڙن جي زندگيءَ تي لکيل پهريون ڪتاب" آهي. اها حقيقت ۽ آهي تہ هيءَ ڪتاب سنڌي ادب ۾ پهريون 'کدڙن فقيرن' جي زندگي تي ضرور آهي پر آخري ڪڏهن ۽ ناهي. هن ڪتاب جي اهميت اها ۽ آهي تہ هن ۾ کدڙن فقيرن جي حقيقي زندگي کي چٽيو ويو آهي ۽ کدڙن فقيرن جي رسم رواج تي ۽ تفصيل سان لکيو ويو آهي. بلاشبہ ايئن چئي سگهجي ٿو تہ هيءَ ڪتاب ڪنهن اينٿالاجي ۽ ٿيسز کان ڪو گهٽو گهٽ ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ هن ڪتاب ۾ کدڙن فقيرن جي جمڙ کان وٺي ان جي پالنا، واڌ ويجهہ، رهٽي ڪهٽي، چال چلت، اٺ ويهہ، ڳالهہ ٻولهہ، شادي مرادي کان ويندي موت فوت تي ۽ سليم جماليءَ ڪمال ڪاريگيريءَ سان لکيو آهي.

هن ڪتاب جي پهرين حصي آڪاٽيون جي پهرين آڪاٽي جيڪا رولاڪ محبت نالي سان صفحي **28** کان صفحي **85** تائين ڏنل آهي. اها آڪاٽي جڏهن پڙهجي ٿي تہ شاندار لڳي ٿي. جنهن ۾ مرڪزي ڪردار سانول جو آهي، هي آڪاٽي تہ ناوليٽ ۽ ٿي پئي سگهي. سچ تہ هن ڪتاب ۾ هيءَ ڪهاڻي تمام گهٽو متاثر ڪندڙ آهي ۽ هن ڪتاب ۾ شرميلي جي ۽ هڪ اذيتناڪ ۽ ڏکاري ڪهاڻي ڏنل آهي. شرميلو والدين لاءِ احسان نالي سان پڪارجندڙ نانءُ هيو. جڏهن هو ڪراچيءَ جي شهري سمنڊ انسانن جي پيڙ ۾ پير رکي ٿو تہ سونو ٻڌجي ٿو وڃي. جڏهن هو اذيتناڪ هوس جو شڪار ٻڌجي ٿو. ا.ب.ڀ جي پرائمريءَ استاد جو تہ احسان اهڙي عمل کان ڪراهت ٿو ڪري تہ استاد ڪيس

شرميلو ٿو سڏي ۽ ڪيس ا.ب.ب جي علم جي روشنيءَ ۾ ڀاءُ ان اونداهيءَ غار ۾ همیشہ جي لاءِ غرق ٿو ڪري ڇڏيس جتي احسان، شرميلو سونو جنسي جهان جي ڏيڍ ۾ ڏکجي ٿو وڃي.

اهڙيءَ ئي طرح هن ڪتاب ۾ استاد نگهت جو غم ۽ خوشبوءِ جي درد جي دونهاڻيل درد ڪٿا درج ٿيل آهي. جڏهن نويد (هڪ ڪردار) سان خوشبو ڳالهين جون ڳنڍيون کولينديءَ هڪ اهڙو جملو ٿي چئي جيڪو جنجهوڙيندڙ واقعي آهي، "توهان سان گڏ هلڻ سان اسان جو حشر اهڙو ٿيندو جهڙو گلن جو حشر نچاوڙ وقت ٿيندو آهي." اهڙيءَ ئي طرح هن ڪتاب جي پهرين حصي آکاڻيون جي آخري آکاڻي صنم جي ڪهاڻي آهي. صنم سکر جي سهڻي شهر جو رهواسي آهي. جنهن جو سنڌ جي ڪدڙن فقيرن جي ترقيءَ ۽ حقن جي حاصلات ۾ تمام گهڻو حصو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ صنم جي ٿهڪن جي ٽور ۾ ڏکن جي ڏمڪ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. هن ڪتاب جو آخري حصو تمام گهڻو اهميت جوڳو آهي. جيڪو مضمونن جي شڪل ۾ "ڪدڙن فقيرن جي سماجي زندگيءَ جو مختصر خاڪو" آهي.

سليم جماليءَ جو هي ڪتاب هن دنيا وارن کي هڪ اهڙي دنيا کان آگاهي ٿو ڏئي جنهن دنيا ۾ اداس ٿهڪن جي واديءَ جو وهڪرو آهي. سورن، پورن جو پولار آهي. ڪدڙا فقير ته هڪ حقيقي انسان ئي ته آهن. هنن جون ڳالهيون حقيقت ۽ سچ سان سرشار هجن ٿيون. اسان ۽ ڪدڙن فقيرن ۾ بس اهو ئي فرق آهي ته اسان ڪڏهن، ڪڏهن ڏکن سان گڏ و گڏ خوشيون به ماڻيون ٿا پر، هيءَ رڳو ڏک، ئي ڏک پائين ٿا. سليم جماليءَ هن ڪتاب ۾ ڪدڙن فقيرن جي قسمن تي به ڳالهايو آهي. 'هڪڙا پيدائشي ڪدڙا آهن هڪڙا نربان ڪدڙا (اهو ڪدڙو فقير جيڪو پيدائشي نامرد هوندو آهي) آهن ته هڪڙا مورت ڪدڙا (اهي ڪدڙا فقير جيڪي اڌ مڙد) آهن' ۽ انهن تي سليم الڳ الڳ انتهائي لاجواب لکيو آهي. 'گرو' کان ويندي 'چيلن' تائين ۽ 'گريو'(مڙس جو درجو رکندڙ) تائين. سليم ڪدڙن فقيرن جي رهائش جڳهه (مڙهي) تي به لکيو آهي. جيڪا ڪدڙن فقيرن لاءِ ڪنهن محل کان گهٽ ناهي هوندي ۽ سليم هڪڙي وڏندڙ ڳالهه هي به ڪئي آهي ڪدڙن فقيرن جي زبان متعلق جيڪا انتهائي خوشيءَ

جي ڳالهه آهي. جو سندن 'مڙهيءَ' ۾ ڳالهائي ويندڙ زبان لکت ۾ اچي وئي آهي. اها زبان ڪيئن جُڙي ڪابه خبر ناهي ۽ حيرت ۾ وجهندڙ اها به ڳالهه آهي ته خود سندن (کدڙن فقيرن) به اها خبر ناهي ته هيءَ زبان ڪٿان آئي ۽ نه ئي وري تاريخ جي ضخيم ڪتابن ۾ هن زبان تي ڪنهن مورخ لکيو آهي. کدڙن فقيرن جو ذڪر نڪري ۽ رقص راحت ڏيارينڊڙ روحاني رمز جو ذڪر نه نڪري ته اها رقص سان ۽ خود کدڙن فقيرن سان زيادتي ٿيندي ۽ "کدڙا ۽ رقص" تي ته سليم به لکيو آهي ۽ هن ڪتاب جي آخري پنن تي "کدڙي فقير جو موت" تي لکيو ويو آهي. آءُ پاڻ به اهو چاهيندو هيس ته چا واقعي به کدڙا فقير پنهنجي ساڻيءَ جون آخري رسمون کهڙي نموني ادا ڪندا آهن؟ يا وري جنازي نماز تدفين ۽ تڏي بابت جاڻڻ چاهيندو هيس پر سليم اهي سڀ رسمون ڏٺيون ۽ ان سيني رسمن جو جائزو پڻ ونڊي چڪو آهي ۽ انهن سارين رسمن کي پنن تي لاهي چڪو آهي.

آخري پنا:

هيءَ ڪتاب اهي آهن، جاڻ جو پندار ۽ حقيقتن جي راز بڻايل پلن تان پڙدو هٽائيندڙ... هن سماج جي ماڻهن کي 'طوائفن ۽ کدڙن' جي دنيا کان واقف ڪرائيندڙ پڙ هنن ڪتابن کي پلي ڪٽي سليم جمالي رولاڪين جو نالو ڏيئي پر هيءَ حقيقت آهي ته هيءَ ڪتاب رڳو سليم جون رولاڪيون ٿورئي آهن پر هيءَ ته گهڻن انهن ڪردارن جون ڪٿائون به آهن، جيڪي ڪوهه ڪاف جي پرين کان وڏ سهڻين طوائفن جون ڪٿائون آهن، جيڪي جنت جي غلمانن کان وڏ سهڻن کدڙن فقيرن جون ڪٿائون آهن ۽ انهن سڀني ڪردارن جون سور ورنيون گڏيل اپ ڏارينڊڙ صدائون پڙ آهن. هنن ٻنهي ڪتابن سان گڏ سليم جماليءَ جي سونهن پرين سهڻين سوچن جي سلامتيءَ جو مان دعاگو آهيان.

شاعر ۽ شاعري

شاعري خوبصورتيءَ جو ڪَنڌ آهي ۽ شاعر ان ڪَنڌ جو بادشاهه هوندو آهي ۽ ايئن ٻه ناهي ته شاعري کي ڪنهن هڪ ڪَنڌ ۾ قيد ڪيو ويو. شاعري ته سڄ جي ڪرٽن جيان ڌرتيءَ جي هر ڪُنڌ ۾ جماليات جي ورڪا ڪندي آهي ۽ شاعر هر ديس جو رهواسي هوندو آهي. هن جا خيال ڪنهن ٻه پاسپورٽ ۽ سرحدن جا محتاج ناهن هوندا. هو خيالن جي خدائي جي خيرات هر هٿ جي تريءَ تي بنا فرق جي پهچائيندو رهندو آهي. شاعراڻي اڏار جي وسعت ڪيتري وسيع هوندي آهي؟ ان سوال تي دلمند منهنجي خيال ۾ نه هٽڻ گهرجي. شاعريءَ ۾ وسعت ڪيئن نه هوندي. شاعريءَ ۾ ئي ته وسعت هوندي آهي. تڏهن ئي ته اها شاعري ٿي سڏجي ۽ شاعريءَ جي تشريح ڪرڻ ايئن آهي، جيئن سڄ جي ڪرٽن کي ڪنهن ڪُنڌ تائين محدود ڪرڻ.

۽ اها شاعري ئي هوندي آهي، جيڪا ڌرتيءَ دلين جي رفتار کي روڪڻ ۽ وڌائڻ جيتري سگهه رکندي آهي ۽ اها شاعري ئي آهي، جيڪا ٻن دلين جا ۽ ٻن ملڪن جا بنا تار جي رابطا رکڻ جيتري سگهه رکندي آهي ۽ اها شاعري ئي آهي، جيڪا جوڀن ۽ جوش جي جانداريت کي جماليات جهڙو وٽندڙ وهڪرو بخشي ٿي ۽ اها شاعري ئي آهي، جيڪا ڪارن، ڀورن بادلن، ڌرتيءَ ڪندڙ دلين، وسندڙ مينهن ۽ وهندڙ ندين جي رواني جيان جسم جي رڳن ۾ ڊوڙندڙ رت جان جانداريت جهڙي زنده ڌرتيءَ ڪندڙ دل هوندي آهي ۽ اها شاعري ئي آهي، جنهن اسان کي ملايو آهي. ڪنهن سان ملايو آهي؟ اسان کي معصوم بخاري سان ملايو آهي ۽ پنهنجو رشتو رت جي رشتي جي رسي کان ايترو ته گهرو آهي، جنهن کي ڪابه تيز ڌار ڪپي نه ٿي سگهي.

سنڌي شاعريءَ جي هر دور ۾ خوبصورت شاعرن جي خوبصورت شاعريءَ جو جنم وٽندڙ ذات سان سامهون ايندو رهيو آهي. شاعريءَ جي شاهراهه تي سنڌي شاعريءَ جو سفر جيڪو به ٿيو آهي، اهو ڏاڍو وٽندڙ ۽ شانائتو ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اها ڪماليات ڪوٺي سگهجي ٿي ته اها پنهنجي وسيع لفظي

معنائن ۾ شعري رچاءَ ۾ سونهن جو ساگر اوتيندي ويندي آهي ۽ اهو شعر ايترو تہ اوچي اڏام ڪندو آهي، جنهن ۾ جانداريت جي جَڙ پختي هوندي آهي. اها جانداريت جي جَڙ ان وقت شعر و شاعريءَ ۾ جنم ونندي آهي. جڏهن رياضت جون راهون، مطالعي جون منزلون ۽ پيڙاءَ جون پهاڙي چوٽيون سَر ڪيبون آهن. اهو شعر هنيانءَ ۾ هٿ وجهندو آهي، جنهن ۾ اندر جي اذيت عيان هوندي آهي ۽ اهڙي شاعري آخر ڇو سرجي ويندي آهي، جنهن کي پڙهڻ وقت، جهڙوڪ سور جو سمنڊ اتلي پوندو آهي ۽ اهڙي شاعري لطيف کان ويندي حليم باغي تائين سور ۽ پور جون وايون، سور ۽ پور جا وراڪا ڏيندي، وجود کي وکوڙي ڇڏيندي آهي. اسان جي خطي ۾ جيڪا به شاعري سرجي وئي آهي يا جيڪا سرجي ويڄي تي. ان ۾ درد جي داخلا تمام گهٽي ۽ خوشيءَ جو عنصر بنهه گهٽ هجي ٿو ۽ ايئن ڇو آهي؟ ان سوال جي سلجهاءَ جو ست سمجهڻ لاءِ اسان کي سموري سنڌي شاعريءَ جي سفر کي سمجهڻو پوندو ۽ ان کان پوءِ ان نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو تہ ان جا ڪهڙا سبب آهن جو سنڌي شاعريءَ ۾ درد جي داخلا آخر ڪار گهٽي مقدار ۾ ڇو آهي.؟

عام راءِ جيڪا ڪافي وقت اڳ جڙي هئي ۽ ان دور ۾ جڙي هئي، جڏهن منهنجو جنم به نہ ٿيو هو ۽ اها راءِ ان وقت منهنجي ڪنن تائين پڳي هئي، جڏهن مان شاعريءَ جي شهر ۾ داخل ٿيو هئس ۽ اها راءِ اها هئي تہ هُو رومانوي شاعر آهي ۽ اها راءِ ان شاعر سان منسُوب هئي، جنهن جو نالو ئي شاعراٿو آهي ۽ اهو شاعر معصوم بخاري آهي ۽ مان ان راءِ کي هتي ان ڪري به نہ ٿو ورجايان تہ، هو رومانوي شاعر آهي. ان جو هڪ سبب آهي ۽ اهو سبب اهو آهي جو هن جي شاعري جامع صورت ۾ پڙهڻ لاءِ نہ ملي آهي ۽ اها ڪيڏي تہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي جو اوهان جو شمار سينيئر شاعرن ۾ ٿئي ۽ اوهان جو ڪو ڪتاب مارڪيٽ ۾ نہ ملي ۽ اهڙي راءِ رومانويت جي حوالي سان هڪ ٻئي شاعر سعيد ميمڻ جي حوالي سان به ٻڌڻ ونان هئي ۽ جڏهن هن جي ڪتابن جو مطالعو ڪجي ٿو تہ اها راءِ جڙي ٿي تہ هن جي شروعاتي شاعري رومانويت جي رنگين رَئي سان واقعي رڱيل آهي ۽ سندس شاعراٿو وچون ۽ آخري دور مختلف موضوعن تي ملي ٿو ۽ اها راءِ جوڙي سگهجي ٿي تہ معصوم بخاري شروعاتي

دور ۾ (ممڪن آهي) واقعي ۽ رومانوي شاعر هجي ۽ هن جي جيڪا هن وقت شاعري پڙهڻ لاءِ ملي ٿي ۽ اها شاعري مون محسوس ڪئي آهي تہ اها نڪور شاعري ناهي هوندي. ان جو ڪارڻ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ هو حليم باغي جيان شاعريءَ جي حسين حُور جي پاڇي کان محرومیت جي ملڪ ۾ تہ بسيرو ناهي ڪيو.

معصوم بخاري جي شاعري جيڪا منهنجي مطالعي هيٺ آئي آهي اها صنفي سطح جي حوالي کان غزل، وائي ۽ گيت جي شڪل ۾ سامهون آئي آهي ۽ انهن ٽنهي صنفن ۾ سندس ڪيل شاعري جو جيڪڏهن تقابلي جائزو وٺبو تہ هن جو غزل سگهارو آهي ۽ هن مضمون ۾ جيڪي بہ شعر ڪوٽ ڪيا ويا آهن، اهي پڻ غزلن جا شعر آهن. سندس شاعري دل پرتي آهي- ناهي؟ ان الجهاءُ جو سلجهاءُ ان ۾ ئي آهي تہ هن جي شاعري پڙهڻ گهرجي ۽ اچو تہ هن جي شاعري پڙهون تہ آيا هن جي شاعريءَ ۾ اثرانگيزي ڪيتري آهي:

پيار هڪڙي شيءِ آهي،
زندگيءَ کان ونڊي فنا تائين.

•

زمين جڙ تہ نچندڙ کا وينگس لڳي ٿي،
۽ آڪاس ڦرندڙ انهيءَ جو پڙو آ.

•

ستارا ٽي ڏينيو ويا اپ وکوڙي،
لڳو چنڊ مون کي، ککر ۾ ڪڙو آ.

هيءُ ٿئي شعر سندس شعري وسعت جي ساکَ ڏيندڙ آهن تہ هو ڪهڙي لهجي ۽ ڪيتري دم خم جو شاعر آهي. مان سمجهان ٿو تہ جنهن جي شاعريءَ ۾ اهڙو شعر هجي ۽ ان کي سنڌي شاعري ۾ جڳهہ نہ ملي تہ اها اسان جي ڳن لاتار ۽ بہ اکيائي چئبي ۽ اهو شعر مون پهريان بہ. اوهان کي پڙهايو آهي ۽ وري بہ هتي ٻيهر ڏيان ٿو ۽ اهو شعر پنهنجي فڪري گهرائي ۽ بنهہ نرالي تشبيهہ جي ڪري پاڻ طرف ڏيان ڇڪائي رهيو آهي.

ستارا ٽي ڏينيو ويا اپ وکوڙي،
لڳو چنڊ مون کي، ککر ۾ڪڙو آ.

هن جي شاعريءَ ۾ توهان کي ڪيترن ئي هنڌن تي مذهبي خيالن جي اظهاريت پڙهڻ لاءِ ملندي ٺيڪ آهي. اهو هر هڪ جو پنهنجو عقيدو آهي ۽ ڪنهن جي عقيدي جي اکيل ڪري مان ڪنهن جي دل ڏکائڻ قطع طور صحيح نه ٿو سمجهان پر. جتي توهان رومانويت کي اظهاري رهيا هجو ۽ اتي مذهب جو اسپيڊ بريڪر هٽي ڇڏيو هاڻ اهو توهان پاڻ ٻڌايو ته ڪيترو صحيح آهي. معصوم جي ڪيترن ئي غزلن جي شعرن ۾ ڪربلا جو ذڪر ملندو رهي ٿو ۽ اهو ايئن ٻه نه آهي ته اهو ذڪر آرٽ کان ٻاهر هوندو آهي. منهنجو صرف ايترو ئي چوڻ آهي ته هو ان اظهار کي مسلسل ڪري ۽ هو ان جي جاءِ بجاءِ ڪنهن رومانوي غزل ۾ ڪرڻ جي مرثيو نوحو مناجات يا منقبت لکي. ڪجهه اهي شعر جيڪي معصوم ڪربلا جي پسمنظر ۾ رچيا آهن. مون هي شعر سندس مختلف غزلن مان کنيا آهن:

تو سوا هي سفر حياتيءَ جو
جئن مديني کان ڪربلا تائين.

*

ڪاڻي معصوم تون پڳو آهين،
ڪربلا کان پو شام ۾ آهيان.

*

عشق منهنجو حُسين جو جذبو
منهنجي پاڳي جي ڪربلا لکجان.

۽ اهڙا ڪيترائي شعر آهن جيڪي اسان معصوم جي غزلن مان حوالي طور کڻي سگهون ٿا.

پتين تان ويا ڏهي نعرا سمورا،
هوائن ۾ رهيو پرچم نه آهي.

هيءُ شعر جهڙوڪ هن وقت بلڪل ٺهڪي ايندڙ آهي. سنڌ جي سياسي صورتحال تي ۽ اهو شعر اها گواهي ڏئي ٿو ته سنڌ ۾ اڄ سياسي هلچل پنهنجي جاهه و جلال ۾ هئي ۽ ديوارون ڳالهائيندڙيون هيون ۽ فلڪ شگاف نعرن جي گونج پئي ٻڌبي هئي ۽ هوائن ۾ڳاڙها جهنڊا جهولندا رهندا هئا ۽ هاڻي اها چرپر نه ڏسي شاعر اهو شعر رچيو آهي.

هڪڙو هيءُ شعر آهي، جنهن تي ڳالهائي سگهجي ٿو:

مون سان سلطان ٿا سڙن جو مان،
خاص تنهنجي غلام ۾ آهيان.

هن شعر کي اسان سيني جي ڪاپي پاسي ڏڙڪندڙ دل ۾ جاءِ نه ٿا ڏئي سگهون ۽ هن شعر تي اسان اها به راءِ نه ٿا ڏئي سگهون ته هيءُ شعر حيرت جون حدون اورانگهيندڙ ۽ هنيانءُ ۾ هٽ وجهندڙ آهي. هن شعر کي هتي آڻڻ جو هڪ ئي سبب آهي ته اسان جي شاعرن کي اهڙا شعر نه لکڻ گهرجن، جن ۾ غلام هجڻ تي فخر ڏيکارجي ۽ اهو به وري خاص غلام.

آخري شعر جيڪو منهنجي مضمون جو حصو آهي، اهو واقعي به شعر آهي ۽ اهو مون پڙهندڙن جي لاءِ رکيو آهي، جنهن کي پڙهي ڪري اهو احساس ٿيندو ته ها هن شعر ۾ واقعي به شعريت آهي. شعر آهي:

ٿورو احتجاج بي نه ڪيئي،
پاڻ ڏيئي ڇڏيئي رضائن سان.

هينئڙو ٽنگ پروڻ

آيا آڪاس ڪارا ڪڪر تر،
گهاڻ ڏيندو وڃي ٿو ڏسمبر.

گهاڻ گهرائيءَ ۾ غم جي غار هوندو آهي. گهاڻ گهٽو ڪري اوچتو ۽ اچانڪ رسيو وڃي ۽ جيون پر جيون ساڻي بڻجي وڃي. ڏسمبر جي سرد راتين جو شاعر ۽ عاشق سور جون سوڙيون مٿان وجهي محبوبن جي خيالي ملڪ ۾ مدهوشيءَ ۾ مرڪي، مرڪي خوبصورت خيالن ۽ خوابن سان سرشار ٿيڻ جي ڪوشش جي ڪرت ۾ هوندا آهن. سياري جون سرد راتيون اڪثر تاريڪ ۽ تيز هونديون آهن ۽ خوف ۾ ويڙهيل ڏکن ڏڏيون ڏاهڪٽيون پڙ هونديون آهن. ڏسمبر جي راتين جو چنڊ ڪوهيڙي جا ڪارا ڪڪر چورائي ڪنهن چؤنري ۾ قيد ڪري ڇڏيندا آهن. تارن جي ٽمر ٽم اونداهيءَ ۾ ٽنبجي ويندي آهي. تڏهن انهيءَ عالم ۾ شاعر ۽ عاشق غمن جي گهيري ۾ گهيرجي ويندا آهن. جڏهن ڏسمبر جون تاريڪ راتيون ڪنهن جو محبوب ڪسي ريل جي پٽڑي نِما راهه تي رمنديون رهنديون آهن.

پيڙاءُ جو پٽر پٽيءَ سان پختگيءَ سان ٻڌل هوندو آهي شاعر جي. وک، وک ڏک جو ڏيهه ڏسڻ ۾ ايندو آهي هڪ سچيت شاعر کي. 'ازل جو آڏاڻو' اندر ۾ هوندو آهي ۽ اهڙي پيڙاءُ کي پوڳيندڙ اسان جو شاعر سعيد ميمڻ ٻه هو. سعيد ميمڻ شاعر هو. هن جي تن جي طُور سينا تي 'درد جون آيتون' لهنديون هيون. هن جي هيڪاندي شاعري خدا سان گفتگو جو گلزار ٻه آهي ته زندگي جي زوردار تلخي جي تلوار تيز ڌار ٻه آهي. هن جي دل ڌڻي هئي. تڏهن ئي ته هن آسمان ڌهڙ جي ڳالهه ڪئي هئي. سعيد جون صدائون جڏهن سڃڻ تائين نه ٽيون رسن ۽ رڪجي ٽيون وڃن. جڏهن صدائن جي رسائي نه ٽي ٽي تڏهن سندس نيڻ پرجي تا وڃن. 'خواب چارا'، 'آءٌ لهر سموند جي'، 'دل دنبورو' سعيد جي تخليق جا تخت آهن تخت. هن گهٽو لکيو ۽ خوب لکيو. ڪا ازل جي اسات هئي هن جي اندر جنهن هن جي اندر ۾ عشق جي باهه لڳائي هئي يا

جدائي جي جنجهوڙيندڙ سلور جويلي هئي، جنهن کي هن وقت بہ وقت ڪورن ڪاڳرن تي لفظن جي صورت پئي ڏني. هن جي دل دنبورو هئي، جنهن تي هن هر وقت درد جون ڏنون پئي چيڙيون. هن جا 'نيٽ سفر ۾' رهيا. چا جي لئہ؟ ان سوال جو جواب سعيد کي ڏيڻ گهرجي ها. 'اسان جو عشق اٽپورو' عشق ڪٿي ٿو پورو ٿئي. ٿي بہ ڪٿي پر، لوڪ ٽوڪ جي تلوار سان پورٽتا کي اٽپورٽتا جو گهاءُ لڳايو ڇڏي. سعيد ميمڻ شيخ ايياز جي ست 'ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان' جو هڪ روشن لاٽ ڏيندڙ ڏيئو هو. هو زيتوني لام هو. هو 'صليب جاڳ اسان جي' ست جو ساٿي بہ هو تہ سنگتي بہ هو. سعيد جي شاعري جو سفر سڪلتا جي منزل ماڻي چڪو آهي. سعيد جي شاعري رومانويت جي رنگين رليءَ جي حسين رنگن سان رڱيل آهي. هو رُومانوي شاعر هو.

گهر جي پارت هجئہ او تنهائي!
مان سفر تي وڃي رهيو آهيان.

سعيد جون اهي ستون سوشل ميڊيا تي هر هٿ اڳتي وڌائيندو رهيو ۽ سعيد جي ڏورانهن ويل سفر تي 'سيڊ' (ڏک) جي 'فيلنگ' (محسوسات) رکندو رهيو. سعيد جي ڳوٺ عاقل ڏانهن علي دوست عاجز سان ويس. ڳوٺ عاقل جنهن وقت پڳاسين ان وقت سج الهي ويو هو. سياري جي سبب دونهاڻيل ۽ پراسراريت سان پُـر ماحول لڳي رهيو هو. ننڍڙو ڳوٺ، ٽڪل رستا ننڍڙو قبرستان جنهن ۾ سعيد وٽن جي ڇانوَ ۾ پنهنجي جاءِ ولاري ستل هو. زيتونن جا باغ، ڪجيءَ جا پري پري تائين وڻ، رود جي پرسان ٽرڪن ۾ لود ٽيندڙ زيتونن جون پيٽون ۽ مزدور، سوڙهيون گهٽيون ڪار سعيد جي گهر جي بلڪل سامهون پٽر (تڏي) جي گهر اڳيان بيٺي. سعيد جي گهر سان لڳو لڳ ننڍڙي مسجد، مسجد جي پٺيان هڪ پراٽي گهر جي پڏر تي. سعيد جا پائر، مٽ مائٽ ۽ ڳوٺ جا ڇڇ ماڻهو سعيد جي سهڻي پٽ دانش جي چوڌاري ويٺل. پاسي ۾ محمد علي پٺاڻ، جام جمالي ويٺل. دعا لاءِ ڪنيل هٿ ۽ پوءِ تاثراتي بُڪ تي لڪل ڏڪارن لفظن جو لباس. رات رڙهندي رهي، پراسراريت وڌندي رهي. تڏي تان اڏي ٻاهر نڪرڻ شرط هڪ پراٽو گهر نظر آيو. ڪنهن ڳوناڻي ٻڌايو تہ اهو سعيد جي پائرن جو گهر آهي ۽ سعيد جو جنم بہ ان ئي گهر ۾ ٿيو هو. سفر شاهراهہ تي، ميهڙ ڏانهن

موت ۽ چوطرف ڏنڏ ۽ پراسرايت جي چونڪي. هزارين هيلا ڪيئن هلائجن ڪنهن جي ياد جي اچي.؟ سچ ته سعيد کي ويڙ نه هو گهربو. سعيد جي نَون ڪتابن جو انگ ايا اڳتي وڌڻ هو گهربو. حَسن. جاني ۽ سعيد جو ويڇوڙو مون کي سنڌي شاعريءَ جي جواني، جوپن جو ويڇوڙو ٿو لڳي. جيئڻ ڪير نه چاهيندو.؟ پر. موت به ڇڏي نه! ڳچ ڳالهيون. اکين ڳوڙها. هٿ هلڪا. رات جي سردي. سعيد جي شاعريءَ جون سونهري ستون. ڇت تي وڃ وراڪا. قلم جي نِب نير هاري. هاري هاڻي ساهه ٿي پٽڻ چاهي ۽ هيءُ ستون بي ساختا سرجيو ويڃن ٿيون:

آيا آڪاس ڪارا ڪڪر تر،
گهاڻ ڏيندو وڃي ٿو ڏسمبر.

❊

جدائي جيءُ جهوري ٿي

جدائي رڳو جيءَ ناهي جهوريندي پر جدائي هيءَ جهان توڙي ٻي جهان جي ستن آسمانن ۽ زمين جي سطحن کي ٻہ جنجهوڙي وجهندي آهي پوءِ اها جدائي والدين جِي هجي، يا پوءِ اها جدائي ڇو نہ پنهنجن پيارن جِي هجي. اهڙي طرح جدائيءَ جو جوکم اهو ئي برداشت ڪري سگهندو آهي، جنهن کي پيار ڏيڻ ۽ نينهن نيائن جِي سگهہ هجي. نہ تہ ڪاٿي ٿي جدائيءَ جِي گهڙي، پل، وقت سمئہ سهي سگهجي.

ايازجانيءَ جِي جدائيءَ گهٽن جا جيءَ جهوريا آهن. جڏهن آءٌ اسد مگٽهار سان ميسيج چيٽ ڪندي، ايازجانيءَ جي وچوڙي تي تعزيت ڪندي ڏک ونڊيو تہ هن يار ڏاڍو ڏکارو جملو موڪليو تہ 'شاڪر! جاني منهنجو روح هيو هاڻي آءٌ جاني کان پوءِ پاڻ کي زنده لاش پيو محسوس ڪيان.' يقينن آرٽسٽن جا حقيقي وارث ۽ دوست آرٽسٽ ئي هوندا آهن. ۽ اهي ئي هڪ ٻئي جي محسوسات کان واقف ٻہ هوندا آهن. ايازجانيءَ جي تخليقي ڪائنات کنهن بهار ۽ پيار جي پيغمبريءَ کان پري نہ هئي. هو شاعر هيو. فطرت جي حسن کي لفظن جي خوبصورتيءَ ۾ پوئڻ جو فن جاڻيندو هو. هو حقيقت ۾ ڏرتيءَ جو شاعر هيو. هن جي مهڙين دور جي جيڪڏهن شاعري پڙهجي ٿي تہ اها ڪنهن جوان جوپن جي جهانجهر جهڙي شاعري آهي. وري وچين دور جي جيڪڏهن شاعري پڙهجي ٿي تہ اها ڏرتيءَ ۽ سرتيءَ جي هڪ سڳي ۾ پوئل محسوس ٿي ٿئي ۽ وري جڏهن سندس تازي آيل شعري مجموعي 'دراوڙ دل جِي تنهائي' کي اسٽيڊي ٽيبل تي ڏهن سان ٽاڪنگ ڪرائجي ٿي تہ ان ۾ ايازجانيءَ جي شاعري نج ڏرتيءَ جي دانهن، آزاديءَ جي اپٽار، نا انصافين جي نوحن جو هڪ مجموعو محسوس ٿئي ٿي.

ڪنهن نہ سنڌوءَ کي ڪٽي ٽر ۾ رکيو
وقت سنڌوءَ ۾ ويو آ ٽر رکي.

*

پريان ٽوٻڪ سنڌوءَ مان، ڏسان ٽوٻڪ ۾ واري آ،
اڳي کان رات ڪاري آ.

مٽيان شعر سوچ جون سطحون اورانگهي آه جي عالم کي جنم ٿا ڏين ۽ حقيقت جي هڪ حويليءَ جو ڏيڪ ڏيکارين ٿا. هنن ٻنهي شعرن ۾ ايياز جاني نه رڳو ٿر جو نوحو ڳايو آهي. پر، سنڌوءَ جي سير ۽ سينڌ جي به سڪاڻ کي شعرن ۾ سمويو آهي.

ايياز جاني شخصي طرح طبيعت ۾ ڪهڙو مزاج رکندڙ هيو. اهو آءٌ هن جي ڪِل. مُک ڇهري کي ڏسڻ سان ئي محسوس ڪري سگهان ٿو ته هو پيار جي سياءَ جي سرحد جو محافظ هيو. هو حقيقت ۾ هن وقت، جنهن وقت هن هتان وڃڻ جي ويل کي 'پيڙي پاکر' ۾ پريو اهو وقت ايياز جانيءَ جي شهرتن جي شهسواريءَ جو هيو. ۽ پيار، محبت جي مڪڙي جيان ٽڙي ۽ مرڪي رهيو هو. ان وقت ايياز جانيءَ جو وڇوڙو جدائي حقيقت ۾ جگر کي جهير ڏيندڙ ثابت ٿي آهي. نئين ديري جي ننڍڙي نگري کان، گلشنِ حديد تائين هن جي پيار ۽ محبت جون مرڪون ڪنهن ڪنواريءَ ناريءَ جيان نينهن نپائيندڙيون رهيون. هو واقعي به وٽندڙ نيٽ ٽارينڊڙ شخصيت جو شهپارو هيو ۽ هن شاعريءَ جي جڳ ۾ محبتن ۽ شهرتن کي حاصل ڪيو. ان جو اهو ئي سبب هيو. جو هو حقيقي شاعر هيو. هن جي شاعري سهڻي پيرائي ۽ سليقيدار ٻوليءَ ۾ ٻهه ٻهه ڀهڪندڙ آهي. رسول ميمڻ واقعي به صحيح چيو آهي ته ' ايياز جاني شاعريءَ جو جادوگر آهي.'

تو چيو 'سپنا به ساڃيان ٽيا ڪڏهن؟'،
مون چيو 'تنهنجو ملڻ چا معني؟'

هن شعر جهڙين شاندار سوين سٽون ايياز جانيءَ جي شاعريءَ ۾ اسان کي پڙهڻ لاءِ ملنديون. شاعريءَ جي وسيع ڪئنواس تي ايياز جانيءَ جيڪي به شعر پينٽ ڪيا آهن، اهي سڀلتا جون سرحدون اورانگهي چڪا آهن ۽ پنهنجي منزل ماڻي چڪا آهن. هن جي شاعري شعور آهي. هن جي شاعريءَ ۾ پوري جي پوري شڪتي آهي، جيڪا پڙهندڙ کي پيغام ڏئي ٿي. پيار جو امن ۽ آزاديءَ جو ۽ وطن دوستيءَ جو.

ايياز جانيءَ جو وڇوڙو جوانيءَ جو وڇوڙو آهي. ايياز جانيءَ جي وڇوڙي تي ڳالهائڻ گهر جي، لکڻ گهر جي ۽ هڪ ٻئي سان تعزيت ڪرڻ گهر جي ۽ ڏک، درد

وندڙ گھرجي. ايياز جاني ان وهيءَ ۾ اسان کان وڌيڪ آهي، جنهن وهيءَ ۾ حسن درس اسان کان وڌيڪ. اهي ٻئي وچوڙا مان جوانيءَ جي جوپن جا وچوڙا ۽ وڏَ ڏيندڙ محسوس ٿو ڪريان. جڏهن ڪنهن جي شخصيت تي ڳالهايو وڃي ٿو تہ يقينن اها شخصيت شاندار ئي هوندي جو انهيءَ تي علم، ادب جا اڪابر اڪر اورين ٿا ۽ ايياز جانيءَ جي وچوڙي تي تہ سنڌ جي شاعرن، اديبن نہ صرف اڪرن جي ٻيٽا ڏني آهي، پر لڙڪن ۽ سڏڪن جي بہ ٻيٽا ڏني آهي. ايياز جانيءَ جِي شاعري سنڌ جي ايندڙ نئين نسل جي شاعري ٽيٽي آهي ۽ ايياز جانيءَ جي شخصيت ڪِل، مُڪ ڇهرن جو چنڊ آهي.

مون کي سزا ۾ سُڏڪن جو قيد ڀوڳڻو آ،
منصف کي مون چيو آ، منهنجي سزا وڌايو.

سزا ۾ سڏڪن جو قيد ايياز جانيءَ ڀوڳيو يا نہ ڀوڳيو پر، ايياز جانيءَ جي وچوڙي تي ايياز جانيءَ جي گھر وارن سان گڏ و گڏ ايياز جانيءَ جي دوستن ضرور سڏڪن جو قيد ڀوڳيو آهي.

شاعري رڳو ڪاغذي ڪتابن ۾ قيد ڪيل لفظن کي نہ ٿو چئي سگھجي. شاعري ٻيٽ بکايلن جو ٻيٽ ٻري ٿي، لفظن سان، جملن سان، خيالن سان. شاعري شعور جون شاهراهون ناهي ٿي. شاعري شوق کان شروع ٿي، جانان جي جلون جي جوانيءَ جي جوءِ جي طواف ڪرڻ کان پوءِ محڪوم ماڻهن جي من ۾ سانديل بُک ۽ ڏک کي جڏهن فوڪس ڪرڻ شروع ڪري ٿي تڏهن ئي معراج ماڻي ٿي.

سنڌي جي ڪجھ شاعرن جي شاعري نہ پر، گھڻن شاعرن جي شاعري، شاعريءَ جو معراج ماڻي چڪي آهي ۽ انهن شاعرن جي ست ۾ سھڻو شاعر ايياز جاني بہ شامل آهي. سندس شاعراڻي ٻولي وٽندڙ ۽ موهيندڙ لهجي ۾ لِسي سان لنوين ٿي. سندس شاعراڻا احساس اڌمن جي ٻنهي ڪنڌين تي هڪ جيترو اثر ڇڏيندڙ آهن. سنڌ ۾ تمام ٿورا اهڙا شاعر آهن، جن جي شاعري اعليٰ پيرائي ۾ آهي. جيڪا سونهن جي سينائن جي صورت پاسندڙ شاعري آهي، جيئن ايياز گل، وفا ناٿن شاهي، وغيره ويندي ايياز جانيءَ تائين، هي اهو پيرايو آهي جيڪو سڌو دل تي ئي اثر ڪندڙ آهي.

سج نہ اپريو چو؟ اٿي اوپر جو
ڪو تہ ڪڙو ڪڙڪائي.

❊

گھر نہ اورانگھي سگھي، در جِي چانئٹ تي،
پٿر ٽي وئي چوڪري

هيءَ خيال شاعريءَ جون سيئي گھر جون پوريون ڪرڻ سان گڏ مٽاهين پَد جا آهن. اهڙا خيال پاڻ وارن جي حصي ۾ ايندا آهن. اها اياز جانيءَ جي ڪمالِ قدرت آهي، جو اهڙي تہ اونداهي عالم ۾ اهڙو سوال ٿو اٽاري تہ سج نہ اپريو چو؟ گھر نہ اورانگھي سگھي. هيءَ وائي پڙهندي پڙهندڙ پاڻ ئي پٿر ٿيو وڃي ۽ پاتال جي پرئين پَر سوچ جي سمنڊ ۾ غرق ٿيو وڃي يا هي وائي جنهن جو آڌ هتي مکڙو ٿو ڏيان:

نينهن جهڙي نينگري،
راڄ مان نڪري وئي.

هيءَ سڄي وائي وهمن، وسوسن کان اڳري ۽ اهڙي تہ وائي آهي، جيڪا جنبش ۽ جوش جي جهرمٽ جهڙو ماحول ٿي پيدا ڪري چڏي نينهن جهڙي نينگري ـ شينهن جهڙي نينگري، راڄ مان نڪري وئي. ڏاڍي ڏک جي ڏيهہ جي عڪاسي ڪندڙ وائي آهي ۽ هونئن بہ ايازجاني وائيءَ جو پهڳٽو ۽ طاقتور شاعر آهي. وائيءَ جي شاعري لکڻ بہ ڪمالِ ڪاريگريءَ جو ڪم آهي. هي اهڙو تهڙو شاعر ڪاٿي ٿو لکي سگھي.

مون کي سزا ۾ سڏڪن جو قيد پوڳٽو آ،
منصف کي مون چيو آ، منهنجي سزا وڌايو.

غزل جو مٿيون شعر انتهائي اڏيتناڪ ۽ پيڙا پريو شعر آهي ۽ هي سمورو غزل ايازجاني پاڻ بہ سڄو سور بڻجي لکيو آهي ۽ اهڙيون سوين سٽون ايازِ انيءَ جي آيل تازي ۽ پهرين شعري مجموعي 'دراوڙ دل جِي تنهائي' ۾ آهن. جيڪي پنهنجي جوهر ۾ جاهہ و جلال پريون آهن. ايازجانيءَ جي شاعراٽي ايپروچ انتهائي عالم گيريت جي گس تي گامزن بہ آهي تہ ان منزل جي مورچي تي بہ پهچي چڪي آهي، جتي شاعري پنهنجو معراج ماڻيندي آهي.

❊

منهنجي مطالعي هيٺ آيل ڪتاب

معياري مواد وارو ڪتاب پڙهڻ ڪنهن سٿڻيءَ جو ڇهرو ڇڻ برابر هوندو آهي ڪتاب ڪيترا ڪارائتا هجن ٿا؟ ان سوال جو جواب ڪوئي مورخ ئي ڏئي سگهي ٿو. ها پر، اهڙو سوال (ڪتاب ڪيئن ڪارائتا آهن ؟) ڪوئي مورڪ ئي ڪري سگهي ٿو.

سنڌ ۾ جيترو ڄجهو ڪتاب ڇپجي ٿو. سنڌ ۾ اوترو ڄجهو ڪتاب پڙهجي ٿو. سنڌ ۾ ادارا هر روز ڪتاب ڇپرائن ٿا. مارڪيٽن ۾ آڻن ٿا. وڪرو ڪن ٿا. اسان وٽ اڪثر اهو ڇيو ويندو آهي ته اسان جا ماڻهو ڪتاب نه ٿا پڙهن. حالانڪ اها ڳالهه غلط آهي. توهان هڪڙو تجربو ڪري ڏسو ته سنڌ ۾ سوين ادارا آهن، جيڪي ڪتاب ڇپرائن ٿا. ادارا ڪتاب ڇپرائن ٿا، معني ته ڪتاب وڪرو ٿين ٿا. جيڪڏهن ڪتاب وڪرو نه ٿين ۽ نه ئي وري پڙهجن ته ڪتاب به نه ڇپجن ڪتاب آڻڻ وقت ڪارائتي ۽ معياري مواد جو خاص خيال رکيو وڃي. اهو ان لاءِ ته جيڪڏهن ڪارائتو ۽ معياري مواد ناهي ته ان ۾ اهو ٿيندو ته پئسه بچندا، پنا بچندا ۽ پڙهندڙ جو وقت به بچندو.

درد وندي‌ءَ جو ديس:

هي ڪتاب مضمونن جو آهي. جيڪي مضمون مختلف پرڏيهي ناولن ۽ ڪجهه ڏيهي ڳالهين تي مشتمل آهن

ان لاءِ هي ڪتاب ڏيهي ۽ پرڏيهي ڳالهين جو سنگم آهي. هي ڪتاب پڙهندي ڪيترن ئي ڪتابن جو مطالعو ٿي وڃي ٿو. هڪ ئي وقت ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب جو هر مضمون هڪ ٻئي جي ورق گرداني ڪري ٿو ۽ ماڻهوءَ تي ڇاڙ جا در کولي ٿو.

مون پهريون دفعو عبدالقادر جوٽيجو جون لکڻيون ڪتابي صورت ۾ پڙهيون آهن. ها هونئن ته مختلف اخبارن، رسالن ۾ سندس لکڻيون پڙهندو رهيو آهيان پر ڪنو پهريون دفعو هن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي. هن ڪتاب ۾ موجوده وقت دنيا ۾ لکيو ويندڙ ادب ۽ اديبن جون ڳالهيون آهن سي به مدلل. درد وندي‌ءَ جو ديس هن ڪتاب جو آخري طويل مضمون آهي، جيڪو الجزائر جي

اڳوٽي صدر بن بيلا تي لکيل آهي ۽ هي مضمون پڙهين مضمونن جيان وٽندڙ ۽ معلومات ڏيندڙ آهي. ڪتاب جهڙوڪر آڪيرا هجن، جن ۾ لفظ لکندڙ ۽ پڙهندڙ پناهه پيا ونن.

ڪارونجهر تي باهڙي:

هي ڪتاب شيخ ايياز جي ٿر بابت شاعري، مضمون ۽ لفظن جي معنيٰ تي مشتمل آهي. هي ڪتاب نور احمد جنجهي لکي ڪري ايياز شناسي سان گڏ ايياز جي ٿر تي ڪيل شاعريءَ واري ڪم کي گهٽو اڳتي وڌايو آهي.

هي ڪتاب مضمونن تي مشتمل آهي "مون ۾ آهي ملير آءٌ آهيان ملير ۾" جي عنوان سان مضمون ۾ نور احمد لکي ٿو ته "سُر مارئي ته هن علامتي طور جبر ۽ ڏاڍ ۽ هيڻائي جي قوتن جي وچ ۾ حق، سچ ۽ ايمان جي لڙائي جو رزميو ڪري پيش ڪيو آهي." اها ڳالهه نور احمد ـ شاهه صاحب جي شاعريءَ بابت ڪئي آهي اها راءِ پڙهي ڪري منهنجي ذهن ۾ هڪ سوال ايريو ته ڇا شاهه صاحب جي شاعري ۾ جيڪي ڪردار آهن، اهي ڪيتري قدر حقيقت پسندي جي ويجهو آهن؟ هڪ سوال منهنجي ذهن ۾ ٻيو به ايريو ته نور احمد جي هي راءِ پڙهي ڪري "شيخ ايياز جي شاعري توڙي نثر جنهن سطح جا آهن اهي جيڪڏهن انگريزي زبان ۾ هجن ها ته نوبل انعام جي لائق آهن." ڇا نوبل انعام جي ڊڪ ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ صرف انگريزي زبان ۾ لکڻ ضروري آهي؟

هن ڪتاب ۾ جيڪي به مضمون آهن، اهي يڪ موضوعاتي آهن جيڪي شيخ ايياز تي آهن ان جي ڪم تي آهن. ڪارونجهر تي باهڙي هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي ڪارائتين ڳالهين آهن. هن ڪتاب ۾ هي مضمون اوچي پد جا آهن. "ٿر پارڪر جو مختصر تعارف"، "شيخ ايياز جي شاعري ۾ ٿر جو ذڪر" شيخ ايياز پاران لکيل نئون همرچو هن ڪتاب ۾ انگريزي مضمون "شيخ ايياز جي شاعر ۾ غربت جو ذڪر" به ڪمال جو مضمون آهي. سچ ته هن ڪتاب ۾ جيڪو شيخ ايياز جي ڪتاب "اکن نيرا ڦليا" ۾ ڪم آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ڏنل آهي جيڪو ان ڪتاب کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ سولو ڪري ڇڏي ٿو. هي ڪتاب نور احمد جنجهي جو هڪ ڪارائتو ۽ تاريخي ڪم آهي.

جديد تنقيد ۾ ادب:

هي ڪتاب هڪ ڪتاب آهي ڪتاب نہ پني جو زبان نہ پيسي جو زبان نہ پڙهندڙ جي وقت جو زبان اهڙا ئي ڪتاب روشن دماغ لکي سگهندا آهن ۾ اهڙا ئي ڪتاب روشن دماغ پيدا ڪندا آهن. هي ڪتاب نج علمي، ادبي ڪتاب آهي. جيڪو تنقيد جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو.

سچ تہ هن وقت سنڌ ۾ تمام گهٽ 'معافي' گهٽ نہ پر گهٽا. علمي ماڻهو آهن، جن جون ڪاوشون ڪيرون لهڻن. تنقيد جي اهميت جي تند تنواريندڙ ٻولي جي واڌ ويجهہ جو اونو رکندڙ علم، ادب جو ماڻهو مبارڪ علي لاشاري هڪ جينيئس ليکڪ آهي. اهو مان نہ ٿو چوان پر سندس لکيل تحريرون ٻڌائن ٿيون. سندس ڪتاب علم، ادب جا آبشار آهن. مبارڪ علي لاشاري جا ڪتاب "جديديت پڇاڻان ۾ بينڪيت پڇاڻان"، "جديد ادبي تنقيدي نظريا"، "ڪئيس ڪويجين" يا وري هي ڪتاب "جديد تنقيد ٻولي ۾ ادب" پڙهجن ٿا تہ علم جا انمول خزانا لڳن ٿا.

هي ڪتاب ٻہ مضمونن جو آهي ۾ هي مضمون ٻہ يڪ موضوعاتي آهن. جيڪي تنقيد، ٻولي ۾ ادب بابت آهن. هن ڪتاب جو مهاڳ مدد علي سنڌي تمام سنو لکيو آهي. ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر غفور ميمڻ جي راءِ ٻہ سني ڏنل آهي. هن ڪتاب ۾ ڏاهن جا ڏس ٻہ آهن تہ تنقيد، ٻولي ۾ ادب جون ڳالهيون پڙ آهن.

"جديد تنقيد ٻولي ۾ ادب" ڪتاب بابت ويچار ونڊڙ لاءِ چو مون کي ڏکيو لڳي رهيو آهي. شايد آئون علم، ادب جي ميدان ۾ بانبڙا پائيندڙ آهيان ان لاءِ ايترو ضرور چوندس تہ هي ڪتاب علم، ادب جي شاگردن لاءِ روشن راهن جا دڳ کولينڊڙ آهي.

ماڊل گرل، محبت ۾ چترڪار:

ڪڏهن ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي تہ اوهان طويل وقت کان ڪنهن معياري ڪتاب جي ڳولا ۾ هوندا آهيو ۾ ان وقت اوهان جي جهول ۾ هڪ اهڙو ڪتاب اچي ويندو آهي جنهن کي پڙهي ڪري وقت جي وهڪري ۾ اوهان حسين گل پوکيندا ويندا آهيو ۾ خوشبو ڦهلجندي ويندي آهي. هڪ شاعر

کهاڻي تي کهڙي راءِ ڏئي ٿو سگهي ۽ هڪ کهاڻيڪار شاعري تي کهڙي راءِ ڏئي ٿو سگهي. ان وچوٽي کان بچندي آئون صرف هتي ان کهاڻيڪار جي کهاڻين سان محبت جو اظهار ڪري رهيو آهيان، جنهن جي کهاڻي قبيلي ۾ مون انتهائي خوبصورت ۽ خوشبودار پل پڙهندي گذاريا آهن ۽ اهو کهاڻيڪار غلام نبي سومرو آهي.

سنڌي کهاڻي ماضي جي پيٽ کان حال ۾ ڪيترو ڪاميابي سان سفر ڪري رهي آهي. ان جو ٽڙ ۽ پلو تجزيو اهو ئي ڪري سگهي ٿو جنهن وٽ ناقدانا اک هجي ۽ تنقيد جي علم کان روشناس هجي. جمال ابڙي، ماٽڪ کان علي بابا تائين ۽ رسول ميمڻ، رحمت الله ماجوٽي کان غلام نبي سومري تائين جڏهن اسان سنڌي کهاڻي پڙهون ٿا تہ اهو فيصلو ڪرڻ وڌيڪ آسان ٿو ٽي وڃي تہ سنڌي کهاڻي جي سفر جي بنهي ڪنڊين سان جيڪا گلڪاري آهي ۽ ان جي خوشبو نہ رڳو ڪيپ چاڙهيندڙ آهي پر روح کي راحت بخشيندڙ بہ آهي.

هن ڪتاب جون کهاڻيون پڙهندي سچ تہ مون کي انتهائي حيرت ٿي تہ ايڏيون پرپور کهاڻيون مون کان اڳ ڪٽي لکل هيون پر ڪتاب پڙهندي اهو پتو بہ پيو تہ خود کهاڻيڪار بہ ڪافي وقت ادب جي اسڪرين تان غائب رهيو ۽ آئون آخر ۾ صرف ايترو چوندس تہ هي ڪتاب پاڻ بہ پڙهو ۽ پين دوستن کي بہ پڙهايو. ڏاڍو وٽندڙ ڪتاب آهي.

اربڻ کان رهجي ويل محبت:

هر انسان ۾ هڪ کان وڌيڪ انسان رهندا آهن. ان ڪري هُو ڪيئي کهاڻين جو مجموعو هوندو آهي.

ڏک، سک جي ميل سان ئي کهاڻيءَ جو جنم ٿيو آهي. کهاڻي کهڙي ڪڙم ۽ قبيلي جي آهي يا وري کهاڻي جو بڻ، بٽياد چا آهي؟ ان جا پيرا ڪو نقاد ۽ محقق ئي کٽي سگهي ٿو. پاڻ تہ کهاڻي پڙهندڙ آهيون ۽ سني کهاڻي ڪنهن ڪنوار جيان پاڻ کي لڳندي آهي.

هڪڙو کهاڻيڪار هڪڙي قلم مان ڪيترين ئي کهاڻيون تخليق ڪري سگهي ٿو. هر کهاڻي ۾ کهاڻيڪار پنهنجا ۽ سماج جا ڏک، سک

پوئيندو آهي. هر ڪهاڻي ۾ ڪهاڻيڪار لفظن جا لشڪر واڙيندو ويندو آهي ۽ اهي لفظن جا لشڪر ڪڏهن امنگ تہ ڪڏهن اتساهہ تہ ڪڏهن درد ۾ نهوڙي ڇڏيندا آهن.

صابر سيدپوري جو شعر آهي:

پاڻ هڪڙي ڪهاڻي ٿي ويندڙ
ڪهڙي ويڙهو لکين ڪهاڻي ٿو.

هڪ ڪرب، هڪ ڏک جو ڏيهہ ئي تہ آهي مٿيون شعر ۽ حقيقت جو عڪاس پڻ. 'اربڻ کان رهجي ويل محبت' عنوان ہ تہ هڪ ڪرب، هڪ ڏک جو ڏيهہ ئي تہ آهي. اهڙي ڏيهہ جو ڏوٽي وفا صالح راڄپر آهي. وفا جي ڪهاڻين جو هي مجموعو پڙهي ڪري، مون کي اهو احساس ٿيو تہ سنڌي ڪهاڻي واقعي ہ سگهاري آهي. وفا صالح راڄپر هڪ شاعر ہ آهي تہ، هڪ ڪهاڻيڪار ہ آهي پر، هي ڪهاڻيڪار تمام سگهارو آهي. هي سنڌ ۾ موجوده وقت ۾ هڪ سٺي ڪهاڻيڪار جي سچاڻپ ۾ پاڻ مڃائي چڪو آهي.

علي بابا چوندو هو تہ 'ادب آهي ئي فڪشن'. ۽ واقعي ہ ادب آهي ئي فڪشن سنڌ ۾ تخليقي ادب پنهنجي جوهر ۾ اڇي پيو جنهن ۾ پهراڙي ۽ فطرت جون حسين صورتون آرٽ جي انداز ۾ تاڪيل آهن. وفا صالح راڄپر جي ڪهاڻين جي ڪتاب 'اربڻ کان رهجي ويل محبت' ۾ ہ تيرنهن ڪهاڻيون شامل آهن. انهن ۾ ہ پهراڙي ۽ فطرت جون حسين صورتون آرٽ جي انداز سان تاڪيل آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ سادگي ہ آهي ۽ پولي ہ روان آهي.

هن ڪتاب جون ڪيئي ڪهاڻيون ور ور پڙهڻ جهڙيون آهن. اوجاڳو، درد ۽ راتيون، ڪاري ٽيڻن ۾ سجايل خواب، اربڻ کان رهجي ويل محبت هي خوبصورت ڪهاڻيون آهن.

هن ڪتاب جو مهاڳ ہ ڪمال جو لکيل آهي، جيڪو محمد صديق منگڻي لکيو آهي. هي ڪهاڻين جو ڪتاب تہ ظاهر ۾ هڪ سو پارهن صفحن تي مشتمل آهي پر، انهن هڪ سو پارهن صفحن ۾ پيار جو پورهيو انهن کان پيڙ ٽيڙ چئوڻ تي آهي.

آلا نيڙ آڪاش جا:

درد داخلي هجي يا خارجي پر درد ته درد آهي نه! جيئن سور جون سوءِ صورتون. قرآن شريف جي هڪ آيت جو مفهوم آهي ته 'انسان کي پيدا ڪيوسين. ڏک ۾ پوڙ جي لاءِ' جيڪڏهن ڏک، درد، زندگيءَ ۾ نه هجن ته ڇا اها بہ زندگي چئبي؟ چوندا ناهن ته 'ڏک، سکن جي سونهن' تازو ئي وسيم آڪاش سيتائيءَ جي شاعريءَ جو نئون شعري مجموعو 'آلا نيڙ آڪاش جا' ڇپجي آيو. جيڪو پڙهيو، وڻيو. جنهن ۾ بہ درد، ڏک جو خوشيءَ، مرڪ سان سنگم ڏسڻ ۾ مون کي آيو. آڪاش جو درد، ڏک دنياوي يا ديني ناهي. هن جو درد قومي بہ آهي ته قديمي بہ:

عربن جي دور شور لتاڙيو جو ديس کي،
ڏاهر جِي پاڪ سنڌ جا ادڙي بکيا ويا.

آڪاش جو هيءُ سمورو غزل ته نہ پر، هن غزل جو هيءُ شعر اهڙو ته سچ آهي، جنهن کي ڪوبہ رد نہ ٿو ڏئي سگهي. رڳو آلا نيڙ آڪاش جا ناهن، نيڙ ته اسان جا بہ آلا آهن. ڏرتيءَ وارن لاءِ، قومي ڏارن لاءِ، خواب ايجارن لاءِ، آلا نيڙ آڪاش جا.... غزل کان سواءِ آڪاش وايون، گيت ۽ نظم بہ ڏاڍا سهڻا لکيا آهن پر، سندس غزلن جو مول ايجا ڪو ٻيو آهي، تنهن ڪري مون غزلن کي ئي پنهنجي اپياس لاءِ چونڊيو آهي.

هن سماجي گندگيءَ جي ڍير مان،
مان ڪنول وانگي ڦٽي اسران پيو.

*

مان غلاميءَ جي اماوس رات ۾،
آڇي جو سج ٿي ايران پيو.

وسيم آڪاش سيتائي سيتا جي سينيئر شاعرن جو خال پُر ڪيو آهي، اهو منهنجو خيال آهي، جن سينيئرن ۾ بشير سيتائي ۽ پيرل پرديسي سيتائي اچي وڃن ٿا. هن مجموعي جو نالو بشير سيتائي رکيو آلا نيڙ آڪاش جا... آلا نيڙ آڪاش جا.... آڪاش جي هڪڙي وٽندڙ ۽ ڏاڍي سهڻي وائيءَ جي وراٽي آهي.

پورَ کي پيرَ ڪڙيون پايون پر،
يادگيرن سان دغا ڪير ڪري.

*

روح منهنجو ۽ ٽر جو ساڳيو آ،
ساڳي ماضي ۽ حال جي بستي.

*

گيت سرجن ٿا رت ولوڙڻ سان،
شاعري لئ گيان ٿو گهرجي.

هي ٽئي مثيان شعر الڳ الڳ غزلن جا چوندا شعر آهن ۽ آڪاش جا هي ٽئي شعر پنهنجي پنهنجي اسمن جا شاهه بند آهن. آڪاش جي شاعري شعور جون شاهراهون اورانگهي، سچ جون سينائون پار ڪيون آهن. سندس شاعري سنڌي شاعراڻي ادب ۾ پنهنجو مقام ماڻي چڪي آهي. وسيم آڪاش جي هن شعري مجموعي ۾ غزل، گيت، وايون، ترائيل، بيت، پنجڪڙن سان گڏ و گڏ نظم به آهن. جيڪي پڙ ڏاڍا وٽندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ آهن. نظمن ۾ آڪاش جا هي نظم اوچي پَد جا آهن، درد جا پٿر، تاريخ جون سرخ اکيون، زندگيءَ جو ٽيون سچ، اداسيءَ جو مقتل هن آخري نظم ۾ هن بشير سيتائيءَ جي وچوڙي کي محسوس ڪيو به آهي ۽ محسوس ڪرايو به آهي.

نئين ڪوتا جو بحث ۽ ٻيا مضمون :

تخليقي ادب سرجڻ ايڏو سولو ڪونهي. امداد حسيني چواڻي ته 'لڙڪ کي لفظ ڪرڻ - ايترو سولو نه آ' بلڪل ايڏي ئي پيڙاءُ مان تخليقڪار پاڻ کي پار پڄائي ٿو ۽ تخليق جو تاج محل جوڙي ٿو. مون محسوس ڪيو آهي ته اسان وٽ ٻٽي غلامي جي ڪري عام ماڻهو ڏاڍو ڏکيو وقت گذاري ٿو. ظاهر آهي ته جنهن جي هٿ ۾ پنهنجا وسيلا نه هوندا ته اهو ڪٽان سکيو ستابو ٽيندو. جنهن ماڻهو جو مسئلو ماني آهي اسان ان کي ادبي دنيا ۾ ڪيئن ٿا داخل ڪري سگهون؟ اهو هڪ پيچيده سوال آهي. آئون سمجهان ٿو ته اسان جي ماڻهو کي اڄا ڪنهن بي شيءِ جي ضرورت آهي ۽ اها ضرورت خوشحالي آهي، جنهن سان هو سڪ جو ساهه کڻي سگهي ۽ آزادي سان سپنا ڏسي ۽ ساڃيان ماڻي

سگھي ٿو. مون کي چوٽو ڪجھ ٻيو هيو پر آئون چئي ڪجھ ٻيو ويو آهيان. خير اها مٿين ڳالھ ٻ اسان ۾ اوهان بابت آهي اها ٻ هجڻ گھرجي پر مون کي جا ڳالھ چوٽي آهي اها آهي. هڪ ڪتاب بابت ۾ ڪتاب تي ڳالهائڻ ۾ لکڻ جھڙوڪ ڪائنات جي اسرارن تي ڳالهائڻ ۾ لکڻ آهي.

نئين ڪوتا جو بحث ۾ ٻيا مضمون مون سڄو ڪتاب پڙهيو آهي ۾ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هيءُ ڪتاب سنڌي تخليقي ادب جي واڌاري لاءِ تمام گھٽو اهم آهي ۾ اهڙن ڪتابن جي اسان کي گھٽي ضرورت آهي. علي آڪاش جي گودڙي ۾ هن ڪتاب کان علاوه شاعريءَ جي بچاءُ ۾ ايترو ڪجھ آهي. جنهن سان اسان پنهنجي تخليقي ادب جي آبياري ڪري سگھون ٿا.

شاعريءَ جي بچاءُ ۾:

اهڙا گھٽ ماڻھو هوندا. جيڪي پنهنجي اندر ۾ سچيت هوندا آهن. هي مختصر ٻ اکر جنهن جي ڪم بابت لکان پيو سڀ ته اهو واحد ماڻھو آهي جنهن. سان منهنجو پهريون ۾ نج تخليقي بنيادن تي واسطو جڙيو ۾ مون اڳ ٻ سندس بابت اها راءِ ڏئي چڪو آهيان ته هي مون کي ان ڪري ٻ عزيز آهي جو هي اهڙي گھٽ ٻوست واري ماحول ۾. جنهن ۾ پاڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن لاءِ سوچڻ جو وقت ئي نه هجي. ان ماحول ۾ هي احساسن جي دنيا جي لئه فڪري راهون تلاشيندي نظر اچي ٿو ۾ شاعريءَ جي بچاءُ بابت سوچيندو ۾ لوچيندو اچي ٿو نه صرف سوچڻ ۾ لوچڻ تائين هي محدود آهي پر ان جي بچاءُ ۾ واڌ ويجھ لاءِ ٻ اپاءُ ۾ تجويزون ڏيندو رهي ٿو جنهن جو وڏو مثال سندس ڪتاب 'شاعريءَ جي بچاءُ ۾' آهي.

هي ڪتاب توٽي جو مضمونن جي صورت ۾ لکيل آهي پر اها ڪمالیت هن ڪتاب ۾ عيان آهي ته هر مضمون هر ٻي ايندڙ مضمون تائين تسلسل سان لکيل آهي. هي مضمون ان ڪري ٻ اهميت جوگا آهن جو هنن ۾ ڳوڙها ويچار وندبل آهن ۾ اهي ويچار شاعري جي موجوده سفر بابت ٻ آهن ته ماضي سان گڏ مستقبل لاءِ ٻ آهن.

سنڌي ادب ۾ مون کي نہ ٿو لڳي تہ ڪو اهڙو جامع ڪتاب اڳ لکيو ويو هجي. جيڪو نج شاعري جي بچاءَ / ڦهلاءَ بابت هجي. اها توهان ۽ اسان جي دور جي خوش نصيبي آهي جو اسان کي پنهنجي دور ۾ نج تخليقڪار ۽ شاعري کي سمجهندڙ علي آڪاش مليو آهي. تمام گهٽ اهڙا ماڻهو هوندا جيڪي ڪل وقتي ادب جي دنيا ۾ داخل ٿي ويندا آهن. هي انهن ماڻهن مان آهي. جيڪي پنهنجي / ايندڙ دور کي فلسفي خيالن جي خدائي کان آگاهہ ڪندا آهن.

هن ڪتاب جو هر مضمون هر هر پڙهڻ وٽان آهي ۽ شيخ اياز جي شاعري ۽ ان تي عام راءِ جڙڻ واري پاسي بابت ٽئي مضمون ڪارائتا آهن ۽ ان سان گڏ غزل بابت بہ ڪافي وٽندڙ ۽ جاڻ ڀريون ڳالهيون ڪيل آهن. ان سان گڏوگڏ هن ڪتاب جي هر صفحي تي شاعريءَ جي اهميت تي ڳالهايو ويو آهي.

هي اهڙو ڪتاب آهي جنهن تي هڪ الڳ ڪتاب لکي سگهجي ٿو ۽ اهڙا ڪتاب هڪ دور جي تاريخ جا حوالا پڙ بڻيا آهن. مان سمجهان ٿو تہ هي ڪتاب تيستائين نہ لکيو وڃي ها. جيستائين شاعريءَ سان دشمني اختيار نہ ڪئي وڃي ها. اهو هڪ زبردست موضوع آهي جنهن تي ڀرپور بحث ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ گهٽي مقدار ۾ غير معياري شاعري سرجي رهي آهي ۽ ان جا ڪهڙا سبب آهن؟ اهي جاچڻا آهن.

پکا رڄ ڪنيار جا:

سنڌي شاعري جو سفر ڪيڏو نہ شانائتي انداز سان ٿي رهيو آهي ۽ ان سفر ۾ سينيئر ٿهي ۽ جونيئر ٿهي جا سپاجها شاعر پنهنجن تخليقن ذريعي ان شانائتي سنڌي شاعري جي سفر واري شاهراهہ کي روشن بڻائي رهيا آهن. سچ تہ اهو آهي جو سنڌي شاعري جو هن وقت جيڪو سفر ٿي رهيو آهي اهو ايڏو تہ اثرائتو ۽ وزنائتو آهي جو ان جي ڪارائتي هجڻ تي ڪٿي بہ شڪ نہ ٿو ڪري سگهجي.

پکا رڄ ڪنيار جا ڪتاب کي پڙهي ڪري اهو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي شاعري پنهنجي منزل تي پهچي چڪي آهي. هن ڪتاب جا نظم موضوعاتي حوالي سان نوان آهن ۽ انهن جي پيشڪش ايتري تہ وٽندڙ

آهي جو پڙهندڙ اهو بخوبي اندازو لڳائي سگهي ٿو ته انهن جو قدر ۽ قيمت ڇا آهي.

هن ڪتاب جي هڪ خاصيت اها به آهي جو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل پيرائتو مهاڳ آهي ۽ اهو مهاڳ ان ڪري وٽندڙ ۽ اثرائتو آهي جو اهو شاعري جي بچاءَ بابت لکيو ويو آهي ۽ ان مهاڳ ۾ شاعراڻي حُسن تي ۽ ان جي اهميت تي جيڪي ڳالهيون پچاريون ويون آهن، اهي ڳالهيون شاعراڻي اهميت کي اجاگر ڪندڙ آهن.

علي آڪاش، اسان لئه ان ڪري به اهم آهي، جو هو هر وقت شاعري جي اهميت کي اجاگر ڪندو رهي ٿو ۽ ان جي بچاءَ بابت ۽ ان جي واڌ ويجهه ۽ ان جي اثرائتي ڦهلاءَ بابت ڪارائتيون ڳالهيون ڪندو رهي ٿو.

رنگين تنهائي:

شاعريءَ جي شناسائي رڳو تڏل دل وارن سان ڪوڙ ٿي ٿئي، پر شاعريءَ جي شناسائي هر ان سان ٿي ٿئي جيڪو ٿورو به احساس رکي ٿو. نه ته اياز گل جي هيءَ سٽ انهن جي لاءِ آهي ته 'احساس بنا ماڻهو اخبار پراڻي آ' ۽ اسان جي پياري منصور سيتائيءَ جي شاعري احساس جي اڻمن جهڙي ئي آهي. هيءُ ڪتاب 'رنگين تنهائي' جنهن مان مون چوندا پئي ڪئي شاعريءَ جي، اهو ڪتاب هڪ طويل سفر جي دور ڪنهن اونداهي غار جهڙي سفر کي طئي ڪري پوءِ ئي اسان تائين پڳو آهي ۽ اڄ اهو 'رنگين تنهائي' جهڙي رومانس پرئي نالي سان اسان ۽ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

منزل ڈاڍو ڈور هئي، پر مون گهرايو ڪونه

رنگين تنهائي ۾ اهڙيون ته دل لياڻيندڙ ۽ من پرپائيندڙ سهڻيون سٽون ڪتاب جي مختلف صفحن تي چندا چهڙو ڪٽي اسان کي ڏسي مرڪي ڪيڪارن ٿيون. جنهن سان دل جي ڏڪ ڏڪ به وڌي وڃي ٿي ۽ چپن تي بي اختيار واهه واهه جي روح پرور صدا جهومي اٿي ٿي.

جيئن، جيئن سج چڙهي،
ڪاچي ڪونج رڙي
سپ کوويو سڪار ڏانهن،

ڪنهن سان جيءُ جڙي

ڪاڇي ڪونج رڙي

مٿيون ستون وائيءَ جون آهن ۽ سچ ته جڏهن منصور جي وائي پڙهجي ٿي ته گهٽ وائيءَ جي شاعرن کان آڳاهون نظر اچي ٿو. جنهن جو وڏو مثال سندس وائيءَ تي سائين سرمد چانڊيي جي راءِ آهي ۽ هن ڪتاب ۾ سرمد چانڊيي جي راءِ انتهائي وزنائتي ۽ وٽندڙ آهي.

ڪنهن کي ڳولين ٿيون،

ڪارونجهر تي ڪامڻيون!

*

لهندا اوسيئڙا،

نيٺ ته ايندو سانورو.

*

مون سان پل نه ڳالهائجان،

جيڪر هاڻ رسان.

موڻي اڇ او ميندرا.

منصور سيتائي جي هن ڪتاب کي پڙهڻ کان پهرين آءٌ ڪيس غزل جي شاعر طور سڃاڻيندو هئس جيئن ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي اياز گل به اهڙي راءِ جو اظهار ڪيو آهي ته 'مسودو پڙهڻ کان اڳ ۾ مُون ڪيس رڳو غزل جي شاعر طور سڃاتو پئي.' پر نه منصور ته وائي به خوبصورت ٿو لکي. توڙي جو هن مجموعي ۾ گيت، نظم، غزل ۽ ترائيل به ڏنل آهن. پر وايون سين تي پاري آهن ۽ ها هڪ ٻي ڳالهه ته هن مجموعي ۾ منصور کي بيت به ڏيڍ گهرجن هان، ۽ واقعي منصور بيت به ڏاڍا سٺا ۽ لاپائتا لکيا آهن. مثال هيءُ هڪڙو سندس بيت آهي.

سوڍا منهنجي سنڊ جا، رتو رت ٽيا،

ڏهر منجهه ڏيئا، هريا تن جي خون سان.

ڪجهه غزلن جا چونڊ شعر اچو ته پڙهون.

چنڊ گهوٽ ٽيو آهي ۽ تارا سندس جاڄي،

هن رات جي دلهن جي بارات انوکي آ.

*

جنهن بہ رستي سان وڃي ٿي سانوري،
ڦول ٿا ڦٽندا وڃن هن جي پٽيان.

هاڻي هيءُ جيڪي مثيان ٻہ شعر جڙ غزلن جِي چونڊ آهن. اهي ٻئي غزلَ جديد غزلن جي معيار تي پُورا لهن ٿا. 'چنڊ گهوٽ - تارا ڄاڄي- رات دلهن' اهي تشبيهون نيون تہ ڪٽين ناهن. ها پر اهڙيون تشبيهون اسان کي اڙدو شاعريءَ ۾ جام ملنديون پر. سنڌي شاعري ۾ ورلي ملنديون. منصور جا هيءُ ٻئي مثيان شعر پراڻ جي ڪن مان پاس ٿي. نواڻ جي ويس ۾ نروار ٿيا آهن ۽ هيءُ غزل جا ٻہ شعر اوهان سان وڌ ڪجن ٿا. جيڪي بنهہ منفرد لهجي جا آهن.

ايئن پاڪر مان هوءَ وئي نڪري،
جڙ ندي آ درياهہ مان نڪتي.

*

هاڻي هر دڳ وڃائي ويٺي آ،
چاهہ لئہ آ جا چاهہ مان نڪتي.

منصور سيتائي جديد سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم ڪڙي آهي. هن ذات جي ڏيهہ ۾ نيٺ ڏيئا ڪري ٻاريا آهن ۽ پنهنجو هڪ الڳ گس ناهيو آهي. جيڪو سنڌي شاعريءَ کي صدين پڇاڻان ٻہ پڏرو رهندو. هيءُ شعري مجموعو 'رنگين تنهائي' منصور سيتائيءَ جي شاعريءَ جو 'سورج مکي' آهي.

ريل سيٽي هنئين لڏيا هٽڑا،
نيٺ پيا اوچتو ڇُلي منهنجا.

*

ريشمي احساس

ڪڏهن ڪڏهن اهو سوال ذهن جو در ڪڙڪائيندو آهي ته ڇا شاعريءَ جو جنم غلام قومن جي اندر ٿيندو آهي؟ ۽ ان سوال جي جواب ۾ جڏهن ڳولا ڪجي ٿي ته اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته نه ايئن ڪونهي ته ڪو شاعري رڳو غلام قومن جي اندر جنم ونندي آهي. پر اها آزاد قومن جي اندر به سرجي ويندي آهي. فرق رڳو اهو آهي ته غلام قومن اندر سرجندڙ شاعري گهٽي يا گم آزادي ۽ آسودگيءَ جا خواب ماڻهن جي اکين ۾ ٽاڪيندي آهي ۽ آزاد قومن ۾ سرجندڙ شاعري موضوعاتي حوالي سان تفريحي ۽ خوشيءَ پرين احساسن سان سرشار هوندي آهي. سنڌ اندر سرجندڙ شاعريءَ کي اسان جڏهن ماضي کان حال تائين پڙهون ٿا ته اها ظلم ۽ ڏاڍ خلاف مورچي ۾ بيٺل نظر ٿي اچي. ان جو هڪڙو سبب ٿي سگهي ٿو ۽ اهو مسلسل قومي غلامي آهي. جنهن ڪري ئي اسان جي شاعرن کي محبوب جا زلف به زنجير ٿا لڳن.

ڪارل مارڪس چيو آهي ته "شاعر اوريجنل انسان هوندا آهن." ۽ مون کي اهي شاعر وٽندا آهن. جيڪي پنهنجي حليي ۾ به شاعر هوندا آهن ۽ مون کي سنڌ اندر اهڙا گهٽ شاعر نظر آيا آهن. جيڪي پنهنجي حليي ۾ به شاعر آهن ته پنهنجي مزاج ۾ به شاعر. مون کي اها خبر ناهي ته بالا بلوچ ڪهڙو مزاج رکندڙ آهي پر جڏهن مون هن جي شاعري پڙهي ته مون کي اهو احساس ٿيو ته هيءَ مڪمل شاعر آهي. حيرت ان ڳالهه جي ٿي رهي آهي ته بالا موري جهڙي شاعر خيز شهر مان هوندي به منظر تان غائب آهي.

جديد سنڌي غزل جنهن مقام تي هينئر بيٺو آهي ۽ اهو جڏهن پڙهجي ٿو ته اها راءِ جڙي ٿي ته اجوڪو غزل نه رڳو سنڌي موسيقيءَ کي زنده رکڻ جيتري سگهه رکي ٿو پر اهو سنڌي شاعريءَ جي معيار ۽ فني اهميت کي به اجاگر ڪري ٿو. جتي هر ٻيو شاعر فنَ کان ڏور بيٺو آهي. اتي ڪجهه اهڙا نوجوان شاعر به آهن. جيڪي غزل جا گلدستا ناهي سنڌي شاعريءَ جي شهرَ ۾ خوشبوءِ ڦهلائي رهيا آهن. آئون هتي ڪجهه نالا ڳڻائڻ پسند ڪندس. جيڪي جديد سنڌي غزل جي ڪائنات ۾ پنهنجا تارا ۽ پنهنجو چند چمڪائي رهيا آهن.

انهن مان عجب شيخ، چندر ولاسائي، علي صفدر، علي ساجن، عزيز سولنگي، نواد ڪلوڙ سميت ڪيترائي نالا آهن جيڪي ڳڻائي سگهجن ٿا ۽ ان سلسلي ۾ اسان بالا بلوچ کي به ڳڻائي سگهون ٿا. جنهن جديد سنڌي غزل جي پهراٽ تي غزل ستارن جي صورت ۾ ٽاڪيا آهن.

ريشمي غزل ڪتاب پڙهي اها راءِ جوڙي سگهجي ٿي ته هن ڪتاب ۾ شامل غزل ان غزل جو تسلسل آهن. جنهن غزل کي اسان وفا ناٿن شاهي جي لهجي وارو غزل چئون ٿا ۽ اهو غزل اقبال رند کان ٿيندو مڪمل سومرو ۽ مڪمل سومرو کان ٿيندو بالا بلوچ تائين پهتو آهي.

بحر ۾ به ٻيڙا ترن ٿا،
بدن تي ڇا منظر رکيو ٿس.

*

جڏهن به چوڪري ملي،
بدن کي بوسڪي ملي.

هي بالا بلوچ جي غزل جو ذائقو آهي ۽ انهن ٻن شعرن جو جيڪو موضوع آهي ۽ اهو جسم جي جماليات جو چٽ آهي.

هي سندس وٽندڙ شعرن جا نمونا آهن، جن کي اسان ريشمي غزلن جا ريشمي احساس ئي چونداسين:

آسمان ڪليات آ منهنجو
۽ ستارا هن غزل منهنجا.

*

قرب جا هي ڪُهي ڪبوتر سڀ،
دل جي خالي ڪري ڪُڏي ويندين.

عجب شيخ:

جديد سنڌي غزل جو اهڙو نالو آهي، جنهن صحيح معنيٰ ۾ غزل لکيو آهي. پوءِ اها بي ڳالهه آهي ته هن جي ناماچاري ڪيتري ٿي آهي يا نه؟ پاڻ کي ان پاسي ڏانهن ڏسڻو ناهي. ڏسڻو اهو آهي ته هو جيڪو لکي پيو اهو ڪيڏو نه سهڻو ۽ وٽندڙ آهي. سندس غزل جو هر شعر اوهان کي واهه واهه جو ورد ڪرائيندو ويندو پڙهڻ وقت ۽ شاهدي طور مان سندس به شعر هتي ڏيندس:

ٻُکن ۾ پاھہ ٿي مري ٻچا ويا غريب جا،
خدا جي خلق جو نہ ڪي، خدا جو ئي ڏيان ٿيو.

*

اوڏڪيون گھر جون پتيون ٻڌائن پيون،
وقت وڏڻن ڪٽيو مفلسيءَ ۾ هيو.

چندر ولاسائي:

گيت جان گنگنائي سگھجي ٿو
توکي ڳائي وڃائي سگھجي ٿو.

*

هن چيو هو ڪنهن سليقي سان تہ ڪوئي ڪم ٻہ ڪر،
پيو ڪريان ان ڏينهن کان آوارگي ترتيب سان.

هي مثيان ٻئي شعر چندر جي سچاڻپ جا شناختي ڪارڊ آهن. نہ صرف اهي پر ڪيترا ئي اهڙا سندس شعر ماڻهن کي ٻر زبان ياد آهن. چندر نہ رڳو غزل لکي ڇاڏي پر ان کي ادا ڪرڻ ٻہ ڄاڻي. هيءَ غزل جو اهڙو شاعر آهي، جنهن کي ڪٽي ٻہ حوالي طور پيش ڪري سگھجي ٿو.

علي صفدر:

درد کي ڪيئن اظهاربو آهي. اهو هن وٽ فن آهي، جڏهن پيڙاءُ جي پاتال کان شاعر ٿي موٽندو آهي تہ اهڙا ئي خيال ڪٽي ايندو آهي، جهڙا خيال علي صفدر غزل ۾ اظهاريندو آهي. هن وٽ درد، ڏک جهڙو ثمر ڪجهہ سرس آهي. هو رڳو ان تڪليف کي اکرن ۾ نہ ٿو اوتي پر ڪڏهن ڪڏهن ان کي آواز ۾ ٻہ اظهاري وٽندو آهي.

هڪڙي ڳوڙهي ئي يار ٻوڙيون هن،
ڪاهي ڳل ۽ ڳٽي جون بازارون.

*

وري مون وٽ پڳا ڄاڄي ڏکن جا،
وري فڪرات جون ديگون دميون هون.

علي ساجن:

هن جي غزل ۾ ٻهراڙيءَ جا منظر اکين کي تراوت بخشيندڙ آهن. هو شاعري کندي ابهرائپ نہ ٿو ڏيکاري ۽ اها ئي هن جي ڪاميابي آهي، جو هو شاعريءَ کي سمجهي چڪو آهي. شاعريءَ کي سمجهڻ ئي وڏي ڳالهہ آهي، هو تہ شاعري ڪري ٿو ۽ اهڙي ڪري ٿو جنهن کي پڙهندي سنڌي شاعريءَ جي شاندار مستقبل کي ڏسي سگهجي ٿو.

اپ ۾ چڊڙا تارا آهن يا جيجان؟
چتيون چتيون ڪپڙا بابا پوڙهي جا.

*

پئي ڪٽون ٻاهر ڪڍي جهونگاريو
مينهن جي ڪولهڙ سنبت سمجهي نہ ٿي.

عزيز سولنگي:

غزل ڪيئن لکبو آهي ۽ غزل ڪيئن پڙهبو آهي، اهو عزيز ڄاڻي ٿو. اها شاعري وڏيڪ مقبول عام ٿي ويندي آهي، جنهن کي سندر ادائگي ملي ويندي آهي. جديد سنڌي غزل هلندو هلندو جڏهن عزيز تائين پهچي ٿو تہ ان ۾ موضوعن جي نواڻ بہ اچي وڃي ٿي ۽ اها غزل جهڙي شاندار شعري صنف آهي، جنهن ۾ هر موضوع کي ڳائي سگهجي ٿو. اسان جو عزيز بہ غزل ۾ ڪجهہ اهو ڪري ڏيکاريو آهي، جنهن بابت پاڻ مٿي ڳالهائي آيا آهيون.

اک هڻين ها، مري وڃان هان مان،
گز هنيئي نوڪدار ايڏو ڇو؟

*

ڪوهہ نيڻن جا تار آهن ٻئي،
دل جو دلو پرڻ ڪٽي آئي.

فواد ڪلوڙ:

شاعر جي پرک ڏسڻي هجي تہ ان جو غزل ڏسجي ۽ غزل اها صنف آهي، جيڪا ڇڪن پلن شاعرن کي شهہ ڏئي ويندي آهي ۽ هن نوجوان شاعر جا غزل

پڙهي ڪري اها حيرت ٿيندي آهي ته هو غزل جهڙي نفيس صنف کي ايئن پکڙيون بيٺو آهي. جيئن وڻا ناڻن شاهي ۽ اقبال رند غزل کي پکڙيون بيٺا آهن.

بنا ڪنهن پرن جي هي پاڳل فواد،
غزل کي چڏي ٿو هوا ۾ اڏائي.

*

هڪ مان جيئن تون نڪتينءَ دل ۾ سوال ٻوڙيا،
پنهنجي ملڻ مهل ڇو ايڏو گهڙيال ٻوڙيا.

هيءَ هن جون ابتدائي وکون آهن. اڳتي هلي هي ته غزل جي دنيا ۾ معجزه ڪندو ۽ ان لاءِ جيڪا مسلسل محنت جي گهرج آهي. اها فواد پوري ڪري ٿو. لڳاتار رياضت جو نتيجو اهو آهي جو. هن کي جديد سنڌي شاعريءَ جي ذڪر ڪرڻ وقت خوشيءَ سان ڳڻائي سگهجي ٿو.

*

شعور جو سرچشمو ڪتاب هوندا آهن

سنڌ ڪثرت سان اهڙا ڏاها ۽ عظيم انسان پيدا ڪيا آهن، جن علمي ۽ ادبي پورهيو پنهنجي منهن ڪمري جي هڪ ڪُنڊ ۾ بنا لوڀ ۽ لالچ جي ڪيو آهي ۽ اهي ئي اتم انسان آهن، جن پنهنجي هڙان وڙان علمي ۽ ادبي پورهيو ڪتابي صورتن ۾ عام تائين آندو آهي.

سنڌ ۾ ڪيترين ئي اهڙين علمي ۽ ادبي شخصيتون ٿي گذريون آهن. جن جو علمي، ادبي ۽ قلمي پورهيو ترجمي تي آڌاريل آهي. هڪ ٻوليءَ جو ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ايترو سولو نه آهي. جيترو سولو سمجهيو وڃي، ٿو ۽ فڪري تحريرون شعوري تبديلي جو سبب بڻجنديون آهن ۽ اهي فڪري تحريرون تخليق ڪندڙ ڏاهپ جا سرچشما هوندا آهن.

ميهڙ شهر ۽ ميهڙ جي پرپاسي وارا علائقا ايترائي علمي ۽ فڪري حوالي کان زرخيز آهن. جيتري سنڌ جي سر زمين قدرتي وسيلن کان مالا مال آهي ۽ ميهڙ جون علمي ۽ ادبي شخصيتون ڳڻائڻ لاءِ هڪ الڳ تحقيقاتي ڪم ٿيڻ گهرجي ۽ جنهن لاءِ ڪنهن عالم، فاضل جي چونڊ ڪرڻي پوندي.

ميهڙ جنهن شمس الدين بلبل ڏنو ميهڙ جنهن قومي تحريڪ جو شعوري شهيد.... شهيد سميع الله ڪلهوڙو ڏنو ۽ ميهڙ جنهن مولانا غلام محمد گرامي سميت اسان کي دور حاضر جي زبردست علمي ۽ ادبي شخصيت منور ٻُٽ ڏنو آهي ۽ منور ٻُٽ ڪير آهي. سندس تعارف ۽ علمي ۽ ادبي خدمتون ڪهڙيون آهن؟ ان جو ذڪر اڳتي ايندو.

ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب جي واڌ ويجهه ۾ جتي جتي تخليقي / مقامي ٻولين جي ادب جو ڪردار هوندو آهي تہ اتي اتي پرڏيهي ٻولين جو ٻہ پرپور ڪردار هوندو آهي ۽ اهو ڪم ترجمي جي وسيلي پورو ڪيو ويندو آهي. انساني شعور جي ترقي ۽ ڏهني اوسر ۾ ڪتابن جو وڏو ڪم آهي. سنڌي ادب ۾ ڪجهه اهڙا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. جن جو سنڌي ادب جي واڌ ويجهه ۾ ترجمي جي حوالي سان وڏو ڪم آهي. مثال طور محمد ابراهيم جويو، عطا محمد پنيرو، م ن محزون، منور ٻُٽ ۽ ٻيا ڪيئي نالا جن جو تعداد اڻ ڪُٽ آهي.

پر مون مٿي صرف چار نالا ڄاڻايا آهن ۽ اهي چارئي نالا پنهنجي پنهنجي حوالي سان ترجمي ۾ هڪڙا مخصوص موضوع کڻي آيا آهن ۽ اهي مخصوص موضوع جهڙوڪ سندن سڃاڻ بڻجي ويا آهن.

محمد ابراهيم جويو:

فلسفي جي حوالي سان اهڙا ته ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا جو اهي ڪتاب جهڙوڪ هڪ ڏاهي استاد جو روپ ڌاري بيٺا آهن. جويو صاحب جيڪي به ڪتاب ترجمو ڪيا آهن اهي ڪتاب سندس نالي سان ايئن منسوب ٿي ويا آهن. جڏ اهي ڪتاب لکيا ئي جويي صاحب آهن. ڪتاب هن مختلف ٻولين مان ترجمو ڪيا آهن جهڙوڪ. انگريزي، فرينچ وغيره. جويي صاحب جي ترجمو ڪيل ڪجهه ڪتابن جا هي نالا آهن. فڪر جي آزادي، فلسفي جو ابتدائي ڪورس، علم تدريس مظلومن لاءِ ۽ ان سان گڏ ٻيا ڪيترائي فڪر انگيز ڪتاب آهن جيڪي هن ترجمو ڪيا آهن.

عطا محمد پنيرو:

عطا محمد پنيري جو نالو سنڌ پرستن جي صف اول ۾ شمار ٿيندو آهي. سندس پورهيو سنڌيت سان سرشار آهي. هن جا ترجمو ڪيل ڪتاب وري پنهنجو الڳ گس وٺي ويندڙ آهن ۽ اهو گس سنڌيت وارو گس آهي. ڏاهاڪو ڪان وڌيڪ سندس ترجمو ڪيل ڪتاب سنڌ جي ڳولا جا سونهان آهن ۽ سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن جا سونهري دور دريافت ڪندڙ پڻ آهن. عطا محمد پنيري جو ترجمي جي حوالي سان سنڌ ۾ هڪ زبردست تحريڪي ۽ ترجماني ڪردار جڙيل آهي. هو عمر جي آخري سرحد تي هوندي به سنڌ جي سلامتيءَ جون صدائون ڏئي رهيو آهي ۽ دنيا جي عالمن ۽ ڏاهن جون ڏاهپ ڀريون سنڌ بابت ڪيل ڳالهيون، پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري عام تائين پهچائي رهيو آهي.

مرن محزون:

مرن محزون اهو شخص هو جنهن خاموشيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي گودڙيءَ ۾ اهڙا ته چونڊي چونڊي هيرا ۽ لال جواهر وڌا جيڪي ايترا ته نايابَ ۽ وٽندڙ آهن، جو انهن جو ڪو مٽ ئي ڪونه آهي. سنڌ وطن ۾ خليل جبران کي سنڌي

ٻوليءَ ۾ متعارف ڪرائيندڙ م ن محزون ئي آهي. هو هڪ خوش لباس انسان هو. انگريزي ٻوليءَ جو ڄاڻو هو. م ن محزون، خليل جبران جي جهڙوڪ سينيءَ ڪتابن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ اهي ترجمو ٿيل ڪتابَ شاهڪار آهن. رومانويت ۽ پُراسراريت جهڙي ليڪڪ خليل جبران جا اهي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جو هاڻ حصو بڻجي چڪا آهن جن کي سنڌي ٻوليءَ جي جهول ۾ وجهڻ وارو ڪم م ن محزون سرانجام ڏنو آهي.

منور بُٽ:

ڪنهن کي ڪڙڪ ئي نہ ڏيڻ ۽ چپ چپات ۾ ترجما ڪري پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري، ڇپرائي نوجوانن ۾ مفت ڪتاب ورهائيندڙ. مُنور بُٽ، جا ترجمو ڪيل ڪتابَ توڙي جو موضوعاتي حوالي کان اسلامي آهن پر هي تنگ نظري بجاءِ تبديليءَ، ترقيءَ ۽ پائيچاري جو درس ڏيندڙ آهن. سندس ترجمو ڪيل ڪتابن تي اڳتي تفصيل سان لکبو. منور بُٽ هڪ حقيقت پسند انسان آهي. سندس اندر هڪ مومن ۽ خوبصورت انسان ويٺو آهي. مون کي سندس ترجمو ڪيل ڪتاب ڪردار نگاريءَ جي چوگرد گهمندي نظر اچن ٿا ۽ اهي ڪردار ايترا تہ اثر انگيز آهن جو دنيا جي گهٽي ۾اڳي فردن تي هاڪاري اثر ڇڏيندڙ آهن. سندس ترجمن تي تفصيل سان لکڻ مان پنهنجو فرض سمجهان ٿو. جنهن کي نپائڻ جي مان هتي ضرور ڪوشش ڪندس.

منور بُٽ ميهڙ تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ سرائي بُٽ ۾ پهرين جولاءِ **1955**ع تي جان محمد بُٽ جي گهر اک کولي. پاڻ تدريسي تعليم جو آغاز پنهنجي ئي ڳوٺ مان ڪيو. منور بُٽ تمام مٿانهين عهدن تي رهيو پر، هو اسان کي عهدن کان وڌيڪ عزيز پنهنجن ترجمن ۽ علم ادب جي ڪري آهي. سندس درياهہ دلي ۽ پيار محبت جو اڻ ميو هجڻ مان ثابت آهي تہ هو انسان دوست آهي. هو پنهنجي صورت ۾ سهڻو آهي ۽ سيرت ۾ بہ سهڻو آهي. تڏهن ئي تہ هن سُهڻن سجيلن ڪتابن جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. منور بُٽ، اهو انسان آهي جيڪو محب وطن آهي، هن کي پنهنجي وطن ۽ وطن جي ماڻهن سان محبت آهي. اسان کي سندس پورهئي سان محبت آهي. تنهن ڪري ان کي مجتا ڏيڻ اسان جي ذميواري آهي.

منور ٻُٽ انگريزي ۾ اردو مان تقريبن پنڌرنهن جي لڳ ڀڳ ڪتابن جو ترجمو ڪيو آهي ۽ اهي ڪتاب موضوعاتي حوالي کان ناول، سوانحي عمريون، تاريخي ۽ اسلامي ڪتاب آهن. سندس ترجمي جي ٻولي سولي ۽ سليس آهي. جيڪا پڙهندڙ کي رواني سان پاڻ سان کنيون ٿي هلي. منور ٻُٽ هينئر تائين هيءُ ڪتابَ ترجمو ڪيا آهن. جيڪي ڇپجي مارڪيٽ جي زينت پڻ بڻجي چڪا آهن.

1: ستارن ۾ لکيل سوڪيءَ جي ڪهاڻي (ناول) (2000ع)

2: سيرت علي المرتضيٰ ؑ (سوانح عمري) (2006ع)

3: حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو آفاقي پيغام (سوانحي عمر ـ اسلام جو پيغام) (2010ع)

4: رڻ سجوئي رت ڦڙا (ناول) (2010ع)

5: ڪربلا جي بهادر عورت (حضرت بيبي زينب ؑ) (سوانح عمري) چاپو ٻيو (2010ع)

6: هاشمين جو چنڊ (سوانحي عمري: غازي عباس علمبردار ؑ) (2012ع)

7: اسلام جي تاريخ (تاريخ) (2012ع)

8: خدا جي تاريخ (تاريخ) (2014ع)

9: پير ڪامل ﷺ (ناول) (2014ع)

10: فاطمہ 'سلام الله تعاليٰ عليها'، فاطمہ 'سلام الله تعاليٰ عليها' (سوانح عمري) (2015ع)

11: ايمان، اميد ۽ محبت (ناول) (2015ع)

12: محمد رسول ﷺ (سوانح عمري) (2016ع)

13: انساني ضمير جو آواز ـ حضرت علي ؑ (سوانح عمري) (2016ع)

14: محسنِ انسانيت ﷺ (سوانحي عمر) (2017ع)

15: شان حضور ﷺ (سوانح عمري)

16: فُتوحُ الغيب (سوانح عمري).

ستارن ۾ لکيل سوڪيءَ جي ڪهاڻي:

منور بُٽ جي ترجمن مان هي پهريون ترجمي جو ڪتاب آهي. هي ناول امريڪن ليکڪ ايرنا انجبرگ موئن جو تخليق ڪيل آهي ۽ هيءُ ناول هڪ حقيقت پسنديءَ جي ڪهاڻي سان تعلق رکي ٿو. سنڌي ادب ۾ پهرين عورت پبلشر آپا نذير ناز جي ناري پبليڪيشن طرفان ڇپرايل هي ڪتاب پنهنجي نوعيت جي حوالي سان هڪ منفرد ڪتاب آهي، جنهن ۾ سوڪيءَ جي ڪهاڻي / ڪردار حيرت انگيز آهي ۽ هن ناول جي حوالي سان آپا نذير ناز جو هي جملو ئي ڪافي آهي "مرد جي پناهه ۾ پيار جي ڳولا - هن ناول جو مرڪزي خيال آهي."

سيرت علي المرتضيٰ ؓ:

هي ڪتاب ڪنهن ليکڪ جو ناهي بلڪ مختلف ڪتابن جي حصن جو ترجمو ۽ ترتيب آهي. هن ڪتابَ جي انهن ڪتابن کان مدد ورتي وئي آهي جيڪي سيرتِ حضرت علي ؓ بابت لکيل آهن ۽ انهن مختلف ڪتابن جي مختلف حصن جو هي ڪتاب هڪ حسين گلدستو آهي.

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو آفاقي پيغام:

مصر جي امير گهراڻي جي فرد عرب ليگ جو بنياد وجهندڙ ڪيترن ئي عرب ملڪن ۾ پنهنجون علمي، ادبي خدمتون سر انجام ڏيندڙ عبدالرحمن عذام جو جڳ مشهور ڪتاب 'الرسالہ الخالد' جي انگريزي ترجمي تان سنڌي ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب 'حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو آفاقي پيغام' هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جيڪو تمام گهڻن انتشارن جو سلجاءُ پڻ آهي ۽ هيءُ ڪتاب نہ رڳو اسلام جي روشنائي ۽ اُجرائي ٿو بيان ڪري پر هيءُ ڪتاب حضور ﷺ جن جي سيرت جو بہ سهڻو سليقو سمجهائي ٿو.

هي ڪتاب اصل عربي ٻولي ۾ عبدالرحمن عذام لکيو ۽ جنهن کي انگريزي ٻوليءَ ۾ ڊاڪٽر قيصر اي فرح ترجمو ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ منور بُٽ

ترجمو ڪيو. هيءُ ڪتاب اسلام جي تعليمات جو هڪ نچوڙ آهي ۽ هيءُ ڪتاب جهڙوڪ لکيو ئي ان جي لاءِ ويو آهي، جو جن ماڻهن جي من ۾اسلام جي باري ۾ دهشت جي باهه ٻرندي رهي آهي، انهي باهه کي وسائڻ لاءِ هن ڪتاب جي ليکڪ جديد سائنسي علم، ادب جي حوالي سان اسلام کي بيان ڪيو آهي ۽ هي ترجمو منور ٻُٽ جي ترجمن ۾ نمائيان ۽ ڪمال جو ترجمو ڪيل ڪتاب آهي

رڙ سڄو ئي رت ڏڙا:

هن ڏرتيءَ تي ڪربلا جي واقعي جا غمزده اثر صدين کان رهندا پيا اچن. ڇا خبر ته اڄا ڪيترو اهي غم جا ڪڪر ڇانيل رهندا.؟ ڪربلا جو واقعو ايترو گهرو صدمو ڇو ٿو لڳي ۽ ان سوال جي پويان ڪهڙو جواب آهي. منهنجي خيال ۾ ڪربلا جي واقعي تي هر اک ان ڪري آلي آهي، جو ان واقعي ۾ محسنِ انسانيت صه جي اولاد تي تڪليفن جا پهاڙ ڪيرايا ويا. ڪين رڙ ۾ رلائي اڇيو بکيو ماريو ويو.

اک قطرا خون کا هي ناول ڪربلا جي واقعي جي پسمنظر ۾ برصغير جي تمام وڏي ليکڪ عصمت چغتائي لکيو آهي. ان ناول کي سنڌي ويس منور ٻُٽ پارايو آهي. هي ڪتاب پڙهندي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي ۽ جهڙوڪ ڪربلا جو دل سوز واقعو اکين آڏو اچي وڃي ٿو.

ڪربلا جي بهادر عورت:

حضرت بيبي زينب عليہ السلام جي بهادري جو مثال ڪربلا جي پس منظر ۾ امام حسين ع کان پوءِ صفِ اول تي آهي ۽ سندس بهاديءَ جا پڙاڏا ڪائنات جي هر ڪنڊ ۾ ٻڌا ويا. جڏهن هن وقت جي ظالم حڪمران جي دربار ۾ تاريخي خطبو ڏنو. جنهن کان پوءِ يزيد لاءِ مسئلا ڪڙا ٿيا ۽ ماڻهن کي ان واقعي جي صحيح رخ جو پتو پيو.

هي ترجمو ڪيل ڪتاب اصل عربي ٻولي ۾ ڊاڪٽر عائشہ مصري جو لکيل آهي، جنهن کي اڙدو ۾ سيد محمد عباس زيدي (انديا) ترجمو ڪيو ۽ سنڌيءَ ۾ ان جو ترجمو منور ٻُٽ ڪيو آهي.

هاشمين جو چنڊ 'حضرت غازي عباس علمبردارؑ':

هاشمين جو چنڊ حضرت غازي عباس علمبردارؑ جي سوانح عمري آهي ۽ هي ڪتاب انساني سيرت کي سهڻو سليقي ۽ بهادريءَ جو دڳ ڏيکاري ٿو. منور بُٽ جي ادبي خدمتن ۾ نہ رڳو ترجمن جو حصو آهي پر ان ۾ ترتيب ، ترجمي جو به حصو شامل آهي ۽ ڪتاب پاڻ مختلف ڪتابن کي نظر مان ڪڍي حضرت غازي عباس علبردارؑ جي سوانح عمري ترتيب ڏني آهي.

اسلام جي تاريخ:

اسلام سلامتيءَ جو دين آهي. اهو پاڻ پهريان ٻڌوسين ۽ پوءِ پڙهيوسين ۽ آخر ۾ عالمي طور تي جيڪو اسلام جي باري ۾ تاثر ايريو اهو ڏاڍو خطرناڪ طور سامهون آيو آهي.

اسلام جي تاريخ تي ول ڊيورانٽ جي تحقيق ٻين محققن کان ۽ تاريخدانن کان گهڻو مختلف آهي. هو ڏاڍو ڪرو تاريخدان آهي ۽ جڏهن هن کي پڙهجي ٿو تہ ايئن پائنجي ٿو تہ هو هڪ حقيقت پسند ليکڪ آهي ۽ هڪ تاريخ جي شاگرد کي ول ڊيورانٽ پڙهڻ گهرجي ۽ جنهن ول ڊيورانٽ ناهي پڙهيو جڙ ان اڌوري تاريخ پڙهي آهي. مان هتي اسلام بابت ڏاڍو محتاط ٿي راءِ رکان ٿو يا کٽي ايئن چئجي تہ راءِ ئي نہ ٿو رکان. ان ڪري مان ول ڊيورانٽ جي ڪنهن ڳالهہ جو هتي نقل به نہ ٿو ڪيان جيڪا هن اسلام جي تاريخ لکڻ وقت ڪئي آهي.

اسلام جي تاريخ منور بُٽ جو ترجمو ڪيل ڪتاب آهي ۽ هن ڪتاب جو ليکڪ امير علي آهي ۽ امير علي جو هيءُ ڪتاب پڙهڻ جهڙو آهي ۽ جس آهي منور بُٽ کي جنهن هڪ خوبصورت ڪتاب ترجمو ڪري سنڌي ادب جي تاريخ ۾ خوبصورت واڌارو ڪيو آهي.

خدا جي تاريخ:

خدا جي تاريخ برطانوي ڄائي ڪيرن آرمسترانگ جو لکيل ڪتاب آهي. هڪ ضخيم ۽ ڳورن خيالن وارو هيءُ ڪتاب ڪو هڪ دفعو پڙهي سمجهڻ جهڙو قطع ناهي. هيءُ ڪتاب تہ ڳولا جو جهڙوڪ داستان آهي ـ

جيڪو ڪيرن آرمسٽرانگ سان منسوب آهي. ڪي ڪتاب، ڪي موضوع اهڙا هوندا آهن جيڪي سوال چڏي ويندا آهن. مان سمجهان ٿو اهڙا ئي موضوع ڪارائتا هوندا آهن، جيڪي مثبت سوالن کي جنم ڏيندا آهن ۽ هيءُ ڪتاب خدا جي تاريخ بہ انهن ڪتابن ۽ موضوعن مان آهي، جيڪي اهڙا مثبت سوال اڀارين ٿا.

منور بُٹ درياهہ دل انسان آهي، جنهن اهڙو ڪتاب ترجمو ڪيو آهي، جيڪو موضوعاتي حوالي سان ئي هڪ مسلمان هن ڪتاب کي پڙهي ڪري ڪنهن اونداهي ڪنڊ ۾ ڪٹي رکي چڏي پر منور بُٹ هن ڪتاب کي ڪٹي هڪ روشن چونڪ تي رکي چڏيو آهي، جتان هر گذرندڙ ماڻهو ڏسي ٿو چرکي ٿو ۽ پڙهي ٿو.

فاطمہ 'سلام الله تعالیٰ علیها'. فاطمہ 'سلام الله تعالیٰ علیها' آهي:

ڈاڪٽر علي شريعتي جي فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب "فاطمہ 'سلام الله تعالیٰ علیها'. فاطمہ 'سلام الله تعالیٰ علیها' است" جنهن کي اڙدو ۾ پروفيسر سردار نقوي ترجمو ڪيو ۽ ان ڪتاب کي سنڌي ويس منور بُٹ اوڍايو آهي. منهنجي خيال ۾ ڈاڪٽر علي شريعتي جي لکيل ڪتابن مان هيءُ ڪتاب تمام گهٹو مقبول ۽ شاندار ڪتاب آهي ۽ ڈاڪٽر علي شريعتي ڪيڏو وڏو ڈاهو آهي. اهو هن ڪتاب کي پڙهي پروڙي سگهجي ٿو. هيءُ ڪتاب اسلام ۾ عورت جي مٹانهين مقام کي معتبر ثابت ڪري ٿو.

پير ڪامل ؑ:

پير ڪامل ؑ ناول اڙدو ادب جي حال ۾ جڳ مشهور ليکڪ عميره احمد جو لکيل آهي ۽ ناول جو پلاٽ حضور ؐ جي سيرت تي ٻڌل آهي. پير ڪامل ؑ گهٹ پڙهيو ويندڙ ڪتاب آهي ۽ هيءُ ناول ايترو تہ مقبول ٿيو جو هن کي اڙدو مان سنڌي ۾ منور بُٹ ترجمو ڪري ورتو. منور بُٹ جي ترجمو ٿيل ڪتابن ۾ عميره احمد جا بہ ڪتاب اڃي وڃن ٿا ۽ اهي ٻئي ناول آهن ۽ انهن مان هڪ ڪتاب پير ڪامل ؑ آهي.

ايمان، اميد ۽ محبت:

اڙدو ادب ۾ مذهب جي داخل ٿيڻ سان احساس محرومي جنم ونڻ لڳي آهي. منهنجي خيال ۾ ته حال ۾ جيڪو اڙدو ڊرامو ۽ ناول لکيو وڃي ٿو ان ۾ گهٽي ياڳي مذهب آندو پيو وڃي. حالانڪ مذهب کي ادب کان پري رکجي ته بهتر ان لاءِ جو مذهب الڳ موضوع آهي. ان جا پنهنجا ڪتاب آهن. تاريخ جا حديثن جا يا ايجا به ٻيا.

عميره احمد کان ويندي هاشم نديم جي ڊرامن ۽ ناولن ۾ پيار، محبت جي موضوعاتي ڊرامن ۽ ناولن ۾ هلندي هلندي مذهب جو دخول پڙهندڙ جي ذائقي کي متاثر ڪيو آهي. ايمان، اميد ۽ محبت ناول به اهڙي ئي حوالي سان مذهب جي وَر چڙهي وڃي ٿو. توڙي جو هيءُ ناول ڪنهن حوالي سان سٺو آهي ۽ اهو حوالو پيار ۽ محبت آهي.

محمد رسول الله ﷺ:

سنڌ روادريءَ جي سر زمين آهي يا ناهي؟ اهو لال چند امر ڏنو مل جڳتياڻي جي لکيل ڪتاب 'رسول الله ﷺ' کي پڙهي معلوم ٿي وڃي ٿو. جڳتياڻي صاحب هيءُ ڪتاب سن **1911**ع ۾ لکيو. هي ڪتاب هونئن ته مختصر آهي. سندس مواد ايترو جامع آهي، جنهن جو ڪو جواب ڪونهي.

انساني ضمير جو آواز:

اسان سنڌين جي محبت جو انداز نرالو آهي، جنهن سان محبت ڪيون ته ان سان نيائي به ڇاٽيون. احمد فراز جي شعر جو مفهوم آهي ته 'فرازا ايجا توکي ڪهڙو اعزاز ڪپي، جو ماڻهن پنهنجن ڀڃن تي تنهنجو نالو رکيو آهي.' ۽ ايئن ئي اسان حضرت علي ؓ سان محبت ڪريون ٿا ۽ اڪثريت سان پنهنجي نالي جي پٺيان 'علي' لکندا آهيون ۽ ان کان وڌيڪ اسان پنهنجن ڀڃن جو نالو 'علي' چاهه سان رکندا آهيون.

انساني ضمير جو آواز: حضرت علي عليه السلام ڪيڏو قيمتي ڪتاب آهي، ان جو اندازو اوهان هن مان لڳائي سگهو ٿا ته هن ڪتاب کي ڏکڻ لبنان جي عيسائي عرب عالم جارج جرداق عربي ٻوليءَ ۾ سن **1958**ع ۾ لکيو جنهن

کان پوءِ هيءُ ڪتاب ڪيترين ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي ۽ هن ڪتاب کي انگريزي ترجمي تان منور ٻٽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. 'انساني ضمير جو آواز' ڪتاب حضرت علي ع جي سيرت پاڪ تي هڪ جامع ڪتاب آهي ۽ هن ڪتاب جي ضخامت ڏسي ڪري ۽ سندس شاندار تحقيقي ڪم ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته جارج جرداق هٿن سان نہ پر دل سان لکيو آهي هي ڪتاب ۽ منور ٻٽ کي ب جس ڏجي ٿو. جنهن هيءُ ڪتاب ترجمو ڪري اسان تائين پهچايو آهي.

محسنِ انسانيت ﷺ:

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن انسانيت جا سرچشما آهن. سندن سيرت مبارڪ عالم انسان لاءِ هڪ روشن راهہ آهي. منور ٻٽ جي ترجمن ۾ ڪجهہ ڪتابَ حضور ﷺ جن جي سيرت سان تعلق رکن ٿا. جن مان هڪ ڪتاب 'محسنِ انسانيت ﷺ' آهي ۽ هن ڪتاب جو ليکڪ نعيم صديقي آهي. هن ڪتاب جو پيش لفظ پڙهي معلوم ٿيو ته هن ڪتاب جو ليکڪ نعيم صديقي 'جماعت اسلامي' سان وابستہ آهي ۽ بي ڊپو ليکڪ آهي ۽ هن هيءُ ڪتاب ايوبي آمريت ۾لکيو ۽ هيءُ ڪتاب گهڻ پڙهيو ويندڙ ۽ مسلسل ست جي ڏهاڪي کان وڌي شايع ٿيندڙ ڪتاب آهي. اڙدو تان سنڌي ۾ آڻيندڙ منور ٻٽ جو هيءُ ترجمو بہ پنهنجي نوعيت جي حوالي سان خوبصورت ڪتاب آهي ۽ ڪتاب موضوع جي حوالي سان سيرتِ رسول ﷺ آهي ۽ هيءُ ڪتاب 'محسنِ انسانيت ﷺ' جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪري ٿو.

منور ٻٽ جو نالو سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ضرور ڳڻيو ويندو ۽ ايندڙ وقت سندس ترجمي واري پورهئي کي ضرور اهميت ڏيندو. مان رڳو هتي منور ٻٽ لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ئي ڪري سگهان ٿو.

هڪ نظر هيڏانهن ٻي

مسلسل شاعري جي شهر ۾ رهندڙ ۽ اتان جي ماحول کان ماڻهن کي آشنا ڪرائيندڙ ۽ اتان جي هوائن کي لفظن جو لباس اوڍائيندڙ اسان جو شاعر رحمت پيرزادو آهي. هيءُ هيڏي ساري جڳ ۾ اڪيلو ۽ تن تنها جيئندڙ شخص آهي. جيڪو لڳاتار شاعريءَ جي شجر هيڻان وينو ڇلو ڪاڻي رهيو آهي ۽ جڏهن جڏهن به هن تي شاعريءَ جي پريءَ پنهنجا پر ڏاريا آهن. تڏهن تڏهن هن هڪ حسين شعري مجموعي کڻي اسان آڏو آيو آهي. ويجهڙ ۾ هن جيڪوشعري مجموعو اسان جي هٿن ۾ ڏنو آهي، سو آهي 'ساحل مٿان هوائون'.

هن هيڏي اڻ جهل ۽ جنبا پٽ واري ماحول ۾ ساهه کڻندڙ سنڌي ادب تي جڏهن سوچجي ٿو. تڏهن ڏکر اچي وجن ٿا ۽ ساجاهه وند کي ڪاوڙ مان ساجاهه بند ڪوٺ تي دل چوي ٿي. اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن ڪو به ڪنڌ وٺيون. پنهنجي حصي جو ڪم ڪري رهيو آهي. سچ ته اهو ئي حقيقي تخليقڪار آهي.

ڪتاب 'ساحل مٿان هوائون' ۾ رحمت ۾ جيڪي پنهنجي پاران ۾ ڳالهيون ڪيون آهن. اهي بلڪل سچ آهن ۽ رحمت سان متفق ٿيندي سندس ئي ست هتي پڙهندڙن آڏو آڻجي ٿي. 'اڪيلائي تخليق جي دائي هوندي آهي.'

رحمت پيرزادو جو شعري سفر مون کي صنفي اعتبار کان ڏاڍو شانائتو لڳندو آهي. هن کي اوهان هڪ مڪمل شاعر سڏي سگهو ٿا. جڏهن اسان هن جون وايون پڙهون ٿا ته هو اسان کي وائي جو باڪمال شاعر نظر اچي ٿو. جڏهن اسان هن جو غزل پڙهون ٿا ته سندس غزل رقاصا جي گهنگهرو جي ترنم تي ترندي نظر اچي ٿو. هن جو گيت جهڙوڪ ڪنهن ڳوٺ جي ڪچي گهٽي مان گهونگهٽ پائي ويندڙ ڪا گوري هجي جا جهونگاريندي پئي ويچي ۽ جڏهن هن جو نثري نظم پڙهون ٿا ته نيري نيري نِيب تي پورا. ناسي بادل ترندي نظر اچن ٿا ۽ جڏهن هن جو پابند نظم اڳيان اچي ٿو. سچ ته ان وقت شاعري پنهنجي نهج تي پهتل نظر اچي ٿي.

ساحل مٹان هوائون پڑهڻ سان اها راءِ رکي سگهجي ٿي ته هيءَ ئي شاعري آهي ۽ اسان هي ڪتاب شاعري جي دنيا وارن کي حوالي طور ڏيکاري سگهجي ٿو. رحمت پيرزادي جا ڪيترائي اهڙا نظم آهن. جيڪي بار بار پڙهڻ جهڙا آهن ۽ انهن نظمن مان راجا نند جون راجڪمارين، اوپايو کي نند اچي وئي، ڏاڪ خانو اهم آهن. تازو جيڪو رحمت جو نظم جڏهن مون پڙهيو سچ ته آئون اها راءِ جوڙي ته هيءُ هڪ اهڙو نظم آهي. جنهن تي تخليقڪار سڄي عمر ويهي ڪٽيو ڪائي سگهي ٿو ۽ اهو نظم پرپور هڪڙو ماڻهو آهي. ساحل مٹان هوائون ۾ شامل نانگ ڪاڏل چور آهي هڪ بنهه منفرد نظم آهي. ان نظم جون ڪجهه سٽون:

چوڪري پاڻي پرڻ لاءِ،
چور سان ياري رکي ٿي.

*

نانگ وڻ تان هيٺ لهندي،
ڪَلَ پنهنجيءَ کي مٽي ٿو.

توڙي جو پاڻي پرڻ بهاني يار سان ملڻ اهو ڪو نئون خيال ڪونهي پر ان کي نئون پيرايو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ صرف رحمت ڏنو آهي. ڪتاب ۾ شامل هڪ ٻيو به ايڏوئي اثرائتو نظم آهي. اهو نظم آهي. "ڏرتيءَ جي دانهن هڪڙي"

ڏاري زمين تي جا دانهون ڪري رهي آ،
زردار کي نه لڄ ۽ سردار کي نه پڳ آ،

نالي جو هرڪو ماڻي خالي نواب آهي،
ڏرتيءَ جي دانهن هڪڙي اُمِ رباب آهي.

هي نظم هڪ جرئت پريو سڌ آهي ۽ هڪ اهڙي فرسوده سرداري نظام خلاف اٿي ڪڙي ٽيل سنڌ جي بهادر نياڻيءَ جي دانهن آهي. ۽ اها دانهن هاڻي ايتري ته سگهاري ٿي چڪي آهي. جنهن آڏو ڪوبه بند نه ٿو بيهي سگهي.

هڪ سانيٽ جون هي به سٽون آهن:

هڪ جپاني هارڙو مرڪيو پئي،

ماءُ جي جڙ هنج ۾ هئو هائيڪو.

ٻي هيءُ غزل جا به شعر آهن:

آهي هوا جي هٿ ۾ هر گل جو هار تو لئه
ڏڙڪو ٻڌائي پيو ٿو ڏرتيءَ جو ڏار تو لئه

*

ڪڙياسين ته آئي خزان اوچتو
ٽڙياسين ته ٽڙڪي آ ٽاري پئي.

مون وٽ ڪامياب شاعر جي پرک اها آهي. جو آئون ان جي غزل کي پهريان پڙهندو آهيان ۽ پوءِ ئي ان جي شاعر هئڻ جي تصديق ڪري سگهندو آهيان.

هڪڙو شاعر لکي ڪويتا ٿو
هڪڙو ڏيئو ٻري ٿو جاري ۾.

شاعري ۾ اهڙو منظر ملي وڃڻ، ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي.
ان ئي غزل جو هڪ ٻيو شعر آهي.

جنڊ جيون جو پيهندي آخر،
هڪڙي پوڙهي ڏري ٽي ڏاري ۾.

ايڏي پيڙاءُ ۽ ايترو درد هڪ شعر ۾ ڪيئن اوتي ٿو شاعر بلڪل هو به جنڊ ۾ ڏاري جئن ڏرجي ٿو شايد تڏهن!

سانجهه هوڙهو پٽڻ ۽ هي پاڳل هوا،
هڪڙو پوڙهو پٽڻ ۽ هي پاڳل هوا.

هڪڙي عورت، سمندر اکين ۾ پريل،
ڏک، وڇوڙو پٽڻ ۽ هي پاڳل هوا

وقت ۾ ويڙ ڪنهن لئه نه رکجي سگهيا،
سرخ گهوڙي پٺ ۾ هي پاڳل هوا.

رحمت پيرزادو جي ويجهر ۾ جيڪا شاعري سرجي اڳيان آئي آهي. ان ۾ سمنڊ ۾ هوا جو ذڪر هڪ حسين وادئ جي وشال وٽندڙ منظر جيان آهي. جتي چوڪريون آهن ۾ گلابي گل آهن ۾ چڙاڳ هوائون آهن ۾ شاعري جا شجر آهن، جن جا پن پيا ڪڙڪن ٿا ۾ دلين کي ڏڙڪن بخشن ٿا.

وصل جو ڪاڇ

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن تي لکڻ وقت هروپرو تمهيد جي ضرورت ڪونہ پوندي آهي ۽ اڄ آئون پنهنجي ٻڌاڻه جي شروعات، بنا تمهيد جي ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ منهنجي ٻڌاڻه جو موضوع شعري مجموعو دراوڙ ميرڙو آهيان آهي. هن ڪتاب جو شاعر اسان جو دوست عمر تيوٽو آهي. عمر بنيادي طور هڪ قومي ڪارڪن رهيو آهي.

دراوڙ ميرڙو آهيان پڙهي ڪري مون اها راءِ جوڙي آهي تہ عمر جي شاعري نج ڳوناڻي زندگيءَ جو هڪ حسين پورٽيٽ آهي، جنهن تي سارين، ڪڪڻ، گلن، پوپٽن ۽ پکين جا ولر پينٽ ٽيل آهن. آئون جڏهن عمر جا نظر پڙهيا تہ هوبهو هن جي نظمن ۾ منهنجي محبوب شهر ميهڙ ۽ ان جي پرپاسي جي ڳوٺن جي تصوير مون کي نظر آئي. هڪ حقيقت اها بہ آهي تہ هن علائقي جي اڳ ڪڏهن بہ تاريخ لکي ناهي وئي ۽ نہ ئي وري هن علائقي کي اڳ ڪڏهن ان انداز سان بيان ڪيو ويو آهي. جڙي طرح عُمر پنهنجي نظمن ۾ هن علائقي کي اظهاريو آهي. هتان جي سڳداسي چانورن ۽ مِٺيءَ جي مٺي خوشبو بہ سندس نظمن مان اڃي ٿي تہ گرم جهولن جي تپش بہ محسوس ڪري سگهجي ٿي. سندس نظر هليو اڇ هيل او سانول ۽ ميهڙ ان جا چٽا مثال آهن، جنهن ۾ هن مٽيان، سپ چٽ چٽيا آهن.

عمر تيوٽو ڏرتيءَ جو شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ وطن وَل جئن وريل نظر ايندو. ان کان پوءِ هن جي شاعريءَ ۾ جماليات جو پاسو بہ سگهارو آهي ۽ هُو هن وقت تائين پاڻ کي هڪ مڪمل سگهارو شاعر تسليم ڪرائي چڪو آهي. سندس شعري مجموعو دراوڙ ميرڙو آهيان قومي رنگ ۾ رچيل آهي. ان جي باوجود سندس نظمن ۾ جماليات جو پاسو گهٽو موهيندڙ آهي. منهنجي راءِ آهي تہ اهو ئي مڪمل شاعر آهي، جنهن کي پنهنجي زمين ۽ آسمان آهي.

ويجهڙ ۾ جيڪا شاعري سرجي اڳيان آئي آهي. خاص ڪري نظم جي صورت ۾ ان ۾ وطن وڏ ڏڙي جيان وسي پيو آهي ۽ اها وقت جي ضرورت بہ آهي. نظمن ۾ شهرن کي ڳائڻ امداد حسيني ۽ حسن درس جي شاعريءَ ۾ سهٽو لڳي

ٿو ۽ ٻيو روحل ڪالرو ۽ گلزار جي نظمن ۾. روحل جا اڪثر نظمَ شعرن تي لکيل آهن. پر اهي شعرِ آشوب ناهن. اهي بنهه منفرد انداز سان مختصر ۽ جامع موضوع ۾ وٽندڙ ۽ تاريخ ساز آهن. ۽ گلزار جي نظم خيرپور ناٿن شاهه ۾ جيڪو پنهنجي شهر جو مرثيو ڀڳايل آهي. اهو خيرپور ناٿن شاهه جي ويجهي ماضيءَ جو المناڪ باب آهي ۽ اهو اٽاهه غم ۾ ٻڏل هجڻ باوجود به وٽي ٿو. گلزار جي عام نظمن جي بيهڪ جيان هن جي نظم جي بيهڪ به نرالي آهي ۽ ايئن ئي ٻين کوڙ سارن شاعرن جا مثال ڏئي سگهجن ٿا، پر هتي پاڻ جنهن شاعر جو ذڪر ڪري رهيا آهيون. اهو عمر تيوٽو آهي. سندس ڪو به نظم ڪٽي ڏسو اهو اوهان جي آڏو سنڌ جو نقشو ڪولي رکي ڇڏيندو ۽ اوهان اروڙ کان ميارُي، ڪچي، ڪاڇي ۽ ڪينجهر، ڪارونجهر ۾ ٻيڻا هوندا.

هن ڪتاب جي مهاڳ ۾، جيڪي تعارفي ڀَالهيون عمر جي شاعري بابت علي آڪاش ڪيون آهن. مان به اهي حوالي طور کڻڻ چاهيندس.

ائين لڳي ٿو ته هو فطري طور نظم جو شاعر آهي.

ٻين لفظن ۾ عمر تيوٽو پنهنجي وطن جو جديد پَٽ ۽ چارڻ آهي، جنهن جي شاعريءَ جو مقصد ئي وطن کي ڀَائڻ وڃائڻ آهي.

هو وسيع تر غريب طبقي جو حمايتي شاعر آهي.

ان کان سواءِ به ڪئي ڀَالهيون آهن، علي آڪاش جون جيڪي عمر کي اڄ جو اهم شاعر ثابت ڪن ٿيون. سندس مختلف نظمن جا چونڊ ٽڪرا هيٺ ڏيڻ چاهيندس.

اسان کي ڪنهن جي تمغي جي،
ضرورت آ نہ خواهش آ،
اهو اعزاز ڪافي آ،
ٿا سڏجون سنڌ جا وارث
اسان جي سنڌ سان ياري،
اسان جي سنڌ صورت آ،
اها پنهنجي ضرورت آ.

*

هيءَ هيڏي ساري خاموشي،
چو نانگ ڪکي ويو نعرن کي.

*

منهنجي هڙ ڪِري آ توکان،
منهنجي جڙ صدين ۾ آهي.

اهو عمر جي شاعريءَ جو ذائقو آهي.

مٿين شعرن ۾ جيڪو مضمون اظهاريل آهي. اهو ئي عمر جي شاعريءَ جو سڳهارو پاسو آهي، جنهن کي حوالي طور ڇاڻائي سگهجي ٿو. جنهن کي پاڻ مزاحمت چئون ٿا ۽ هن وقت سنڌ کي مزاحمتي شاعريءَ جي سخت ضرورت آهي ۽ بدقسمتيءَ سان سنڌ اندر ڪابہ عوامي مزاحمت ناهي. مڪمل ناانصافين جي باوجود بہ.

نظم هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ هڪ مڪمل ڪائنات هوندي آهي، جنهن ۾ جُڳن جي تاريخ سمايل هوندي آهي ۽ تاريخ جوڙڻ ايتري سولي ناهي. جيتري اسان کي نظر ايندي آهي. مون کي حيرت ٿيندي آهي تہ اسان جي آس پاس هر پنجون ماڻهو شاعر آهي ۽ اهو بہ نظم جو شاعر ۽ وري هو اڳلو ايڏو تہ خوش فهمي جو شڪار هوندو آهي ۽ ابئن پيو هلندو آهي، جڙ سندس ڪنڌ ۾ ڪلي لڳل هجي نہ صرف نظم پر هر تخليقي آڪاش تان تارا لاهڻا آهن پر هي ڪين اڪ جي ماکي سمجهي چٽڻ ۾ لڳا رهندا آهن.

پاڻ هتي نظم جو ذڪر ان ڪري بہ ڪري رهيا آهيون، جو اڄ جنهن ڪتاب جي رونمائي آهي ۽ ان جي تخليقڪار جي سڃاڻپ جو صنفي حوالو نظم آهي. ٿلهي ليکي ان راءِ کي رکجي ٿو تہ نظم کي ايترو سولو نہ ورتو وڃي، جيترو هتي ورتو پيو وڃي. نظم دنيا اندر اها صنف آهي، جيئن ننڍي ڪنڌ ۾ غزل جي صنف آهي ۽ غزل جو توهان ايئن تصور ڪريو جيئن توهان جنت جو تصور ڪريو ٿا. ان جو هر شعر ان جنت جي حُور تصور سمجهو ۽ غزل چوڻ ايئن آهي، جيئن هرٽين جو ولر جنت ۾ چارڻ آهي. جيئن آٿم ناٿن شاهي چيو آهي:

غزلن کي ڌائري ۾ ترتيب ڏئي رهيو هُس،
هرٽين جو چڻ ولر مون جنت ۾ بيٺي چاريو.

مون نظم جي ڳالهه ڪئي هئي ۽ اتان ئي ڳاله جي ڳنڍ ڪوليان ٿو ۽ ان ڳنڍ کولڻ وقت مون کي هڪ هيرو هٿ لڳي ٿو ۽ اهو هيرو جڏهن مان تريءَ تي کڻي ڏسان ٿو ته نج نبار ۽ بنهه منفرد نموني تراشيل نظر اچي ٿو ۽ جڏهن اهو هيرو اک جي ويجهو ڪري ڏسان ٿو ته، اهو مون کي مهاراجا ڏاهر- جي تاج جو موتي لڳي ٿو جيڪو ڏور ڏور تائين پنهنجي جوت ڦهلائي رهيو هو ۽ اهو هيرو اڄ اسان سڀن جي آڏو دراوڙ ميرڙو آهيان جي نالي سان پنهنجي سچاڻپ ڪرائي چڪو آهي ۽ دراوڙ ميرڙو آهيان کي جڏهن کولجي ٿو ته هڪ اهڙي دنيا ۾ داخل ٿي ويجي ٿو. جتي قسمين قسمين پکين جون لاتون آهن. چهچ ساوا وڻ، سهڻا جهرٽا ۽ اکين کي کيرو ڪري ڇڏيندڙ نظارن ۾ ماڻهو داخل ٿي وڃي ٿو.

دراوڙ ميرڙو آهيان ۾ ڪيترا ئي نظم نرالا ۽ حوالي طور کڻڻ جهڙا آهن. ڪتاب جو پهريون نظم تعارف هڪ مڪمل نظم آهي، جيڪو نه صرف شاعر جو تعارف آهي، پر سنڌ جي هر هڪ ماڻهو جو مڪمل تعارف آهي. ان سلسلي ۾ نظم فيض محل ۽ وڇوڙو سميت ٻيا به ڪيترائي نظم آهن، جيڪي ڳڻائي سگهجن ٿا.

عمر تيوٽو دراوڙ ديس جو اهو چارڻ آهي، جنهن وطن جي وڻن، ڳوٺن کي نظمن ۾ ڳايو آهي ۽ هو اهو چارڻ آهي جنهن جهر جهنگ وچي آزاديءَ ۽ آسودگيءَ جا گيت ڳايا آهن ۽ هڪ چارڻ جو ڪم به ته اهو ئي آهي. هن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته هڪ شاعر نه رڳو قلم جو وارث هوندو آهي پر، هو تلوار جو به ڌڻي هوندو آهي ۽ عمر اڄ به اهو چنگ چپن تي چوري رهيو آهي، جنهن جي سُر ۾ سِر ڏيڻ جي صدا آهي ۽ اها صدا سنڌ جي سينڌ سنوارڻ ۽ سنڌو جي رواني جي راهه هموار ڪرڻ آهي.

۽ اها راهه جنهن کي اياز جاني هينئن اظهاريو:

دراوڙ دل جي تنهائي، وصل جو ڪاج ماڻيندي،
جڏهن سوراج ماڻيندي.

❊

هيءَ شميم آهي ۽ هيءَ شاعري آهي

ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه لکڻ لاءِ سوچ جي اونهي سمنڊ ۾ ٽٻي هڻڻي ناهي پوندي. ڪڏهن ڪڏهن ته ضروري لکڻ لاءِ لفظ به رسي ويندا آهن ۽ 'خوبصورت خيال جا سپنا' سايبا جي سرحد تي پهچڻ کان اڳ ئي فنا ٿي ويندا آهن. اها سڄي پيچ ڌاهه ڪيڏي نه تڪليفده هوندي آهي. ان تڪليف کي ڪا به تارازي نه ٿي توري سگهي.

اڄ اهڙي ئي سوچ - ويچار جي ريشم ڳلي۽ ۾ رلندو رهيو آهيان ۽ مون کي ڪٿي به اهڙو ڪو حسين چهرو نظر ناهي آيو جنهن کي مان شميم مري جي صورت سان ۽ سندس شاعريءَ کي ان سان پيٽا ڏيان. هيءَ هڪ اهڙو ته اونهو بحر آهي. جنهن ۾ ڪيترائي ڪهاڻين جا ڪردار ڪوهه ڪاف جا مسافر آهن ۽ جنهن ۾ شاعريءَ جون سپيون ساحل تي مينهن ڪٽين لاءِ چپن جون تاڪيون کولي بيٺيون آهن ۽ نه ڄاڻ ته ان بحر ۾ ڪيڏي نه بيقراريءَ جون لهرون لڏي لمي رهيون آهن.

آئون هن مضمون ۾ هڪ ته شميم مري جي شخصيت تي ۽ ٻيو سندس شاعريءَ تي مختصر راءِ جوڙي. اوهان اڳيان آڻي رهيو آهيان. توڙي جو هن پيپر جو هڪ ئي مقصد آهي ۽ اهو سندس تازو شعري مجموعو 'پٺڻ جي پرئين پاسي' آهي پر ڪتاب تي لکڻ وقت هن جي شخصيت ايئن اپري اڳيان آئي آهي. جيئن سنڌو درياهه جي ذڪر تي سهڻي سينگارجي. سنوارجي اکين اڳيان اچي بيهي رهندي آهي.

هوءَ هر وقت هير تي سوار رهندي آهي ۽ اقبال رند هن بابت بلڪل صحيح لکيو آهي ته "هوءَ جڏ ته اهڙي تڪڙ ۾ آهي. جنهن ۾ روزانو ناشتو اڌ ۾ رهجي ويندو آهي." ۽ مون کي هميشه هن کان اها شڪايت رهي آهي ته هن پاڻ کي ورهائي ڇڏيو آهي. هوءَ به ڇا ڪري. جنهن سماج کي ناانصافيءَ جي ناڪيلي لڳل هجي ۽ وک وک پير پٿرن ڪري ڇڏيندڙ رندڪون هجن. اتي جيڪڏهن انصاف ۽ امن جو اڇو جهنڊو هوءَ به نه جهولائي ته. باقي ڪير جهولائيندو؟

هن جي ننڍڙي وجود ۾ سماجي ڪارڪن سان گڏ ڪهاڻيڪاره ۽ شاعره ساهه ڪٽي رهي آهي. انهن ٽنهي شعبن ۾ جڏهن هن کي رکي ڏسجي ٿو ته، هوءَ هيڪاندن تعريفي تمغن جا اعزاز حاصل ڪري ونڊي ٿي. هن جي اندر ۾ اٽاهه اسات آهي. تڏهن ئي ته هوءَ ڪڏهن سماجي پروگرامن جو سهارو ونڊي ٿي ته، ڪڏهن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ۾ پاڻ کي پناهه ڏيندي رهي ٿي ته، ڪڏهن شاعريءَ جي شهر ۾ سُک جو شجر تلاشيندي رهي ٿي. جيڪڏهن هيءَ هڪ ئي شعبي ڪهاڻي يا شاعريءَ کي وقت ڏئي ته، يقين ڄاڻو ڏاڍي سٺي ڪهاڻيڪاره ٿي سگهي ٿي يا وري شاعره.

شميم مري جي شاعري تي مجموعي طور اها راءِ ڏئي سگهجي ٿي ته، هن کي شعر چوڻ جو ڏاڻ آهي. سپ کان پهرين ته، جنهن کي لکڻ جو فن، اچي ويو اهو ئي تخليق جو سفر آساني سان طي ڪري سگهي ٿو. شميم جي شاعري سندس ڪهاڻيءَ جي پيٽ ۾ پرپور آهي. اها منهنجي راءِ آهي. توهان سندس ڪهاڻي پڙهو ۽ شاعريءَ کي پڙهو پوءِ منهنجي راءِ جي تصديق ڪيو.

ڪتاب 'پٺڻ جي پرئين پاسي' هڪ مڪمل شاعريءَ جو ڪتاب آهي. هن کي اسان جديد سنڌي شاعريءَ جي خاني ۾ خوشيءَ سان رکي سگهون ٿا ۽ هي ڪتاب پڙهي ڪري اها ٻه راءِ جڙي ٿي ته، شميم غزل جي ڪامياب شاعره آهي. ۽ ڪنهن قدر هن نثري نظم ٻه سٺا لکيا آهن. شاعر ڪنهن ٻه صنف جو محتاج ناهي هوندو. پر اها ٻه حقيقت آهي ته، ڪو شاعر ڪنهن هڪ صنف ۾ ئي سگهارو لکي سگهي ٿو.

خمارن ۾ ايجا آهيان،
پرين ڏُڪ ڏُڪ ڪري پيتم.

*

ديد گُهريو پي هُن کي سامهون،
هُن کي ديد ڪنيو بيٺي هئي.

*

او مسافر تون هجين شل خير سان،
اک الڻ ڇو ڪالهه کان لڙڪي پئي.

*

لوڪ مون کي ڪسي ڪٽي ويندئي،
مون کي شدت سان ڪٽي بيان نہ ڪجانءِ

*

درد سان دوستي ٿي وئي آهي،
مان بہ ڪنهن جي تہ پاڻ ۾ آهيان.

*

خالي گهر پئي ڇيڙيو ڪيڏو،
مون پي خود کي ميڙيو ڪيڏو.

هي غزل جو لهجو آهي. جنهن جو پنهنجو سواد آهي. جيڪڏهن شميم اها مشق جاري رکي تہ پوءِ اهو طي آهي تہ هن جو سنڌيءَ شاعريءَ ۾ نمائيان ۽ الڳ ٽلڳ مقام هوندو ۽ ڪامياب شاعر بہ آهي اهو ئي. جيڪو پنهنجو رستو الڳ جوڙي ۽ جنهن جي شاعريءَ جو باغ پنهنجو هجي.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾. ايترا تہ حسين شاعر آهن. جيڪڏهن انهن کي ڳٽائجي تہ هوند هيڪاندا مقالا لکي سگهجن ٿا. ماضيءَ جي پيٽ ۾، حال ۾ نوجوان گهڻي تعداد ۾ لکي رهيا آهن ۽ ها شاعري پنهنجي جوهر ۾ جاندار بہ آهي تہ شاندار بہ آهي. اهو بہ پاڻ کي اعتراف ڪرڻ گهرجي تہ. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ اها سگهہ آهي تہ. اها سنڌي شاعريءَ کي اتان کٽي اڳتي هلي رهي آهي. جتي مها ڪوي شيخ اياز ان کي ڇڏيو هو. ۽ شيخ اياز کان ڪٽي ٿو ڪنڌ ڪيرائي سگهجي. اوهان جديد سنڌي شاعري تي ڳالهايو يا لکو تہ. ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڌ کان شيخ اياز جي شاعري ۽ نثر اوهان اڳيان ايندو ۽ اوهان چاهيندي نہ چاهيندي ان جي ڳالهہ ڪندا.

سنڌي شاعريءَ جي ڪاميابيءَ ۽ واڌ ويجهہ جو منهنجي نظر ۾ هڪ اهو بہ سبب آهي. جو ان هر دور ۾ نئين صنفن کي قبول ڪيو آهي ۽ ان قبوليت ۾ وري ڪمالیت اها آهي. جو اها صنف جهڙوڪ اصلوڪي صنف جو روپ ڌاري وٺي ٿي. نظم. سانيٽ. هائيڪو سميت آزاد نظم. نثري نظم جهڙوڪ اصل سنڌي صنفون بڻجي ويون هجن ۽ اڄ ڪلهہ نثري نظم جنهن مقام جو اسان

وٽ لکجي رهيو آهي. اهو ڪنهن به طرح عروضي شاعريءَ کان گهٽ ناهي. ها، ايئن ضرور ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي، جو نثري نظم جي نالي ۾ پاڻ کي نثري ٽڪرا ڄڃها پڙهڻ لاءِ ملي رهيا آهن.

'پٿڻ جي پرئين پاسي' ۾ هڪ پابند نظم ڪجهه نثري نظم، وايون، هائيڪا ۽ هڪ چوستو شامل آهن. پابند نظم هڪ مڪمل نظم آهي ۽ ان نظم جا ٻه حصا اوهان ٻڌو پڙهي ڏسو:

ڪجهه پيار ڪري ڏسجي،
ڪجهه درد وٺي ڏسجن.
ڪجهه ٺهڪ ڏئي ڏسجن،
ڪجهه ڇهڪ سهي ڏسجن.

*

هيءَ دل جي چريائي آ،
ماڻڻ ٿي گهري ڪجهه ڪجهه
'پٿڻ جي پرئين پاسي'،
ها ڪجهه ته ڪهي ڏسجي.

ڪتاب ۾ ٽوٽل نثري نظم چوڏنهن آهن. جن مان پنج ته مڪمل نثري نظم آهن. باقي ٻيا اڌورا نظم آهن، جن کي ٿوري محنت سان سنواري سڌاري نثري نظمن جي قطار ۾ بيهاري سگهجي ٿو. نظم 'ٽڪ' ۽ 'ٻڪ' ڀرپور ۽ مڪمل نثري نظم آهن.

بارش کان بارش تائين

هڪ شاعر جي ڪهاڻيءَ بابت راءِ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

اهو سوال پاڻ کان مون ڪيئي ڀيرا ڪيو آهي آئون ڪهاڻيءَ بابت بہ اها ئي راءِ ڏيندس تہ ڪهاڻي بہ ان شعر جيئن هوندي آهي. جنهن کي پڙهڻ وقت يا پڙهڻ وقت ڪنَ ڪڙا ٿي وڃنءِ ڏيان خود بخود ڇڪجي وڃي. هڙئي حواس متوجهہ ٿي وڃن تہ ها....هيءَ ئي نج نبار تخليق آهي ءِ ڪهاڻي بہ اها شعر بہ اهو جيڪو ڇت تي چڙهي وڃي تہ لهي نہ.

اثر انگيزي تخليق ۾ تڏهن جنم وٺندي آهي. جڏهن ان ۾ حقيقت پسندي کان ڪم ورتو ويو هجي. ڪيترائي ليکڪ لکن ٿا. روز ڪتاب ڇپجن ٿا. پر ڳاڻاٽي ۾ اهو مجموعو اچي ٿو جنهن ۾ مِٽيءَ جي مهڪ. انسانيت جي عظمت کان ويندي هر جيوَ جي جياپي بابت پچار کان ويندي. پيار ءِ محبت جو چرخو چرندي نظر ايندو آهي.

اهي سيئي مٽيون ڳالهيون مان ان ڪري ڪري رهيو آهيان. جو اهي ڳالهيون هڪ ڏميوار ليکڪ هڻڻ ڪري مون کي پنهنجي پڙهندڙن سان ونڊڻيون هيون. سنڌي ادب پڙهندڙن جو معياري مجموعن ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ کي آئون ايئن ئي ٿو محسوس ڪريان. جيئن معياري لکڻ کي.

اڄ اهڙي ئي معياري ڪتاب بابت پنهنجي راءِ ڏئي رهيو آهيان ءِ پڙهندڙن جو ان ڪتاب ڏانهن ڏيان ڇڪائي رهيو آهيان. ڳالهہ ڪهاڻين جي مجموعي 'بارش کان بارش تائين' جي آهي ءِ ان جو ليکڪ مجيب اونو آهي.

مجيب صحيح معنيٰ ۾ هڪ تخليقڪار آهي. هن جي حصي ۾ هڪ سنڌيڪار بہ آهي. اها حس هڪ تخليقڪار ۾ ان وقت جنم وٺندي آهي. جڏهن هو مسلسل مطالعو ڪندو آهي. مطالعي جي شاهراهہ تي سفر ڪرڻ سان. نہ صرف تخليق ۾ معيار جو سلو اپري ٿو اچي پر. ادب جي اهميت جو بہ عنصر پيدا ٿي پئي ٿو. مجيب جو تخليقي پورهيو تڪڙو تڪڙو پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائي ٿو. جو هن ننڍي عمر ۾ ئي تخليق سان پختو ناتو جوڙيو آهي. نہ

ته ان عمر ۾ ايڏو سگهارو لکڻ جنهن کنهن جي وس ۾ ناهي هوندو. اهڙو لکڻ، عمر سان، مطالعي سان ۽ مشاهدي کان پوءِ ئي پيدا ٿيندو آهي پر، مجيب اهي سيئي ڳالهيون پنهنجي پاسي. جنون، عشق ۽ لگن سان آٽي چڏيون آهن. اها هڪ خوشيءَ جي ڳالهه ته آهي ئي پر فخر لائق به آهي.

جديد سنڌي کهاڻي کي جڏهن پڙهجي ٿو جمال ابڙي، امر جليل، نسيم کرل، علي بابا واري ٿهيءَ کان پوءِ جيڪا بي پيڙهي آئي ماڻڪ، شوکت شورو، مدد علي سنڌي، نورالهده شاهه کان ويندي ويندي طارق عالم ابڙو تائين اهو هڪ حوالي سان سنڌي کهاڻيءَ جي پائي وڃهڻ وارو دور آهي. ان سڄي سفر کان ويندي جڏهن اسان رسول ميمڻ تائين پهچون ٿا ته اسان کي سنڌي کهاڻي جي عمارت عالي شان نظر اچي ٿي. اڄ جيڪي اسان وٽ کهاڻيڪار موجود آهن. منور سراج، طارق قريشي، ضراب حيدر هي سنڌي کهاڻيءَ جا اهي ٿي حوالا آهن. جيڪي جنون جي حد تائين سنڌي کهاڻيءَ کي کاميابيءَ طرف ونڻي وڃي رهيا. ان سڄي صورتحال کي ايئن سهيڙجي ٿو ته سنڌي کهاڻيءَ جي ميدان ۾ توڙي جو موجوده وقت ۾ آڳرين تي ڳڻڻ جيترا نالا آهن پر، انهن کي جڏهن پڙهجي ٿو ته ايئن چوڻو پوي ٿو ته "ٿورا کٽا - ٽالهي ۾ پلا!"

سنڌي ادب ۾ مجموعي طور ڏٺو وڃي ته اسان جو نئون ليکاري گهٽي پاڳي شاعريءَ ڏانهن لاڙو رکي ٿو ۽ هو ان کي ئي سولو سمجهي، پنهنجي تخليق جي واڳ ورائي چڏي آهي. باقي کهاڻي کيتر ۾ اهي جيڪي ٿورا کٽا ٽالهيءَ ۾ پلا آهن انهن جا نالا سولائيءَ سان ڳڻائي سگهجن ٿا. کليم ٻٽ، اختر حفيظ، شميم مري، محمد دين راجڙي، ميان گل محمد کلهوڙو وغيره ۽ انهيءَ ئي قطار ۾ هڪ خوبرو چهرو به شامل آهي ۽ اهو آهي مجيب اونو. هن جون کهاڻيون کيتريون کارائتيون آهن اهو فيصلو هيءَ کتاب پڙهي ڏئي سگهجي ٿو. سندس کهاڻيون پڙهي، اهو چئي سگهجي ٿو ته جديد سنڌي کهاڻي محفوظ هٿن ۾ آهي.

بارش کان بارش تائين کي پڙهندي ايترو وقت لڳو جيترو وڏي وقت کان پوءِ کاڇي تي وَس ڪجهه پل پئي هجي ۽ کاڇي جي مٽي ساڳي ئي سُڪي ٿوڻ رهجي وئي هجي. جيئن پڙهجي ٿو، تيئن اڄ وڏي وڃي ٿي، گهٽجي نه ٿي.

ڪتاب جي پهرين ڪهاڻي دل جي آڳند تي لڙي آيل جدائي هيءَ پڙهڻ کان پوءِ به اڄ وڏي وئي آهي تنهنجي ڪهاڻين کي ڪو ضخيم ڪتاب آڻين ها ته ڪيڏو نه سٺو. مون کي ان وقت به چرڪائي ڇڏيو هو جڏهن ويجهر ۾ ماهوار ڪينجهر رسالي ۾ پڙهي هئي.

سائي چادر جو ڏک:

هيءَ ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ اوهان ڪتاب بند ڪري ڇڏيندا ۽ اڳتي پڙهي نه سگهندا. چاڪاڻ ته ڪهاڻيءَ جي پڇاڻي ئي اهڙي آهي جو هنيانءَ ۾ هٽ ٿي وڃي وجهي ۽ اکين ۾ سانوڻ جو وسڪارو لائي ڏين ٿيون.

خوابن جي دنيا مان خارج ٿيل ماڻهو:

هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن کي پڙهندي ڪيترائي خواب ڏسي سگهجن ٿا ۽ انهن خوابن مان هڪڙو خواب احساس پريو آهي، جنهن ۾ پکين سان پيار ۽ پنهنجائپ جو رشتو ڳنڍيل نظر ٿو اچي ۽ هڪ سچيت سرجٽهار ئي فطرت جي هر حصي سان ماءُ جيترو پيار ڪندو آهي.

سيئي سڪان ساريان:

هيءَ ڪهاڻي پيار جي پار جون سارون ٿي ساري ۽ جواني‌ءَ جي جوش جي جهلڪ سان جهرمرائيندي جهرمرائيندي جدائيءَ جي جلاوطنيءَ تي ختم ٿي وڃي ٿي ۽ سارنگ جي وڇڙ سان سانوڻ وسڻ جا ويس ڪرڻ لڳي ٿو.

زندگيءَ جي ايش تري ۾ سڙيل ساهه:

هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ انتظار جي انگاس تي تنگيل جوان جسم، ڪهاڻي جي پڇاڻيءَ تي جهور پوڙهو ٿي وڃي ٿو ۽ ڪهاڻي جي اندر هڪ اهڙي ڪهاڻي به آهي جنهن ۾ ليکڪ کي خيال ٿو پچائي ۽ اهي خيال به ڪيڏي نه سچائي وارا آهن خاص ڪري ڪهاڻيءَ بابت.

سيني جي سرحد مان نڪري ويل چوڪري:

نوخيز نينگري جي درد کي پنجن صفحن تي لکي ڏيکارڻ ئي هڪ ڪامياب تخليقڪار جو ڪم آهي، جيڪو هن ڪهاڻيءَ ۾ مجيب ڪري ڏيکاريو آهي. ڇا سوال؟ آهي ۽ ڇا ان پٺيان درد آهي ۽ پوءِ خاموشي ئي خاموشي آهي.

اڪيلائيءَ جو آخري چرڪ:

مجيب کي اهو ڏاڍو آهي جو هو هڪ پل کي کهاڻيءَ جو پلاٽ عطا ڪري ٿو ۽ ڪائنات جي ڪيترن ئي اسرارن کي هو هڪ پل ۾ جاڙڻ چاهي ٿو ۽ جاڙيندي جاڙيندي هو وري ساڳي ئي پل تي پهچي وڃي ٿو ۽ خيال جو ڪڙو ڪڙڪائي ۽ چرڪ ڪيرائي ڇڏي ٿو جنهن جي تصديق سندس هيءَ کهاڻي آهي.

نندپڻ ۾ مري ويل شخص:

جيڪو الڪوهن کهاڻيءَ ۾ کهاڻيءَ بابت مجيب ڏيکاريو آهي بلڪل ايئن ئي آئون شاعريءَ بابت خواب ڏسندي پچاريندو آهيان. تخليق سان اهڙو رويو ڏسي ڪري دل رت جا ڳوڙها روئندي آهي.

کهاڻين جو ديوتا:

کهاڻيءَ اندر ڪيئي کهاڻيون آهن ۽ اهڙي ڪائنات ڏانهن وڻي ويندڙ کهاڻي آهي. جتي هر کهاڻي پنهنجي زباني پنهنجو اندر اوري ٿي ۽ هي کهاڻي هڪ حقيقي کهاڻيءَ جا ڏس پتا ڏئي ٿي ۽ اهو ڏس پتو دُن کان هيٺين دنيا جي ڪٿا جو بيانيو به آهي ته سير سپاٽو به.

مون کي حيرت آهي ته مجيب جي کهاڻين ۾ ڪردارن جو ڪوبه نالو ناهي. جن کي نالي سان سڏي سگهجي ياد ڪري ڇڏجي. مون کي مجيب جي هڪ ٻي اها به خوبي وٽندي آهي ته هو کهاڻيءَ ۾ بن ڪردارن جي وچ ۾ ٽين ڪردار جي ٽنگ نه ٽوڙائي ۽ پيار جي مڪملتا کي پار پڄائي ٿو.

انهن مٿين کهاڻين سميت ڪتاب ۾ شامل ٻيون به ڪيتريون ئي کهاڻيون آهن جن تي لکي سگهجي ٿو ۽ انهن کهاڻين مان ڪتاب ۾ شامل آخري ٻئي کهاڻيون "وائلن جي تار جهڙي چوڪري". بارش کان بارش تائين" شاهڪار کهاڻيون آهن جن کي پڙهي ڪري اهو احساس ئي نه ٿوٽئي ته ڪي مجيب ان عمر ۾ ايڏيون سهڻيون کهاڻيون لکي سگهي ٿو.

❊

سوجهري جو سفير

ڪنهن بہ شيءِ ڪنهن بہ عمل جو جڏهن تقابلي جائزو ونبو آهي تہ ان کي ٿن دورن ۾ ورهائبو آهي. ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ ان کان پوءِ ئي ڪو نتيجو ڪڍبو آهي ۽ ائين ئي جيڪڏهن اسان سنڌي شاعريءَ کي ٿن دورن ۾ ورهائينداسين تہ ان جو نتيجو ايڏو سولو نہ نڪرندو. سڀ کان پهرين تہ سنڌ جي اوائلي شاعري جيڪا سيني بہ سيني منتقل ٿيندي رهي آهي ۽ ان شاعريءَ جي جيڪڏهن توهان اسان کي سهيڙڻ ڪرڻي پوندي تہ. ان لاءِ اسان کي سنڌ جي بهراڙين ڏانهن ڏسڻو پوندو ۽ سنڌو درياهہ جي ڪناري سان رهندڙ اوائلي ڳوٺن جي ماڻهن سان ملڻو پوندو ۽ خانہ بدوشن سان رهاڻيون رچائڻيون پونديون ۽ انهن کان سنڌ جي اوائلي ادب کي دريافت ڪرڻو پوندو ۽ توهان کي اهو ڏسي/ ٻڌي حيرت ٿيندي تہ. سنڌ جا ڪجهہ اهڙا بہ علاقا آهن، جتي رابطي جي رسي بهراڙي توڙي ڳوٺ ۽ شهر کان ڪٽيل آهي ۽ اهڙا علاقا ٻئي هنڌ بہ هوندا. جيڪي مون ڏٺا آهن اهي ڪيرٽر جي پٽي ۾ آهن ۽ اتان جي ماڻهن وٽ لوڪ ادب ايڏو تہ پاور فل آهي جو انهن جي زباني جڏهن توهان اهو ٻڌو تہ. ڏندين آڱريون اڇي وجن ٿيون ۽ اهي ماڻهو نج سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کان ويندي. قصي گوئي ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. چوڻ جو مقصد تہ. سنڌي ادب شاهوڪار آهي ۽ ان جي سهيڙ ضروري آهي تہ. جيئن اسان اهو ڪاٿو ڪري سگهون تہ. سنڌي ادب ماضيءَ جي پيٽ ۾. حال ۾ ڪٽي ٻينو آهي ۽ ان جو آئيندو ڪٽي دنگ ڪندو. ان منطق تي ضرور سوچجي.

مان سمجهان ٿو تہ. ڪڏهن ڪڏهن کي علائقا ڪنهن ماڻهو جي ڪري وڃندا آهن يا وري کي ماڻهو ڪنهن علائقي جي ڪري وڃندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن کي علائقا ماڻهو تي حاوي ٿي ويندا آهن يا وري ماڻهو علائقن تي حاوي ٿي ويندا آهن ۽ اهو فيصلو مون لاءِ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي تہ. جوهي مون کي احمد خان مدهوش، عزيز ڪنگراٽي جي ڪري ٿي وڃي يا خليل عارف جي ڪري يا وري جوهي جي ڪري احمد خان مدهوش، عزيز ڪنگراٽي، عبدالحميد آس ۽ خليل عارف ٽا وڃن. جوهي جي مِٽي جنهن اسان کي ٻاراڻي

ادب جي خوبرو ليکڪ ۽ "بتين واري ناني" جو ڏوهتو اکبر جسکاڻي ڏنو. سچ تہ اهو آهي. هي علائقو انتهائي ادب ۽ ساڃاهہ جي حوالي سان زرخيز آهي جيئن جوهيءَ جا ٽاڻءَ پکا ۽ ڪشش رکندڙ آهن تہ. ايئن ئي هتان جي شاعرن جو شعر پکو پُختو ۽ پاڻ ڏي ڇڪيندڙ آهي. خليل عارف جي شاعريءَ ۾ جوهي جو شهر ۽ ڪاڇي جو علائقو ول جيئن ويڙهيل اوهان کي نظر ايندو. توهان سندس شاعريءَ ۾ ڀهراڙيءَ جي زندگيءَ جا عڪس چٽي نموني ڏسي سگهو ٿا ۽ هن جي شاعريءَ مان جيڪڏهن ڀهراڙي واري زندگيءَ جو موضوع کڏي ڇڏجي تہ هُوند هن جي شاعريءَ ۾ ڪجهہ بہ نہ بچندو ۽ هن وٽ پاور فل استعارو ڀهراڙيءَ واري زندگي آهي ۽ اهو ان ڪري بہ آهي جو هن جو بالڪ پڻ ۽ جواني ڀهراڙيءَ ۾ گذري آهي ۽ هواڃ بہ ڀهراڙي جو آهي.

توهان هن جو ڪو بہ غزل کڻو. توهان کي غزل جي ڪنهن بہ شعر ۾ مصنوعيت ۽ لفظي پرتي نہ ملندي ۽ ان ڪاميابيءَ جي پٺيان ڪهڙو ڪارڻ آهي. جو هن جي شاعري سڌي راهہ جي اظهار تي رمندي رهي ٿي؟ اها هن جي مشق آهي. هن جو لگن. هن جو رياض آهي. هاڻ جڏهن اسان خليل جي شاعريءَ جو خاص ڪري هن مطالعي هيٺ ڪتاب جو جائزو ونڊاسين تہ اسان کي هن وٽ جديد شعري گهرجن جي ڪا بہ ڪمي نظر نہ ايندي سنڌ ۾ تمام گهٽ اهڙا شاعر آهن. جن جو شعري اظهار عام فهم بہ آهي ۽ وٽندڙ بہ.

خليل شاعر اِبن شاعر آهي. منهنجي نظر آڏو ڪيترن ئي اديبن / ليکڪن جا اِهي رايا گذريا آهن تہ. خليل شاعر اِبن شاعر آهي. ٺيڪ آهي. هو شاعر اِبن شاعر آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي ۽ نہ ڪو وڌاءُ توهان احمد خان مدهوش جي شاعري ۽ خليل عارف جي شاعري جو جيڪڏهن تقابلي جائزو ونڊندا تہ. توهان کي بہ الڳ الڳ وسيع شعري شاهراهون ملنديون. جن جي بيهڪ ۽ نوعيت الڳ الڳ نظر ايندي ۽ انهن شاهراهن مان هڪ شعري شاهراهہ احمد خان مدهوش جي هوندي. جنهن تي عوامي ۽ رُومانوي شاعري رمندي نظر ايندي ۽ بي شعري شاهراهہ تي خليل عارف جي شاعري عام فهم ۽ وٽندڙ شعري ندي جي وهڪري جان بنا رڪاوٽ جي وهندي نظر ايندي. خليل جي تربيت هڪ استاد شاعر جي گهر ۾ ٿي آهي ۽ هو جاٽي ٿو تہ. شعر چا آهي

۽ شاعري چا آهي. تنهن ڪري هن اهڙو ڪو به شعر نه لکيو آهي، جنهن مان ڪيڙا ڪيڍجن ۽ اها ڪمالیت ڪامياب شاعر وٽ ئي ملندي آهي. ته وٽس هر شعر اهڙو هوندو آهي، جو پڙهندڙ جي ڪن تي پهچي ته روح تائين ان جي تاثير لهي وڃي. جي چپن تي پهچي ته دل ۾ لهرون پيدا ڪرڻ جي قوت رکي. سو چئي سگهجي ٿو ته خليل جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيترائي شعر آهن، جيڪي اوهان جي سيني جي ڪاپي پاسي دل ۾ لهي وڃڻ جيتري سگهه رکن ٿا.

گهرن کان ٽورو ،اهر، ڪجين جي اوٽ ۾ ٻيٺو
ڏسان ٿو باک جو منظر، پرين جو ڳوٺ موهي ٿو.

مٿيون شعر جنهن غزل جو آهي، اهو سمورو غزل جڙ ته هڪ ڳوٺ پاڻ ۾ پوئي ڇڏيو آهي. جيئن مصور ڪئنواس تي ڪو منظر چٽيندو آهي، جنهن ۾ جبلَ، وڻ، ندي، ٻيڙي، ڪڪر، پکي ۽ فطرت جو فانوس لاهي رکندو آهي ۽ ايئن ئي خليل مٿين شعر واري غزل ۾ هڪ ڳوٺ کي چٽيو آهي ۽ اهو ڳوٺ پاڻ طرف ان ڪري به چڪيندو وڃي ٿو. جو اهو پرينءَ جو ڳوٺ آهي. دل ته ايئن به چاهيندي آهي ته، پرينءَ جي ڳوٺ کي گنجيءَ ۾ تاکي ڇڏجي ۽ سيني سان لائي ڇڏجي ۽ ان ڳوٺ جي مٽي اکين ۾ پائي ڇڏجي.

ڪڏهن ڪڏهن اهڙو حسين اتفاق ٿيندو آهي ته، ڪي عنوان حقيقت پسنداڻا هوندا آهن ۽ ايئن ئي هن شعري مجموعي جو جيئن نالو "روشني آهيون اسين" ۽ نه صرف شاعر روشني جي ڏام هٽي ٿو. پر هن جي سموري شاعري روشني جو روشن منارو آهي. جيڪا پري پري تائين پنهنجي شعري سگهه سان نرمل روشني پکيڙي رهي آهي.

خليل جي شاعريءَ ۾ روشنيءَ جو ذڪر ڪجهه هينئن آهي.

روشنين جا جهان ٻئي آهن،
مان ڏيان ڇا مثال نيٽن جا.

*

شاعري ۾ رنگ انڊلڪ جا هجن،
يا ته عارف روشنين جهڙو لکان.

*

شاعري مان جهان کي عارف،
روشني لاءِ نُور ملطو هو.

*

لفظ ڪن ٿا سوجهرو
روشني آهيون اسين.

اهڙا ڪيترائي شعر اوهان کي هن مجموعي ۾ ملندا. جن ۾ روشني جي تلاش ۽ روشنيءَ جي هجڻ جو احساس ڏيندو ۽ جڏهن اهي شعر پڙهجن ٿا تہ ان کان پوءِ اهو ڇئي سگهجي ٿو تہ خليل نہ صرف روشني جو متلاشي آهي پر هو تہ سوجهري جو سفير بہ آهي ۽ شاعر هوندا ئي سوجهري جا سفير آهن ۽ انهن جي شاعري برندڙ ڏيئو هوندي آهي ۽ اهو ڏيئو روشني جي لاٽ بخشيندو رهندو آهي. اها خليل عارف جي شعري ڪماليت آهي جو هن غزل ۾ نہ صرف جمالياتي جا ڏيئا ٻاريا آهن پر سماجي ۽ سياسي مسئلن جي پرچار بہ ڪئي آهي.

اسان جڏهن سنڌي غزل جو اڀياس ٿا ڪريون تہ اهو اسان کي نج سنڌي استعارن ۾ تمثار ملندو ۽ ان جو هڪ وڏو ثبوت هيءُ شعري مجموعو "روشني آهيون اسين" جيڪو توهان جي هٿن ۾ آهي. توهان هن ڪتاب مان ڪوبہ غزل پڙهو. ان غزل ۾ اوهان کي نج پنهنجن احساسن جي عڪس بندي نظر ايندي. خليل عارف انهن عڪسن ۾ اڃا وڌيڪ ڪماليت اها ڪري ڏيکاري آهي جو انهن ۾ هن پنهنجي بولي، تهذيب ۽ ثقافت کي سونهري سگهہ بخشي آهي.

ڇا هي شعر منهنجي ڳالهہ جي گواهي نہ ٿو ڏئي؟

مون لفظ سڀيا آهن، جڙ پرت پريو دل آ،
ڪا وائي گهڳهي جهڙي، ڪو بيت پڙي جهڙو.

اهڙا ڪيترائي شعر / ڪيترائي خيال سندس شاعريءَ ۾ ملن ٿا. جن ۾ هن پنهنجي ديس جي مٽيءَ کان ويندي منظرن تائين ان سڀ کي ڳاتو آهي. جيڪو منظر اکين کي جوت بخشي ٿو. شعر ۾ وسعت ئي تڏهن ايندي آهي.

جڏهن ان ۾ عالمي منظر نامي کان وبندي ديس جي دانهن جي به داخلا هجي ۽ خليل جي شاعري ۾ نه صرف عالمي حالتن کي چٽيو آهي پر هر ان ڇرپُر کي چٽيو آهي جيڪا هن جي اک تائين ۽ شعري حُسن تائين پُڳي آهي.

خليل عارف جي ڪيترن ئي غزلن ۽ شعرن تي اوهان هڪ ڀرپور ٻيپر لکي سگهو ٿا. هُن جا اهڙا ڪيترائي غزل ۽ شعر آهن. جيڪي پاڻ ۾ حيرت جا جهان لِکايون وينا آهن. سندس ڪجهه اُهي شعر جيڪي پنهنجي جوهر ۾ جمالياتي جي جهان جو آڳر پکڙي سير ڪرائن ٿا.

هن جا پيرا ۽ چميو پئي چمندي آ،
هوءَ ته نڪري ويندي آهي رستي سان.

*

شاعري اڏرندڙ پکين جهڙي نه ٿي،
عاشقي تنهنجي اکين جهڙي نه ٿي.

هن جي شاعريءَ ۾ حقيقت پسنديءَ جي به جهلڪ ڏسڻ وٽان آهي.

فڪري سگهه سواءِ عارف،
خالي سڀ تحريرون آهن.

*

جي پڙهي ها سوچ کي ڏئي ها اڌار،
هو لکڻ تائين رڳو محدود هو.

*

ڪهاڻي اخبار سنڈ جي لکي آ ٿوري،
قصا ڪرڻ کان گهڻا بيان ٻيا به آهن.

مٿيان ٽئي شعر سندس شعري بيان جا حقيقي مظهر آهن. جن کان ڪوبه ڪن لاتار قطع نه ٿو ڪري سگهي. هونئين به اها شاعري دائديت جي دائري ۾ داخل ٿيندي آهي. جنهن ۾ حقيقت پسندي جي پاڙ مضبوط هوندي آهي.

هيءَ شعر ته سڏو هنيانءَ ۾ هٿ وجي ٿو وجهي.

روح ماتم ڪيو وڇوڙي تي،
دل کي ڪارو ڊڪيل لباس هيو.

مٿين شعر جي تعمير ايتري سولي ڪونہ ٿي هوندي جيتري مختصر لفظن جي ڏسٽي آهي. اهڙي شعر جي تعمير ڪيترن ئي دردن جي دريائن مان پڄڻ کان پوءِ ئي ٿيندي آهي ۽ ان ئي شعر جو تسلسل هيءَ شعر ۾ پڙهو:

زندگي جي زهر کي ظاهر نہ ڪر،
درد پي وڃ، لڙڪ ڇپرن ۾ لِڪا.

ايڏي پيڙاءَ ۽ ان جي پروڙ لوڪ کان لڪائڻ ڪو سولو ڪم ناهي.

جيئن خليل خيال اظهاريو آهي. لڙڪ ڇپرن ۾ لڪائڻ، سور جو سمنڊ سيني ۾ سمائڻو آهي.

سندس هڪڙو شعر هي ۾ آهي، جنهن ۾ خودي کي اوچو ڏيکاريو ويو آهي.

درد وارن جا درد لاهيندي،
دوستو! دستگير ٿي وياسين.

سنڌي شاعريءَ جي طويل لسٽ ۾ اهڙا ڪيترائي نالا آهن، جن جو شعري پسمنظر سماجي حوالي سان سگهارو آهي ۽ ان کان پوءِ هڪ ٻيو ۾ شاعراڻو حلقو آهي، جن جي شاعريءَ ۾ جماليات جو ٻرندڙ ڏيئو ڏسڻ وٽان آهي ۽ ايئن ئي وري سياسي پهلو ۾ آهي. ايئن ئي وري جيڪڏهن اهي سڀ جمالياتي، سياسي، ۽ سماجي پهلو جنهن جي شاعريءَ ۾ هڪ ئي وقت اظهاريل / چٽيل هوندا آهن، تہ اهو شاعر مڙني شاعرن کان اوچو / مٿانهون پري پري تائين نہ صرف نظر ايندو آهي پر، پنهنجي همعصرن ۽ دور تي پنهنجو اثر ڇڏي ويندو آهي. شيخ اياز کي پڙهو، اوهان کي اهي سڀ پهلو پختا اظهاريل نظر ايندا.

خليل جي گودڙيءَ ۾ ڪيئي گل آهن، جن جي خوشبو مختلف ۽ وٽندڙ آهي. هن وٽ ٻاراڻي شاعري کان ويندي ميڇوئر شاعريءَ جا ڪئي گل گلڪاري ڪيون ٻيڻا آهن ۽ مان سمجهان ٿو تہ شاعر سو ۾ ڪامياب شاعر اهو ئي آهي، جيڪو هر احساس اکرن ۾ اوتڻ جاڻي اهو پوءِ ٻاراڻو احساس هجي يا وري ميڇوئر. شاعريءَ ۾ احساس جو آڪاس ڪڙو ڪرڻ کو ايترو سولو ڪم ٿورئي آهي، جيترو ان کي سمجهيو وڃي ٿو. احساسن جي دنيا / تاريخ ۾ نانءَ ڳٽائڻ لاءِ تاريخن ۾ ڏيئن جي لاٽ ٻارڻ ضروري آهي ۽ خليل جي

شاعريءَ ۾ اسان کي احساسن جي دنيا جو اپار پري پري تائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ هن جي شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي جڳهين تي اوهان کي شاعري پڙهندي احساسن جي دنيا ۾ گهلي ويندي. ڇا هي اهڙا شعر ناهن. جيڪي پاڻ طرف سڏي رهيا آهن.؟

خواب سارا شهيد ٿي ويا،
چو نہ ٿيو احتجاج آهي.

*

سچ جي مان ٿي نہ ٿو عارف سگهان،
ديپ ٻڌجي روشني ڏيندو رهان.

سندس غزل جو هڪڙو شعر آهي:

هنهي جهانن سوا جهان ٻيا بہ آهن،
زمينون ٻيون پي ۽ آسمان ٻيا بہ آهن.

مان سمجهان ٿو تہ. اها هڪ تمام گهرائي واري دور انديشي آهي. جيڪا مٿين شعر ۾ خليل ڄاڻائي آهي تہ.

زمينون ٻيون پي آسمان ٻيا بہ آهن.

اهو خيال توڙي سادي پيرائي ۾ اظهاريل آهي پر. سچ اهو آهي تہ. اهو خيال ڪيترن ئي خيالن جي خدائيءَ تي ياري آهي. جڏهن مون خليل جو مٿيون شعر پڙهيو تہ. مون کي اقبال جي هيءَ سِٽ ياد اچي وئي.

ستاروں س ے آگ ے جهاں، اور بہ ی ہيں!

خليل جو شعر ۽ اقبال- جي اها سِٽ سائنسي سٽون آهن. جيڪي اسان کي کوجنا جي لاءِ اپارين ٿيون.

يادگيريون، ڪتاب، خط، فوٽو،
زندگي منهنجي جو خزانو هو.

مٿيون شعر توڙي جو ماضي ڏانهن اشارو آهي، پر سچ اهو آهي تہ. مٿين شعر جي زمين سندس سموري جيون جي بايوڊيٽا آهي ۽ اها هڪ حقيقت آهي تہ. جيڪڏهن شاعري جي مهربان ديوي سندس مٿان پرڙا نہ ساهي ها تہ. هوند خليل گمنامي جي اونداهيءَ غار ۾ غرق ٿي چڪو هجي ها. شاعري ۽ ڪتابن

۾ پناھ ونڻ ھن کي دائميت بخشي آھي ۽ اھا دائميت انساني جياپي ۽ ڪائنات جي وجود تائين قائم رھڻي آھي.

ھن ڪتاب جي مختلف غزلن جا اھي شعر جيڪي مون ڪوٽ ڪيا آھن ۽ اھي شعر مون ان ڪري ڪوٽ ڪيا آھن جو اھي شعريت سان پُر آھن.

نيٺ تو لئ صدين کان رستي ۾،
اڄ ڏکھو انتظار ٿي ويو آ.

*

نرڙ تي زلفن جا گُل ناھي رکيئي،
تنھنجي وارن جي ڇٽي ڏاڍي وٽي.

*

مان اگھاڙي بدن جيان آھيان،
ھوءَ منھنجو لباس ٿي وئي آ.

*

اڄي ننڍ مان تو پڇي ھڪڙي آرس،
خبر ٿئي تہ ڪيڏيون ڪيون ڪائناتون.

ڪڏھن ڪڏھن شاعر کان اھڙو شعر لکجي ويندو آھي، جيڪو حيرت جون حدون اورانگھي، ھڪ نئين جھان ۾ پھچي ويندو آھي. خليل جو ھيءُ شعر ڪيڏو نہ سوچڻ تي مجبور ٿو ڪري:

ساڻي وجھندي، ھن جھان کي عارف،
دل نہ شاعر جي باھہ ٿيڻ ڏي.

شاعر جي آھ زمين ۾ پونچال جيڏي سگھہ رکندي آھي ۽ ائين ئي شاعر جي ٻاجھاري ٻولي امن ۽ سلامتي ۽ آئيندي لاءِ خوشخبري جو پيغام ڪٽي ايندي آھي.

خليل جي شاعريءَ ۾ اوھان کي ڪيترائي منظر ايرندي لھندي نظر ايندا ۽ انھن من موھيندڙ منظرن مان ھڪ منظر ھيءُ بہ آھي.

خبر ناھي محبت گھٽي يا ٽوڙي ھئي؟
سمورو ڏينھن گھٽي جو ھيو طواف سھي.

اهو طواف ئي آهي، جيڪو محبت جو حج اڪبر ۽ معراج بخشي ٿو. محبت ئي ته شاعريءَ جي جنم جو سبب آهي ۽ ان محبت کي شاعريءَ ۾ ڳائڻ ڪيترن ئي ڳڻن کان بهتر آهي، جيڪو پڙهندڙ کي پنهنجي سحر ۾ سمائي چڏي ٿو.

اهڙا ڪيترائي شعر اوهان هن مجموعي ۾ پڙهي سگهو ٿا، جيڪي شعري اوچي اڏار ڪندي اوهان کي نظر ايندا. ڪجهه اهڙا شعر جيڪي پڙهي، شعري لطف حاصل ڪري سگهجي ٿو.

انڌيرن کي سيئي چاهن،
هتي آ ڪير ڏيئن جو.

*

گند هاڻو معاشرو آهي،
چو ته آهي نظام طبقاتي.

*

صحرائن ۾ پيا ٿا سهڪن،
وڻ وڻ جن جا ها واهيرا.

*

هارپو عُمر، جنهن جي ڪائي ويو،
ڪين تنهن جو اناج پنهنجو هو.

خليل عارف جو هي ڪتاب ان ڪري به هڻ تائين پهچڻ گهرجي جو عام تائين اها ڳالهه پهچڻ گهرجي ته. شاعري ڪهڙي ۽ شاعري چا آهي؟ چو ته. عام پڙهندڙ جي هٿن تائين اهڙا به مجموعا پهتا آهن، جيڪي نالي ۾ ته. شعري مجموعا آهن پر، انهن ۾ اهڙو ڪو به شعر نه هوندو آهي، جيڪو اندر ۾ لهي وڃي ۽ چت تي چڙهي وڃي. سو ان ڪري هيءَ ڪتاب گهڻ ۾ گهڻ ان پرک جو در ضرور کولينڊو ته. شاعري هيءَ آهي.

❊

لک ڪلڪ تون لک

هر دور پنهنجي اندر هڪ درد کي گڏ ڪٽي هلندو آهي. ۽ ان دور جي درد جي جاڻ هڪ شاعر کي ئي هوندي آهي.

اهي شاعر ماضيءَ ۾ ڇو جيئڻ چاهيندا آهن؟

شايد حال شاعرن جي حال کان لاتعلق رهندو آهي. ان ڪري اهي ماضيءَ ۾ جيئندا آهن ۽ مري به ماضيءَ ۾ ئي ويندا آهن. ان ڪري جو جڏهن انهن کي ياد ڪيو ويندو آهي يا سمجهيو ويندو آهي. تڏهن اهي ماضي ٿي چڪا هوندا آهن. ايئن اهي ماضيءَ جو حصو بڻجي ويندا آهن. هونءَ به هر آرٽ جو ڳُر ماضي ۾ لکل هوندو آهي. ادب به آرٽ جو حصو آهي، بلڪ آرٽ ئي آهي. ان ڪري اسان ان جي پرک به ماضيءَ تي ڇڏي ٿا ڏيون. پر تڏهن به ڪنهن نه ڪنهن کي ڪنهن نه ڪنهن جي ڪم تي ڪجهه نه ڪجهه چوڻ جو موقعو ملي ٿو تہ اهو ان تي پنهنجي ضرور راءِ ڏئي به ٿو پوءِ اها ڪنهن کي وٺي ٿي يا نه ٿي وٺي اهو الڳ معاملو آهي.

ادب آرٽ جو اهو شعبو آهي جنهن جي اپ تي سهسين چند، ستارا جڳمڳائي رهيا آهن. ڪنهن ڪنڌ ۾ ڪهاڻي چمڪي پنهنجو ڏيان ڇڪائي رهي هوندي آهي تہ ڪٿان ناول اک ڀڇي پاڻ ڏي سڏي رهيو هوندو آهي. ڪٿان جيوٽيون ڊراما، سفرناما پيا تڪيندا آهن تہ ڪٿان شاعريءَ جا ٽيڙو ڪتيون ۽ تارا پيا اشارا ڪندا آهن ۽ اڄ اسان شاعريءَ جي سفر تي روان آهيون ان ڪري ڳالهه شاعريءَ جي ڪنداسون. جهڙي ريت ٻوليءَ جو حسن ان جي گرامر ۾ آهي اهڙي طرح شاعريءَ جو حسن ان جي موزونيت آهي. ۽ انهي موزونيت سان گڏجي تشبيهون، تجنيسون ۽ استعارن، ڪنايون جي ڳٺڻ ان جي حسن ۾ جيڪو نکار آندو آهي. ان هن کي پنهنجي باقي ساهيڙين کان مٿيرو مقام بخشو آهي. ۽ هن جي ٻي جيڪا خوبي آهي اها ٻن ڏڙڪندڙ دلين کي هڪ ٻئي جي ويجهو ڪرڻ جي آهي. ۽ اها ئي اصل خوبي آهي.

شاهه عبداللطيف هجي، شيڪسپيئر هجي، غالب هجي يا رومي انهن جي شاعري مٿئين خوبيءَ جي ڪري ديس پرديس پڳي آهي ۽ اها به شاعري

جي اضافي قوت آهي تہ هو پنهنجي ذاتي پيڙاءِ ۽ تڪليف کي دنيا جي درد ۽ تڪليف ۾ تبديل ڪرڻ جي سگهہ رکي ٿي. جنهن ڪري سندس ڀالهہ دنيا ۾ ٻڌي ٻہ وڃي ٿي ۽ ورنائي ٻہ وڃي ٿي. جنهن ڪري هي دنيا جي دادلي ٻڌجي وڃي ٿي ۽ دنيا هن سان پيار ڪري ٿي.

جيستائين سنڌي شاعريءَ جو تعلق آهي تہ اها پنهنجو ماضي رکي ٿي. هن کي پنهنجو حال آهي ۽ مستقبل ٻہ هن جو شاندار ئي آهي. هن جو ماضي جيڪو ويٺ ۽ يانن کان شروع ٿي شاهہ سچل ۽ سامي جهڙن شاعرن جي چين ۾ پوتل آهي جڏهن تہ هن جو حال امداد حسيني، ايياز گل، ادل سومرو، علي دوست عاجز، اسحاق سميجو جهڙن شاعرن جو اسان کي مُک درشن ڪرائي ٿو تہ اتي گلزار احمد سولنگي، ذوالفقار گاڏهي، حاجي ساند سميت ڪيترائي شاعر آهن جيڪي اسان جي آئيندي جو درپن آهن ۽ انهن ۾ هڪڙو نالو صابر سيدپوري ٻہ آهي.

صابر سيدپوري سنڌ جي ان پرڳٽي جو شاعر آهي جتي لُڪ لڳندي آهي. جتي اَڪ ٽپندا آهن. هن جي اندر هڪ جنون آهي. اهو جنون هن جو عشق آهي ۽ اهو عشق هن جي شاعري آهي ۽ انهي شاعري هن کي پنهنجي ڳوٺ سيدپور کان ٻاهر وٺي تقريبن پوري سنڌ سان متعارف ڪرايو آهي. "چنڊ جهڙا پرين" هن جو ٻيو شعري مجموعو آهي جنهن ۾ غزلن ۽ واين کان سواءِ ٻين ٻہ ڪيترين صنفن جي ٻهار آهي. جيڪا ڪنهن ٻہ طور نظر انداز نہ ٿي ڪري سگهجي. هو جهڙا سهڻا غزل لکي ڇاٽي اهڙيون سهڻيون وايون ٻہ لکي ڇاٽي.

چنڊ تارا چوڏسان مان،
يار جي ديدار تائين.
زندگي گذري اٿم.

جهڙي سهڻي وائي آهي تهڙي ئي سندس وراٽي آهي ۽ جنهن شاعر وٽ اهڙا شعر هجن، ان کي ڪير نظر انداز ڪري سگهي ٿو؟ ۽ نظر انداز ٻہ ڇو ڪري؟ -

صابر جي شاعري جو استعارو پيار آهي. تنهن ڪري سندس شاعري پيار ئي پيار آهي. ان ڪري هن جي شاعريءَ ۾ پيار جو گردان گهڻو آهي. ان جو

سبب ڪٽي هن جي جيون ۾ پيار جي ڪا ڪوٽ ته نہ آهي. جي آهي ته ان جي ڳولا بہ اسان کي سندس شاعريءَ ۾ ڪرٽي پوندي.

پاڻ هڪڙي ڪهاڻي ٿي ويندڙ
ڪهڙي ويندو لکين ڪهاڻي ٿو.

هي شعر جنهن غزل جو آهي، اهو سڄو غزل تغزل پريو آهي ۽ صابر جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيئي شعر لعلن ۽ جواهرن جيان جرڪي رهيا آهن.

ڪرهل ڪاهي آءٌ،
چنڊ بہ ترسايو اٿم.

وڻ وڻ ٻهڪي پوم ۾،
چوڏس سُرهو ساءُ.
چنڊ بہ ترسايو اٿم.

هيءَ وائي هڪ مثالي وائي آهي ۽ هيءَ وائي نہ رڳو شاعر جي شاعريءَ جو هڪ اعليٰ نمونو آهي پر، هيءَ وائي سنڌي شاعريءَ جي معيار جو بہ هڪ نمونو آهي.

چنڊ ۾ تون آن، چنڊ پڻ تو ۾،
تون بہ ٻرين ٿو هُو بہ ٻري ٿو.

تقريبن هر شاعر محبوب کي چنڊ جي تشبيهہ ڏني آهي ۽ خود صابر بہ ڏني آهي.

چنڊ مهمان ٿو ٿئي منهنجو
پورو ارمان ٿو ٿئي منهنجو.

پر، هنن سٽن ۾ اظهار انوکو آهي:

چنڊ ۾ تون آن، چنڊ پڻ تو ۾،
تون بہ ٻرين ٿو هو بہ ٻري ٿو.

اهو خيال ٻين خيالن جي ابتڙ ته آهي ئي آهي پر، منفرد بہ آهي.

منهنجي پگهر جي دم سان آباد آ زمانو
وک وک تي روشني آ، وک وک تي آشيانو.

ڀ اهو ئي آرٽ آهي جو جنهن ڪردار تي اوهان لکو ڀ ان ڪردار جو جيڪو آواز هجي اُهو ايترو ٽ نرالو هجي جو ڪٿي بہ ان ڪردار کي مبهم نہ ڪري ڇڏي بلڪ ان جي حُسن ۾ نکار آڻي ڀ ان جي اپار جو سبب بڻجي. صابر جو هي شعر اسان جي موجوده دور جو المیو آهي.

دوستيءَ کي پيو وڌايان ڏس،
دشمني جي قريب ٿيو آهيان.

*

غم جا پاڻا وڃان پريندو ٿو
هر خوشيءَ جي قريب ٿيو آهيان

مٿي ڏنل بن شعرن وارو سمورو غزل هڪ عجيب غزل آهي. نہ ابهام آهي ۽ غزل ۾ ڀ نہ ئي وري ڪو فلسفو پر، ان جي باوجود بہ جيڪڏهن ڪو شاعر، پارکو يا نقاد هن غزل جي تهہ تائين هڪ عاشقانہ نگاهہ رکندو ٽ اهو ئي محسوس ڪندو ٽ هيءُ غزل ڪيترو نہ وڏو آهي. هر سِٽ ٻي سِٽ جو ضد آهي. زندگي خودڪشي، دوستي دشمني، غم جو ضد خوشي، اونداهہ جو ضد روشني ڀ موت جو ضد زندگي ڀ اها شاعر جي ڪماليت ئي چئي سگهجي ٿي ٽ. فلسفانہ موضوع ۾ هڪ ننڍڙي پنجن شعرن جي غزل جي گرفت ۾ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڀ سهڻي نموني سان قلم بند ڪيل هجي. گهڻن ئي شاعرن سنڌ جي نظارن، سنڌوءَ جي ڪنارن، ڪيرٿر جي جابلو قطارن کي ڪنهن نہ ڪنهن سهڻي حوالي سان پنهنجي ڪويتائن ۾ ڳايو آهي. پر صابر جو اهو انداز بيان بنهہ منفرد آهي سنڌ سان عشق جي حوالي سان ٽ. صابر سنڌ جي انهن تمام گهٽ شاعرن مان هڪ شاعر آهي، جنهن سنڌ کي سڄي ماءُ سڏيو آهي.

سدا پاڻ واري، سدائين سونهاري،
سڄي ماءُ جهڙي، مني سنڌ پياري،

ڪيڏي نہ سھڻي ۽ سليس وائي آهي هي:

تنهنجي آهيان نور سان،
جيسين منهنجي ٿوڙ
آءٌ آهيان ڇا پرين.

سنڌس شاعريءَ جو هڪ هيءُ بہ پاسو آهي ۽ اهو پاسو ڏاڍو وٽندڙ ۽ اثر ڇڏيندڙ آهي ۽ اهو پاسو سنڌس شاعريءَ ۾ گيڙو رنگ وارو آهي ۽ اهو گيڙو رنگ شيخ اياز جي غزلن جي "گيڙو ويس غزل" کان گهڻو مختلف ۽ صوفيت جي رنگ سان رڱيل آهي. اها صابر جي ڪمال ڪاريگري چئجي تہ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ گيڙو رنگ کي ايترو تہ سهڻو ۽ حسين نموني سان آندو آهي جو سنڌس شاعريءَ جو اصل رنگ پنهنجو الڳ ٽلڳ نظر اچي رهيو آهي، نہ تہ گهڻن شاعرن اِن گيڙو رنگ کي پنهنجي شاعري ۾ استعمال هيٺ آڻيندي پنهنجي شاعريءَ جو اصل رنگ ڦٽائي پتو ڪري ڇڏيو آهي.

جوانيءَ جي جذبن کي ميندي لڳي،
رڳو هڪ گهڙي ئي ڏسي هو ڪلن.

هيءُ خيال خواهشات جي خزانن جو هڪ انمول موتي آهي ۽ اهو خيال نہ صرف نئون آهي پر، ان خيال کي پوئڻ جي ادائگي بہ نئين آهي. جوانيءَ جي جذبن کي ميندي لڳڻ ۽ اها جوانيءَ جي جذبن کي ميندي لڳڻ ئي تہ سڏلتا آهي.

هيٺ مختلف غزلن جا وٽندڙ شعر ۽ پهريان اهي وٽندڙ شعر ۽ پوءِ انهن تي راءِ:

اگر پيار پنهنجو نہ ٿو ڏيڻ جي چاهين،
ڪلي ڏي اِهو ئي تون آزار ريشم.

*

عشق کي تون مذاق ٿو پائين،
شينهن جو وار تو ڏٺو ناهي.

هي پي تڏهين سڏائي سهڻي ٿي،
هن جو ميهار تو ڏنو ناهي.

*

محبوب زماني ۾ محبوب ڏٺم ماڻهو،
هن چنڊ کان پي سهڻا وڏ خوب ڏٺم ماڻهو.

*

اڪيلا نہ آهيون اسان. جا ٿي ساڻي،
پکي، وڻ ڪکر ۽ هي سهڻا ستارا.

هي مٿيان ترتيب وار غزلن جا جيڪي شعر مون ڏنا آهن اهي سڀ هن مجموعي جا انتهائي خوبصورت شعر آهن. جنهن ۾ فرد جي اندر جي پيڙاءَ انتهائي طاقتور انداز ۾ اظهاريل آهي جن ۾ اندرين ٻاهرين جماليات بہ آهي. ان سان گڏ لساني جماليات پڻ. سو چئي سگهجي ٿو تہ سندس خيالن کي پوئڻ جو سليقو آهي. تنهن ڪري اسان چونداسين تہ هن جي شاعريءَ ۾ پنهنجو رنگ، رس، چس آهي ۽ جنهن شاعر کي پنهنجو رنگ، رس، چس آهي، اهو بيشڪ ڪامياب شاعر آهي.

صابر جي سرائڪي غزل جو هڪ شعر آهي تہ:

انگ انگ تيڏا چنڊ دي ڪرڻين،
سونهن اي سينگار ڪيا آکان.

جتي غزل جي پنهنجي اڏام آهي تہ اتي هر هڪ صنف جي پنهنجي پنهنجي اڏام آهي. صنفي سطح جي اڏام کي جيڪا اوچي اڏام ٿو پرائي اهو وري خيال آهي. هڪ هائيکي ۾ هيڏي وڏي ڳالهہ ڪري ئي تہ ڪمال ڇئبو آهي:

ڪونهي ڪوبہ ٻڪون
پوءِ بہ جيئڻ جو اٿم
ڏاڍو يار جُنون.

۽ اهو جيئڻ جو ئي جنون هڪ جستجو کي جنم ڏي ٿو ۽ وري اها جستجو منزل تي رسائي ٿي ۽ هي هائيکو جيڪو هاڻ هيٺ ڏينداس اهو بہ ايترو ئي وڏي خيال جو آهي:

مان ڪونج جيان تنها،
ڳُرلايون وڃان ٿو پيو
سِر تي تہ ڪنيون چا چا.

ڪجھ مختلف غزلن جا شعر آھن هي شعر بہ پنھنجي جوھر ۾ ايترا ئي اوچي پَد جا آھن، جيترا ٻيا ڳٽائي آيو آھيان.

پنھنجي نالي جي ڳولا جي آھيان پٽيان،
نانءُ ھوندي زمانن کان گمنام ھان.

*

روح تنھنجي اچي گھر جو گولو ٻٽيو
منھنجو مون وٽ صرف خالي بُت آ پريون.

*

ھينڙو لوڻ جيان ڳري ويو آ،
پو بہ توکي نہ ٿو وساريان مان.

*

ڏم ٿو ڏيل ڏکائي منھنجو
ڪاٿي آن ميھار وٽي وڃ.

*

ڳالھيون لکن جون ڪن ٿا جي،
سيئي ٽڪي ڪپن تہ پوا

*

ٿورو اکيون تہ کول پو توکي،
ڏات ڏسبي ڏيئا ڏيئا منھنجي.

صابر سيدپوريءَ جو ھي شعري مجموعو مختلف صنفن سان ڳٽيل ھڪ سھڻو گلدستو آھي. "چنڊ جھڙا پريون" جھڙي سھڻي نانءُ جھڙو سھڻو مک رکندڙ ھي شعري مجموعو اوھان جي ھٿن ۾ آھي ھن ۾ ھڪڙي ڇڪ ضرور آھي ۽

جيڪا شاعري پاڻ طرف چڪي تہ اهو سمجهڻ گهرجي تہ ان ۾ دم آهي ۽ جنهن تحرير ۾ دم هجي ان کي ئي دائميت هوندي آهي.

آرٽ سان پُر هي شعر ڪيئن ٿا لڳن اوهان کي:

هڪڙي هڪڙي آهه پويان ٿو هري آڙاهه ڏس،
پيو ايامن کان تہ پڇري هڪ ويچارو ساهه ڏس.

*

ٻين جي ڏسڻ کي هوندو ڏٺو تو
توکي ڪئن مان ڏسان ٿو ڏسجان.

ٻيهر جيئڻ، جيئڻ خاطر،
نئين سِر يار مران ٿو ڏسجان.

*

شاندار - جئي پرڪاش

هڪڙي شاعري اها هوندي آهي، جيڪا سڌو دل تي اثر ڪندي آهي. ۽ هڪڙي شاعري اها هوندي آهي، جيڪا سوچ جي اونهي سمنڊ ۾ ويجي اڇلينديءَ آهي. هڪڙو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي، جنهن جي شاعري سڌو دل تي اثر ڪندي آهي. ۽ ٻيو ٻڌت ڪبير آهي، جنهن جي شاعري سوچ جي اونهي سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏيندي آهي. توڙي جو مٽي ڪيل ڳالهہ جي تناظر ۾ ٻين شاعرن کي بہ ڳڻائي سگهجي ٿو پر لطيف ۽ ڪبير کي ان ڪري ڳڻايو آهي، جو ٻنهي جي شاعري ان ڪيل ڳالهہ تي منهنجي نظر ۾ سئو سيڪڙو پوري لهي ٿي. لطيف جي شاعري من ۾ آکيرو ان ڪري بہ، ڪري ويهي رهي ٿي، جو اها اندر ۽ عشق جي عميق گهرائي سان اظهاريل آهي. ۽ جيڪا شاعري عشق جي عميق گهرائيءَ مان اظهاريل هجي. اها ئي شاعري هر زبان تي ترنم سان رقص ڪندي آهي. ۽ ڪبير جي شاعري فلسفي جو اهڙو تہ هڪڙو باب آهي، جنهن ۾ سماج اظهاريل آهي، جنهن ۾ برابري ڏيکاريل آهي. ۽ جنهن شاعريءَ ۾ سماج اظهاريل هوندو آهي. اها ئي شاعري دائميت جي دائري ۾ داخل ٿيندي آهي يا وري جيڪا عشق جي عميق گهرائيءَ مان اظهاريل هجي.

ڪيترن ئي عالمن اها راءِ جوڙي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ڪتاب جي هڪ بہ سٽ سچي آهي يا ڪنهن جي مَن تي ليک ڇڏي وڃي ٿي، تہ پوءِ ڄاڻو اهو ڪتاب ڪارائتو آهي. هي اڄ جيڪو شعر ي مجموعو اوهان جي هٿن ۾ آهي. ان جي صفحي صفحي تي وطن جي واکاڻ آهي. امن جو اڇو جهنڊو جهولندي نظر اچي ٿو. ۽ پيار محبت جو درياهہ تارون تار وهندو رهي ٿو. ڪتاب ۾ شامل هيءُ نظم جنهن جا مان هتي عنوان ٿو ڏيان ۽ پوءِ انهن تي راءِ لکندس. هيءُ نظم شاهڪار آهن. ڪنهن بہ شاعر جي حصي ۾ هڪ ئي نظم اهڙو هجي ٿو. جيڪو هن کي زنده رکي سگهي ٿو پر جئي پرڪاش جي هَڙ ۾ هيڪاندا نظمَ آهن. ۽ اهي نظم هيءُ آهين. 'دلبرين جي ديس ۾'، 'مون ۾ ڇڪين ٿي هر پل'، 'هُوءَ'، 'جدائي کي پوڳيون پيا'، 'دلبر دل ۾ ڏڪ لڳي پيو'، 'خوشين جا خيما'، 'منڇر جو ماڳ'، 'ايندس وري مٺي مان'، 'مزدور'، 'شاعريءَ کي آسمان

ٿو گهرجي'، 'تون ايڏا اٽندي ڪڏهن'، 'هُو جا ڪلي هوا ڪي'، 'خيالن جي خوشبوءِ' ۽ ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي نظم شاعريءَ جي اوچي پَد تي اوهان کي بيٺل نظر ايندا. ۽ شاعريءَ ۾ وطن، مٽي، محبت جو واس ونڊندا ويندا.

هن وقت سنڌي شاعريءَ جي سفر ۾ جيڪو نوجوان شاعرن جو لڏو شامل ٿيو آهي. سندن شاعريءَ پڙهي ڪري، اهو چئي سگهجي ٿو ته اڄ جو نوجوان شاعر مستقبل ۾ سنڌي شاعريءَ جي باغ کي اهڙو ته سائو ـ ڇهڇ ٻٽائي ڇڏيندو جو اهو باغ ڪڏهن ڪنهن به صورت ۾ سُڪي ٽوٽ نه ٿيندو. سينيئر شاعرن کي سنڌي ادبي سنگت جي ڪلاسن جي تربيب حاصل هئي ۽ جنهن دور ۾ هو اسري رهيا هئا. انهن کي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين جو مضبوط مورچو موجود هو. جتان هو پاس ٿي پئي آيا. هن وقت اهو الميو چئجي يا خوشيءَ جي ڳالهه چئجي ته اڄ جو نوجوان شاعر صرف ۽ صرف پنهنجي محنت سان اڳتي وڌي رهيو آهي. ان جي اوسر ۾ ڪنهن به دستوري گڏجاڻيءَ جو هٿ ناهي. هو مسلسل ڏڪا، ٽاپا کائيندو. پنهنجي منزل طرف سهانيون وکون کڻي رهيو آهي. اها ڳالهه هٿ مٽي کڻي چئي سگهجي ٿي ته اڄ جي پيڙهيءَ جي شاعريءَ ۾ اها سگهه موجود آهي. ۽ ان جي تخليقي پورهيي سينيئر ۽ جونيئر ٻنهيءَ جي سَنڌي کي ٽوڙي برابريءَ جي بنياد تي شاعريءَ کي بيهاريو آهي. منهنجي خيال ۾ اها سنڌي شاعريءَ جي خوش بختي آهي، جنهن جي حصي ۾ اڄ جي نئين پيڙهه جو مضبوط بنياد پئجي چڪو آهي.

موجوده وقت ۾ جيڪا شاعري لکجي رهي آهي. اها گهٽي ياڻي نظر جي صنف ۾ آهي. ماضي قريب ۾ به گهٽي ياڻي نظر جي صنف ۾ ججهو لکيو ويو. ماضي قريب ۽ اڄ جي نظر ۾ هڪ اهو فرق آهي ته اڳ نظر گهٽ موزون خبرنامو وڌيڪ هو. ۽ اڄ اها شاعري ڳاڻائي ۾ نه جي برابر آهي. ۽ اڄ جو نظر نج نبار شاعري آهي. ڪجهه اهڙا به شاعر آهن، جيڪي طويل طويل نظر لکن ٿا ۽ ايئن اڳ به لکيا ويا هئا. اڳ جي نظر ۾ نعري بازي وڌيڪ ۽ اڄ جي نظر ۾ لفاظي وڌيڪ آهي. ۽ اهي نظر لکندڙ... لکن به پاڻ ته پڙهن به پاڻ جڏهن اهي نظر سندن زباني پڌجن ٿا ته ڏهه سيڪڙو مارڪون کڻن ٿا ۽ جڏهن انهن جا نظر پڙهجن ٿا ته هڪ سيڪڙو مارڪ جا حقدار به نه ٿا ٿين. ايئن چو ٿئي؟

ان سوال جو هڪڙو ئي جواب آهي تہ انهن نظمن ۾ رنگين لفظن جي لفاظيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ بہ ناهي هوندو. ايتري تائين جو شعريت پڻ ناهي هوندي. استيجن تي صرف ۽ صرف واھہ واھہ ئي ٿيندي ۽ اھڙا ريلَ جي گاڏيءَ جيان بنا بريڪ نظم لکندڙ بہ جڏھن استيجن تي نظم پڙھن ٿا تہ واھہ واھہ جو مِنو زھر پنھنجي پاسي ڪري وٺن ٿا.

اسان وٽ اڪثر چا ٿو ٿئي تہ ٿوري شھرت جنھن کي ملي ٿي تہ اھو وري اھڙو گم ٿو ٿي وڃي جو ڳوليو نہ ٿو لڀي. ھڪڙا تڪڙي شھرت لاءِ ڏينھن، رات ڪوشان ھجن ٿا. ۽ شھرت جي ان بلندي تي پھچي اھڙو تہ ڪرن ٿا، جنھن کي بيان نہ ٿو ڪري سگھجي. شھرت بہ اھا جيڪا تخليقي سگھ متاثر نہ ڪري ھڪ تخليقڪار کي جڏھن شھرت واچوڙي وانگي ورائي وڃي تہ ان کي اھو سمجھڻ گھرجي تہ ھيءَ تڪڙي شھرت اھڙي تِکي تلوار آھي. جيڪا ڪيس ڪيا ڪري سگھي ٿي. ان وقت ھن کي ڪنڌائتو ٿي وڃڻ گھرجي. ان دوران پڙھڻ ۽ لکڻ ۾ پاڻ کي محُو ڪري ڇڏي. سندن اندر نوجوانن ۾ ھڪ بيماري وبا جيئن ڪاھي پئي آھي. ۽ اُھا اِھا تہ آئون 'رولاڪ شاعر' آھيان. حالانڪ ھو اھو وساري ٿا ويھن تہ ان ۾ ھنن جو نہ مستقبل سنوري سگھي ٿو. ۽ نہ ئي وري تخليقي پاسو سگھارو ٿي سگھي ٿو. تنھن ڪري نون لکندڙن کي سنجيده ٿي سوچڻو پوندو ۽ مستقل مزاجيءَ سان پنھنجي تخليقي سفر کي جاري ساري رکڻو پوندو.

اجائي واھہ واھہ کان جيڪو بچي ويو. اھو طي آھي تہ ان ئي شاعر جو سفر مسلسل ۽ سنو رھندو. منھنجي نظر ۾ غير ضروري تعريف تخليق ۽ تخليقڪار آڏو ھڪ اسپيڊ بريڪر آھي. توھان ڏسو.... اڄ جي دور ۾ سوشل ميڊيا جي وسيع ۽ غير ضروري استعمال سان، گڏ و گڏ شاعرن جي گھٽائي بہ اُسري آئي آھي. ڪو شعر لکي فيس بُوڪ تي رکي ٿو ۽ سون جي تعداد ۾ لائيڪ ۽ ايترا ڪمينٽ ملي وڃن ٿا، جنھن کان پوءِ ھمراھہ کي پَرَ لڳي وڃن ٿا. انھيءَ کي گھٽو دير سان خبر پوندي آھي تہ مون جيڪو پويون سفر ڪيو. اھو تہ منھنجي مشق جو دور ھو. تيستائين ھُو پنھنجي سينيئرن سان بہ ڦٽائي ويھي رھندو آھي. سينيئرن جي صلاحن کي ٻڌجي. جيڪڏھن اھي اوھان جي

حق ۾ آهن تہ اوهان پاڻ وٽ رکو ۽ ان تي عمل ڪريو. باقي جيڪڏهن 'مان' يا 'آئون' جو عنصر اندر ۾ اسريل ئي رهيو تہ گهٽو وقت پوءِ سفر نہ هلي سگهندو.

سنڌ اندر هڪ عجيب رجحان جڙندو پيو وڃي تہ شاعر اهو آهي. جيڪو نظم لکي. نہ تہ شاعر ناهي. حالانڪ اها راءِ انتهاپسنديءَ جي بنياد تي بيٺل آهي. ڪنهن حَد تائين ان ڳالهہ کي قبول ڪري سگهجي ٿو تہ هيءُ جيڪو نئون دور آهي. خاص ڪري شاعريءَ جي حوالي سان ان ۾ غزل، نظم ۽ نثري نظم جِي مقبوليت ڪلاسيڪل صنفن کان ڪجهہ سرس آهي. پر جنهن ڏرتيءَ سان اسان جو تعلق آهي، اتان جي ماڻهن جي مزاج وٽان مٿيون ڳٽايل شعري صنفون ناهن. سواءِ غزل جي. هاڻي ڪنهن قدر نظم پنهنجي جاءِ جوڙي چڪو آهي. ان ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد صرف ۽ صرف هڪڙو آهي. ۽ اُهوِ اهو تہ اسان جو عام ماڻهو شاعري ان کي سمجهي ٿو جنهن ۾ موسيقيت آهي. جنهن کي ڳائي وڄائي سگهجي. ۽ هتان جون جيڪي شعري صنفون آهن. جهڙوڪ بيت، وائي، گيت، ڪافي اهي صنفون نِج راڳ تي ٻڌل آهن. ۽ نتيجي ۾ جڏهن انهن کي ڳائجي ۽ پڙهجي ٿو تہ سڀ کي سنهنجون لڳن ٿيون.

ڪجهہ وقت کان سنڌ اندر جيڪا قومي تحريڪ جي چرپر مانڌ جو شڪار آهي. ان کان پوءِ لڳاتار قومي ڪارڪنن جو کنيڄڻ ۽ وري چڇريل لاش جي صورت ۾ يا وري زنده لاش جي صورت ۾ سنڌ وصول ڪندي رهي آهي. ايئن بہ ناهي تہ اهو سلسلو ڪجهہ سالن کان جاري آهي. اهو سلسلو تہ قومي تحريڪ جي بنيادي ڏينهن کان جاري آهي. پر ويجهڙ ۾ ان سلسلي ۾ تيزي آئي آهي ۽ ڪجهہ سالن کان تہ ان ۾ ايڏا گهٽي تيزي اچي وئي آهي. ان ڳٽتي جوڳي صورتحال ۾ سنڌ اندر جيڪا تازو 'مسنگ پرسنز جي آزاديءِ جي تحريڪ' زور ورتو آهي ۽ تنهن بعد سنڌ جو سُٽل قومي ڪارڪن ڪجهہ ڏينهن لاءِ سجاڳ تہ ٿيو پر وري موت جهڙي ماڻ ۾ گم ٿي ويو آهي پر هن تحريڪ کي سگهہ سنڌ جي نارين بخشي. انهن سان سنڌ جو هر فرد بيهي پيو تہ اهو يقين سان چئي سگهجي ها تہ اها تحريڪ جيڪي نتيجا ڏنا پئي. ان کان وڌيڪ سگهارا نتيجا ڏئي پئي سگهي.

'مسنگ پرسنز جي آزاديءَ جي تحريڪ' ۽ ان تحريڪ کي ايار بخشيندڙ سنڌ جي بهادر نياڻين تنوير آريجو نيلم آريجو سسئي لوهار سورٺ لوهار

شازيہ چانڊيو سميت جيڪي بہ نياڻيون آهن. انهن جي جرئت، بهادريءَ جهڙوڪ سُتل ضمير کي جنجهوڑي جاڳايو. انهن نارين جي حشمت کي ڏسي سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪنهن شاعر سگهاري ۽ قومي شاعري سرجي آهي تہ اهو جئي پرڪاش ئي آهي. نہ رڳو 'مسنگ پرسنز جي آزاديءَ جي تحريڪ' هلائيندڙ نياڻين جي بهادريءَ تر پر هن هر ان ڪردار کي ڳاتو آهي، جنهن جنهن بہ جابر قوتن سان ٽڪر کاڌو آهي. ۽ انصاف جو علم بلند ڪيو آهي. سنيتا رانور کان ويندي اُمِ رُباب تائين.... جئي پرڪاش پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن ڪردارن کي ڳايو آهي. جنهن بہ آڇيي جي اجري صبح جي حاصلات لاءِ رت ڏنو آهي. صحيح معنيٰ ۾ ايئن چئجي تہ هيءَ نوجوان شاعر قدر شناس شاعر آهي. جيڪو سماج جي هر ان ڏاڍ ۽ برائي خلاف قلم جو علم بلند ڪري ٿو ۽ شاعري ۾ احتجاج رکاردِ ڪرائي ٿو.

انهن نظمن جا ڪجهہ حصا اوهان بہ پڙهي ڏسو جيڪي انهن بهادر نياڻين کي پيتائن طور پيش ڪيا آهن.

ٿهڪي تانبو ٽي آ نڪتي
ايڏي گرمي روڊ پچن ٿا.
هن وٽ هڪڙي شڪتي آهي
هن وٽ کهڙي پڪتي آهي؟

(نظم: اُمِ رُباب)

*

هي جا شيرين آئون ڏسان ٿو
سا تہ سمنڊ جي ساهيڙي آ.
چولي چولي منجهہ سونامي
هن جو نانءُ بغاوت رکجي
سنڌ جي نئين اڏاوت رکجي

(نظم: شيرين)

*

سسئي سا ئي سسئي نڪتي
پنڌ ڪرڻ جي ريت آ تنهنجي

چا تہ پنهون سان پريت آ تنهنجي
رستو رستو ڪنڌا پکڙيل،
وک وک تي هٿ ڪنڌا پکڙيل.
(نظم: سسئي)

*

تند چوان تنوير چوان.
مان ٻالو پڙڇي تير چوان.
هوءَ لفظن جو پيڊار به آ
هوءَ دودي جيئن ڪنڊار به آ
هوءَ ڌرتيءَ جي پگڊار به آ
هو آئيندي جو معمار به آ
هو بادل بڻجي گرجي ٿي.
هو بجلي بڻجي ڪڙڪي ٿي.
(نظم: تنوير)

*

نيلم تون نور آهين.
سنڌ جو شعور آهين.
تنهنجون اکيون چون ٿيون،
چوندي نہ هُو ڏڃن ٿيون.
(نظم: نيلم)

*

سورٺ جي سوچ اوچي،
چنڊ کي ڇُهي چوي ٿي.
تنهنجو قسر چندرما
ڌرتي منهنجي اُتر آ.
تنهن جو قسر کٽان ٿي
وڙهندي وچن ڪيان ٿي.
زندان جون ديوارون.

توڙي پکيون هجن پر،
منهنجا جبل ارادا
وجهندا هي ڏار ڏسجو.
پُڄندا ٻي پار ڏسجو.
(نظم: سورٺ)

*

مون کان جي وفا پڇبي،
تنهنجو ئي نانءُ ونبو.
او سنڌ جي سُنيتا.
(نظم: سُنيتا)

هي مٿيان ڏنل شعر انهن نظمن مان کنيا آهن. جيڪي 'مسنگ پرسنز جي آزاديءَ جي تحريڪ' کي ايار بخشيندڙ ڪردارن تي لکيل آهن. جن پنهنجن والدين ۽ پائرن جي بازيابي لاءِ ۽ انصاف لاءِ مسلسل جدوجهد ڪئي آهي. ۽ ڪري رهيا آهن. انهن نياڻين جي جرئت کي ئي شاعريءَ ۾ ڪٽي اچي سگهجي ٿو. ۽ هُو انهيءَ جون بلڪل ٻه حقدار آهن. چاڪاڻ ته مرداڻي سماج ۾ جتي سيڪو ڪنَ لاتار ڪيون ويٺو آهي. اتي جيڪڏهن اسان جون ناريون اُٺي ڪڙيون ٿيون ٿيون. ۽ پوتين کي پرچم بنائي سڃائيءَ سان حقن جي حاصلات لاءِ تحرڪ پيدا ڪن ٿيون. ۽ هٿين خالي هٿياربندن سان مهاڏو اٽڪائن ٿيون. ۽ پوئتي نٽيون هٽن ته انهن جا هٿ چمي سگهجن ٿا. ۽ انهن جا نانءَ پنهنجي نياڻين تي فخر سان رکي سگهجن ٿا.

سياسي حوالي سان نہ رڳو سنڌ جو قومي قافلو گم ٿيندو پيو وڃي پر، وڏو الميو اهو آهي. جو سنڌ جو ادبي لڏو ٻہ سياست کان سورنهن ڪوهہ ڏور ڏور ۽ لاتعلق بُت بڻيو بيٺو آهي ۽ ان جو نتيجو اهو اسان ۽ اوهان آڏو آهي جو مسلسل موت جهڙي ماڻ هر ماڻهوءَ جي منَ تي مورچو اڏي چڪي آهي. آخر ڪير ڪيندو ۽ ڪوڙ جا ڪوٽ ڪيرائيندو؟ ڇا صرف اهو سوال ئي رهندو يا ان جو ڪو جواب ٻہ آهي.؟ آئون سمجهان ٿو. ان سڃي صورتحال جو سلجهاءُ وري ٻہ ادب ۾ 'ئي' آهي. موت جهڙي ماڻ ۾ ادب 'ئي' ڪيڙ جي سگهہ بخشي

ٿو. ان کان اڳ اهو ڏسڻو آهي ته اهڙي ڪشمڪش جهڙي ماحول ۾ اديب ڪيترو سجاڳ آهي. ڪٿي هو ڪنهن مصلحت جي مامر ۾ منجهيل ته ناهي؟ جيڪڏهن هو بنا خوف ۽ لوڀ، لالچ کان هٿي ڪري وطن جي پاسي ٻيهي ٿو. سچ ته پوءِ ڪجهه نه ڪجهه هُن جون تحريرون ٻڌل تحريڪ کي تاري سگهن ٿيون. ۽ هن وقت سنڌ کي اهڙين ئي تحريرن جي ضرورت به آهي. ۽ ان ڏس ۾ هيءُ شعري مجموعو هڪ وڏي وِٿ آهي.

سنڌي سماج جهڙيءَ ريت سياسي حوالي سان پيڇ ۾اهه جو شڪار آهي. ان کي ڏسي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو ته آئيندي اسان ڏاڍو پوڳيندا سين. ايئن ناهي ته ڪو اڄ اسان خوشحاليءَ سان ڪير جي ندين جي ڪنڌين تي وينا آهيون. مسلسل 712ع کان 1947ع ۽ 1947ع کان اڄ تائين سنڌ وطن پوڳنائن جون پريون مٿي تي کٽي هلي رهيو آهي. ۽ ان مسلسل پيڇ ۾اهه ۽ پيڙاءَ ۾ سنڌ جو هر نئون ايندڙ نسل محروميءَ جو مجسمو بڻجندو پيو وڃي. انهيءَ پيانڪ صورتحال جي باوجود سنڌ جو ٿورو ئي صحيح پر ڪجهه عوام جو حصو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ تحرڪ سان هلندو اچي پيو. ۽ ان عوام جي حصي جي جدوجهد توڙي جو نتيجا ناهن ڏنا پر، قابض قوتن کي ايترو ضرور احساس ڏياربو آهي ته هن پوڻءِ جي هر پيندڙ جا مالڪ اسان سنڌي آهيون.

پاڻ وري به نظر تي ڳالهائيندا سين. ان جو مقصد صرف ۽ صرف هڪڙو آهي. ۽ اُهوِ اهو ته جنهن ڪتاب جو هيءُ مهاڳ لکي رهيو آهيان. اهو پڻ نظمن جو نهايت ئي شاندار مجموعو آهي. جديد سنڌي نظر جو سفر شيخ ايار کان ٿيندو جڏهن حسن درس تائين پهچي ٿو ته، عروج حاصل ڪري وڻي ٿو. ايار کان حسن تائين سنڌي نظم جو سفر نهايت ئي شاندار آهي. ان ۾ ڪٿي به ڪي جهول نظر نه ٿا اچن، جن کي ڳڻائجي. ٿي سگهي ٿو ته جميعت الشعراءِ جي شاعرن پهرين دور ۾ نظم جي مخالفت ڪئي هجي. ان کان سواءِ ايئن ٿيو آهي جو نثري نظم کي جيتري مخالفت ۽ ان کي شاعريءَ جي شهر ۾ داخلا تي منع نه رڳو جميعت الشعراءِ جي شاعرن ڪئي هئي پر، ان سان گڏ گڏ جديد شاعرن به ڪئي. اها سنڌي ٻوليءَ جي ڪمالیت ڪوٽي سگهجي ٿي جو ان ترت ئي نثري نظم کي سنڌي شعري صنفن جي قطار ۾ ڪري بيهاري ڇڏيو آهي.

نظم 'مزدور' جئي پرڪاش جو اهڙو نظم آهي. جيڪو سندس شاعريءَ ۾ جهڙوڪ زنده ڪردار آهي. ۽ تخليقڪار جڏهن پنهنجا ڪردار جوڙڻ شروع ڪري ٿو اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي. ته تخليق ڪار هاڻي پنهنجي تخليقي سفر ۾ پنهنجي نمائيان جاءِ جوڙي رهيو آهي.

نظم 'مزدور' جو هڪ حصو اوهان ٻه پڙهو:

مون وٽ ڪوئي خواب ٻه ناهي،
روز اڀان ٿو ساجهر جو
پنهنجا پٽڙا ننڊ ڇڏي
پٿر پکيڙيان روڊن تي
ٿا زخمي منهنجا هٿ ٿين
سپ چڇريل ڇالا رت ٿين
پوءِ ياد ڪيان ٿو ٻارن کي
پنهنجي اک جي تارن کي
ڪيئن اُماڻيان مڪتب ڏي
بس ٿي سو منهنجي اُجرت آ۔
مان ڪهڙو گيهه ۽ ڪنڊ وڻان
ڪو لڦ انو ڪا سائي ڀاڄي
هاءِ ونيِ ٿو روز ڏسان
ڪيڏي هُو خاموش رهي ٿي.
سمجهان ٿو ڪي سپنا هوندس
بس ڏهائي وينيِ هوندي
هار ايا سينگار ٻه گهربس
پر هُو منهنجي غربت اڳيان،
سپ ڀلائي وينيِ هوندي
سگريٽ ڇڏيا مون چرس ڇڏيو
پر نه مون کي قرض ڇڏيو.
ڏکندڙ ڏيل پچي ٿو مون کان
بُک ڇو ايڏي سستي آهي

نيٺ ڪجن ٿا نيل گگن ڏانهن
پر اتان ڪو جواب نه ناهي.
مون وٽ ڪوئي خواب نه ناهي.

هي مڪمل هڪ نظم ئي ناهي پر، هڪ اهڙو پرپور پورهيت جو ڪيس نه آهي. جيڪو سموري دنيا جي مزدورن جي نمائندگي ڪري ٿو. سرمائيدار دنيا ۾ مزدور جو استحصال جڏهن نه ٽيو آهي تہ مزدور جا خواب ايئن ئي پورا پورا ٿيا آهن. جيئن هن نظم ۾ مزدور جو پورٽريٽ پينٽ ٿيل آهي.

جئي پرڪاش جي شاعريءَ ۾ نه موضوع آهن ۽ اهي ڏاڍي سگهاري انداز سان اظهاريل آهن ۽ اهي موضوع هڪ ڏرتي ٻيو سرتي آهي. آئون سمجهان ٿو تہ ان کان وڌيڪ ٻيا شاعريءَ لاءِ موضوع ٿي ئي نہ ٿا سگهن. هو وطن سان محبت ڪري ٿو. اها محبت ان حد تائين ويندڙ آهي، جنهن کي ڪنهن به قيمت سان ڪيچي نہ ٿو سگهجي. توڙي جو هُو شاعري تڪڙي لکي وٺي ٿو. ان کي هڪ کان وڌيڪ ڀيرا نہ ٿو ڏسي. هو شاعريءَ جي جنهن سفر تي آهي. اتي رڳو ٿوري محنت ڪري تہ هوند هُو جتي ٻيٺو آهي. اتان کان گهٽو اڳتي اچي ويندو. ان جي باوجود هن جي شاعري جيڪا اسان جي اڳيان اچي ٿي. اها ڪڏهن تہ اندر اڌ ڪري ڇڏي ٿي تہ ڪڏهن سرور جا تاکيا کولي ڇڏي ٿي.

آئون هاڻي ان نظم تي لکندس ۽ اوهان کي پڙهائڻ چاهيندس، جنهن تان ڪتاب جو نالو ورتل آهي. ۽ ان نظم جا نه حصا هيءُ آهن:

ايندس وري مٿي مان رکجان چمي سنياليِ،
مون سان پونئر هي ملندا، پوپٽ پي ساٿ ڏيندا.
ڪونجون ڪنديون قطارون، ڳيرا هوا جهليندا،
ڪوئل ڪا هڪ ڪنواري آڪاش کي تڪيندي
ڪينجهر رول آڙي، هانهن پئي سڏيندي،
سهڻي دريا کي ويڙهي، پنهنجو ڌلو پريندي
منهنجي بخت جو گهوڙو هڪي ٽپال هٽندو
ڏرتي سڄي ڏهائي، پنهنجي ڏمال هٽندو.
آڪاش جي گسن جي ساري هوا جهليندو.

*

جُهڙ کي پُري ٻڪن ۾ آڪاش تان لهان ٿو
ٿر جي اکڙ تي آٽي، هاري سجو چڏيان ٿو.

توڙي جو هيءَ نظم طوالت رکندڙ آهي. ۽ ان جي باوجود به پڙهندڙ کي ڪٽي نه ٿو ٽڪائي. خاص ڪري نظم جون آخري ڏنل ٻه ستون جڏهن پڙهجن ٿيون تہ جهڙوڪ اکين آڏو هڪ حسين وٽندڙ منظر اچيو وڃي.

جئي پرڪاش بنيادي طور نظم جو شاعر آهي. ۽ هُو نظم ۾ ئي خيالن کي خوبصورتيءَ سان اظهاري سگهي ٿو. اها هن جي ڪاميابي چئجي جو هن ٿوري ئي عرصي ۾ سنڌي شاعريءَ جي ازلي سفر ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي چڪو آهي. ۽ پنهنجي هٿ جو احساس ڏياري چڪو آهي. نہ تہ گهڻن جا وارَ ئي اڇا ٿي ويندا آهن. ۽ اهي پنهنجي سڃاڻپ تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر صحيح شعر به لکي ناهن سگهندا. اها ڳالهہ طي آهي تہ شاعري سرجڻ جنهن ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ناهي. ۽ شاعري جو هما ان ماڻهوءَ جي ڪلهي تي پَر واري اچي لهندو آهي، جنهن جي اندر ۾ احساس جو عالم هوندو آهي. ۽ ان عالم ۾ حق، سچ ۽ سونهن جي وري الڳ ڪائنات هوندي آهي. شاعري جي ديوي جئي پرڪاش تي هر وقت مهربان رهي آهي. ۽ هن به ان کان پري ناهي گذاريو. منهنجي نظر ۾ سندس ناماچاري جو هڪ سبب اهو به آهي، جو جتي به ظلم ٿيو آهي. بروقت ان تي هن قلم کنيو آهي. هڪڙا شاعر رڳو شاعريءَ ۾ لڪيون، بانا کنيون وتندا آهن. ۽ اهي وقتي اپار تہ حاصل ڪري وڃندا آهن، پر گهڻو وقت جڳاءِ ناهن ڪري سگهندا. جئي پرڪاش هڪ سڃاڻ شاعر آهي. هن کي خبر آهي تہ شاعري آرٽ کان ٻاهر ٿي ئي نہ ٿي سگهي.

جئي پرڪاش شاعري کي سمجهي ويو آهي. ۽ هو هاڻي جيڪي وکون کڻي ٿو. اهي هڪ ڪريون آهي. ۽ هن ۾ سوچ، سمجهہ ۽ سکڻ جي جيڪا جستجو آهي. اها به ڪمال جي آهي. اهي سڀ خوبيون هن ۾ ان ڪري آهن، جو هو مِٽيءَ جو مشتاق آهي. ۽ جيڪو مِٽيءَ سان محبت ڪندو آهي. اهو وڻ، ٽڻ، پکي، پکڙ، جيت، جڻي ۽ ماڻهو سان به هڪ جيتري محبت ڪندو هي.

وڻن جون قومون يتيم ٿي ويون،
پکين جون ساريون اُجاڑي بستيون،

اسان جون سوچون عظيم ٿي ويون.

(نظم: مان)

هي سٽون اها گواهي ڏين ٿيون ته هڪ وطن دوست ۽ ترقي پسند شاعر جي قلم مان ئي اهڙيون سٽون ڦٽي نڪرنديون آهن. 'وٽن جون قومون' - 'پڪين جون بستيون' واقعي به اسان انسانن اجازي ڇڏيون آهن. ۽ پوءِ ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي. جو اڄ جو انسان ڪيڏي نه بيمار ماحول ۾ ساهه کڻي رهيو آهي. جڏهن کان انسان فطرت سان هٿ چراند تي لٿو آهي. تڏهن کان هن جو سکون به ذهن جي تاريءَ تان پکيءَ جان پڙڪو ڏئي اڏامي ويو آهي.

نظم 'اڄ هٿ تريءَ تي چنڊ رکان' هڪ اهڙو نظم آهي. جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ نيٽن مان ننڊ اڏامي وڃي ٿي ۽ وري جڏهن هينيون سٽون پڙهجن ٿيون ته آٽت جو احرام جسم تي اوڍجي وڃي ٿو:

چورايو مون ڪالهه خدا کان،
سو تنهنجي آڏو جنڊ رکان ٿو.

سنڌ اندر ٻڪ ۽ بدحالي جو فصل سرتار ٿي چڪو آهي. ان سڄي صورتحال ۾ نه رڳو هتان جو پورهيت پوڳي ٿو. ان سان گڏ سنڌ جو هر ٻيو ماڻهو پريشانيءَ جي پيڙاءَ ۾ ورتل آهي نه پاڻي آهي ۽ نه ئي وري اَن آهي.. جي آهي ته وڏيرن وٽ آهي ۽ گودامن ۾ سڙي رهيو آهي.

آخر ۾ آئون اهو چوندس ته هيءُ شعري مجموعو جديد سنڌي شاعريءَ جي حصي ۾ اچي. اهو احساس پيدا ڪيو آهي ته هڪ شاعر کي پنهنجي وطن ڏانهن ڪيترو جوابده هئڻ گهرجي. ۽ پنهنجي مِٽيءَ ۽ ماڻهن سان ڪيئن ملجي.

شاندار - جئي پرڪاش

❊

نيڻ مون ڏي چوڪٽي ٿي شاعري

هي عنوان منصور حمزه جي ان شعر مان کنيو آهي. جيڪو هن سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز کي مخاطب ٿي لکيو آهي:

ڪير هن جي لڄ رکندو اي اياز
نيڻ مون ڏي چو ڪٽي ٿي شاعري

چا هڪ نوجوان ڪوي اهڙي ڳالهه ڪري سگهي ٿو. سو به شيخ اياز جهڙي شاعر سان مخاطب ٿي.؟

جواب آهي ها. ڪري سگهي ٿو. جو مستقبل نوجوانن جو آهي. جتان کان شيخ اياز جي سفر جي تار ٽٽي. اتان کان نوجوانن کي اها تار ڳنڍي سفر کي اڳتي وڌائڻو آهي. ۽ هي نوجوان. اهو نوجوان آهي. جنهن جو مشاهدو مصر جي قديم احرامن کان اڳتي وڃي ويندڙ آهي ۽ مطالعو؟ اهو مشاهدي کان به ٻه رتيون چاس نظر ٿو اچي. ۽ هن کي اها ڳڻتي. سا به شاعريءَ لاءِ آهي ته بجاءِ آهي. جو اڄ ڪلهه شاعريءَ کي ايڏو ته سولو ۽ سوڙهو ڪيو ويو آهي. جو اها پنهنجي اندر پاڻ سڪڙجي ويئي آهي.

منصور حمزه جڏهن مون سان ويجهر ۾ پهريون پيرو مليو ته. پاڻ ٻئي هڪ ٻئي سان وڏي گرم جوشيءَ سان مليا هئاسين. جڙ اسان سالن کان هڪ ٻئي کي سڃاڻيندا هجون. اها شاعريءَ جي مهرباني هئي. جنهن اسان کي پهرين ئي ملاقات ۾ دوستيءَ جي ڏاڳي ۾ ٻڌي ڇڏيو هو ۽ مون هن کي پهرين ئي نظر ۾ ڪُل وقتي شاعر محسوس ڪيو جنهن. جي اکين ۾ شعر جي سنڌو ندي ڇلندي نظر آئي هئي.

هن مهاڳ ۾ مان سندس شاعريءَ کي هڪ نقاد جي نظر سان نه بلڪ هڪ عاشق جي اک سان ڏسندس ۽ مان سندس ڪيل پورهئي کي ڪنهن مقدس صحيفي جي پاسي کان ڪٽي پنهنجي دل جي پاسي واري قميص جي کيسي ۾ رکڻ کان پوءِ توهان سان وندرڙ چاهيندس. مان سندس شاعريءَ کي ڪنهن تاريخي تناظر يا ڪجهه سُڌ ٻُڌ تي ٻڌل ڪوڙن نقادن جا حوالا ڏئي

اڳتي ڪونہ هلائيندس. پر پاڻ سڏو مقصد تي ايندا سين ۽ ان جي شاعريءَ مان ئي حوالا ڪڍنداسين. جيڪا شاعري ڪڍنداسين. اها پاڻ ڳالهائيندي ۽ جڏهن شاعري ڳالهائيندي آهي تہ سڄي سرشٽيءَ جا ڪن ۽ اکيون بڻجي ويندي آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪيتريون ئي شاعراٽيون صنفون آهين. غزل بہ آهي، تہ نظم بہ آهي. هڪ عدد سانيٽ ۽ هڪڙي وائي بہ ۽ ڪجهہ چوسٽا ۽ ڇهہ سٽا بہ آهن. ۽ ايئن هي ڪتاب هڪ ڳٽيل گلدستو آهي، جنهن جي پنهنجي خوشبوءِ آهي ۽ اها خوشبوءِ اهڙي تہ راحت بخش آهي، جنهن جو ڪو ثاني نہ ٿو ٿي سگهي.

منصور حمزه جي شاعراٽي عمر ڪيتري آهي؟ منهنجي لاءِ اهو سوال ايڏو اهميت جوڳو ناهي. منهنجي لاءِ اهميت جوڳي منصور جي شاعري آهي. جيڪا معياري آهي. ڪارائتي آهي. ان ڪري هن جو شاعراٽو مستقبل شاندار آهي. جيئن چوندا آهن، چنڊ ڏسجي، ان جي چانڊوڪي ڏسجي پر چنڊ جي ڏيگهہ ـ ويڪر نہ ڏسجي. ايئن منصور حمزه جي شاعري ڏسو / پڙهو سندس عمر جو ڪاٽو نہ لڳايو تہ ڪو هي نئون لکندڙ يا نندي عمر جو شاعر آهي.

سنڌ ۾ هن وقت غزل ۽ نظم تمام گهڻيون لکيون ويندڙ صنفون آهن. ۽ منهنجي خيال ۾ غزل جي پيٽ ۾ نظم تمام گهڻو لکيو وڃي ٿو ۽ اهو نظم، آزاد نظم هجي، پابند نظم هجي يا نثري نظم. شايد ئي ماضيءَ ۾ ايترو شاندار لکيو ويو هجي. هتي / هن مهاڳ ۾ اسان ڪنهن جا نالا نہ ٿا ڳڻايون ۽ نہ ئي وري نمبر ڏئي ڪري نظم جي نسبت ۾ قطارون ڪري بيهاريون ٿا شاعرن کي. سو چوڻ جو مقصد تہ اها اسان جي خوش قسمتي آهي، جو سنڌي شاعريءَ جو سفر هڪ تحريڪي انداز واري صورت اختيار ڪري چڪو آهي. جڏهن اسان نوجوانن جي شاعريءَ کي پڙهون ٿا تہ اها ايتري تہ پڪي پختي هجي ٿي جو حيرت ونڊي وڃي ٿي. ۽ دل داد ڏيڻ کان سواءِ نہ ٿي رهي ايئن اسان پنهنجي نوجوان شاعر منصور حمزه جا جڏهن نظم پڙهون ٿا تہ سچ اهو احساس ازخود پيدا ٿئي ٿو تہ هيءُ ڇوڪرو جيڪو نوجوان شاعر آهي. سنڌي شاعريءَ کي صديون اڳتي ونڊي ويندو. ان ڳالهہ جي ثابتي سندس شاعريءَ مان ملي ٿي.

منصور حمزه هن ڪتاب جو مسودو منهنجي هٿ ۾ ڏيڻ کان اڳ مون سان هڪ ڏڳهي ڪچهري هنئين هئي ۽ هن مون کي پنهنجا تمام گهڻا غزل ۽

نظم ٻڌايا هئا ۽ هن پنهنجي غزلن ۽ نظمن جو هڪ حقيقت سان ڪٽي نہ ڪٽي تعلق جوڙيو ٿي ۽ اها هڪ حقيقت آهي تہ هر اورجينل شاعر جي شاعريءَ جو هڪ حقيقي پسمنظر ضرور هوندو آهي. منصور حمزه جو هڪ ننڍڙو نظم آهي. مان اهو اوهان سان وندڻ چاهيندس:

ڳلّ تنهنجي تي مٺي
پين جو ليڪو نہ هو.
لاٽ تاري جي هئي،
ڪير ۾ ڇڻ وار هو.

هي چئن سٽن جو ننڍڙو نظم ايترو پاورفل ڪو شاعر ئي لکي سگهي ٿو ۽ منصور حمزه جو هيءُ هڪ ٻيو نظم بہ پڙهي ڏسو. جيڪو پنهنجي جوهر ۾ جاندار بہ آهي تہ شاندار بہ آهي.

ڇڻ تہ دجلا ۽ فرات
تنهنجون ٻئي اکيون
بحر فارس جيان
پنهنجي دل ڏڙڪي رهي آهي
ڏڙو ڏڙو ٿي
تو ۾ تڙ ٿي ويندس
مان امر ٿي ويندس.

تو ۾ تر ٿي ويندس، مان امر ٿي ويندس. اهي نظم جون آخري بہ سٽون ئي امرتا پائڻ جيتري سگهہ رکن ٿيون ۽ اهڙا ڪيئي ننڍڙا نظم منصور حمزه لکيا آهن. جيڪي هن ڪتاب ۾ شامل آهن. منصور حمزه جو غزل بہ سگهارو آهي پر منصور حمزه پنهنجي نظم ۾ مون کي وڌيڪ سچيت نظر آيو آهي ۽ هي خوش نصيبي آهي. جو هيءُ سنڌ جي انهن ٿورن نوجوان نمائنده شاعرن مان آهي. جيڪي نظم جا نرالا شاعر آهن.

درد اسان جي جيءَ کي بخشي ٿو سَو سک،
درد اسان جي جيءَ مان ڊوڙائي ٿو ڏک.
درد اسان کي آ ڇڻيو درد ئي جيجل ماءُ،
'سوئي راهہ رد ڪري، سوئي رهنماءُ'

هي صفا نرالو انداز آهي. درد کي بيان ڪرڻو جو. درد بخشي سَو سڪ، درد من مان ڊوڙائي ڏڪ، درد ئي جيجل ماءُ، درد ئي رهنماءُ مان نہ ٿو سمجهان تہ اڳ اهڙو ڪنهن شاعر درد کي بيان ڪيو هجي. هيءُ خيال ڪيڏو نہ اثرائتو آهي. درد ئي جيجل ماءُ.

هن ڪتاب ۾ شامل نظم "گٽگي" هڪ ڪمال جو نظم آهي، ڪجهہ نظمن جا وٽندڙ ۾ دل ڇهندڙ حصا:

سمنڊ مون کان ڇو ڪنارا ٿو پچين،
آئون تنهنجو ڪونہ آهيان ناکئو.
آئون تنهنجو ٽڪندڙ آهيان بدن،
آئون جاٽيان ڪونہ ٿو پنهنجي پکيڙ.

*

ڪو پلي اڳتي وڃي، پُنتي وڃي،
سرحدون ٽوڙي چڏي، جاڏي وڃي.
تون نہ ٿي مون کان پري منهنجي مٽي،
جڳ توڙي چنڊ کان پرتي وڃي.

*

اوهان جي ڪلندو
پکي پري کان اڏامي ايندا.
اوهان جي آڏو سلامي ڏيندا.

۽ هي مٿين نظمن جا ٽئي بند جيڪڏهن ٽي سئو دفعا بہ ورائي ورائي پڙهجن تہ، هر پيري هڪ الڳ سرور بخشيندا. ان لاءِ جو اهي بند هڪڙي ڪيفيت کي ظاهر ڪن ٿا.

سنڌي شاعريءَ ۾ تمام گهٽا شاعر پاڻ کي غزل جي صنف ۾ مجرائي چڪا آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جو مقام هڪ مرڪندڙ محبوبا جهڙو آهي. ۽ اسان جي منصور حمزه جو غزل پنهنجي سهڻيءَ سان گفتگو بہ آهي تہ پنهنجي سهڻيءَ جي گج جو چمڪندڙ ستارو بہ بڻجي وڃي ٿو.

سانتيڪو آ ڪاڪ محل، الجهيل آهي ڪاڪ ندي،
اڄ پي راڻو مومل کان تنها رات گذاري ٿو.

*

هڪ روپئي جي زندگي، چار آنا چا خوشي،
پيار کان پرتي رهي، اي زمانا! چا خوشي.

*

درد جي اسڪول ۾ ڪا رسيس ئي نه آ،
پاڻ ڪاٽيون قيد ٿا چا جمالا چا خوشي؟

*

سگريٽ جي ڦلي مان ڪرندي جهپي وتي مون،
دونهون ته درد هو پر خاڪ زندگي آ.

'الجهيل ڪاڪ ندي، هڪ روپئي جي زندگي، درد جي اسڪول ۾ رسيس، سگريٽ جي ڦلي مان ڪرندڙ زندگي' هي سڀ نيون نڪور ترڪيبون ۽ تازا نوان خيال آهن. جيڪي هڪ پڪي پختي ۽ ڪامياب شاعر وٽ ئي ملي سگهن ٿا.

واٽ تي هو ڪاٽ جو تختو لڳل،
۽ پتو هو واٽ آ منهنجو وطن.

*

شاعري منهنجي اکين جي روشني،
هُو نظر منهنجي پيا مون کان کسن.

۽ انهن ئي خيالن کي دائميت ملندي آهي. جيڪي حقيقت جا ٻڌڪاس هوندا آهن. مٿيان شعر ان حقيقت تي پورا لهن ٿا.
هيٺ ڏنل شعر پڙهو.

شاعري منهنجي اکين جي روشني،
هُو نظر منهنجي پيا مون کان کسن.

۽ هيءَ خيال هڪ شاعر جو آهي. جيڪو شاعريءَ کي پنهنجي اکين جي روشني ٿو سمجهي.

ڏاڙهونءَ جي ڳلَ تي چڪ هو ڳاڙهو سجو بدن هو
پرجي وياسين نس نس مان شراب ڇلڪيو.

رستي تان ڪاڄ جي ڪا سهرا ڪنيون پئي آئي،
جهاڪن ۾ چولين تي بس مان شراب ڇلڪيو.

هي مثيان ۾ شعر ۽ هاڻي جيڪي مان هيٺ ٻن غزل جا ڪجهه شعر ڏينداس. اهي بنا تبصري جي هوندا. هيءُ جيڪي مون 'ٻه ۽ ٻه چار .... چار ۽ ٻه ڇهه' شعر ڇاڻايا آهن. اهي ڇهه ئي شعر جن غزلن جا آهن. اهي غزل منصور حمزه جا نه رڳو مشهور غزل آهن، پر سندس شاعريءَ جا پرپور حوالا ٻه آهن ۽ اها ئي منصور حمزه جي ڪاميابي آهي، جو هُو هڪ ننڍي وهيءَ ۾ هڪ تمام خوبصورت شاعر ٿي سامهون آيو آهي. اهي چار شعر :

جواني جي مسافر کي، نئين ڏاڙهي لٿي آهي،
مگر ڳالهين مان نڪري ٿي، ڪلهوڪي ٻار جي خوشبو.

گذر ٿيو ڪالهه سپني ۾ پرين جي يار پاڙي مان،
کنڪ چوڙين جي آئي پئي، نئين سينگار جي خوشبو.

*

ڏکڻ جي هيرَ ڏي درين، درن کي ريس ئي ٿيندي،
وٽن جي ڇانوَ ۾ ويهندينءَ گهرن کي ريس ئي ٿيندي،

ڪناري شاخ جي هلندي، پلاءِ واءِ جو رستو
لچڪ آ چيلهه تنهنجي ۾ سرن کي ريس ئي ٿيندي،

*

كارائتوكم

دنيا اندر جيڪي قومون آباد آهن انهن قومن جي سڃاڻپ جو وڻندڙ حوالو اتان جو ادب آهي ۽ اهو ادب ئي هوندو آهي جيڪو قومن جي مزاج ۽ ماڻهپي کي ۽ ظاهر ڪندو آهي انساني ارتقا کان وٺي هن وقت تائين دنيا جي ڪنهن ۽ ڪنڊ ۾ جيڪو ڪجهه لکيو ويو آهي. اهو ڪيتري قدر ڪارائتو آهي؟ اهو فيصلو اسان نه پر وقت کي ڪرڻو آهي ۽ ايئن ئي اڄ جو ادب جيڪو اسان آڏو آهي، اهو ڇڻيل ڇنڊيل ادب آهي ۽ ادب رڳو اهو ناهي، جيڪو مڪتبن ۾ اسان کي پڙهايو پيو وڃي. ادب اهو ۽ آهي، جنهن کي ڪو ٻڪرار ڪنَ تي هٿ رکي آلاپي ٿو ۽ الو ميان جي تارَ تي ترنم تاري ٿو.

ميڙ تعلقي اندر هر دور ۾ عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيندا رهيا آهن جن پنهنجي ذات سان ڏاهپ جي ڏيهه ۾ ڏيئا ٻاريا آهن، جن کي چوندي ڇنڊي ڇاٽي اوهان آڏو رکڻو آهي ۽ اسان جڏهن ميڙ تعلقي جي تاريخ ۾ جهاتي پايون ٿا ته اسان کي ذات جي ڏيهه جا سرجڻهار بري، پري کان اوچي قد سان ڏسڻ ۾ ايندا. ماضيءَ ۾ شمس الدين بلبل کان ويندي سيد علي اڪبر شاهه تائين هڪڙو شعلو آهي، جيڪو پنهنجي جوت پکيڙيندو نظر اچي، جنهن سلسلي ۾ ڪيئي عالم، اديب ۽ شاعر روشني جي ورڪا ڪندي اسان کي نظر ايندا ۽ اسان جيڪڏهن ان سلسلي کي مولانا غلام محمد گرامي کان شروع ٿا ڪريون. مولانا غلام محمد گرامي جهڙو عالم ۽ هن ننڍڙي ٽڪي نما ميڙ شهر ۾ پيدا ٿيو. گرامي صاحب ميڙ جي ادبي تاريخ جو بلڪ سنڌ جي ادبي تاريخ جو هڪ اهڙو باب آهي جنهن تي ايڏو لکي سگهجي ٿو جيڏو هيءَ ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي آئون چوندو آهيان ته سنڌي تنقيد جي حوالي سان جيڪڏهن ڪو ڪتاب اسان دنيا وارن آڏو آڻي سگهون ٿا ته اهو ڪتاب "مشرقي شاعري جا فني قدر ۽ رُجحانات" آهي ۽ ان ڪتاب جو خالق مولانا گرامي آهي هو هڪ وڻ هو، جنهن جو پن پن ڪتاب هو.

مولانا گرامي کان م ن محزون تائين ميڙ تعلقي جي ماضيءَ جو ادب اوهان کي شاندار نظر ايندو ۽ ان ئي لڙيءَ سان سلهاڙيل ويجهڙي ماضيءَ جا

ساڻي اسحاق راهي. صرير پنهور ناظر منگي سميت ڪيترائي نالا آهن، جيڪي اسان ڳڻائي سگهون ٿا.

ميهڑ تعلقي جي علمي، ادبي خدمتن تي جيڪڏهن پاڻ نظر ڦيرايون ٿا تہ اسان کي ماضيءَ جيان حال بہ شاندار نظر ايندو. جوهر بروهي، علي دوست عاجز، امتياز عادل کان رحمت سومرو، عمر تيوٽو ۽ ڪليم ٻٽ تائين هڪ حسين موتين جي لڙي پنهنجي پنهنجي روشني پکيڙيندي نظر ايندي. انهن رنگ برنگي موتين جي قطار ۾ ڪيئي چند، ستارا جڳ مڳ جرڪي رهيا آهن. انهن مان هڪڙو آزاد انور ڪانڊڙو آهي.

مون جڏهن اک کولي تہ سڀ کان پهريان جنهن شهر کي ڏٺو اهو ميهڑ شهر هو. ان وقت هيءُ شهر اڄ جيئن تباهہ حال نہ هو ۽ نہ ئي وري شهري آبادي جي لحاظ کان ايترو ڳتيل هو. مخصوص محلا هئا جن ۾ سيئي هڪ ٻئي جي گهر جي پاتين جيئن رهندا هئا. هن وقت هن شهر جي صورتحال اها آهي جو اجنبيت جو احساس ڏئي رهيو آهي. شهري ۽ ڳوناٽي زندگي جو. هن شهر کي ڪچي ۽ ڪاچي جون ڪنڊيون ڪلهو ڏئي بيٺيون آهن ۽ چوطرف پهراڙي جي زندگيءَ جا زيورَ هن شهرَ کي پاتل آهن.

ماضي قريب ۾ جيڪا مها ٻوڏ آئي، ان نہ رڳو ڳوٺ ٻوڙيا پر شهر بہ ٻوڙي ڇڏيا. ان سان ڇا ٿيو جو سنڌ جي پهراڙي شهرن ڏانهن رُخ ڪيو. نتيجي ۾ سنڌ جي پهراڙي خالي ٿي وئي. هڪ طرف ڳوٺ خالي ٿي ويا تہ ٻي طرف شهر انساني آباديءَ سان ستجي ويا. نتيجو ڏاڍو خراب نڪتو ۽ اُهوَاهو تہ هڪ سنڌ کان پهراڙيءَ واري زندگي کسجي وئي ۽ ٻيو سنڌ جا شهر ڳتيل آباديءَ جي وَر چڙهي ويا. بلڪل ايئن ئي ميهڑ شهر سان بہ ٿيو. جڏهن ٻوڏ آئي تہ پهراڙيءَ شهر ڏانهن رُخ ڪيو. ان باوجود هيءُ شهر ماضيءَ جيان حال ۾ بہ وٽج، واپار ۾ پنهنجو معيار برقرار رکيون اچي ٿو.

هن شهر جي سڃاڻپ رڳو مائي ۽ ميندي جي ناهي پر هن شهر جي سڃاڻپ جو هڪ پرپور حوالو سياست بہ رهي آهي. شهيد سميع الله ڪلهوڙي کان ويندي اعجاز جتوئي تائين. ميهڑ شهر اندر سياست جي حوالي سان ڪڏهن مهيسرن جو مورال بلند هو تہ ڪڏهن جتوئي خاندان جي سياست جو ڏاکو ويٺل هو ۽ اڄ ڪلهہ ٻٽ خاندان جو سِڪو هلي ٿو. هن شهر جي ماڻهن

جو مزاج بہ عجيب آهي جيڪو سڀ ڪجهه پنهنجائپ ٿو ڏيکاري ان لاءِ دل جا دروازا کولي ڇڏين ٿا.

هيءُ ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي مان سمجهان ٿو ته اهو ڪتاب ميهڙ تعلقي جي علمي، ادبي تاريخ کي سهيڙڻ جو پهريون ۽ شاندار قدم آهي ان کان اڳ ميهڙ تعلقي جي علمي، ادبي پورهئي تي اهڙو لاڀائتو ڪم ناهي ٿيو. ڪنهن بہ ڳوٺ يا شهر جي تاريخ سهيڙڻ سولو ڪم ناهي. راتين ۽ ڏينهن جو نُور نچوڙيو پوي ٿو تاريخ لکڻ لاءِ... هن ڪتاب جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي ته هيءُ ڪتاب ميهڙ تعلقي جي علمي ۽ ادبي ڪٿا ڪارن جو اسان کي چهرو پسائي ٿو ۽ اسان جڏهن ان گل رنگ دري مان جهاتي پايون ٿا ته هڪ اهڙي باغ ۽ بستان ۾ داخل ٿي ويون ٿا. جتي قسمين قسمين گل آهن ۽ ڦُور ڏور تائين ساوڪ ئي ساوڪ آهي جيڪا اکين کي جوت ۽ تراوت بخشي ٿي ۽ وڏا وڏا وڻ آهن. جن جي هيٺان توهان کي شمس الدين بلبل، سيد علي اڪبر شاهہ، مولانا غلام محمد گرامي درس ڏيندي نظر ايندا ۽ ان سڄي حسين منظر کي ڪئنواس تي پئنٽ ڪندڙ آزاد انور ڪانڊڙو آهي. آزاد انور جو هيءُ ڪتاب هڪ منفرد تخليقي پورهيو آهي، جيڪو تاريخ جي شاگردن لاءِ ڄاڻ جي دري کولي ٿو.

۽ ويندي ويندي اهو چوندو وڃان ته جيڪڏهن سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ شهر تي هن ڪتاب جيئن لکيو وڃي ته هوند سنڌ جي شاندار تاريخ سهيڙجي سگهي ٿي ۽ اهو هڪ بهترين ڪارائتو ڪم هوندو. اسان سين کي پنهنجي پنهنجي دور جي تاريخ لکڻ ۽ ان کي سهيڙڻ گهرجي ته جيئن آئيندي نوجوانن کي حقيقتن کان آشنا ڪري سگهجي. هيءُ ڪتاب جيڪو اوهان جي هٿن جي زينت بڻيو آهي اهو ان تاريخ کي سهيڙڻ جي پهرين وک سمجهڻ گهرجي ۽ هاڻي ان وک سان وک ملائي هلڻ سنڌ جي هر ڳوٺ ۽ شهر جي سڃاڻ ساڻين جو ڪم آهي ۽ اهو ڪم اهڙو آهي جيڪو توهان کي تاريخ ۾ نمايان ڪري بيهاري سگهي ٿو. آزاد انور ڪانڊڙي جي هن ڪم کي نہ صرف ساراهجي ٿو پر ان کي هينئين سان هنڌائڻ جي بہ تاڪيد ڪجي ٿي.

نئون نياپو ۽ لکيل ٽي خط

:1

مون ويجهڙ ۾ نوجوان ناول نگار منير چانڊيي جا ٽي ناول ڪيف ڏاران ڪوءِ، تو پچاڻان ۽ بُري هن پنيور ۾ پڙهيا آهن. حيرت ٿي ته سندس هڪ ناول ۾ راشد مورائي جو شعر استاد بخاري جي نالي سان ڏنل هو. پلا ناول ۾ به اصل شاعرن ۽ شين جا نالا ڏبا آهن چا؟ ۽ ايئن ڪرڻ سان اهي عالمي ادب ۾ ڪهڙي جاءِ والارينداِ. آئون سمجهان ٿو ته، اهڙن ناولن کي هڪ سٺو پائڪ ڪٻٽ جي ڪنڊ ۾ اخباري تهه چاڙهي ٻين کان لڪائي رکندو.

آئون هاڻي پنهنجي اصل ڳالهه ڏانهن اچان ٿو.

ڳالهه اها آهي ته، هن پرچي ۾ اداري پاران پڇيل سوال "اڄ ڪلهه لکجندڙ سنڌي ادب بابت" جي جواب ۾ منوج ڪمار جو جواب بنهه حيرت ۾ وجهندڙ ۽ مايوس ڪندڙ آهي. جواب پڙهي معلوم ٿيو ته، سندس شاعري جو مطالعو نه جي برابر آهي. چاڪاڻ ته، هن جي هيءَ ڳالهه "سنڌي شاعري ايڪسپيڊنٽ ۾ گذاري وئي." ايتري ته، ڪريل آهي جو گهٽ ۾ گهٽ آئون ادب جي شاگرد هجڻ جي حيثيت ۾ بلڪل نه ٿو قبوليان. شايد منوج سنڌي شاعري جو مطالعو نه ٿو ڪري يا وري ڪيس "شاعريءَ سان دشمني" پاڻ ٿو گهري. هن وقت سنڌ ۾ ماضي جي پيٽ ۾ ايان شيام ۽ ڪجهه ٻين نالن کي ڇڏي ڪري حال ۾ تمام گهٽا شاعر شاندار شاعري ڪري رهيا آهن. جن جي شاعريءَ ۾ وطن جي وارثيءَ جو هڪاءُ به آهي ته، سجاڳيءَ جو سڏ به آهي. آئون هتي ڪجهه اهڙن شاعرن جا نالا ڳڻائڻ پسند ڪندس، جن جي شاعري پڙهي ڪري سنڌي شاعريءَ جي صديون زنده رهڻ تي يقين ڪرٽوئي پوندو ۽ انهن مان ڪجهه نالا گلزار احمد سولنگي، ايوب ڪوسو، روحل ڪالرو ڪان ويندي عرفان لُنڊ تائين ۽ آئون منوج ڪمار کي دعوت ڏينداس ته، ٻين نه ته گهٽ ۾ گهٽ مٿي ڳڻايل شاعرن جي شاعري پڙهي ۽ آئون يقين سان چوان ٿو ته، سندس پوءِ شاعري بابت راءِ ڏاڍي مثبت هوندي.

ڪجهه ڏينهن پهريان "ڪاوش" ۾ شوڪت شوري جي ڳالهه ٻولهه پڙهڻ لاءِ ملي ڳالهه اها هئي ته، "نوان ايندڙ ليکڪ سينيئرن کي پڙهن نه ٿا ۽ نه ئي

وري محنت کن ٿا" وري اڳتي چئي ٿو ته "کتاب گھٽا چپجن ٿا پر، پڙھندڙ ناھن" اھي ٻئي ڳالھيون سچ ته، بي بنياد آھن. سنڌ جو نوجوان ليکڪ پنھنجي صلاحيتن جي آڏار تي اڳتي وڌي رھيو آھي ۽ ھو سينيئرن جي ڪتابن کي پنھنجو سونھون ڪري اڳتي وڌي رھيا آھن ۽ ڪاميابيءَ جا علم کوڙي رھيا آھن. اڳي ڪلاس ھلندا ھئا، جن مان نوجوان ليکڪ سکندا ھئا ۽ ھاڻي نٿا ھلن ۽ نوجوان انھن سينيئرن جي ئي ڪتابن مان سکي رھيا آھن. ٻيو چئني صوبن کان وڌيڪ سنڌ ۾ ڪتاب وڌيڪ وڪرو ٿين ٿا ۽ پڙھيا وڃن ٿا. ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت گھٽن ڪتابن جو ڇپجڻ آھي ۽ اردو ادارن جو سنڌ ۾ ڪتابن جي وڪري جو دائرو وسيع پڻ وڏو مثال آھي، جن جا پائڪ ٻ گھٽي پاڳي سنڌي ئي آھن.

:2

ڪجھ ئي ڏينھن پھريان مون، مارڪيٽ ۾ تازو آيل ناول 'تنھنجو انتظار ڪرٽو آھي' خريدي پڙھيو. پھرين ئي پني تي پبلشر لکي ٿو ته، 'ممتاز بخاري جو ھي ناول تجربي جي پيرائي ۾ ٻ ڏسي سگھجي ٿو.' اھا سٽ پڙھي ڪتاب پاسي تي رکي ڇڏيو. ٻ ڏينھن ڇڏي وري ناول کنيو پھرين ئي باب ۾ مُک ڪردار جو جڏھن نالو پڙھيو ته، ڪِل نڪري ويئي. لطنور پڙھندي ايئن لڳو ته، ڪو ناول جو باب نہ ڪيميسٽري جي ڪتاب جو پيراگراف پيو پڙھجي.

ناول ھڪ اھڙو باغ آھي، جنھن جي ترتيب ۾ ڪٽي ٻ ٽيڙ نہ ٿو سونھين ۽ نہ ئي وري ان جي ڪنھن ڪنڊ تي ڪو عيب برداشت ڪري سگھجي ٿو. ھن ناول ۾ چپي چپي تي پروف جون چڪون ڏانئڻ جي ڏگھن ڏھن جيان، ھنيانوَ ئي ڪيڙي ٽيون چڏن. ٻيو تھڙي لفظ جو اضافي ورجاءُ پڙھندي نڙيءَ ۾ جھڙوڪ ٽوھر ڦٽي ٿا پون. باب انين ۾ چوڪري ريجھان ـ عبدالله کي پڃائي ٽي وڃي. چا چوڪري ڪنھن مرد کي پڃائي ويندي آھي.؟

ٽوٽل ارڙھن باب آھن ناول ۾، پويان ٻارنھن باب مبھم آھن، جيڪي پڙھڻ دوران پاڻ تي جبر ڪرٽو ٿو پئي. باب تيرھون پڙھڻ وقت ڪجھ لڳي ٿو ته، ھائو ٻيلي ڪا ڪھاڻي پڙھجي پئي.

ايوب كوسي جو 'مري جي ڏنوسين' ناول گهٽ اخباري رپورٽ وڌيڪ چئجي ته ڪو برو نه لڳندو. چاڪاڻ ته، ايڏي وڏي ماڻهو تي جڏهن توهان لکوٽا ته، ان ليول جي لکڻي لکجي نه ته، قلم جو ڏڪڻ ئي نه لاهجي ۽ ڪاغذ کي ڪورو ڇڏي ڏيڻ گهرجي ۽ پڙهندڙ جي وقت کي ضايع نه ڪجي.

هي ناول بقول ليکڪ حشو ڪيولراماڻي تي لکيل آهي ۽ ناول ۾ تخليق جو تارو ڪٿي به ٽمڪو نه ٽوپري. هيءُ پهريون ناول ناهي، جيڪو حشوءَ جي شخصيت تي لکيو ويو هجي. ڪتاب 'ماکي منا ماڻهو' (خط) ماهتاب محبوب ان ڪتاب جي هڪ خط ۾ موهن ڪلپنا.... ماهتاب محبوب کي لکي ٿو 'مون به حشو ڪيولراماڻي تي ناول لکيو هو جنهن جو نالو ڪانءُ ۽ سمنڊ رکيو هو.'

هن ناول ۾ پٽائي جا بيت ڏنل آهن، جيڪو هڪ سٺو عمل ناهي. چاڪاڻ ته ناول هڪ نج تخليق آهي. جنهن ۾ ناول نگار جون ئي ڳالهيون سٺيون لڳن ٿيون. ناول ۾ جيڪا هڪ ٻي ڇُڪ پڪڙجي پوي ٿي سا باب ويهين ۾ صحافي اسحاق (ڪردار) جو جيڪو خاڪو چٽيو ويو آهي. اهو جهڙوڪ چاچي اسحاق مگريي جو خاڪو آهي. ايئن ڪرڻ سان تخليق پاور فل قطع طور نه ٿي ٿي سگهي. وقتي شهرت جو سبب ته ٿي سگهي ٿي پر، دائميت حاصل نه ٿي ڪري سگهي.

مري جي ڏنوسين ناول جو مُک ڪردار سنڌي قوم جو هيرو آهي، جنهن سان جذباتي لڳاءُ فطري آهي. جيڪڏهن ان ڪردار کي صحيح طريقي سان پيش نه ڪيو ته، رد عمل فطري بڻجي ٿو. هاڻي چا ٿيو آهي جو ناول جي مُک ڪردار کي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ غيبي طريقي سان ڏيکاريو ويو آهي. ڪڏهن قبرستان ۾ ته، ڪڏهن ڪنهن فليٽ جي ڪمري ۾ ۽ وري اهو ڪردار اوچتو غائب ٿي ٿو وڃي. چا حشو ڪيولراماڻي کو غيبي مخلوق هو، جو ان کي ناول ۾ ايئن ڏيکاريو ويو آهي.

ضمير، حديقا ۽ فرحت هي ناول جا اهي ڪردار آهن، جن تي وڌيڪ لکيو ويو آهي ۽ حقيقي معنيٰ ۾ ته ناول لکيل ئي انهن تي آهي ۽ انهن ڪردارن جو حشو جي ڪردار سان پري پري جو ڪوبه تعلق ناهي. انهن ڪردارن تي جيڪي باب لکيا ويا آهن ۽ انهن بابن کي ملائي ڪري الڳ ئي ڪو ڪتاب لکجي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو.

:3

گذريل مهيني مارڪيٽ ۾ آيل ٻه ناول خريدي پڙهيا. هڪ طوائف ۽ ٻيو پيرا ڊائيز پوائنٽ تي شام. پهرين ناول تي آئون پنهنجي راءِ محفوظ ٿو رکان. ان جو سبب اهو آهي. جو ان کي آئون ناول ڪونٿيان ڪي نه؟ ان ڏٽر ۾ ويڙهيو پيو آهيان ۽ جڏهن ٻه ان گرداب مان نڪتس تہ ان تي پنهنجي راءِ ضرور ونڊيندس. رهي ڳالهہ ناول پيرا ڊائيز پوائنٽ تي شام جي، جنهن تي پاڻ هن خط ذريعي روشني وجهنداسين.

سنڌي ناول ڪڏهن شروع ٿيو؟ ان سوال جي پاڻ کي بلڪل ٻه تلاش ناهي. ڳالهہ اها آهي تہ سڀ کان پهرين پاڻ کي اهو فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ سراج، ماڻڪ، آغا سليم کان علي بابا تائين ۽ موجوده وقت ۾ رسول ميمڻ جي ناولن کي ڇڏي ڪري باقي ٻيا جيڪي ناول جي نالي ۾ ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيا آهن. ڪن ٿورن ناولن کي ڇڏي ڪري ڇا اهي ناول آهن ڪي ٻيو ڪجهہ؟ هتي تہ اهو ٻه ظلم ٿئي پيو تہ ڪهاڻي کي ٻه ناول جو نالو ڏنو ٿو وڃي تہ سوانح عمر کي ٻه ناول جي نالي سان ڇپايو پيو وڃي.

ناول رهجي ويل منظر کان پوءِ اڪثر سنڌي ناولن جو پلاٽ يونيورسٽيءَ جي زندگي، پڙهائي، پيار ۽ اتان جي ماحول ۾ گردش ڪندي پاڻ کي نظر اچن ٿا. رهجي ويل منظر بار بار پڙهڻ وٽان ناول آهي ۽ هي پهريون سنڌي ناول آهي. جيڪو بار بار ڇپجندو رهي ٿو.

مون ڪنهن وقت اها راءِ جوڙي هئي تہ هاڻي سنڌي ناول ڪڏهن ٻه يونيورسٽي مان ٻاهر نڪري نہ سگهندو. پر منهنجي راءِ ان وقت غلط ثابت ٿي. جڏهن اُجهاميو ٻران ناول ڇپيو. توڙي جو اهو ناول ٻه يونيورسٽي جي پسمنظر ۾ لکيل آهي، پر ان ۾ قومي تحريڪ ۽ ٻهراڙيءَ جو جيڪو ماحول ڏيکاريل آهي. اهو ناول کي ڪنيون ٻيئو آهي. ان کان علاوه ناول ڏاهر، ڪلاس فور جي محبوبا، ڪُماچ پڙهي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ناول ترقي طرف شاندار سفر ڪري رهيو آهي.

پيرا ڊائيز پوائنٽ تي شام پڙهندي ڪنهن وقت ائين لڳي رهيو هو تہ ڪو نظمن جو ڪُتڪو پڙهي رهيو هجان ۽ ڪٽي ڪٽي واقعي ۾ ٻه ڪي قهر جا نظم پڙهڻ لاءِ ملي پئي ويا.

ناول جو مهاڳ مختصر پر ڏاڍو سٺو لکيو آهي. اخلاق انصاري ۽ سندس راءِ ناول جي حق ۾ پڙ آهي.

پنهنجي پاران ۾ ناول نگار هڪ هنڌ لکي ٿو ته 'مان ته ڏاڍو نندڙو ليکڪ آهيان.' هڪ تخليقڪار کي ايتري نندڙي ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اوهان نندڙا ليکڪ آهيو ته پوءِ بس ڪري ويهو. ناول جهڙي اونهي بحر ۾ نه لهو نه ته ٻڏي ويندا.

ناول جي ٻين پاسن تي آئون پنهنجي راءِ محفوظ رکان ٿو. جيڪا ڳالهه بنهه اڻ وٽندڙ آهي. اُها اِها ته هر صفحي تي هروپرو ڪيئي انگريزي ٻولي جا لفظ استعمال ڪيا ويا آهن. ان کان بهتر ائين ٿئي ها ته ناول انگريزي ٻولي ۾ ئي لکجي ها ته وهواهه ٿي وڃي ها.

ناول بابت آخر ڳالهه ته هي ناول اها خوشخبري کڻي آيو آهي ته هاڻي سنڌي ناول يونيورسٽي کان ٻاهرين دنيا جي ٻه دري کولي ٿو. جتان انگلينڊ نظر اچي ٿو ۽ جتي امينڊا خط لکندي نظر اچي ٿي.



آگم اکڑين ۾

مون کي ياد ناهي. تہ کو هن جو چهرو کهڙو هو ۽ هو پنهنجي قد بت ۾ کيئن هو ۽ پنهنجي طبيعت ۾ کهڙي مزاج جو مالڪ هو ۽ مون کي اها ڄاڻ بہ ناهي تہ سندس علم ۽ اکرن جي ڄاڻ هئي بہ يا نہ ڇاڪاڻ تہ هو هن دنيا مان تڏهن هليو ويو هيو جڏهن آءٌ فقط ٻن يا ايائي سالن جو مس هيس. هن جون مون وٽ کي يادون ۽ سندس کو خاکو بہ کونهي ۽ نہ ئي کا هن جي ڇڏيل نشاني. بس هن جو هڪڙو فريم ٿيل فوٽو ۽ کجهہ پاسپورٽ جيڪي پنهنجو مدو کائي چڪا آهن. سنياڻي رکيا آهن.

امان ٻڌائيندي آهي تہ تنهنجو بابا ڏاڍو سخت طبيعت جو مالڪ هيو. سندس موت گڙن جي خرابيءَ جي ڪري ٿيو. بابا جوانيءَ ۾ ئي سعودي عرب هليو ويو هو. ان کان اڳ بابا ميهڙ ۾ ڪپڙي جي دڪان تي سلائي جي مشن رکي ڪپڙا سبندو هيو. اهو دڪان ميهڙ جي شاهي بازار جي مهڙ ۾ ربن آڪري جو هوندو هيو ۽ اهو دڪان ۽ مالڪ اڄ بہ پنهنجي جوهر ۾ سهڻا ۽ سدا جوان آهن. هيءُ شخص بابا جي وفات کان پوءِ تقريبن ست، اٺ سال مون سميت اسان سيني گهر ياتين کي عيد جا ڪپڙا ڏيندو رهيو. سندس محبتون وساريڻ جون ناهن.

امان جي ننڍي عمر ۾ شادي ٿي ۽ ترت ئي پوءِ بابا سعودي عرب هليو ويو ۽ ڪافي سالن کان پوءِ سعودي عرب مان موٽيو تہ امان ۽ ڏاڏيءَ کي سعودي عرب وٺي ويو. سندس ٻي پائر ۽ بہ پيءُ هيون، جيڪي پي ماءُ مان هيا. سندس رڳو هڪ پيڙ هئي. بابا جڏهن مستقل طور سعودي عرب رهڻ لڳو تہ اتي پاڻ مزدوري ڪرڻ لڳو. بابا کي پٽاٽو اولاد کونہ هيو. امان ٻڌائيندي آهي تہ 'مانڪِ (مون کي) لڳاتار ڇهہ نياڻيون ٿيون ۽ تون ڇهان نياڻين جي متهان ٽيئين.' امان وڌيڪ اهو بہ ٻڌائيندي آهي تہ 'هڪ دفعي جمعي جو ڏهاڙو هيو توجي (تنهنجي) پيءُ هڪ مهمان جي دعوت جهلي هئي. جڏهن جمعي جي نماز تي اسان سيئي مهمان سميت مسجد الحرام ۾ نماز پڙهڻون پوءِ، دعا گهرڻ لڳاسين

ته پڻائين. ان مهمان کي چيو ته 'حاجي صاحب! دعا گهرو ته مون کي پٽاٽو اولاد ٿئي.' ان وراڻيو حاجي محمد خان (منهنجي والد جو نالو: محمد خان هو.) هاڻي توکي پٽاٽو اولاد ٿيندو. پر، ان جو نالو احمد رکجائين.'

اهو مهمان سنڌ جو اعليٰ پائي جو نعت ۽ حمد جو شاعر غلام نبي مهيسر هيو.

مسلسل بيمار رهڻ دوران بابا انتهائي گهڻو ختم ٿي چڪو هيو. سعودي عرب ۾ ڊاڪٽر الله جي فضل و ڪرم سان اهڙا آهن، جهڙا پاڻ وٽ آهن. وڌيڪ پاڻ سمجهو ٿا، وضاحت ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت. گهٽن سالن کان اتي گڏڻ جو علاج ٿيندو رهيو. آخر ڪار اتان جي ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو پوءِ آخر اهو فيصلو ٻيڻو ته واپس ورجي اباڻن ڪکن ڏانهن. امان، اٺ ٻار ۽ بابو سعودي عرب مان هٿين خالي سنڌ آيا. ڪئي ڪمائي اتي (سعودي عرب) ئي بابا جي علاج تي خرچ ٿي وئي. جڏهن اسان جو ڪٽنب ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي لٿو هيو ته امان جي زباني، 'اسان وٽ ايترا به پئسا ڪونه هئا جو اسان ميهڙ پهچي سگهون.' بابا مسلسل بيهوشيءَ جي حالت ۾ رهڻ لڳو. جڏهن سارو ڪهول ڏکيو سکيو ميهڙ پهتو ته، هاڻي وڏو مسئلو اهو پيدا ٿيو ته ڪٽي رهجي؟ نه گهر نه گهاٽ. انتهائي اذيتناڪ عالم مان گذري رهيو هيو اسان جو ڪٽنب! آخرڪار اسان جي ڏاڏي جنهن کي اسان امان ڪراڙي ڪري ڪوٺيندا هئاسين. ان جو ڪجهه مال متاع هيو. اٺ سئو فوٽن جو ننڍڙو سيل نما گهر ورتو جنهن ۾ يارنهن ڀاتي رهڻ لڳاسين. ميهڙ پهتاسين. گهر ورتو سين.

هاڻي وڏو مسئلو اهو هيو ته بابا جي علاج جي لاءِ ڏوکڙ ڪٿان اچن ۽ گهر جو ڪار ونهنوار ڪٿن هلي. جيڪڏهن اسان جي ڏاڏي نه هجي ها ته اسان جو حال انتهائي خراب ٿئي ها. ان ئي پٽي، سٽي قرض کڻي بابا. کي حيدرآباد جي ڪنهن اسپتال ۾ داخل ڪرايو. جتي ڪيترو وقت زير علاج رهي بابا وفات ڪري ويو. بابا سعودي عرب کان سنڌ آيو ته رڳو هڪ سال زندگي جوڙي مون پنهنجي وڏين ڀيٽن ۽ امان جي ڳالهين مان اهو محسوس ڪيو آهي ته بابا مرڻ نه پيو چاهي ۽ هن جي مرڻ جي عمر به ٿورئي هئي. هو ته پنهنجي اولاد سان پوري ته پري جي ڳالهه آهي، ٿوري به محبت جي مهلت حاصل ڪري نه سگهيو.

آءُ جڏهن ٽورو وڏو ٽيس ته پاڙي اوڙي وارا حاجي ڪري سڏيندا هئا. يا حاجي محمد خان جو پٽ چئي ڪري سڏيندا هئا. نانءُ وڏو ديهه ويران. پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ دوران هيڊ ماستر غريب شاگردن کي هر عيد تي ڪپڙن جو جوڙو ڏيندو هيو. مسلسل ٽي سال هر عيد تي ڪپڙن جو جوڙو ملندو رهيو. جڏهن آءُ چوٿين ڪلاس ۾ پڙهندو هيس، تڏهن ڪنهن عيد جي ويجهن ڏاڻن دوران هيڊ ماستر وڻت ڪندو اچي اسان جي ڪلاس تائين پهتو. اعلان ڪيائين ته غريب شاگرد اُٿي بيهن ۽ نالا لکرائن ته انهن کي عيد جا ڪپڑا ڏيندا سين. جڏهن منهنجو وارو آيو ته چيائين پنهنجو نالو پيءُ جو نالو ۽ ذات پڌائي؟ مون چيو سائين نالو احمد پيءُ جو نالو حاجي محمد خان ۽ ذات جو گائنچو آهيان. ان تي هيڊ ماستر ورياڻو ته ' پٽا تنهنجو پيءُ حاجي صاحب آهي توکي ڪيئن ڪپڙن جو جوڙو ڏجي؟ اڃا تون پنهنجي بابا کي چئو ته اسڪول ۾ غريب شاگردن جي لاءِ ڪپڑا ونڻي ڏئي ته انهن ۾ ورهائجن.' مان هڪ ٻڪو ٽي ويس ۽ پريشانيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳس. ان وقت سڀ ڳالهيون وسري ويون ته آءُ غريب آهيان، منهنجو والد گڏاري ويو آهي ۽ مون کي ان عمر ۾ حاجي لفظ جي معنيٰ ئي ڪونه ايندي هئي. اهي يادگيرون حقيقت ۾ روئاري وجهنديون آهن. جڏهن وڏو ٽيس ته اها جاڻ پئي ته حاجي ڇا کي چئبو آهي ۽ پيءُ جو پيار ڇا ٿيندو آهي.

اڄ کان سورنهن سال اڳ بابا جو مڙهه ڪيرٽر جي گرم جبلن جي وچ ۾ ميان وال تحريڪ جي سپهه سالار عبدالله عرف شاهه گودڙيو جي مزار سان لڳو لڳ وشال ريگستاني قبرستان ۾ قبرن جي قبيلي حوالي ڪيو ويو. آءُ جڏهن بابا جي مزار تي ويندو آهيان، ته ان وقت اڪڙيون آگم ٽي ويندیون آهن. ۽ ڳوڙها ڳلن تان ڳڙي رارِيءَ ۾ جذب ٽي ويندا آهن.

مون کي ياد ڪونهي ته مون هُن کي پهريون دفعو ڪڏهن ۽ ڪٽي ڏٺو هو پر اها خبر اٿم ته بابي جي جاءِ تي مون امان ڪُراڙي (ڏاڏيءَ) کي ئي ڏٺو هو ۽ ڪيس سدائين پنڙ جي ٻيڙيءَ جي ڦوڪ پريندي ڏٺو هو. هوءَ سدائين ڏکن کي ٻيڙيءَ جي ڦوڪ سان خارج ڪندي هئي پر ڏک به هن جي وجود جو حصو بڻجي ويا هئا ۽ هن به ڏکن سان خوب نباهيو. چوندي هئي ته "جيڪڏهن ڏک ويا

ته ابل (منهنجو بابا سندس پُٽ) جون يادون مري وندیونم." ان لاءِ هن ڪنهن سان ڪڏهن شڪايت ڪونہ ڪئي ۽ نہ ئي وري ڪڏهن ڪا ڪاوڙ ڪراڙي چهري تي آندي امان ڳالهہ ڪندي آهي ته "ڪراڙي سدائين اوهان لاءِ پيءُ جي جڳهہ تي آخري دم تائين بيٺي رهي."

مون کي ياد آهي ته مان سدائين امان ڪراڙيءَ جي پرسان سمهندو هيس. ڇٽيو امان هيو. تاتيو امان ڪراڙيءَ هيو ۽ سدائين ابل ڇئي سڏيندي هئي. ڪيس هڪ پُٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد هو. هن جو چوپائي مال سان تمام گهڻو پيار هوندو هو ۽ جيستائين جيئري رهي ته گهر ۾ هڪ کان وڌيڪ مينهون هيون ۽ کير جون بہ موجون هيون. جڏهن کان هوءَ گذاري وئي ته نہ مينهون رهيون ۽ نہ ئي وري کير ۽ اسان طويل عرصي تائين کير لپ لاءِ سڪندا رهياسين نہ ڪا ملڪيت ۽ نہ ئي وري جائداد، پائي پلو ۾ نہ هئي. بابا جي وفات کان پوءِ امان ٻڌائيندي آهي ته "اسان وٽ ويلي ڪائڙ لاءِ انَ جا داڻا ئي ڪونہ هيا ۽ امان ڪراڙي پاڙي اوڙي وارن کان پني سني آڻيندي هئي ۽ اسين کائيندا هئاسين."

اسان جي گهر ۾ ايتري مفلسي رهي جو منهنجي هڪ ڀيڙ جيڪا مون کان پهرين هئي. جنهن جو نالو زهره هو. سا ڇهن، ستن سالن جي عمر ۾ معمولي ناچاڪيءَ سبب گذاري وئي.

سچ ته جڏهن کان شعور جي ڏاڪڻ تي پير رکيو ته هن (امان ڪراڙيءَ) جي دعائن جو ليئو محسوس ڪيو جڏهن اسڪول جي لاءِ سليٽ، قلم کڻي ڪري گهران نڪرندو هيس ته روپيو خرچي ڏئي پني ٽپيندي دعائون ڏئي موڪليندي هئي. جڏهن شام ورندي هئي ته پاڻ سان گڏ ويهاري ڇڏيندي هئي. ان لاءِ ته متان ڇوڪرن سان رات دير تائين رلي خراب نہ ٿي وڃان. جي گهران نڪري وڃان ته در تي اُڀ پيرين بيٺي هوندي هئي ۽ هر ايندڙ ويندڙ پاڙي واري کان پڇندي رهندي هئي. "مانجو ابل! ڪٿ ڏٺوءِ؟" جيئن ئي ڏسندي هئي ته ٻاڪر ۾ پري چوندي هئي ته "ابل! ڇيڪان (ڇو) ٿو ٻاهر هليو ويجي.؟"

جڏهن هُن هِن دنيا مان لاڏاٿو ڪيو ته سچ گهر جي ڇت ئي ڏهي پئي هئي ۽ هينئڙو ٽنگ پروڙ ٿي ويو هو.

ڳالهه جي شرعات ڪٿان ڪجي؟ ايڏي مونجهه اڳ ڪونه ٿي هئي، ڪجهه به لکڻ کان پهريان. دنيا واقعي حسين آهي. اهو اوهان ۽ اسان کي مڙئو پوندو جنهن دنيا ۾ ماڻ هجي؟ اها دنيا خراب ٿورئي ٿي سگهي ٿي. سونهن جي ساڃاهه، تشبيهن جو جنم، خوبصورتيءَ جا خواب ۽ ٻين سين سهڻين، سٽين ڳالهين جو محور هڪ عورت ئي ٿي سگهي ٿي ۽ يقينا عورت ئي ماڻ ٻڌجندي آهي ته محبوب به ٻڌجندي آهي. ماڻ جي تعريف لاءِ ستر آسمانن جيڏو وڏو پورٽريٽ ڪپي، جنهن تي ويهي لکجي تڏهن به ڳالهه پوري نه ٿئي. جيجل جي جيءَ جون جانجهر جهڙيون پيار ڀريون عنايتون، شفقتون سمنڊ مس ڪجي تڏهن به نه ٽيون ڇاڻائي سگهجن.

منهنجي امان اقبال منهنجو بابو به ته امان به آهي. ڇاڪاڻ ته مان جڏهن ٻن، اڍائي سالن جو هيس ته بابا راهه رباني وٽي چڪو هو ۽ امان ان وقت کان ماڻ ٻه ته پيءُ جو ٻه رول ادا ڪيو ۽ ڪندي پئي اچي. امان اکر ته ڪونه سڃاڻي، ها پر هوءَ اکرن تي ايمان ائين آڻيندي آهي، جيئن ڪو مسلمان قرآن مجيد تي آڻيندو آهي. هڪ شاعر کي دستگير ڪوٺيندي آهي ۽ ان (شاعر) جون ڳالهيون (شعر) ڪنهن ترار جي تيز وار کان وڌ پائيندي آهي. امان جو ڏاڏو نانو شاهن هڪ فقير صفت انسان هيو ۽ پنهنجي دور ۾ ورهاڱي کان اڳ جي عوامي شاعر ورند واڻئي سان محفلون ڪندو هيو ۽ امان جو وڏو ڀاءُ علي دوست عاجز جيڪو پڻ جديد سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم ڪڙي آهي. ڏاڏو لوڪ گيتن جو شاعر ۽ وڏو ڀاءُ ٻه شاعر ته، امان ۾ ٻه شاعراڻيون خوبيون آهن. امان تمام گهڻي حساس طبيعت جي مالڪياڻي آهي ۽ ان سلسلي جي ڪڙي ڪونه ٽٽي ۽ آءٌ ٻه شاعري جي شاهراهه تي رمندو رهان ٿو.

امان ننڍپڻ کان هينئر تائين، پوڳنائن جي بحر ۾ ويران ٻيٽ جيان رهي آهي، جيئن ويران ٻيٽ تي ڪو پکي پر نه هٽندو آهي ۽ ايئن ئي امان جي زندگيءَ ۾ خوشي پيرو ته ڪڏهن، ڪڏهن پيچندي آهي، پر بسيرو ڪڏهن ناهي ڪندي. امان جو مَنِ ساڏن ۽ صوفين جي من جيان پاڪ ۽ صاف آهي. امان نماز پڙهڻ کان پوءِ جڏهن به دعا گهرندي آهي، ته پهريان هيءُ ئي لفظ چوندي آهي، (جيڪي آءٌ ٻاراڻي عمر کان جوانيءَ جي عمر تائين ٻڌندو ۽ نوٽ ڪندو

پيو اچان) 'ڏٺي! هندو مسلم جو خير ڪجان.' امان هن دنيا کي محدود سمجهندي آهي. توڙي جو امان زندگيءَ جا ٻارهن، تيرنهن سال سعودي عرب ۾ گهاريا آهن سندس ڳالهيون ڪنهن يوناني ڏاهي جهڙيون ڏاهپ ڀريون ڏندين آڳريون ڏيارينڊڙ ته ناهن هوندیون پر، امان جي سادي سمجهاٽيءَ ۾ پيغمبراٽي پرچارڪ ضرور هوندي آهي، جنهن ۾ اهنسا هوندي آهي، اتساهه هوندو آهي ۽ محبت جو وسيع ميدان هوندو آهي.

دنيا ڪيئن تياڳجي؟ ڪيئن بَن ۾ بسيرو ڪري ويهي رهجي؟ ڪهڙا حوالا ڏئي هنن ڳالهين کي اڳتي هلائجي؟ امان جو جنم ڪاڇي جي ڳوٺ فريد آباد ۾ نانيِ محمد (جنهن کي سڄو ڳوٺ، مامون محمد ڪري سڏيندو هيو) جي گهر گائنچا ذات ۾ ٿيو. امان ٻڌائيندي آهي ته ننڍيِ عمر ۾ شادي ٿي ۽ آءُ ان وقت کان ئي ڪِل ۽ خوشيءَ جي خوبصورت پل، وقت، سمه کان نا آشنا رهي آهيان ۽ اها حقيقت آهي، ته امان جو ايڏين پيڙائن مان گذرڻ ٿيو آهي، جهڙوڪ جوانيءَ ۾ بابا جو هي جهان ڇڏڻ، غربت جي قربت وغيره. امان ڪڏهن ڪا شڪايت ڪونه ڪئي آهي ۽ نه ئي وري شڪايت ڪري ٿي وقت جي اوچيءَ روشِ جي.



ڪيهرجيءَ جي ڪڇ ۾

سنڌ واقعي ۾ سون ورني ڌرتي آهي. سنڌ جا نظارا نگاهن کي جوت بخشيندڙ آهن. سنڌ جا شهر وڏج واپار جا مرڪز ۽ آهن ۽ علم و ادب جا مرڪز ۽ آهن. سنڌ جي سر زمين سڳداسي ڇانورن جيان خوشبودار آهي. هن ڌرتي جي مٽيءَ ۾ هر گل جي خوشبو پنهنجي آهي. سنڌ جا جبل جتي جوڌن جيان اڏول بينل آهن ته. اتي هو من موهيندڙ پڻ آهن جيڪي ڪنهن حسين وادیءَ جو منظر پيش ڪندا آهن. هيءَ مختصر سفر نما لکڻي مون 'ڪيرٿر' جي هڪ خوبصورت علائقي 'ڪيهرجي' گهمڻ دوران لکي آهي. هيءَ رولاکيون ڏينهن، رات جون. هيءَ رولاکيون مون کي ڪيئي منظر پسائيندیون رهيون آهن ۽ هنن منهنجي رولاڪ روح کي راحت بخشي آهي.

ڪيهرجي جي علائقي ۽ آس پاس ۾ رهندڙ ماڻهو هڪ منڙو لهجو ڳالهائيندڙ آهن. مثال طور توجو مانجو. ڇي جو وغيره ۽ هنَ لکڻي ۾ ان لهجي کي مون سنڌيءَ ۾ ئي لکيو آهي.

صبوح صادق سان اڻي وهنجي....سهنجي نيرن ڪري ڪتاب هٿ ۾ کنيو ۽ پني تي نظرون ڊوڙائڻ لڳس ته موبائل مڇيءَ وانگر کيسي ۾ ڦٽڪڻ لڳي. اسڪرين تي غفار جو نالو تري رهيو هو. ڪال ڪنيم. هلو؟ عليڪ سليڪ کان پوءِ يار صلاحيو ته، باهر اڇ ۽ ۾ جوڙا ڪپڙن جا ۾ کنيو اڇ. گهر جي گهٽي گول گهمندي، گهمندي ميهڙ جي گهنٽا گهر وٽ پهتس. يار ٽپ ٽاپ بالم لڳو. منهنجي اوسيئڙي ۾ بُت بڻيو بينو هو. ميان جا فقير خير ته آهي نه، جو صبح سان گهرايو اٿئي؟ ها خير آهي. هلون تا. گهمڻ ڦرڻ پر، ڪهڙي پاسي؟ آهي هڪڙو هنڌ اها ۾ آهي سنڌ واهه هيءَ ۾ ته سنڌ آهي نه بابا جتي پاڻ بينا آهيون. ميهڙ آهي. ڪو مقبوضه ڪشمير ٿورئي آهي. ها ها خبر آهي. هو هنڌ تو اڳ نه ڏٺو ۽ نه ئي وري ٻڌو هوندو. پاڻ ڪاڇي کان مٽي، ڪيهرجي ٻيا هلون ۽ هلي تا جبلن سان ملون. ادا هل.

ڏهن جي زمين ۾ جيڪو نندڙو ڳوٺ آهي ان جي نندڙي ورانديِ باهران نندڙيءَ ڪڻَ تي ڪانپ ٻڌي وينا هڻا خيال ۽ ڪيئي پاڻ ۾ خيال حالي احوالي

ٽيڙ کان پوءِ تانڊاٽي جيان تمکي رهيا هئا ۽ سوجهري ٽيڙ وقت ڏمر ٽيندا، ٽيندا گم ٿي ويا هئا. شهر جون سوڙهيون گهٽيون جيڪي اڳي آسماني ڪاڳر جيان ڪشاديون هونديون هيون. جتان شام ويلي ڪاٺيون وڻين اکين ۾ ڪجل لڳائي سهٽي لوڏَ سان لڏنديون، لمنديون ويندیون هيون. اڄ انهن ڳلين مان حيران، پريشان نوجوان، ڪراڙا لٽل منهن جن ۾ نه ڪا سونهن نه سوپيا پاڻ ڳاربندا وتن. ميهڑ شهر جي مين روڊ تان ٽيندا. ڪکول واهه جي ڪڙَ ونيو مان ۽ غفار هلندا، هلندا سڏو بائي پاس روڊ تي چڙهياسين. جتي غفار جو وڏو ڀاءُ ستار اڳي ئي گاڏيءَ سوڏو اسان جي انتظار ۾ بينو هو. اسان سان مليو.

ميهڑ شهر جي بائي پاس کان اُتر، اولهه پاسي گاڏي هلڻ لڳي ۽ وک وک تي گاڏيءَ هارن وڄائيندي ٿي هلي. اسان جي شهرن ۾ ماٺهو به گهٽا، گاڏيون به گهٽيون. گڏهه گاڏا به گهٽا ته رڪشا به گهٽا. گاڏي هلندي هلي ڪجهه ڪلوميٽرن کان پوءِ هڪڙو ڳوٺ آيو. جنهن جو نانءُ قاضي عارف هو. هيءُ ڳوٺ ميهڑ تعلقي جي يوسي آهي. هيءُ ڳوٺ مالڪيءَ وارو آهي. هتي زيتونن جو باغ پڻ آهي پر ماهوٽن جي زيتونن جي لذت جهڙا ناهن. آءٌ پنهنجي ننڍڙي وهي کان هن ڳوٺ جي مُهڙ ۾ هڪڙو پير جو وڻ ڏسندو ٿو اچان. هيءُ وڻ ڪو ديوتا ڀاسندو آهي پاڻ کي ۽ ايندڙ ويندڙ کي پليڪار جون پريون. موڪلائڻ جون مرڪون بنا ملهه جي آڇيندو رهندو آهي. گاڏيءَ جي رفتار وڌندي ٿي وڃي ڪيترائي ڳوٺ پوئتي رهجي ٽا وڃن. ڪمانگر، ڪرٽيا، قائم جتوئي کان پوءِ جيئن ئي چنڊ موريءَ پڳاسين ته گاڏي جي رفتار جهڪي ٽيندي، ٽيندي رڪجي وئي. لٽاسين ۽ سامهون شاعر دوست صابر سيدپوري مليو. صابر سيدپوري جو ڳوٺ سيدپور چنڊ جي موريءَ کان اُتر پاسي ڪجهه ڪلوميٽرن تي آهي. يار سان ڪجهه گهڙيون گهاري گاڏيءَ ۾ ويهندي ئي پنهنجيءَ منزل طرف وڌڻ لڳاسين. ڳوٺ گهاڙي جاگير کان ٽيندا، بڃاڻ بند تي پڳاسين. هيءُ بند ايف بي بڃاڻ بند به سڏجي. هن بند کان ڳوٺ فريد آباد تائين پُل آهي ۽ وچ ۾ ڪاڇڙي ڏنڊ آهي. پل جي حالت هٽان ويل هئي. ڪڏهن به متيءَ جي ڊير ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي ۽ هيءَ ئي پل آهي جيڪا ڪاڇي ۽ ميهڑ شهر کي پاڻ ۾ ملائي ٿي.

فريد آباد دادو ضلعي جي تعلقي ميهڑ جي اولهه طرف 24 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي سنڌ، بلوچستان جي سرحدي لنگهه تي واقعي ٻيٽ نما ڳوٺ آهي. جيڪو فريد پاڳت جي نانءُ پٺيان فريد آباد سڏجي ٿو. فريد آباد ڪاڇو ٻه سڏجي. ڇاڪاڻ ته هن سڄي علائقي جي پوڪي، راهي برسات ۾ جبلن تان نيئن جي ايندڙ پاڻي تي ٽيندي آهي. هن ڳوٺ جي مٿاهن 30 کان 40 ڪلوميٽر جي مسافت تي سنڌ ڏرتيءَ جا وڏي ۾ وڏا تيل ۽ گيس جا ذخيرا آهن پر، هتان جا ماڻهو بک ۽ ڏک جي درد وندي درياهه جي ڪڏهن هن پار ته ڪڏهن هن پار رمندا اچن ٻيا. هيءَ حالت، مسئلو سڄيءَ سنڌ سان لاڳو آهي. 'خُوشحال سنڌ جا، بدحال ماڻهو' هن ڳوٺ (فريد آباد) جي رهواسي ڪاڇي جي ڪوي علي دوست عاجز پنهنجي پهرين شعري مجموعي 'خوشبو خوشبو خواب' ۾ هن علائقي جو سارو سربستو حال هنن سٽن ۾ پينٽ ڪيو آهي ته'هن علائقي جا ماڻهو ٻه هن علائقي جهڙا آهن، هنن کي فقط مسڪينيءَ موڳو ڪيو آهي، هنن جا ڏک اهي آهن جو پائرن جي لاش تي اجرڪ ٻه اوڙ تي وجهندا آهن.' فقط رڳو ايترو نه پر ايجا وسيع ڏک جي ڪينواس تي عاجز ڏک پينٽ ڪندي لکيو آهي ته 'هتان جي ماڻهن کي ورثي ۾ فقط ڏک ئي مليو آهي، جنهن کي هو ڪنهن قيمتي سامان وانگر سنياليندا ۽ ايندڙ نسلن ڏانهن منتقل ڪندا اچن ٿا.' اها ئي حقيقت آهي ۽ ان ۾ ڪو ٻه وڌاءُ ناهي. اهو ئي حال پلا ڪيسين هلٽو آهي، هن سنڌ جي اونداهين راتين لاءِ ڪو نرمل نوري صبح ٻه آهي ڪ ناهي.!؟

هيءَ علائقو چيڪيءَ مٽيءَ جي اهڙي ته عجيب هڪاءَ پريو آهي، جو ڏهن جي زمين کي واسي خوشبودار فصل جي شڪل ۾ بدليو ويجي. جڏهن وَس ٿئي ته چوطرف چيڪيءَ مٽيءَ جي خوشبوخمار جي خيال طرف راغب ڪندي آهي. هيءَ ڳوٺ (فريدآباد) سنڌ جي عام ٻهراڙين جي ڳوٺن جيان سرسبز مينهن جي ڪير، مکڙ ۽ ڪڇهري اوطاقن کان بنهه گهٽو پوئتي آهي پر تنهن هوندي ٻه هن ڳوٺ جي ڇڪ پاڻ لاءِ اهڙي ئي آهي. جهڙي بکاري جي آن طرف. هن ڳوٺ جي رِنگ بند تي بيهي جڏهن لهندڙ سج جي منظر کي مَن جي خورد بينيءَ سان ڏسجي ٿو تڏهن اهو منظر پنهنجا اهڙا رنگ پسائي ٿو جن کي لفظن ۾ جاءِ نه ٿي ڏئي سگهجي.

فريد آباد جا ماڻهو ڪيتري قدر من جا سونا آهن، آهن ب يا ناهن؟ ان تي ب ٿورو ڳالهائجي. هتان جا ماڻهو ٿري مزاج تہ رکندڙ ناهن ۽ نہ ئي وري انهن جيان شاعراڻو ۽ موسيقي پريو مزاج رکندڙ آهن، ها پر پيار ڪندڙ ضرور آهن. هتان جا ٻارڙا ٿري ٻارڻن جيان سُرن سندي سونهري سوز و سرور سان ڪونہ روئن پر. هتان جا ٻارڙا ايئن روئن جيئن ڪا ڪونج پنهنجي قطار کان وڇڙندي ڪوڪندي ڪُرلائيندي آهي. ايئن ئي درد پري دانهن جا دائرا ٻارڻن جي روئڻ سان ٺهندا رهندا آهن. جڏهن ٻاڻ ننڍا هوندا هئاسين ۽ عيد، براد تي ناناڻي گهر وڃڻ ٿيندو هو. سچ تہ ان وقت مزي ۽ لطف جو تہ ڪو پنڌار هوندو هو ۽ ننڍن ٻارن سان کامن تي تڙڪڻ ۽ وڏيري رسول بخش ڏيري (وڏيرو رسول بخش ڏيرو، شاهہ جو پارکو ۽ شارح) جي ٻيرن تان ٻير پٽڻ ۽ شاهہ گودڙيي ڏانهن ويندڙ ڊگ تي ماسات عرفان سان رلڻ جهڙو رومانس هاڻي ناهي رهيو. هن ڳوٺ جي ڳلين ۽ رِنگ بندَ تان دَز ايئن ٿي اُٿي، جيئن ڪُڪيل سگريٽ جو پراسرار دونهون اٿندو آهي.

فريد آباد جي ماضي بابت وڌڻ کان ٻڌون ٿا تہ انتهائي شاندار هو جيڪو شانتي، امن ۽ پيار جو پنڌار هو. هندو مسلم ٻاڻ ۾ پائرن جيان رهندا هٿا ۽ ايتري تائين جو شادي جي شادمانن ۽ موت جي ڏکئي مهل تي هڪ ٻئي جا پرجهلا وک. وک تي گڏ گڏ هٿا. جتي ورند واڻئي جون ڪافيون ۽ گيت گونجندا هئا، اتي اڄ مولوين جي چرڪائيندڙ واعظن جي ڏوم آهي. هاڻي تہ اهي ڪچهريون ب ناهن رهيون جيڪي ڊاڪٽر قمرالدين ڀگهيي جي گهر، ڪلينڪ جي آڏو دالي ۾ ٿيندیون هيون. دالو تہ اڄ ب آهي ۽ ڊاڪٽر قمرالدين ب آهي پر اهي پُر اثر ڪچهريون ۽ ٺهڪن جي ٽور ناهي رهي. هيءُ ستون لکندي آءٌ پولارن جي ان پار پهتو آهيان تہ ننڍڙو آهيان ۽ نانيِ گهر ۾ مائو ناهي رهي آهي ۽ جڏهن مائو تيار ٿو ٿي تہ نانيِ پهريان دڪان جي لاءِ وڏن ٽالهن ۾ مائو ٿي وڃهي ۽ آخر ۾ اسان ٻارن کي ذرو ذرو ٿي ڏئي ۽ آءٌ اوچتو چرکي ٿو وڃان. اهي سوغات جهڙيون گهڙيون وري، وري سگهن ٿيون؟ سچ تہ هيءُ ڳالهيون ايڏيون پراڻيون ب ناهن پر، الائي تہ چو؟ جڙ تہ صدين جي ڪنهن وڇين سال جيڏيون پراڻيون ٿيون لڳن. خوشين جي قحط ۽ ڪال سبب ئي اهي يادون پراڻي هاڪڙي جيان پراڻيون ۽ معدوم ٿي ويون آهن.

اسان جي منزل ايجا بہ اڃتي هئي. هاڻي اسان هڪ قافلي جي صورت اختيار ڪري چڪا هئاسين. تقريبن 20 کان 25 ماڻهو جنهن ۾ مايُون، مُڙسالا ۽ ٻار بہ هئا. اسان فريد آباد جي اولهہ پاسي قافلي جي واڳ ورائي هلڻ لڳاسين. هاڻي اسان ڪاڇي جي علاقي ۾ هلڻ لڳاسين. ڪافي سال اڳ فريد آباد ۽ شاهہ گودڙيي تائين نہ رودِ ۽ نہ وري ڪو ٽرانسپورٽ جو نظام هو. ها باقي ڪيڪڙا ضرور هلندا هئا. ڪيڪڙن کان اڳ بيل گاڏيون هلنديون هيون. ڪاڇي جو هي علاقو پنهنجي جوت ۽ جوهر ۾ اڄ بہ دلڪش رنگينيءَ جهڙو ۽ سلڪي رَئي جهڙو آهي. وسَ ٿئي تہ ٻاجهر، جوئر، ڪڪ ٿئي. وڻ پري پري تائين ڪو نظر اچي سو بہ ڪبڙ، لئي يا ڪنڊي، ڪرڙ جو.

اسان ڪجهہ موٽر سائيڪلن تي ۽ ڪجهہ ڪيڪڙي تي سوار هئاسين. هاڻي اسان جبلن جي جُوءِ ۾ پهتاسين. هي جبل ڪيرٿر جي سلسلي جي ڪڙي آهن. ورَ وڪڙَ جبلن جي وچان ڊامبر جو رودِ ٺهيل هو. رودِ سنگل هو. هاڻي اسان شاهہ گودڙيي ڄوٽ ۾ پهتاسين. هيءَ ڄوٽ ميان وال تحريڪ جي جرنيل عبدالله شاهہ گودڙيي جي نالي پٺيان آهي ۽ سندس مزار پڻ ان ئي ڄوٽ ۾ آهي. سندس مزار ڪافي ڊگهي آهي تقريبن اڌن ڪان ڏهن فٽن جي ڊيگهہ تائين. شاهہ گودڙيي جي مزار سان گڏوگڏ ٻي ٻيون بہ ڊگهيون مزارون آهن. شاهہ گودڙيي جو ڄوٽ جبلن جي پهري ۾ لڪيل ڏاڍو وٽندڙ ۽ حسين لڳندڙ آهي. هتي هڪ وسيع قبرستان پڻ آهي.

مرزا قليچ بيگ صاحب جو هڪ ڪتابچو آهي، جنهن جو نالو آهي 'ڏاڙهياري جبل جو سئر' هيءَ نايابَ ڪتاب آهي. هيءَ ڪتاب مون پڻ ناهي پڙهيو. تمام گهڻي ڪوشش جي باوجود بہ هٿ ناهي لڳو. مون هن ڪتاب متعلق ڪافي ٻڌو آهي، ان حوالي سان تہ مرزا قليچ بيگ صاحب جو هيءَ 'مختصر سفر نامو' ڪاڇي توڙي سنڌ بلوچستان جي سرحدي پٽي جو مختصر پر پُراثر سفر نامو آهي. جنهن ۾ 'ڏاڙهياري جبل' ۽ ان جي آس پاس رهندڙ ذاتين ۽ اتان جي رهندڙ ماڻهن متعلق جامع معلومات منجهس موجود آهي. ۽ مرزا قليچ بيگ صاحب شاهہ گودڙيي، ڄوٽ عبدالله شاهہ گودڙيي ۽ اتي موجود گنبذن واريءَ مسجد تي پڻ تحقيق ڪري پنهنجي راءِ محفوظ ڪئي آهي.

اسان شاهہ گودڑيي ۾ ڪجهہ پل گهاري وري پنهنجي منزل طرف هلڻ لڳاسين. هاڻي وري ريگستان شروع ٿيو. ننڍڙيون جبلن جون ٽڪريون ۽ لئيءَ جا ۽ ڪرڙ جا ننڍڙا ۽ وڏڙا وڻ پري پري تائين ڏسڻ ۾ ٿي آيا. شاهہ گودڑيي کان پوءِ جيڪو ڳوٺ آيو ٿي اهو موجهڙ نالي سان هو. ان ڳوٺ کان اسان جيئن ئي اڳتي هلڻ لڳاسين واريءَ واري زمين شروع ٿي. ان واريءَ پٽن تي هڪ تمام ڏگهي مزار هئي جنهن کي گل شاهہ نالي سان پير ٿي چيائون. هيءَ مزار پڻ ڏگهي هئي هنن پٽن کي پيراڇ ڪري ٻہ سڏين. مٿي زمين ڪٺڪ، جوئر، ٻاجهر ۽ مختلف ٻاجيون پڻ ڪن ٿيوب ويل جي وسيلي. ٽڏي زمين، وڻندڙ آبهوا خاموش ماحول شاعراڻو ٿي لڳو. وسَ ٽئي تہ مختلف ٻوٽا ڦٽيو پون هنن پٽن تي ڪنيون پڻ ٽين.

پيراڇ جي زمين زرخيز ڪونہ ٽئي، ها پر جڏهن وسَ ٽئي تہ جابلو ٻوٽا ساوڪ جو ويس اوڌي ٻهڪندا آهن. جڏهن اسان ان حد يعني پيراڇ واري حدَ ۾ پيرَ رکيا ۽ ڪپل هلياسين تہ هڪ وسندي نظر آئي. وسندي وري ڇا. هڪڙو گهر سو ٻہ ڇنَ جو ٺهيل نہ لوڙهو ۽ نہ ئي وري ڪجهہ گهر واري شڪل ڏنل هئي ان ڇنَ کي. اسان سمورا (جيڪي ٻہ سفر جا ساٿي هئاسين) وڃي ان گهر جي پرَ ۾ بيٺاسين. گهر ڌڻي آيو ۽ گهر پاسي ۾ ڪٽون رکي ڏنائين. سيئي ويٺاسين. ٽڪ پڳاسين حال احوال ٿيو. جنهن گهر ڌڻي اسان کي سليماني چانهہ پياري هئي. سندس چهري تي خوبصورت سونهاري سونهين پئي. سندس نالو ٻهاڻي ۽ ذات جو گائيچو هو. ان ٻڌايو پئي تہ هتان جي زمين مٿي آهي، جيڪو پوک تہ ٽئي ڪٺڪ، سرنهن هر سبزي ٽئي پر، هتي پاڻي جو ڦڙو ٻہ ڪونہ آهي. هي جيڪا ساوڪ توهان ڏسو ٿا (هن وسيع ميدان ڏانهن اشارو ڪيو جتي ڪٺڪ ۽ سرنهن جي پوک ڪچي، پڪي بيٺي هئي) اها زمين اسان ٿيوب ويل جي وسيلي آباد ڪئي آهي. سندس ڳالهيون مٺيون مٺيون جهڙوڪ ڪمند جون ڳنڊيريون پئي محسوس ٿيون. ڇو جو هُن هِن زمين کي هڪ محبوبي مُڪَ پئي سمجهيو. هُن هِن زمين کي زيوراتي زمين پئي ظاهر ڪيو. هو گهر ۾ هڪ مرد ۽ ڪجهہ عورتن جي انگ سان اڪيلو ٿي رهيو ۽ بنا خوف خطري جي ورَ ورَ ڪلَ مُرڪ پئي مرڪيو.

سنڌ جي هن سهڻي علائقي ۾ اڪثر ڏڪار جا ڏينهن ڏهاڳ بڏجي برسات جيان وسڪار ڪندا آهن. جڏهن برسات پوي تہ ٻنا پرجي تارون تار ٿي وهندا آهن تہ ساوڪ سرهاڻ ۽ سڳندڙ متيءَ جي مهڪ سان گڏجي ماحول کي معطر بڻايو ڇڏي. مان هن سفر ۾ ڪٿي ب ڪو ڪتيل ڳوٺ ڪونہ ڏٺو. ڪا وسندي نظر ڪونہ آئي. ڏهن، پندرنهن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڪو هڪ اڏ گهر نظر آيو ٿي. گهر وري ڇا چئَ جي چتي جو چٽو باقي مڙئي خير. هتان جي علائقن جا عجيب و غريب نالا آهن پيراڇ، قاسم لڪ، گروک (سيني کان اوچين چاڙهين کان اوچي ۾ اوچي هيءَ ئي چاڙهي آهي گروک ممڪن آهي تہ هن ئي پٽيءَ کي اڳيان گورک ٽا سڏين) ۽ ڪئي اهڙا نالا واڙو وغيره هن ٽڪريءَ جي سلسلي جا جبل سونهري سونهري جڙ ڪو ڪنهن حسين دوشيزه کي سون پاتل هجي جا پري کان پئي چمڪندي ۽ ٻرندي اچي. اسان جي منزل ايجا اڳتي هئي فريد آباد، ميهڙ کان گروک جي ٽڪري جڙ وچ هئي اسان جي منزل جو. اسان کي ڪيهرجي وڃڻو هو. جتي گهمڻ پئي وياسين. جبلن جي جهان کي بلڪل ويجهو پئي ڏسڻ وياسين. گروک ٽڪريءَ جي اڳيان جڏهن هلڻ لڳاسين تہ هڪ اهڙو جبلن جو سلسلو شروع ٿيو جنهن جي جبلن جو رنگ ستَ رنگي هيو. بلڪل ستَ رنگي ۽ اهي رنگَ اندلني هئا ۽ دلفريب پڙ پئي پاسيا اهي رنگَ جبلن جا. انهيءَ رنگين جبلن جي سلسلي کي هتان جا ماڻهو نيرڙو ڪري سڏين.

هاڻي اسان جو سفر پيادل هو. ميهڙ کان فريد آباد، فريد آباد کان شاهہ گودڙيو شاهہ گودڙيي کان گل شاهہ، گل شاهہ کان پيراڇ، پيراڇ کان گروک تائين اسان گاڏين وسيلي پهتاسين. هاڻي اڳتي رستو نالي ماتر هو. جيڪو پٽو لڳل هو ڪنهن مشين جو اهو ب ايڏو خطرناڪ جو مٽس هلندي خوف پئي ٿيو. اوچين اوچين چاڙهين تان رستو ور وڪڙن وارو هو جنهن تي صرف ٽور ويل گاڏيون هلي ٿي سگهيون. جبل جا جوان ڇوڪرا ب پيري (موٽر سائيڪل) کي هلائن پيا پر، موت کي ساڻ ڪٽي. اسان نئين (جبلن تان وهي ايندڙ پاڻي) جو ڪنارو ونيون پئي هلياسين. نئين جو پاڻي شيشي جيان صاف اڇو اجرو ۽ مٺو. ماني کائي نئين جو پاڻي پي تہ اتي جو اتي ماني هضم ٿي وڃي. نئين جو پاڻي

مال ۾ پيئي ته ماٺهو ۾ واپرائين. جڏهن برسات موجن ۾ مستين جا ويس ڪري وسي ته نئين تڪي ۾ اونهي نديءَ جان پاسي. نئين جو وهڪرو ايترو ته تيز ٿي جو ديوَ قامت جبلن جا وڏا وڏا پٿر ۾ ڪک پن جيان تاريندي ڏوڙائيندي ويڃي. هتان جي وڏي ۾ وڏي نئين ڪيهرجي نئين آهي ۾ اها جڏهن فريدآباد کان اڇي ڪاڇڙي ڏنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي ته اتي وري دلان جي نالي سان سڏجي. ان کان علاوه مزراٽي نئين ۾ مشهور ۾ تيز وهڪري واري نئين آهي. اهي نئيون ئي آهن جن جي پاڻيءَ تي هتان جا ماٺهو آبادیون ڪن ٿا.

هيءَ ڪيرٿر جي پٽي جيڪا ميهڙ تعلقي جي يوسي فريد آباد جي مٿان کان آهي. اها پٽي معدنيات سان مالا مال آهي. جتي ڪيئي ڪمپنيون ڪيمپون لڳايو مختلف معدنيات جي ڳولا ۾ سرگردان آهن. جيئن جيئن اسان اڳتي هلندا پيا ويون ته جبلن جا رنگ تبديل ٿيندا پيا وڃن. ڪٿي سونهري ڪٿي ڪار سرا ۾ ڪٿي ڪٿي ڪيترائي پٿر موتين جيان جرڪا ڏئي رهيا هئا. ڪٿي ڪٿي ته ڇٽ ڇٽيل ٿي نظر آيا. افسوس! رڳو معدنيات جي لُٽ مار کان سواءِ هتان جي قديم جابلو سلسلي تي نه تحقيق ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي وري هن علائقي تي ڪنهن سياح ۾ آرڪيالاجسٽ جي اک پئي آهي. جبلن جي وچ مان پنڌ ڪندي، گهمندي، ڦرندي خوف پڻ پئي ٿيو. اوچا اوچا جبل ائين پئي محسوس ٿيا جڙ جاڙ تا مٿان ڪرن. قافلي جي ڪنهن ڪراڙي ڪاکي حيرت وچان ٻڌايو پئي ته اڳي واڳون هتي نئين جي پاڻيءَ ۾ گڏ، سرهه هرڻ، گدڙ ۾ پيا جانور هتي گهٽا هوندا هئا پر، مارين ماري ڇڏيا. اسان پاڻ ڏٺا. اهي جانور هرڻ ته نئين جي ڪنڊيءَ تي ولر ڪري لهندا هئا پاڻي پيئڻ لاءِ هن وڌيڪ ٻڌايوته منهنجو بابا ٻڌائيندو هيو ته اسان پنهنجي وڏن کان ٻڌندا پيا اچون ته هتي شينهن پڻ هئا.

ڪيرٿر جي هن خوبصورت خطي ۾ گهمندي گهمندي شين کي شاعراٽي اک سان ڏسندي ۾ ڪلوريندي ڪافي نيون ۾ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون سامهون پڻ آيون. هڪ ڳالهه جنهن مون کي تمام گهڻو حيرت ۾ وڌو تمام ڏکهيون قبرون هيون. تقريبا اٽن، ڏهن فٽن جون قبرون جن جو ريشو ۾ خاشو هو. جن ۾ شاهه گودڙيي جي مزار، گل شاهه ۾ اصحابو پير جي مزار. اصحابو پير اوچن جبلن جي اندر ۾ تمام گهڻي پري هڪ مزار آهي. هيءَ تربت اٽن کان ڏهن فٽن جي ٿي

لڳي. جنهن کي نہ ڇت هئي ۽ نہ ئي وري ڪا چوديواري ڏنل. جبلن جي وڏن پٿرن جي ڏنل پناهہ چوڌير هئي مزار کي. هن مزار کي اصحابو پير ڪري سڏين هتان جا ماڻهو. ممڪن هجي تہ هيءُ ڪو اصحابي هجي. ڇاڪاڻ تہ جنهن نالي پٽيان هي مزار مشهور آهي، اهو نالو اصحابو آهي. ظاهر آهي تہ اصحابو اصحابي مان ئي ورتو ويو آهي. هيءَ مزار اسان جي منزل طرف ويندڙ رستي تي هئي.

هاڻي اسان جي منزل بلڪل سامهون هئي. اسان کي صبح کان فريد آباد مان نڪرندي ڪيهرجي پهچندي پهچندي سج لهي چڪو هو. هن علائقي جو ڪيهرجي نالو ان ڪري آهي جو هن علائقي جبلن جي وچ ۾ هڪ بزرگ جي مزار آهي جنهن جو ڪيهر شاهہ نالو آهي. هن ئي نالي سان هڪ بزرگ جي مزار مست ڪيهر شاهہ نئين گاج کان بہ آهي پر. اهو بزرگ ٻيو آهي هيءُ ٻيو بزرگ آهي.

پوري ڏينهن جو سفر ڪري نيٺ ڪيهرجي پهتاسين. ڏونگر ڏوري، ڏوري ڏيهہ پڳاسين. هتي ئي پنهنجي رهائش هئي ۽ هتان جا ئي عزيز اسان جا ميزبان هئا ۽ هيءُ ئي اسان کي جبلن جي جاين کان ۽ نوري نظارن کان روشناس ڪرائڻ وارا هئا. هيءُ ڪو ڳوٺ نہ هو. جتي اچي اسان ڊاهو ڪيو هو. صرف ٽن يا چئن گهرن تي هڪ عارضي وسندي قائم ڪيل هئي. سا بہ نئين جي ڪنڊيءَ تي.

هتان جا ماڻهو اڃا اها ئي لڳ ڀڳ زندگي گذاري رهيا آهن، جيڪا پٽر واري دور ۾ ماڻهو گذارينداهئا. هتان جا ماڻهو انهن گهرن ۾ ٽا رهن. جيڪي وڏن پٽرن (جُنبُن) جا ٽهيل آهن. هتان جا ماڻهو جتي رهن ٽا (ڪيهرجي يا ان جي آس پاس جيڪي علائقا آهن) انهن علائقن کي سموري دنيا سمجن ٽا، نہ بجلي ۽ نہ وري ڪنهن سرڪاري اداري جي انهن علائقن ۾ آفيس آهي. مزي جي ڳالهہ تہ انهن ماڻهن کي اها خبر بہ ڪانهي تہ ڪا سرڪار بہ ٽيندي آهي يا وري ڪي ادارا بہ ٽيندا آهن.

هن علائقي (ڪيهرجي ۽ ان جي آس پاس رهندڙ) هڪڙي ئي ذات وارا آهن ۽ اهي گائنچا آهن. هن ذات جو مختصر تعارف نامور تاريخدان محترم ايازپاڻت پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب 'سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون قومون ۽ قبيلا'

جي صفحي نمبر **540** تي لکي ٿو ته ''سنڌ جي قديم ذات جا ماڻهو اڄ ب سنڌي بولي اهڙي ڳالهائيندا آهن جيڪا اڄ کان **500** سال اڳ ڳالهائي ويندي هئي. هنن جي اڪثريت جابلو علائقي سان تعلق رکندڙ آهي ۽ انهيءَ هنڌ جا رهاڪو آهن. جتي سنڌ جي ماڻهوءَ پهريون پيرو زراعت ڪاري ڪئي.'' محترم اياز پاڻت ساڳي ئي صفحي تي وڌيڪ لکي ٿو ته ''گائنچا ذات نڪتل آهي گانءِ مان ۽ گانءِ، ڳئون کي چيو ويندو آهي.. هن ذات جو تعلق چنا قبيلي سان آهي. جيڪي اصل ۾ ڪاچي جا مالڪ ۽ رهواسي آهن.''

اسان جڏهن اتي پهتاسين ته اتان جا نوجوان، ادڙوٽ، ڪراڙا ۽ ٻار وڏي جوش سان مليا انهن جي جڙ عيد ٿي وئي هئي. تڏا ۽ تونريون وڃائجي ويون. ٽڏي پاٽيءَ جون ڪليون اڇي ويون. حال احوال ڏيڻ وٺڻ کان پوءِ ڪڇهري پنهنجو رنگ پکڙڻ لڳي. لفظن جيئن لشڪرن سان ڳالهين جا ڳوٺ ٻڌجندا رهيا. هتان جا ماڻهو ڪڇهري جا ڪوڏيا ۽ قصي گو پڙ واهه جا آهن. حال احوال هڪ هڪ مهمان کان ائين پڇندا آهن، جيئن، ڪا آڏي پڇا پئي ٿئي. يا وري پاڻ حال احوال ايئن ڏيندا آهن ته، صبح جو اٺيوس، نيرن ڪئي، مال متاع کي پاڻي پياريو، گاهه پنو ڪري آندوم، گهر جا ٿورا ٽڪا ڪم ڪار لاهي آيوم، ۽ پوءِ توڏي دل ڪيو ته چڪر لڳائيان. گهران نڪتوس، رستي ۾ ڦلاٽو ٽيرو مٿيرو مليو، هاڻ تو جي آڏو آهيان. تون ڪر ڪي حال احوال ٻار ٻچا خوش، خير لڳو پيو آهي.'' وري اڳلو سڄي ساري روئداد ٻڌائيندو.

سياري جي موسم تڪڙو سڄ لهي ويو. ۽ تڪڙا تڪڙا تارا آسمان تي ٽمڪندي مرڪندي نڪري آيا هئا. هتان جي رات سهاڻي ٿي ٿئي. خاموش ۽ سڪون جا سوين سامان پاڻ سان ڪٽي ايندي آهي. رات جيئن جيئن رڙهڻ لڳي ڪڇهري مڇڻ لڳي مڇ مڇڻ لڳو. نينهن نچڻ لڳو. ڳالهين ڳاٽ ڪنيو. ڪنهن مورو ٻڌايو ته ڪنهن ڪو قصو چيڙيو ته ڪنهن ڪو ڪلام هر ڪلاڪ سوا ڪان پوءِ سليماني چانهن جو دور ٿي هليو ۽ مڇ جي باهه تي سليماني چانهن جي ڪٽلي ڪڙهندي رهي. پتي ۽ ڪنڊ ڪٽليءَ ۾ ڊانس ڪندا رهيا. هتان جا ماڻهو چانهن جا ڪوڏيا. ڪڇهريءَ ۾ هڪڙو ڇوڪرو وينو هو جنهن کي عطو ڪري پيا سڏين. تنهن ڇوڪري هڪڙو قصو ٻڌايو جنهن ۾ هڪڙي ڪونج آهي ۽

اها ولرَ کان وچڑي ٿي وڃي ۽ ڪُوڪندي ٿي رهي ۽ ولرَ جي ڪونجن کي حِندي ٿي رهي ته اديون! منهنجي ٻچن جي پارت اٽوَ منهنجي ٻچن کي اهو نہ ٻڌائجو ته توهان جي ماءُ ولرَ کان جدا ٿي گم ٿي وئي آهي. متان هو دل شڪستا ٿين.

غلام نبي ٻڌائي رهيو هو ته منهنجي عمر هينئر تقريبن پنجاهہ / پنجهونجاهہ سال ٿيندي مون پنهنجي سموري حياتي هنن جبلن جي هنجه ۾ گذاري آهي. (هو ٿوري ڳالهہ ڪري وري حُقي جو ڪش ٻہ لڳائي ٿو) اسان جي حياتي هنن جبلن سان گڏ گذري آهي. هيءُ ئي اسان جو وطن آهي. مون غلام نبيءَ کان سوال ڪيو ته ڪاڪا! توهان هتي ڪيئن ٿا زندگي گذاريو هنن جبلن ۾؟ حُقي مان هڪڙو ڏگهو ڪش هڻندي ڳالهائي ٿو ته ٻچا! اسان هنن جبلن کي پنهنجو محبوب ٿا سمجهون. اسان هتي ايئن ٿا زندگي گذاريون جيئن اوهان شهرن ۾. هو جبلن جي دنيا ۽ اتي رهندڙ ماڻهو جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌائي رهيو هيو ته 'هر هڪ خاندان وٽ لڳ ڀڳ پنجاهہ سئو ٻڪرين جو ڌڻ آهي اٽ ۽ ڏيگيون الڳ آهن پنهنجي پوکي راهي ڪن. جيڪو پوک اهو پچيو وڃي. ڪاڪي غلام نبيءَ سان ڪچهري ڪندي گهٽو مزو اچي رهيو هو ۽ ڪيئي سوال مون هن کان پڇيا. مون هن کان هڪڙو سوال اهو ٻہ ڪيو ته ڪاڪا جڏهن 2010ع واري ٻوڏ آئي هئي ته ان وقت هتي ڪهڙو ماحول هو؟ هو وري حُقي جو هڪڙو ڏگهو ڪش هڻندي ٻڌائي ٿو. ٻچا! هتي ايئن ئي ماحول هو جيئن هينئر آهي ۽ اسان اتي ئي ويٺا هئاسين سڪون ۽ شانتي سان. هيءُ همراهہ ۽ مايون ڏاڍي مزي سان هتي زندگي گذاري رهيا آهن نہ ڏک جي ۽ نہ ئي وري سُک جي ۽ نہ ئي وري ٻُک جي ڳٽتي ڪن. صبح جو اُٺي ٻڪريون چوڙي ٻنيءَ تان چڪر لڳائي. ڪچهريءَ تي ويهي رهن نہ ڪنهن جي گلا ڪن نہ غيبت. هيءُ ڳُڙ ڳائڙ وارن مان آهن. ساجهر سُمهن. ساجهر اٿن.

مرزا قليچ بيگ ٻہ هن علائقي کي گهمي ڦري ڏنو ۽ ڏاڍي شوق سان ان سفرنامي ۾ کي ڪتابي شڪل ۾ آندائين "ڏاڙهياري جبل جو سئر" اهو ڪتاب نايابہ آهي. ڏاڙهيارو جبل سنڌ ۽ بلوچستان جي سرحد آهي. ڏاڙهياري جبل کي ڪارو جبل ٻہ سڏين ان جبل جي چوٽيءَ تي ڪُتي جي قبر ٻہ آهي.

جيڪا هڪ عجيب و غريب ڏند ڪٿائي ڪهاڻي سان منسلڪ آهي. ڏاڙهياري جبل ۾ ڪهُو ۽ پيش گهٽي ٿئي. اسان ڏاڙهياري جبل کان گهٽو اورتي ڪيهر جيءَ جي علائقي ۾ رهيل هياسين. جتي اسان رهيل هياسين، اتان جڏهن ڏاڙهياري جبل کي بيهي ڏسجي پيو تہ جڙ ڪو هيءَ جبل مٿان پيو ڪري. هيءَ جبل ايترو اوچو آهي جو فريد آباد ۽ ميهڙ شهر مان بہ ڏسي سگهبو آهي سج لهڻ وقت يا وري برسات بعد.

هتان جا ماڻهو پيا ٻڌائين تہ ڏاڙهياري جبل تي وڏي تمام گهٽي ٽڏِ تي ٿئي ۽ مون کي اهو ٻُڌي حيرت ٿي تہ ان پاسي ڏاڙهياري جبل جي هنج ۾ انب، ڊاک ۽ ٻيا بہ ميوات جا وڻ آهن. قسمين قسمين جڙيون ٻوٽيون پٽن تي ٿين. توت، شنهار، پنير، ٿوهہ ۽ ڪيئي قسم گل، ٻوٽا وغيره. هن علائقي ۾ ٿين. ۽ نہ جاڻ ڇا ڇا.

هتان جا ماڻهو محنتي آهن. هنن جو گذر سفر پوکي راهيءَ تي آهي. ڪڪ ڪن ٻي هر سبزي ڪن باقي ساريون نہ ڪن. هر گهر ۾ پنجاهہ سئو ٻڪريون، ردون آهن ۽ اٺ پڻ. کير وڪرو نہ ڪن هر گهر مالوندن جو گهر آهي. ڍڳين ۽ ٻکرين جو کير واپرائن. هيءَ موسم جي حوالي سان نڏپلاڻ بہ ڪن. سيارو اچي تہ هيٺ لهي اچن جي گرميءَ جا ڏينهن اچن تہ مٿي جبلن تي چڙهي وڃن. گرمي بہ ايئن نہ ٿئي جيئن شهرن ۾ ٿئي. اتي گرمين جي ڏينهن ۾ بہ سوڙيون وجهي سمهن. مهمان نوازي جي حوالي سان هيءَ ڏاڏا پرجوش آهن. مهمان آيو تہ چيلي تي ڪاتي آئي. مهمان اچي تہ سڀ گهر وارا سندس گهيري وجن. شهري ماڻهو هنن لاءِ جڙ ڪو بادشاهہ هجي.

هاڻي هنن جي علائقي ۾ مختلف ملڪن جا انجنيئر سروي ٿا ڪن. ڪيئي ڪيمپون لڳايون اٿن بَر ۾ بازارون لڳيون پيون آهن. ڪمپنين وارن جبلن کي ٽڪي ٽوڙي ڏکيو سکيو رستو ناهيو آهي ۽ اهو رستو صرف ڦور ويل يا وري ڪنهن طاقتور گاڏين لاءِ آهي. اوچيون اوچيون چاڙهيون ور وڪڙ خوف سان پرپور رستا آهن هن طرف جا. هتي ڪمپنين وارا اچن ٿا ۽ پنهنجو ڪم ڪيڏي هليا وڃن ٿا. هتان جي هڪڙي ڪاکي ڪراڙي ٻڌايو هو تہ 'مانجي وهي منجهان نون مٽي وهي ماڻهين جي گذري آهي. اسان ڪڏهن بہ اهو نہ

سوچيو هو ته هيڙي ڏکين ڏونگرن ڏانهن بہ ڪا گاڏي ايندي' هو هڪڙي ڏور ويندڙ گاڏي ڏانهن اشارو ڪري ٻڌائي رهيو هو.

نہ گئس نہ بجلي ۽ نہ ئي وري بنيادي سهولتون. جتي عام زندگيءَ گذارڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ هيءَ جبلن ۾ ايئن ته خوشيءَ سان زندگي گذارين جڙ ڪو عاشق پنهنجي محبوب سان زندگي گذ ويٺو گذاري. هنن جي لاءِ جبل محبوب آهي. هو ڪاڪو ڪراڙو جبل ڏانهن مُنهن ڪري مرڪ مُڪ تي آڻي ٻڌائي رهيو هو ته 'هيءَ اسان جو وطن آهي. هيءَ ئي اسان جي ڪُل ڪائنات آهي.' جانڙ! جي اکين ۾ جوت جلي رهي هئي هو ڏاڍو خوش پئي نظر آيو. پنهنجي علائقي جي تعريف ڪندي هن ٻڌايو پئي ته 'هاڻي ڪمپنيون (اهي ڪمپنيون جيڪي تيل، گئس ۽ ٻيا قدرتي وسيلا ڪڍي رهيون آهن) آيون آهن. اسان جو علائقو ترقي ڪندو. بجلي ايندي. گئس ايندو اسپتالون ڪلنديون. اسڪول ڪلندا. هُن ڪيئي حسرتون پالي رکيون آهن ته اسان هاڻي خوشحال ٿينداسين. مون کي جانڙ جي خواهشن جو ڏاڍو احترام آهي. مون ساڻس سوال ڪيو ته. چاچا جانڙ! جيڪڏهن حڪومت اهي اوهان جون ڳالهيون. مطالبا عمل ۾ نہ آندا ته پوءِ؟ هو چرڪي وڃي ٿو ۽ چئي ٿو نہ ايئن ٿي ئي نہ ٿو سگهي. هيءَ اسان جي ابن. ڏاڏن جو. اسان جي وڻن جو ملڪ آهي ٻي صورت ۾ اسان هنن کي هڪڙو پيندو بہ کڻڻ نہ ڏيندا سين. تيل، گئس ته پري جي ڳالهہ آهي.

هيءَ ڏاڍا خوش آهن. انهن پٽرن ۽ جبلن سان فطرت جي پاڪر ۾ رهندڙ هيءَ ماڻهو من جا صاف ستڙا، اڇا اجرا ۽ ماڪي، مصري جهڙا منڙا آهن. پنهنجي لهجي ۾ بہ مٺا آهن. هي آهن ته مسلمان پر، نہ مسجد هنن وٽ ۽ نہ ئي وري ڪا صوم صلوات هيءَ اڏندي ويهندي الله کي ياد ڪن. مسجد منبر کان ڪوهين ڏور آهن. جڏهن من اجرو هجي ته پوءِ ٻيو ڇا کپي. اسان وٽ شهرن ۾ ببلو ٽلو. ٽوني. موني ۽ ڪارٽون نالا رکن پرهتان جا ٻاجهارا سنڌي اصل اوائلي سنڌي نالا اڄ بہ پنهنجي اولاد تي رکندا اچن. هيءَ اڄ بہ هي نالا ٿا رکن پنهنجن ٻارن تي ڪِرڙ ڪانڊيرو. ٽوهہ. فوٽو لونگ. جبل وغيره.

هتي ڪافي ڏينهن کان رهندي مون کي آڪاس تي ڪوبہ پکي اڏار ڪندي نظر نہ آيو ۽ مون کي حيرت پئ ٿي تہ ايترن ڏينهن ۾ ڪو پکي ڇو ڪونہ ٿو نظر اچي. ۽ مون اتان جي ڪنهن ماڻهوءَ کان پڇ پڇا ڪئي تہ ڇا هتي ڪو پکي نہ آهي.؟ تہ هن هڪدم ڪيترن ئي پکين جا نالا ڪنيا پر، مون کي رڳو هڪ ئي پکي جو نالو ياد ٻينو ۽ اهو آهي تتر. هن همراهہ ٻڌايو ٿي تہ اسان تتر جي ٻولي ڪيون تہ، تتر هرن مان ٻاهر نڪري اچن ۽ پوءِ اسان بندوق جو فائر ڪيون تہ، تتر شڪار ٿي وڃن. هتان جا ماڻهو نشاني باز بہ چونڊيءَ جا آهن.

سج جبلن جي چوٽين وٽان ڪنهن شڪاريءَ جيان آهستي آهستي مٿي گر ڪڌندو آڪاس تي اپري رهيو هو. ٻڪريون ۽ ريڍون ڏڻن جي صورت ۾ جبلن تي ايئن چڙهنديون پئي ويون جهڙ سڌي رستي تي هلنديون پيون وڃن.

آئون ۽ غفار هتان جي ڪاڪي غلام رسول سان ڪيهرجيءَ کان نڪري اڳتي هلڻ لڳاسين ۽ اڙ ڏڻل ماڳ ڏسڻ لاءِ پنڌ پياسين. جبلن جو پنڌ اوڪو ئي اوڪو غلام رسول جوان ڇوڪرن جيان جبلن تان. ٽڪرين تان لڏندو ڪڏندو ٽي هليو توڙي جو هو اڏڙوٽ عمر جو هو. هو انهن ئي جبلن، ٽڪرين تي لهندي چڙهندي وڏو ٿيو هو. آئون ۽ غفار گيسون ڏيندا ٽهرين تي چڙهندا لهندا رهياسين. هلندي هلندي اسان هڪ اهڙي جاءِ تي پهتاسين. جتي قديمي قبرستان هو. عجيب و غريب قبرون ڊگهيون ۽ ننڍيون ڪاري پٿر جون ٺهيل ۽ ان جي پرينءَ ۾ قبرستان جي هڪ ٽڪري هئي جنهن طرف غلام حسين اشارو ڪندي ٻڌايو تہ، ان ٽڪريءَ تي ڪيهر شاهہ (جنهن جي نالي سان هن علاقي جو نالو ڪيهرجي پيو) جي ڊگهي مزار هئي ۽ ان جي پاسي ۾ ٻيون بہ قبرون هيون. پر، ڪجهہ سال اڳ ايڏي تہ وڏي نئين آئي هئي جو اها ٽڪري سڄي جي سڄي پٽجي ويئي، جنهن سان اسان جي زمينن کي بہ گهٽو نقصان رسيو.

انسان ڏونگرن کان بہ ڏاڍو آهي. هر ڏک ڏوري ٿو وڃي، گهڙي کن لئہ تڪليف جي دانهن ڪندو. جي سور پچائي ويو تہ، پوءِ ٻاڦ ئي ٻاهر نہ ڪيندو. هيءَ جابلو ماڻهو بہ محدود زندگيءَ ۾ لامحدود مشڪلاتون ڪاٽي رهيا آهن. ظاهر ۾ چهري تي مرڪ جو چنڊ ڪڙيل اٿن پر، اندر هنن جا اڏ آهن. هيءَ سورن جا سنگتي ٿي ويا آهن.

اسان جڏهن ڪيهرجيءَ کان اڳتي غلام رسول سان گهمي رهيا هئاسين تہ هن هيڪاندا هنڌ ڏيکاريا. سج اپري کان ويندي سج لٿي تائين جبل جهاڳيندا رهياسين. ڪٿي ڪو ٻکرار ٻکرين جا ٽڻ چاري رهيو هيو تہ، ڪٿي وري ڪو جبلن جي چوٽين تي پکا اڏي وينل هو. هتان جا گهر جبلن ۾ ٽکرين جي چوٽين تي آهن. اسين هلندا هلندا جڏهن ڪيهر شاهہ جي مزار تي پڳاسين تہ اتي هڪڙو همراهہ مليو. جيڪو پنهنجي ٻارڻ لئہ ڪاٺيون ڪري رهيو هو. هو جڏهن اسان کي ڏيڪل پنڌ ڪرائيندو چاڙهيون چڙهندو چاڙهيون لهندو نئين جي پرئينءَ پر وٽي ويو. چا تہ نظارو هو اتي. سج لهي رهيو هو. ٻکريون جبلن تان لهي رهيون هيون. ٽڏڙي ٽڏڙي هوا گهلي رهي هئي. مچ مچي ويو. ٻکري جي تازي ڏڏل کير جي چانهن جي ڪٽلي اچي وئي. ڪچهري شروع ٿي چڪي هئي. هيءَ همراهہ جيڪو اسان کي پنهنجي گهر جو مهمان ٻڌائي وٽي آيو هو. سو بدن ۾ پريل هو جهڙوڪر جنگ جو جوڌو. هن ٻڌايو پئي تہ. مان هن علائقي ۾ اڪيلو رهندو آهيان ۽ پنهنجي مال متاع سان دل وندرائيان ۽ ٻني ٻارو ڪيان. هن ڪچهري دوران ڪافي ڪلام ٻڌايا. انهن ڪلامن ۾ قصي گوئي گهٽي هئي. هتان جا ماڻهو قصاگو ۽ ڪچهريءَ جا مور مکڻ آهن. هو مهمانن سان محفلون مچائي سڄي، سڄي رات رهاڻيون ڪندا آهن.

هيءَ مارو ماڻهو بيمار ٻڙيءَ جو هلڪو علاج ٻاڻ ئي ڪري وڃن. جابلو جڙيون ٻوٽيون واپرائين تہ چاق چڪا ٻلا ٿي وڃن. هتان جا ماڻهو گهٽي ياڳي بيمار ٿيندا ئي نہ آهن. جڏهن بہ ڪو ماڻهو بيماري وگهي سيريئس ٿي تہ ٻوءِ ان کي اٺ تي يا وري ڏوليءَ تي خضدار يا لاڙڪاڻي کڻي وڃن. هن علائقي جا ماڻهو قمبر شهداد ڪوٽ، لاڙڪاڻي، ميهڙ طرف اڇ وڇ ڪن. سامان سڙو انهن شهرن مان وٺن. هيءَ رڳو گيهہ. لوڻ، مرچ، ڪنڊ، پتي شهرن مان وٺن. باقي ان جنڊن ۾ پنهنجو پاڻ پينهن ڪنهن مهيني ماسي ڪنهن ڪم سانگي ڪو شهرن طرف اچن تہ اچن نہ تہ مڙيوئي خير.

شادين مرادين ۾ هيءَ خوب هلا گلا ڪن. هتي جڏهن بہ ڪا شادي مرادي ٿئي تہ محفلون مچي وڃن. ماسيون، ماميون، چاچيون سپ وٽي اچن ۽ خوب

خوشيون ڪن. شادين مرادين ۾ ڇيلا ڪجي وڃن. رنگ رچي وڃن. هڪ طرف مايون منڊل مچائي سهرا چون ته بي طرف مرد ڪانپ ٻڌيو ڪڇهريءَ جي ڪرت ۾ مشغول ٿي وڃن. عجيب و غريب شاديءَ جون رسمون ادا ڪن. سج لٿي ڏاران مرد ڊراما ڪن. شينهن ناهن، چور، ڏاڙيل جا رول ادا ڪن. وڏيون مذاقون ۽ مسخريون ڪن. مورا ڳائن، قصا ڪٽن ته، رات، ڏينهن ٿي وڃي.

مون جڏهن ڪيهرجي جو علائقو گهمي ڏٺو ته ڏاڍو دل ڪش لڳو. وٽندڙ موسم وڏا وڏا جبل قدرتي پاڻيءَ جون وهندڙ نئيون. معنيٰ ته فطرت جو فانوس هيو هيءَ سارو علائقو. جيڪي اکين ڏٺو سو دل چاهيو ته، انهن نظارن کي اکرن جي وسيع ڪئنواس تي اتارجي، سو اتاري ڇڏيو آهي. کيرٿر جو جابلو سلسلو هر حوالي سان تاريخي آهي. هن تاريخي سلسلي تي تحقيق جي گهڻي ضرورت آهي.

ڳالهه ٻوليه

سوال: زندگيءَ جو خاڪو؟

جواب: هڪ پيرو مون امان ڪراڙي (ڏاڏيءَ) کان اهو پڇيو هو ته اسان جو ڏاڏاڻو خاندان اصل ڪٿان جو آهي؟ تنهن تي هن وراڻيو ته توجو (تنهنجو) ڏاڏو اصل ڪاري جبل جو رهندڙ هو (جنهن جي ٻي سڃاڻپ جو حوالو ڪتي جي قبر آهي ۽ سنڌ بلوچستان جي سرحد آهي) هو اتان خانه بدوشي ڪندو فريد آباد، گاجي کاوڙ کان ٽيندو اچي تقريبن 1963ع ۾ مستقل طور ميهڙ ۾ رهائش اختيار ڪئي. ڏاڏا سائين جون به شاديون ٽيل هيون. پهرين گهر واري مان ڪيس تي پٽ ۽ به نياڻيون هيون ۽ ٻي گهر واري مان ڪيس هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد ٽيو. پورهيت هو. شهر ۾ پڪالي ڪري اولاد کي کارائيندو هو. منهنجي ڏاڏي جنهن کي اسان گهر ۾ امان ڪراڙي ۽ اوڙي پاڙي وارا ناني سڏل ڪري سڏيندا هئا. هو هڪ سگهڙ ۽ سياڻي عورت هئي. پورهيو ڪري اسان جي پيٽ جي بک اجهايائين. هو هڪ اهڙي ناول جو پراسرار ۽ مرڪزي ڪردار هئي. جيڪو ناول هڪ بهادر ۽ پورهيت ماءُ تي لکيو ويو هجي. هن جو پاڪر ۽ هن جون ڳالهيون اڄ به ان ڪمري جي اچي چت جيئن آهن. جنهن تي ٻاجهارا پکي اڏار ڪندي پينٽ ٽيل آهن ۽ هن جو ٻيڙي پيڙ جو انداز مون اڄ تائين ڪنهن کي ادا ڪندي ناهي ڏٺو. هو مون سميت منهنجي ستن پيٽن مٽان گهاٽي بادل جيان هئي. بابا سائين ننڍي هوندي ئي پورهيي سان پيڇ اڙايو. ڪڏهن ڪوهرن جو ٽالهه ڪٽي شهر جي گهٽين ۾ ڪپائيندو هو ته ڪڏهن ڪنهن دڪان تي مزدوري ڪندو هو ۽ جوپن وارن ڏينهن ۾ درزڪو ڪم ڪيائين عوام جو انگ ڏکيائين ۽ پنهنجي تن جي ڪپڙن کي چتيون هيائين. غربت جي گهاٽي ۾ پيسجندڙ بابا سائين جو گهر هو. هو ٻاراڻي وهي ۾ موڙ ٻڌي وڏي هئڻ جي احساس کي اڪري چڪو هو. ٻاراڻي عمر ۾ سعودي عرب هليو ويو. مختلف مزدوريون ڪندي ستن ڏيئرن سميت مون ۽ امان، امان ڪراڙي کي کارائيندو رهيو. هو لڳ ڀڳ چاليهن، ٻائيتاليهن سالن جي عمر ۾ حيدرآباد جي ڪنهن اسپتال ۾ گڙڏن جي خرابي سبب اکيون پوٽيائين ۽ پوءِ تو ڏٺو نه مون ڏٺو. منهنجو

جنم 5- فيبروري 1997ع ۾ سعودي عرب مڪي ۾ ٿيو. ۽ آئون جڏهن ٻن سالن جو هئس تہ بابا منهنجو هٿ امان جي هٿ ۾ ڏئي هليو ويو ۽ اهڙي پار جتان اڄ تائين ڪوبہ ناهي موٽيو ۽ امان جو اچي مٿو اڇو ٿيو آهي. منهنجي ماءُ منهنجي رهنما ۽ رهبر آهي. جنهن مون کي پورهيت جي عظمت کان آشنا ڪرايو ۽ علم جي اوچائي جي اهميت کان واقف ڪيو. منهنجي زندگي جا ٻہ حصا آهن. هڪ منهنجي ماءُ ۽ ٻيو منهنجون اهي ست پيٽيون. جن کان سواءِ مان ڪجهہ بہ ناهيان.

سوال: چپيل ڪتاب؟

جواب: قديم دور جون عظيم فلسفي عورتون (ترجمو)

ڪوتا جِي ڪلا (جڳ مشهور ڪتاب پوئٽڪس جو ترجمو)

سوال: موجوده دور ۾ ٽيندڙ شاعريءَ جي باري ۾ اوهان چا ٿا چئو؟

جواب: سنڌي شاعري جو سفر هر دور ۾ شاندار رهيو آهي. ماضيءَ جي سنڌي شاعري کي جڏهن پڙهجي ٿو تہ اها پنهنجي جوهر ۾ جاندار آهي. ۽ وري جڏهن ماضي قريب ۾ سرجيل سنڌي شاعري کي ڪٽي ڏسون ٿا تہ اها هنيانءُ ۾ لهي وڃڻ جيتري سگهہ رکي ٿي ۽ جڏهن اسان حال ۾ پيش ٽيندڙ شاعري پڙهون ٿا تہ اها پنهنجي ماضي سان ڳنڍيل هجڻ جي باوجود بہ پنهنجو هڪ الڳ ۽ سهانو سفر ڪري رهي آهي. آئون سمجهان ٿو تہ اڄ جو شاعر اهو محسوس ٿو ڪري تہ جيڪڏهن هن وطن کي نہ ڳايو تہ سندس شاعري دائميت نہ ٿي ماڻي سگهي. سو ٽلهي ليکي اها راءِ رکي سگهجي ٿي تہ موجوده سنڌي شاعري ۾ جيڪا سگهہ موجود آهي تہ اها هن کي صدين تائين زنده رکي سگهي ٿي.

سوال: نوجوان شاعرن جي باري ۾ اوهان جي راءِ؟

جواب: سچي ڳالهہ اها آهي ۽ حيرت ڪندڙ بہ تہ اڄ جو نوجوان شاعر پنهنجي ٻل تي سفر ڪري رهيو آهي. اڳ سينيئر شاعري جا ڪلاس ونندا هئا جنهن مان نوجوان ليکاري سکيا حاصل ڪندا هئا ۽ هن وقت ڪٽي بہ اهڙو ڪو ڪلاس نہ ٿو هلندي نظر اچي جتي شاعري جي فني لوازمات ۽ شعري پرک جي ڄاڻ سڃاڻ لئہ ڪو ڪلاس هلندو هجي. اڄ جو شاعر مسلسل

جدوجهد ۾ گذاري ٿو ۽ ان جو وڏو ثبوت سينيئر ۽ جونيئر سنڌي جو فرق نہ رهڻ آهي ۽ اها وقت جي ب ضرورت هئي ته نوجوان کي اڳتي اچڻ ڏنو ويو. ڇاڪاڻ ته اڄ جي نوجوان ۾ اها سگهہ آهي. جنهن جي آڏار تي هو سنڌي شاعري جي شهر کي روشن رکي سگهي ٿو.

سوال: اڳ جي پيڙ ۾ هاڻي شاعري ڪيئن پئي ٿئي. اڳ مزاحمتي شاعري وڏيڪ ٿيندي هئي. فڪر ۽ فن کي اهميت هئي هاڻي صورتحال ڪيئن آهي؟

جواب: شاعري پنهنجي اندر ۾ اڳ ئي مزاحمتي هوندي آهي ۽ اسان ان کي مزاحمتي چئون يا رومانوي کو فرق نہ ٿو پوي. ماضي ۾ جيڪا سنڌي مزاحمتي شاعري سرجي وئي هئي. سواءِ شيخ اياز جي. اڪثر بين شاعرن جي شاعري ۾ نعري بازي جو عنصر حاوي نظر اچي ٿو. منهنجي نظر ۾ شيخ اياز پهريون سنڌي شاعر هو جنهن مزاحمتي شاعري کي آرٽ عطا ڪيو. هن وقت ايڏي ته سگهاري مزاحمتي شاعري اڳيان اچي رهي آهي. جنهن جو ڪو ماضي ۾ مثال ئي نہ ٿو ملي. توهان گلزار جا نظم پڙهو. توهان تي اهي نظم حيرت جا جهان کولي ڇڏيندا. ائين ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا. نئون دور آهي. مشيني ۽ ترقي جو دور آهي. جنهن ۾ شين شڪلون مٽائي ڇڏيون آهي ۽ جيڪو پنهنجي دور سان گڏ گڏ نہ ٿو هلي اهو گم ٿي ويڙهو آهي. ايئن ئي جديد دور جي گهرجن پٽاندڙ ادبي دنيا ۾ ب تبديلي جو چنڊ چڙهو نظر اچي ٿو ۽ ايئن ب ناهي ته ڪو اڄ جو شاعر فن کان وٺون وڃي ٿو. هڪ شاعر تڏهن ئي سگهارو ٿئي ٿو. جڏهن اهو فني گهرجن جي اهميت تي پورو لهي ٿو. انهن سيني ڳالهين جي هوندي ب هن وقت ڪافي نوجوان شاعر نثري نظم طرف ڇڪجندا ٿا وڃن ۽ اها سڀ ڳالهہ آهي ته سيني شعري صنفن تي لکجي. منهنجي خيال ۾ نثري نظم ب اهو ئي ڪامياب آهي. جنهن ۾ ندي جهڙي رواني هجي ۽ جيڪا دل جي ڌڙڪن کي هيڻ مٽي ڪري ڇڏڻ جي طاقت رکندي هجي. ان سلسلي ۾ اوهان آدرش، مصطفيٰ ارباب، فراق هالپوتو ۽ نوجوان شاعرن مان عرفان لُنڊ کي ڳڻي سگهو ٿا. سڄو مسئلو موضوع ۽ خيال جو آهي. مِتي، وطن ۽ تنهن کان پوءِ دنيا

ڏانهن جوابداري جو آهي. تخليق ۽ ڪائنات کي جيڪو سمائيندو اهو ئي تخليقڪار سڏبو.

سوال: اوهان جي نظر ۾ موجوده وقت ۾ جيڪا شاعري سرجي پئي اها ڪيئن آهي؟

جواب: توڙي جو اسان مسلسل اضطراب مان گذري رهيا آهيون. غلامي جي بدصورتي اکين اڳيان آهي. بک ۽ بدحالي جو بحر بيڪران آهي. ان جي باوجود ب سنڌ جو عوام مسلسل آزادي ۽ آسودگي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. ان سڄي سلسلي ۾ اديب ۽ شاعر وطن کي واڪاڻيندو اچي پيو ۽ مارونڊن جي مڪ تي سڪ جو محل سجائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي شاعري هر دور ۾ پنهنجو معيار برقرار رکيو آهي ۽ ان جو وڏو مثال اڄ جو شاهڪار شاعراٽو ادب آهي. آئون سمجهان ٿو ت اڄ جو شاعر جيترو مٿي ڏانهن جوابده آهي. اهڙو اڳ نه هو ۽ اڄ جي شاعري ۾ جيترو سگهارو پاسو مزاحمت جو آهي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ت اڄ جي شاعر شعري واڳ وطن ڏانهن ۽ صحيح رک ڏانهن موڙي آهي. موجوده وقت ۾ جيڪا شاعري سرجي اسان اڳيان اچي رهي آهي. اها بلاشڪ شاندار ۽ شاهڪار شاعري آهي ۽ ان کي پڙهي ڪري اها راءِ ڏئي سگهجي ٿي ت سنڌي شاعري جو سفر اڳتي هلي ان منزل تي جلد پهچندو جتان سڪ جو سج اپرندو آهي.

سوال: اڳ جي پيٽ ۾ شاعريءَ جا ڪتاب گهٽا ڇپجن پيا ڪتابن جي مقدار ۽ معيار بابت اوهان جي راءِ؟

جواب: سڀ کان پهرين ت اها خوشي جي ڳالهه آهي جو ڪتاب گهٽا تا ڇپجن. نمبر ب ت ان کان پوءِ ڳالهه ان جي معيار جي پرک جي آهي. اها ڳالهه سمجهڻ ۽ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ت پنجاب، بلوچستان ۽ خيبر پختون خواهه جي پيٽ ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪتاب سنڌ ۾ ڇپجن تا ۽ وڪرو ب ٿين تا. اردو ڪتاب لاهور ۾ ڇپجن تا ۽ ان جي مارڪيٽ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر آهي. سنڌ اندر هاڻ ڪيڏي هٽ ۾ رکڻ جهڙي ڪارائتي شاعري ٿي رهي آهي.

ٿئي ڇا ٿو جو گھٽائي ۾ اھا گم ٿي وڃي ٿي. ٿيو ڇا آھي جو ماضي ترپ ۾ سنڌ اندر ڄڄھي شاعري سرجي اڳيان آئي آھي ۽ ان جو گھڻو حصو غير معياري آھي. ان ۾ معياري شاعري گم ٿي وئي آھي. ڀر وري ٻه دائميت اورجينل شاعري کي آھي ۽ ايئن ئي گھٽائي غير معياري ڪتابن جي آھي ڀر وري ٻه ڳٽپ خواب آوارا پکي. حسن درس جو رسالو هوائون نه روڪيو سميت شاندار شعري مجموعن جي آھي.

سول: اوھان پنھنجي شاعري جي سفر مان مطمئن آھيو؟

جواب: تخليقڪار ڪڏھن ٻه پنھنجي تخليق کان مطمئن ناھي ٿيندو. جنھن ڏينھن تخليقڪار پنھنجي تخليق کان مطمئن ٿيو سمجھو اھو ان جو آخري ڏينھن ھوندو.

آئون ھر روز شاعري لکندو ۽ ڦاڙيندو رھندو آھيان ۽ جا شاعري لکيل ھوندي آھي. ان کي سنواريندو ۽ ٻيھر لکندو رھندو آھيان. جيڪڏھن آئون پنھنجي شاعري مان مطمئن ھجان ھا تہ اڳ ۾ شاعري جو ڪتاب آڻيان ھا. ترجمن جا ڪتاب ڪونہ آڻيان ھا.

ڪڏھن ڪڏھن اھا سوچ ذھن ۾ پاسا بدلائيندي رھندي آھي تہ مان پنھنجي زندگي ۾ پنھنجو شعري مجموعو آڻي ٻه سگھندس يا نہ!

سوال: شاعري ۾ استاد۔ ڪنھن کان متاثر آھيو؟

جواب: شاعري ۾ ٻه استاد ٿيندو آھي ڇا؟

آئون جڏھن لکڻ شروع ڪيو ھو تہ مون بلڪل بھتر ئي لکڻ شروع ڪيو ھو. ان جي باوجود ٻه مون پورا پنج دفعا پنھنجي شاعري امتياز عادل سومرو کي ڏيکاري ھئي ۽ ان ھر ٻيري پاس ڪئي ھئي. آئون ھڪ معاملي ۾ پاڻ کي ڏاڍو بدنصيب سمجھندو آھيان تہ ڪنھن ٻه شعبي ۾ مون کي ڪوبہ قابل استاد نہ مليو آھي. ھڪ ٻي ڳالھہ تہ آئون ھاڻي اھو محسوس ڪرڻ لڳو آھيان تہ منھنجي تربيت امڙ. غربت ۽ ڪتابن ڪئي آھي ۽ ان سلسلي ۾ ھٿن جي آڱرين کان ٿورن دوستن کي شامل ڪري سگھجي ٿو.

آئون ڪڏهن بہ ڪنهن کان متاثر ناهيان ٿيو ۽ نہ وري ڪڏهن ڪنهن جي ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ها باقي آئون شيخ اياز جي ڪتابن کي اڳ جيئن اڄ بہ محبوب جي چهري جيان چاهہ سان پڙهندو آهيان. ان سان گڏ سائين جي ايم سيد جا ڪتاب.

سوال: تصوف بابت راءِ؟

جواب: تصوف بابت مون وٽ ڊاڪٽر نجم عباسي جيئن بي رحم راءِ ناهي ۽ مون وٽ تصوف بابت اها بہ راءِ ناهي تہ ڪو تصوف هٿ تي هٿ ڌري ويهي رهڻ جو نانءُ آهي. منهنجي نظر ۾ حقيقي تصوف جو پرچارڪ اهو ئي آهي. جيڪو پهرين پنهنجي وطن ۽ پوءِ ڪائنات ڏانهن ذميواري محسوس ڪري. اهو آهي تصوف منهنجو.

سوال: ادبي ادارن جي ڪارڪردگي؟

جواب: اها خوش قسمتي چئجي جو سنڌ ۾ اهڙا تہ علمي، ادبي انسان پيدا ٿيا آهن. جن ڪل وقتي ڏاهپ جا ڏس ڏيندي ۽ خوشحالي جا خواب ورهائيندي زندگي گذاري آهي. انهن انسانن پنهنجي ايندڙ نسلن جي علمي ۽ عقلي واڌ ويجهہ لاءِ جيڪي ادبي ادارا جوڙيا هئا، تن مان سنڌالاجي ڪنهن قدر ڏسڻ وٽان آهي. باقي سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪارڪردگي ڏاڍي خراب ٿي مون کي نظر اچي. توهان کي حيرت ٿيندي تہ ڪجهہ مهينا پهرين منهنجو هڪڙو ترجمو ٿيل ڪتاب مارڪيٽ ۾ آيو هو ۽ اهو ڪتاب جڏهن سنڌي ادبي بورڊ مان نڪرندڙ رسالي جي ايڊيٽر جي هٿ لڳو ۽ ان مون کان مواد جي گهر ڪئي ۽ مون هن کي مواد موڪلڻ جي لاءِ جڏهن اي ميل گهري تہ هن حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ چيائين تہ ادبي بورڊ ۾ انٽرنيٽ جي سهولت موجود ناهي. هاڻي توهان پاڻ فيصلو ڪريو تہ اهو ادارو ڪهڙا نتيجا ڏئي سگهي ٿو. وڏو المیو آهي جو نج سنڌي ڏاهپ جو تخيل (سنڌي ادبي بورڊ) هن وقت پيرن وٽ يرغمال آهي ۽ وري سنڌي بولي جي بااختيار اداري ڏانهن اک کڻي ڏسجي ٿي تہ گهٽ ۾ گهٽ مون کي ڪو خاص ان

اداري جو ڪم نظر نہ ٿو اچي. ان جو وڏو مثال اوهان اهو ونڊي سگهو ٿا. پري نہ ويو سوشل ميڊيا تي ٽيندڙ سنڊي بولي جي استعمال کي ڪٽي ڏسو تہ ان ۾ ڪيڏو بگاڙ داخل ٿي چڪو آهي. ٽلهي ليکي اها راءِ آهي منهنجي تہ اهي سڀ ادارا اسان جا قومي اثاثا آهن ۽ انهن جي تباهي ان ڪري بہ ٿي آهي جو اسان مالڪي ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي ۽ اهو فطري آهي. جيڪو ماڻهو پيٽ جي مسئلي ۾ ڦاٿل هجي اهو ماڻهو اها قوم ڪنهن کان ڇا پڇاڻو ڪري سگهندي. پنهنجي ملڪيتن جي مالڪي ڪري سگهندي. پاڻ هر محاذ تي مختلف مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهيون پر بهتري جي اميد ۾ وري بہ آهيون.

سوال: تحقيقي ڪم کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: منهنجي خيال ۾ جنهن ليول جو تحقيقي ۽ تاريخي ڪم مولائي شيدائي ڪيو آهي. اهو ڏاڍو شاندار آهي. ڪجهہ ٻيا نالا بہ ان سلسلي ۾ ڪٽي سگهجن ٿا. مثال طور بولي تي سراج جو ڪم آهي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ آهي ۽ ٻيا بہ ڪيترا ئي آهن. پر گهٽي پاڻي سنڌ ۾ جيڪو بہ تحقيقي ڪم ٿيو آهي. اهو فردي ۽ شوق جي بنياد تي ٿيو آهي. ڪنهن خاص پراجيڪٽ کي ڪٽي ڪري ناهي ڪيو ويو. جيڪڏهن علمي. ادبي ۽ بوليءَ جا ادارا چاهن تہ تحقيق جي ڪم کي هڪ تحريڪي صورت ڏئي سگهن ٿا ۽ انهن ادارن جو اصل ڪم بہ تہ اهو ئي آهي.

آزاد انور ڪانڊڙو



ابي، امڙ جي رهڻ ڪري ٻار احمد علي سعودي عرب ۾ اکيون کوليون. ابي جي اڻ ڄاتل ديس ڏانهن وڃڻ ڪري، امڙ پنهنجي نارنگيءَ جيتري ڳوٺ فريد آباد اچي اباڻو اجهو آباد ڪيو. احمد علي ڦرهي سليٽ کٽي، هٿ ۾ منهن تي مَسُ جا داڳ ڪري علم پرايو. جواني ايندي ته عشق بہ ايندو. منهن مهانڊي مٿون ڏنگ ڏوکي جو ڏيک ڏيندڙ جوانڙي ناريءَ جي نيٽن ۾ زلفن جي زنجير ۾ پاڻ اٽڪايو. شاعر احمد شاڪر بٽجي ويو. احمد شاڪر سنو ٽيو سنڌ ڪي وسايو. ٻلي پار هجي ها ته عرب شاعر اُمراءُ القيس جهڙيون حرڪتون ڪري ها. صفا نہ مڙي ها. هو چا ڪندو هو جو تلاوَ ۾ تڙ ڪندڙ ڏائڻائن جا وٽ ۾ رکيل لٽا کٽي لڪائي رکندو هو. اهي وهنجي نڪرن ته کين بدن جا جلوا ڏيکارڻ جو مطالبو ڪندو هين. جڏهن اهي پنهنجي جسم جون لاهيون چاڙهيون ۽ گولايون ڏيکارينديون هيس، ته هو هنن جو لڳ لڳ ڏسي، پوءِ کين ڪپڙا موٽائي ڏيندو هو. احمد شاڪر پنهنجي عمر جي حوالي سان ٺيڪ ٺاڪ شاعر آهي. هن جو نظم "رقاصہ" عالي شان نظم آهي. ترجمي جي حوالي سان هن جا ڪتاب "قديم دؤر جون عظيم فلسفي عورتون" ۽ "ڪوتا جِي ڪَلا" پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هن ڪتاب ۾ سندس مختلف وقتن تي لکيل مضمون آهن. انهن ۾ هن جي پڙهائي، سوچ ۽ اسلوب پڌرا آهن. فيصلو پڙهندڙ تي هوندو آهي جو اهو ئي وڏو جج هوندو آهي.

آدرش

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindhi Studies, Jamshoro.